

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[سنڌ جو سئر]

سُهڻي منهنجي سنڌ

[پاڳو پيو]

مور ساگر

ساحل پبليڪيشن - حيدرآباد

2022ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسٽاڪسٽ

- پٽائي بڪ هائوس ـ گاڏي کاتو حيدرآباد
- ڪويتا ڪتاب گهر ـ ربي سينٽر گاڏي کاتو حيدرآباد
- سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال ـ حيدرآباد
- قليچ ڪتاب گهر ـ لئنگيئج اٿارٽي حيدرآباد
- شاهه لطيف ڪتاب گهر ـ گاڏي کاتو حيدرآباد
- مناهل ڪِتاب گهر □ المصطفيٰ چونڪ ماتلي
- غفور نيوز ايجنسي □ غريب آباد بدين
- رحيم ڪتاب گهر – مهراڻ چونڪ بدين
- غلام محمد جوهر ڪتاب گهر ـ ميرپور بٺورو
- المهراڻ ڪِتاب گهر ـ ميرپورخاص
- سچ ڪتاب گهر ـ ڏورو نارو
- عزيز ڪتاب گهر ـ سکر
- ڪلچر ڪتاب گهر سامهون ايم پي اي هاسٽل ڪراچي

سيئي حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : سُهڻي منهنجي سنڌ (سنڌ جو سفر)
موضوع : سفرنامو
ليکڪ : مور ساگر
ڇاپو پهريون : پهرين جنوري ـ 2022ع
ڀاڱون : ٻيو (ڇاپو پهريون)
ٽائٽل ڊزائين : مور ساگر
ڪمپوزنگ : نعمان علي جوڻيجو
ڇپائيندڙ : ساحل پبليڪيشن ـ حيدرآباد
ڇپيندڙ : ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز رابعہ اسڪوائر حيدرآباد.

قيمت : =/500

SOHANI MONHENJI SINDH (Travling) SINDH
By: More Sagar
Published by: Sahil Publication Hyderabad
2. Cell: 03332634650-03002634650202Edition, 1-January
Email: sahilprinter786@gmail.com

ارپنا

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي،

پياري ڀاءُ منظور احمد جوڻيجو

جن جي نالي

۽

ڪوهستان جي سماج سُڌارڪ

شيخ عبدالله ڪوهستاني

۽

اُنهن سڀني پيارن

جي نالي

جيڪي

زندگي جي هِن سفر ۾ همسفر رهيا.

سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"سُهڻي منهنجي سنڌ"** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب ناميارِي ليکڪ، شاعر ۽ پبلشر **مور ساگر** جو سنڌ وطن جو لِکيل سُهڻو سفرنامو آهي. سنڌ وطن جي سفر جي سلسلي جو هي ٻاڱو ٻيو آهي جنهن جي مهاڳ ۾ اسد جمال پلي لکي ٿو ته:

سُهڻي منهنجي سنڌ، مور ساگر جي مطالعاتي ۽ مشاهداتي سفر جو ٻيو ٻاڱو آهي. موجوده سنڌ جي سفر ڪي مور ساگر، تاريخ، آثار قديمه ۽ جاگرافي جي موضوعن جا رنگ پڙ ڏِنا آهن. ڪِتاب ۾ بيان لهجو ايڏو اُتساهه ڏيندڙ آهي جو جيڪو پڙهندو اُن کي اُتساهه ۽ شوق ٿيندو ته آئون به ايئن ڪريان، پر ايئن ڪرڻ ڏُکيو آهي. جيڪو ڪندو اُن کي پتو پوندو. ان جي باوجود اسان جي ليکڪن کي ايئن ننڍا سير ۽ تفريح جا ڪِتاب لکڻ گهرجن."

هي ڪتاب **ساحل پبلڪيشن** پاران پهرين جنوري 2022ع ۾ **ساحل پرنٽرز حيدرآباد** وٽان ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون مور ساگر جا، جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

❖ مهاڳ — ڊاڪٽر اسد جمال پلي 13
❖ پيش لفظ — پروفيسر عبدالله ملاح 17
❖ پنهنجي پاران — مور ساگر 21

✓ **گورک ڏانهن ڳُهت** **25**

- روانگي 25
- ڳوٺ ڳاڙهيءَ واري ۾ ناشتو ڪيوسين 26
- ٻه جاڙا شهر _ جهانگارا باجارا 26
- آري پير اڳڻ آياسين 27
- جهانگارا جي ٽنڊي لسي 29
- منڇر ڍنڍ (رڻ ۾ سمنڊ) 30
- گاجي شاهه جي گام متيَ 31
- ٽنڊو رحيم وچٽو آهي 33
- واهي پانڌي ڏانهن پنڌ 35
- گورک هِل ڏانهن ڳُهت 36
- ڪاوَل لَڪَ لنگهاسين 36
- گورک هِل اسٽيشن جِتيَ برسات پاڪر پائي ملي 37
- بينظير ويو پوائنٽ 39
- جوهي جي جُوءَ ۾ 41

- قلندر شهباز جي نگري سيوهڻ ۾ 42
- لڪي شاهه صدر جو سلام 44
- هي سن ڏيمر آهي 45
- رني ڪوٽ قلعو ۽ هي ڪافلو 45
- ميري ڪوٽ منهندان 45
- ’ڇُپا رُستم نِڪلا‘ 46
- اوهانکي چشمو ڏيکاريان 46
- واپسي 47
- جيڪي سفر ۾ همسفر هئا. 48

✓ **منصوره ڏانهن مُنهن** **49**

- روانگي 49
- متياري ملاقات ميمڻ اڪبر سان 50
- ويندي رستي ريشمان جوان هوگئي، 52
- عبدالقدوس سان آشنائي 54
- هي آهي منصوره شفيع محمد نظاماڻي جو خواب 55
- منصوره بستي وجود ۾ آئي 56
- ديوار ڏانهن اِشارو ڪندي - ديوارِ صحافت 57
- اچو اوهانکي مدرسي جو ڏيري فارم ڏيکاريان 57
- مهمان خاني وٺي آيو 58
- شاهه ولي الله اورينٽ ڪاليج منصوره 59
- هالاجي هوائن ۾... 60
- حضرت نوح سرور ؒ 60
- عجب عشق آهي اسان جو السٽي 61
- مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ 62
- آڪاش، شانتي ۽ ساگر 64
- تو در آيس راجيا! پٽ تان پيرو 65
- حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ؒ 67
- حضرت شاهه حبيب ؒ 69

- مير عبدالحسين خان ٽالپر ’مير سانگي‘ 69
- حضرت ميان تمر فقير سالاريو 70
- شمس العلماءِ عمر بِن محمد دائود پوٽو 70
- مٺو مهيري سان مُلاقات ۽ ابراهيم منشي جي ياد 70
- شيخ اياز سان بہ ملياسين ڪراڙ ڪپ تي 71
- جيڪي سفر ۾ همسفر هئا 72

✓ **اُڏار اچڙي تر ڏانهن 73**

- روانگي 73
- ممتاز بيگم جو ڳوٺ ملهڻ نظاماڻي 74
- قزبانو جو ڳوٺ 74
- ديرو محبت: ماتلي جو پُراڻو نالو 74
- هي ڳوٺ ڪمبوه (پنجابين) جو آهي 75
- ٻيلهاڙو شاخ جو اصلي ٽاڌل 75
- ميرپورخاص ۾ ڪجھ گهڙيون 75
- سيد ديدار حسين شاهہ جي ڳوٺ وٺان گُذرياسين 76
- صوفي صادق جي مزار 77
- لطيف نگر ’راجا رستي‘ 79
- ڳوٺ ٽالهو جوٽيجو کان ٽِپياسي 80
- اچي عمرڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانَ ڪُريت 80
- عجائب گهر عمرڪوٽ قلعو 81
- شاعر سردار شاهہ جو ڳوٺ ’ڪاروڙو سيد‘ موڙمٽياسين 82
- چور ۾ چڙيوسين ڪارون پنهنجون 83
- سورهيہ بادشاهہ لائبرري 83
- ڳوٺ ٽيپري، پنيرا فقير 84
- اچڙي تر ڏانهن اُڏار شروع 84
- جلال جي تڙ ۾ جمع نماز 87
- ڳوٺ خير محمد جو تڙ جتي طعام ۽ قيام 87
- سرحدي مورچا 88

- ڳوٺ ڪيتلور ميگھواڙ ۾ مور ڏناسين 89
- ملوڪ ٽڙ ٽڙ جو پاٽي پيتوسين 89
- هاشم ٽڙ ۾ پَل ترسياسين 90
- ڪوٺاڪ ولي تان پارت جون ٻتيون 90
- رات جي رهاڻ 91
- صبح جو سماع 92
- چور جو شهر 93
- ٿيون اسلام آباد 93
- ميرل مست سان ٻه مِلياسين 94
- عبدالواحد آريسر جي مزار تي حاضري 94
- اياز سان مِلياسين مدرسه ارشاد العلوم ۾ 96
- ڊاڪٽر اسد جمال پلي سان فون تي ڳالهه ٻولهه 97
- ڏورونارو جي مور غلام حسين آريسر سان ملاقات 98
- ڪلانڪر ڍنڍ جو سَير 98
- ڪنيرو شريف جي خانقاهه 99
- پير پٿورو تي پير پرياسين 100
- گِرهوڙ شريف ۾ ٻه ڪجھ گھڙيون 102
- مخدوم الملڪ الشيخ عبدالرحيم گرهوڙي رح 103
- گروهوڙي صاحب جون تصنيفون 104
- گروهوڙي صاحب جون پيشنگوئيون 106
- چِتوڙي قبرستان جي چِتسالي 107
- ٻارونهون واٽر تي منجهند جي ماني 109
- سنڌڙي جي سُڃاڻپ محمد خان جوڻيجو آهي 109
- محمد خان جوڻيجو (سابق وزيراعظم پاڪستان) 110
- واپسي 111
- جيڪي سفر ۾ همسفر هئا 112

✓ **ماتلي ڪان مول** **113**

- روانگي 113

- گنجي ٽڪر تي ڪسٽم هائوس 114
- ملياسين مصطفيٰ ميمڻ سان 115
- ٽاٽو بولا خان جو ٽاٽو ڏِنوسين 115
- ٽاٽو بولا خان 115
- اِهو دائو لَڳَ آهي 116
- مِنڙي نئہ 116
- هِن کي ديڳي لَڳَ (ديڳين وارو لڪ) چون ٿا 117
- چام لوهار جي درگاهه ۽ تاريخي قبرستان 119
- ٽونگ شريف ۾ مِليل محبتون 120
- رتن ناٿ جي سماڌي ۽ چشمو 121
- مول ڏانهن مُنهن 123
- اڄ جي آخري منزل مول 125
- ڪُڏي جو مقام جبل جي جهول ۾ 129
- مول شهر شيخ عبدالله جي جنم ڀومي 130
- سري شهر موٽول مل جو 132
- موٽو مَل ڪنوَل ڪوهستاني جي ياد 132
- ديهه اُٺ پلاٽ مان ڪونيٽ ڪنٽيوسين 134
- واپسي 135
- جيڪي سفر ۾ همسفر هئا 136

✓ **لاڙوسين سڄ سمنڊ تي** **137**

- روانگي 137
- ناشتو ڪچهري ۽ شاعري 138
- ڪچهري ڪچهري ۾ مشاعرو 139
- ڊاڪٽر علم الدين انصاري سان ملياسين 143
- شاهه قادري کي ڪِراس ڪري زيرو پوائنٽ ڏانهن 144
- نريڙي ڍنڍ جي پر مان لنگهاسين 144
- پاڏن جو پير درگاهه احمد راجو 145
- زيرو پوائنٽ، سڄ ۽ سمنڊ 146

- گولاڙچي رات رهياسين رضا وٽ 148
- راهوڪي ۾ راهو سان ملاقات 150
- مِلياسين مقبول ’حفي‘ بخاري سان 150
- واپسي 151
- جيڪي سفر ۾ همسفر هئا 152

✓ **بدين تان پيرو** **153**

- روانگي 153
- ملهڻ نظاماڻي جي سجاڳ ممتاز نظاماڻي 154
- ڳوٺ نبي بخش ڪمبوه ڏِٺوسين 154
- گلاب لغاري جي دوستن جي ياد ۾ ڪين سلام 155
- آگهاماڻي جو سَير 156
- هي غلام علي جو ٽنڊو آهي-ٽنڊو غلام علي 159
- ٽري نظاماڻي- ڳوٺاڻو شهر 160
- عبدالله شاهه غازي ٻـه ٻـه آهن؟! 160
- شاهه ديوانو اسان سان هلي سا, جا جيءُ مِنو نـه ڪري 161
- سنڌ راڻي- مريم عرف سونيتي 162
- چام جوٽو- جوٽيجي وچي جهوري ماريو 164
- راڄو خاناڻي ۾ پڪوڙن جي ٽيسٽ 165
- سعيدپور ٽيبا ۾ پاڪستان ڪاليج 166
- گوگل ٻُڌايو تـه اِها ئي ڦوسڻا ڊِنڊ آهي 167
- پروفيسر عنايت الله زنگيجو جو ڳوٺ 167
- مير باغي جو ٽنڊو- ٽنڊو باگو 168
- محمد صديق مسافر-پَر مسافر مفت مارڻ 169
- سنڌ جو تاج محل - صاحب محل 170
- مير غلام محمد ٽالپر هائر سيڪينڊري اسڪول 172
- خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر جا ڪارناما 173
- يار پارڪ ڏاڍو سهڻو نهرايل آهي - بلاول پارڪ 175
- ڀهراڙي جو ڳوٺاڻو شهر- خيرپور گمبوه 177

- اسين رڳو تنهنجو ديدار ڪرڻ آيا آهيون۔صابر 177
- المڪتبة المحمدية لائبريري۔ ملڪاڻي شريف 178
- سمن سائين مان تہ گولي غلام تنهنجي در جي 179
- بدين شهر۔ سانول پور يا بديڻي بجاءِ بدين سڏيو ويو 181
- مولوي احمد ملاح ۔ جيئن مِلين تيئن مِل مِٺا 182
- قاضيہ واهہ هي واهہ پوري شهر جي وِچارن گُذري ٿو 184
- شهيد بينظير ڀٽو پارڪ 184
- مهراڻ چوڪ ۽ ريلوي اسٽيشن 184
- هي يونائيٽيڊ هوٽل 185
- مولوي عبدالغفار جمالي □ سچ آفيس 185
- لاڙ ايف ايم 94 بدين 185
- قطر طرفان مليل تحفو۔قطر مسجد 186
- ايف ايم 105 بدين 186
- انصاف جي اڪين تي ٻڌل پٽي۔ سيشن ڪورٽ 186
- لاڙ ميوزيم ۽ مولوي احمد لائبريري 187
- جتي شرافءِ شهر گڏجن ٿا۔جيم خانہ 188
- هي عوام جي خادم ۽ چوڪيدار جي آفيس آهي 188
- ضلعي بدين جي خادم ڊي سي جي آفيس 188
- جنهن کي مرزا فارم سڏين ٿا 188
- انڊس اسپتال 189
- مدرسہ دالعلوم بدين 190
- درگاهہ ميان علي شريف 191
- واپسي 191
- جيڪي سفر ۾ همسفر هئا 192

✓ **مرزا فارم تان ڦيرو** **193**

- روانگي 193
- اسانکي اج مرزا فارم گهمڻو آهي 194
- مڙس ماڻهو جي خبر مشڪل گهڙين ۾ پوندي آهي 195

- مرزا فارم 196
- چڙيا گهر ۽ واڳون جي بي وڙائي 196
- جانورن جو جهنگل 197
- خوبصورت پارڪ مرزا جي ذوق کي داد 197
- ٻہ تي نيرڳ ڍنڍ ڪپر تي 197
- سوئمنگ پول 198
- فروٽ فارم 199
- اعليٰ قسم جون گاڏيون 199
- اڏ ۾ رهيل اسيمبلي هال 199
- ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي آفيس 199
- جيڪي سفر ۾ همسفر هئا 200

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

سنڌ سموري سونهن

سُهڻي منهنجي سنڌ، مور ساگر جي مطالعاتي ۽ مشاهداتي سفر جو ٻيو ڀاڱو آهي. موجوده سنڌ جي سفر کي مور ساگر، تاريخ، آثار قديم ۽ جاگرافي جي موضوعن جا رنگ پڻ ڏِنا آهن. سنڌ جي مختلف علائقن ڏانهن ويندي هڪ تہ سندس مستقل ساٿين جي ٽيم هئي، ۽ ٻيا وري علائقائي ميزبان آهن. هڪ سُهڻو امتزاج آهي، جيڪو ڪيس سجايا سفر ڪرڻ ۾ مددگار آهي. سنگت وٽ وڃڻ، ڪچهريون ڪرڻ، حالي حوالي ٿي وري ماڳ موٽڻ جو رواج تہ اسان وٽ هونئن بہ عام آهي. مَرٽي، پرٽي ڪان علاوه موسمي تبديلين سان ۽ ماڳن جي تفريح طور بہ اسان وٽ عوامي سياحت عام آهي. وسڪاري ۾ ٿر جا ٿوئر ۽ اسڪولي موڪلن ۾ ڪينجهر، منڇر تائين ۽ عمرڪوٽ ۽ رني ڪوٽ جي قلعن تائين تہ گهڻا ئي ماڻهو پهچن ٿا، پر ان سڄي سفر کي لِکي ڪِتابي شڪل ڏيڻ ئي اصل سفر جو ڪارج آهي. ڪِتاب ۾ وري پنهنجي علم ۽ ڄاڻ جي هام نہ هڻڻ ۽ ”گُناه برگردنِ راوي“ چئڻ ايمانداري ۽ سادگي جو وڏو ثبوت آهي. علمي ايمانداري بہ ايتري حد تائين جو راوي کان سوال پُڇي ڪنهن آثار يا ماڳ جي تاريخ معلوم ڪرڻ يا ڪنهن ڪِتاب ۾ پڙهيل ڳالهہ جو حوالو ڏيئي بيان کي دَليلن سان چِٽو ڪرڻ هر ڪنهن صفحي تي موجود آهي.

ڪِتاب ۾ بيان لهجو ايڏو اُتساهہ ڏيندڙ آهي جو جيڪو پڙهندو اُن کي اُتساهہ ۽ شوق ٿيندو تہ آئون بہ ايئن ڪريان، پر ايئن ڪرڻ ڏُکيو آهي. جيڪو ڪندو اُن کي پتو پوندو. ان جي باوجود اسان جي ليکڪن کي ايئن ننڍا سير ۽ تفريح جا ڪِتاب لکڻ گهرجن.

مور ساگر بُنيادي طور سنڌي ڪِتابن جو ان داتا آهي. اُن ڪڏهن بہ ڪنهن ليکڪ جي ڪِتاب کي حساب ڪِتاب جي ساهمي جي پُڙَ مان ٻاهر

اُچلي، لکنڊڙ کي مايوس ناهي ڪيو. اهو منهنجو ذاتي تجربو آهي تہ هو نفعي، نقصان ۽ اُڌار سُڌار جي محاورن ۾ قابو ٿي بہ ڪِتاب هر حال ۾ ڇپي ڏيندو آهي. ڪِتاب ڇپڻ جي معاملي ۾ وٽس صرف هڪ ئي اصول ۽ قانون قابض آهي تہ ڪِتاب شايع ڪبو پوءِ دُڪان جي ڪُنڊ ۾ پلي ڪيترائي قانون ۽ قاعدا اردوءَ مان ترجمو ٿيل ٿنگيل هُجن.

ڪِتاب ۾ استعمال ٿيل ٻولي معياري ۽ لاڙ جي مِناس واري لهجي سان ٺُپ ٿيل آهي.

سڀ کان وڏو عذاب جنهن جو شڪار سنڌي ادب جا اڪثر پبلشنگ ادارا آهن، اهو آهي پروفن جون غلطيون ۽ هي ڪِتاب انهيءَ عذاب کان مڪمل محفوظ آهي.

هِن ڪِتاب ۾ هونئن تہ ڪافي علائقن جو سير سفر آهي، پر عمرڪوٽ طرف بہ هڪ طائرانہ اُڏام آهي. يقيناً جلديءَ ۾ ڪيل هِن سفر ۾ عمرڪوٽ جو سچو علائقو ڪِٿي ٿو سمائجي سگهي، پر پوءِ بہ جيڪو ٿي سگهيو اُهو غنيمت ڇئبو.

هنن سفرن ۾ دراصل ٻن قسمن جا ميزبان گُهرجن هِڪڙا خاطر تواضع وارا دوست، ٻيا علمي ۽ مقامي مشاهداتي تاريخ وارا دوست. مثال طور ميرپورخاص کان عمرڪوٽ ۽ ڇور تائين پهچندي جيڪڏهن هِن ڪاروان کي خبر هجي ها تہ هِنن ڪيترائي قديم وهڪرا ڪِراس ڪيا آهن تہ ڏاڍو لذت وارو موضوع هُجي ها. جيئن پُراڻ درياهہ، ريڻي درياهہ، هاڪڙو درياهہ ۽ مهراڻ درياهہ سڀ سندن سفر ۾ آيا. هِن علائقي ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف گهڻو گُهميو ۽ ڪيترن ئي تاريخي آثارن جو ذڪر رسالي ۾ اچي ٿو. ڪيترن ئي رسالي جي سُرن جهڙوڪر سارنگ، مارئي، مومل راڻو ليلان چنيسر ۽ ڍول مارو جي هيءَ سرزمين آهي. رسالي ۾ آيل ڪيترن سورهين ۽ ڏاتارن جو هيءَ علائقو آهي، تہ ڳالهيون اجا بہ گهڻيريون هجن ها. هِن سچي معاملي ۾ ڪِتاب جو مصنف آجو ۽ رواي قابو آهي. ڪجهہ راوين جي اها بہ روايت رهي آهي تہ هو هرڪا ڳالهہ پنهنجي طرفان پيش ڪندا آهن ۽ الهام جا ڏٺي محسوس ڪرائيندا آهن. روايت جي اصل راوي ۽ ڪِتاب جو نالو ڪٽڻ کان ڪيٻائيندا آهن. هِتي ساڳيو معاملو ٿيو آهي. پر وري شڪر جو هڪ نيڪ ڪم جي ابتدا ٿي آهي. ايندڙ سفر ۾ هنن سيني ڳالهين کي ضرور مدِنظر رکبو.

مون هن ڪِتاب ۾ ذڪر ٿيل ماڳ لڳ ڀڳ سڀ ڏِٺا آهن. سواءِ گورک هل, ٽاٽو بولا خان ۽ واهي پانڌي جي. ان ڪري آءٌ چئڻ ٿو ته ڪِتاب پڙهندي ڪنهن مهل مون کي چوان پيو ته هي به لِک هي به لِکُ. پر ورڻيو جاڳيو پوان ته جيڪو لِکجي چُڪوآهي سو به گنج آهي.

اگهاماڻي ۾ وتائي فقير جو ذڪر هئڻ گُهرجي ها. سنڌ راڻي جي قبر جي ذڪر سان گڏ ميرباگي جي قبر جو حوالو هُجي ها. جيڪا عمرڪوٽ شهر ۾ هاءِ اسڪول نمبر 1 جي سامهون سٽيزن ڪلب ۾ آهي، جنهن تي هِن وقت قوالين جي ڏم لڳي پئي آهي. پُڇن به پيا ته "اللہ ہی جانے کون بشر ہے" اهو مير باگو پنهنجي عشق جي صدقي هاڻ مير سان گڏ پير به آهي، بلڪ عقيدتمندن جي عقيدت سان شاهه به ٿي ويو آهي. اچڙي ٿر جون به نشانيون همايون جو کوهه ۽ گرهوڙي صاحب واري شهادت جي جاءِ جو ذڪر به ضروري آهي. سورهيه بادشاهه لئبرري جنهن جو ڪجهه سال پهرين افتتاح مون ڪيو هو. اُن جي پسگردائي ۾ شاهه عنايت جهوڪ واري جي شهادت واري جنگ ڪانپوءِ جون ڪافي ڳالهيون نماڻي شاهه ڪان عاشق پير تائين به اچڻ گُهرجن ها. چِتوڙيءَ جي قبرستان ۾ سنڌ جو مشهور عوامي ڪِردار گامون سچار پڻ آرامي آهي. پٿ شاهه جي مقبري ڪان ٻاهران مير عبدالحسين 'سانگي' جي مزار پڻ آهي.

بدين شهر ته نهيو پر بدين ضلعي جو ذڪر ٿئي ۽ شيخ محمد سومار جو ذڪر نه ٿئي ته چئڻ احوال اڌورو آهي. لاڙ ميوزيم جي قيام واري پهرين ميٽنگ ظفر ڪاظمي جي ميزباني ۾ سنڌ پروانشل ميوزم حيدرآباد ۾ ٿي. آءٌ هِن ميٽنگ ۾ موجود هئس ۽ ميوزم جي بنيادي ميمبرن ۾ شامل هئس. هن ميٽنگ جي صدارت محترم جي الانا صاحب (Last Star) پنهنجي بيگم صاحبه سان گڏ ڪئي. لاڙ ميوزم خواه مولوي احمد ملاح لئبرري جو مالڪ ۽ باني ماستر محمد سومار ولد الله بچايو شيخ مرحوم هو پيو ڪير به نه هو. هُن پنهنجي ذاتي خرچ سان ميوزم جو سامان هٿ ڪيو. بدين ۾ عاليشان ثقافتي ميلا لڳايائين سندس مزاج عجيب تضاد ٽاپُر سان وينو رهيو جو پاڻ مريد ته پير عالي شاهه جيلاني جو هو بُلند پايئہ عاشق وري مولوي احمد ملاح جو هو. ڏاڍو ڏُک ٿو ٿئي ته سندس قلمي نسخا ڦٻائجي چُڪا آهن. ڇپيل ڪِتابن مان اسٽوريز نهي چُڪيون آهن. پر ڪا به وارثي ڪونهي.

تعجب آهي تہ جنهن ماڻهو لائبرري ۾ ميوزم ٺاهيا انهيءَ جي تصوير بہ ان لائبرري ۾ موجود نہ آهي.

هي جيڪا ڄام جوڻي (صفحو 164) جي مزار آهي. اهو ڄام جوڻو سنڌ جو حاڪم نہ پر 'ڄام هالي' جو فرزند آهي. هي اُهو ڄام جوڻو آهي جنهن ڀائرن ۾ والد سان گڏ همير سومري سان جنگ ڪئي ۾ سومرن جي دؤرِ حڪومت جو خاتمو ٿيو ۾ سما دؤر جو آغاز ٿيو. هن سلسلي جون ڪيتريون ئي ڳاهون آهن. جيڪي ڄام جوڻو ۾ سندس ڀائرن جي نالن کي ظاهر ڪن ٿيون.

جيهو جوڻو جکرو هوٿي، هنگورو
پلي پاٽي نہ پيئي، ڏمريو ڏيرو.

مور ساگر جي ڪم کان اڳ ۾ محترم عابد لغاري صاحب ساڳي نوعيت جو ڪم ڪيو آهي، جيڪو 80 واري ڏهاڪي ۾ رسالي 'نئين زندگي' ۾ "سنڌ تاريخ ۾ ثقافت جي آئيني ۾" جي نالي سان قسطوار شايع ٿيو. بعد ۾ فوٽن سميت ڪِتابي شڪل ۾ آيو. تازو ڪجهہ سال پهرين اداره KTN طرفان تاريخ جي عنوان سان 100 قسطن تي مبني هفتيوار پروگرام نشر ٿيو جيڪو 'آڊيو وڊيو' طريقي سان سنڌ جي جامع تاريخ هئي. هن ڪم ۾ محترم فيض کوسو صاحب سان گڏ مون بہ اڪثر پنڌ ڪيا.

هنن ڪمن ۾ ليکڪ جي چاڙ ۾ قلم پهرين ڪمن کان مختلف آهي، جنهن ۾ مور ساگر پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. سندس هيءَ محنت سنڌ جي نوجوانن ۾ اُتساهہ آڻيندي تہ سنڌ کي ڏِسون، اُن جي ڪُنڊ ڪُڙڇ کان واقف ٿيون، پوءِ پلين سڄي دُنيا گهمو ۾ سنڌ سان ڀيٽيو. ساڳي طرح سنڌ جي علم، ادب سان سماجي روَين ۾ طور طريقن جو بہ مشاهدو ڪريو ۾ پوءِ دُنيا جي ٻين علائقن جو مشاهدو ڪريو، خبر پئجي ويندي تہ ڀٽائي ڇو چيو تہ:

سڄڻ ۾ ساڻيهہ، ڪنهن اٽاسيءَ وِسري. (شاهہ)

الله پاڪ جي در دُعاڳو آهيون تہ مالڪ اسانجي هِن نوجوان کي وڏيڪ شوق ۾ توفيق ڏئي تہ اسان جي پڙهندڙن کي سڄي سنڌ هِن قسطوار سلسلي سان گهُمائي. آمين.

ڊاڪٽر اسد جمال پلي

عمرڪوٽ

پيش لفظ

سفرناما مصوريون هوندا آهن

سفر ناما گرد سفر جي صورت ۾ مسافرن جي دِل، دماغ ۾ اکين جي ڏِٺل محسوس ڪيل، تجربن، مشاهدن، منظرن جي هاڪاري ناڪاري رُخن ڪان واقف ڪرڻ جا داستانِ حيات هوندا آهن. مسافرن جي دِلي ڪيفيتن ذوقِ سفر جي جذبي ۾ منزل مسافر جي واٽن جي حُسن ۾ حقيقتن جي سنگم مان تخليق ٿيل زندگي ناما آهن. سفر ناما پنڌ ۾ پيرن جي اُڏامندڙ ڌوڙ پگهر ۾ منزلن جي مسافرن مٿان اُڀرندڙ چنڊبن، چانڊوڪين، ستارن جي نور جون اڪرن سان، مصوريون ۾ بُت تراشيون هوندا آهن. سفرناما منزل جي سمورن گسن، پنڌن پهڻن، پٿرن، منظرن ماڻهن صبح شام جي سحرن، زهرن، ڪنڊبن گُلن، خزائن، بهارن، هجر و فراق جي احساسن، جذبن، مشاهدن ۾ تجربن جي رنگن سان چٽيل صورت گريون هوندا آهن. منزل پلي ساڳي هجي، ماڳ مڪان ساڳيا هجن، مندون موسمون بہ ساڳيون هجن، ملندڙ ماڻهو بہ پلي ساڳيا هُجن، پر هر مسافر اُنهن ماڳ مڪانن ۾ گسن پنڌن جي رُخن جي صورت گري پنهنجي تمنا ۾ آرزو موجب ڪندو.

جيڪو ماڻهو پنهور جي پٽين مان رُڳو ثابت سرون ڪڍي بازار ۾ وڪڻڻ ٿو چاهي، ان کي پنهور جي پٽين تي پنهون جي پيار جا چِٽ ڪيئن نظر ايندا. رني ڪوٽ جي دڙن مان سون جا ذرا تلاش ڪندڙ ماڻهن کي رني ڪوٽ جي پُراڻي پٿرن ۾ سنڌجي صدين جي تهذيبي تاريخي، حُسن جو نور نظر ڪڏهن بہ نہ ايندو.

شهباز قلندر جي درگاهہ جي در تي چرس وڪڻندڙ چرس فروشن جي سجدي ۾ پنهنجي پُٽ جي چڱيلائيءَ لاءِ باس باسيندڙ پي ۾ ماءُ جي زيارت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تربتِ قلندر ۾ فرق هوندو آهي. پٽ شاهہ ۾ ميلو ڪمائڻ لاءِ ڊيوٽي ڪندڙ پوليس عملدار جي اوجاڳي ۽ وِچڙيل يار جي وري مِلڻ جون دُعائون گهرندڙن شخص جي اوجاڳن ۾ وڏو فرق آهي.

پٽ شاهہ جو ميلو ڪمائيندڙ ٺيڪيدار جون اکيون ڪراڙ جي سُڪل پيٽ ۾ ۽ پٽ جي پٽائي جي آخري آستان جي مٿي ۾ هڪ دؤر جي بلند ترين انسان جي سونهن ۽ سندس علم ڏاهپ عاشقي عشق ۽ وقار جا ڇوليون هڻندڙ درياهہ نظر نہ ايندا. جنهن ماڻهو جي دِل ۾ ذوقِ سفر هوندو دِلين جي اکين ۾ پرين جي پڊن پسڻ جي تمنا هوندي، اُن ماڻهو کي گس جي مِٽي جي ذري ذري ۾ زندگي جي حُسن و شباب جا سوين آفتاب نظر ايندا.

فطرت ۽ زندگي جي هِڪ سونهن ۽ صورت اها آهي جيڪا پاڻ سڀ ڏسون ٿا. پاڻ سيني جي اکيان آهي، پاڻ سيني کي نظر ٿي اچي، پر ٻي سونهن ۽ صورت اها آهي، جيڪا فقط دِل جي نور سان ڏِسي سگهجي ٿي، عام اکين کان پري آهي. مسافر مسافر جي اکين تي ڇڏيل آهي، مسافر مسافر جي جذبي آرزو ۽ ذوقِ سفر جي ڪيفيت تي ڇڏيل آهي. ڪنهن کي روپا ماڙيِ ۾ نِڪريون ٿيون نظر اچن، ڪِن کي نِڪري نِڪري ۾ روپا ماڙي جو وسندڙ شهر ۽ دودي جو وڙهندڙ لشڪر نظر ٿو اچي. ذوقِ سفر ۽ دِل جي نور کان محروم ماڻهن کي زندگي جي ٻَريل شهرن ۾ بہ سُڄ جي اُڏامندڙ ڌوڙ نظر ايندي آهي. ڪِن کي مڪلي جي مقام ۾ سنڌ جي تاريخ جون منور بازارون نظر ٿيون اچن.

ڪو زندگي جي شهرن ۾ رهندي زندگي جي هِڪ صدا ٻُڌڻ کان بہ محروم هوندو آهي، ڪنهن کي ديوانو شاهہ قبرستان ۾ سُتل سنڌ راڻي جي قبر مان انساني مُسرتن جا چنڊ اُڀرندي نظر ايندا آهن. دِل دِل جي ڳالهہ آهي، نظر نظر جي ڳالهہ آهي. هي سڀ ڪجهہ انساني ڪيفيت ۽ محسوسات جو ڪمال آهي. اسان جي دوست ۽ ساٿي مور ساگر جو هي 200 صفحن تي ٻڌل سوين ننڍين وڏن پنڌن جو ’سهڻي منهنجي سنڌ‘ سفرنامو سندس پيرين پنڌ، سياحت ۽ سفر جو دلنواز داستان آهي، سندس ساٿ ۽ شخصيت جي صورت گري آهي.

هي سفر جيڪو مور ساگر پنهنجي محبوب دوستن سان گڏجي سنڌو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درياهہ جي اوريڻ ڪپ ڪان شروع ڪري لاڙ جي شهر بدين جي تاريخي ڍنڍ جاڪيجي جي ٻيٽ ۾ قائم سنڌ جي نامور سياستدان جي بنگلي جي اڱڻ تي اچي پورو ڪيو آهي. اهو سفر سنڌ جي پنجن وڏن ضلعن ڄامشورو دادو، عمرڪوٽ، مٽياري، ميرپورخاص ۽ بدين جي شهرن جي تاريخي ماڳ مڪانن جبلن درياهن، ڍنڍن ڍورن، قديم آثارن زيارت گاهن ۽ ماڻهن جي مشاهدن ۽ ملاقاتن تي ٻڌل آهي.

اڪثر سفرنامن ۾ سفرنامو لکندڙ شخص پنهنجو گهڻو ذڪر ڪندو آهي يا اُن سفر دوران پنهنجي ڪيل پنڌ جون وڏايون بيان ڪندو آهي، اهو سفرنامو گهٽ، پر سفرنامو لِکندڙ شخص جي مختصر سوانح عمري ٿي ويندي آهي. اها ڳالهہ بہ ڪا خراب ناهي، گهڻا ماڻهو پنهنجي ڪنهن هِڪ سفر يا هِڪ حادثي ۾ پنهنجي پوري حياتي بيان ڪري ڇڏيندا آهن. اِهو بہ هِڪ فن و هُنر آهي، ڪري سگهجي ٿو.

پر سفرنامي ۾ جيڪڏهن ان سفر جون ڳالهيون لِکجن، ان سفر جا تجربا، مشاهدا لِکجن تہ پڙهندڙ لاءِ اها نئين ڳالهہ هوندي آهي ۽ وڻندڙ ڳالهہ هوندي آهي. مور ساگر جو هي سفرنامو مون اکر اکر ڪري پڙهيو آهي تہ مور هِن سفرنامي ۾ پنهنجي ذات جو ذڪر تمام گهٽ ڪيو آهي. سفر دوران جيڪو ڪجهہ ڏٺو آهي، جيڪو ڪجهہ محسوس ڪيو آهي، ان کي علمي ايمانداري سان بيان ڪيو آهي. پاڻ سان گڏ جيڪي ساٿي آهن، جيئن ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي صاحب، شيخ عبدالله صاحب، منظور جوٽيجو صاحب، فهد مخدوم يا جيڪي دوست گس پنڌ ۾ مِليا، اُنهن جو ذڪر بہ دِل جي سخاوت سان ڪيو آهي. جيئن اياز امر شيخ، علي اڪبر ميمڻ، عبدالقدوس احمداڻي صاحب، سرور خاصخيلي، اياز سمون صاحب، ارباب نيڪ محمد صاحب ۽ ٻين جو. سفر دوران جيڪي بہ شهر، ماڳ، مڪان مور کي نظر آيا آهن، پاڻ انهن ماڳ مڪانن جي تمام ٿوري گهڻي فرق سان سندن دستاويزي تاريخ بيان ڪئي آهي. ان تاريخ هن سفرنامي کي تحقيقي ۽ تاريخي دستاويزي حيثيت ڏئي ڇڏي آهي. جنهن بہ شهر ۽ ڳوٺ ۾ ويو آهي، ان شهر ۽ ڳوٺ جي ڪنهن نہ ڪنهن علمي، ادبي، شخصيت جو ذڪر ضرور ڪيو اٿس. شهيد صادق فقير، عبدالرحيم گرهوڙي، مخدوم نوح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرور، مخدوم طالب المولي، شاهه عبداللطيف، محمد صديق مسافر، مير غلام محمد، عبدالواحد آريسر، شهيد فاضل راهو، مولوي احمد ملاح جي شخصيتن جو هن سندن ۾ ٻين شاعرن جي شاعري جا حوالا ڏئي ذڪر ڪري سندن مختصر سوانح عمريون لِکي ڇڏيون آهن. ابراهيم منشي، شيخ اياز، وفا ناٿن شاهي جو به دِل سان ذڪر ڪيو اٿس.

مور ساگر جو هي سفر بامقصد، دِلي جذبن سان ڀرپور هُيڪاريل سفر آهي، ٿوٿين واندن ۾ رولڻ وارو رولاڙو نه هو جيڪو اڪثر ڏنڏي کان نتائي، گهرو ذميوارين کان پيچي نياڳا رول ماڻهو ڪندا آهن. جنهن سفر جو ڪوبه مقصد نه هوندو آهي. جنهن سفر لاءِ عام طور چوندا آهن ”رَلي ڪُلهي تي ماني راڄن تي“. جِت به رات پئي ٽُڪر ڪاڏو صبح جو وري جوڳي نه ڪنهن جا مِٺ. ان قسم جي رولن، ٿوٿين جون به ڪوٿون ڪونهي، ان قسم جا صاحبِ سفر يار ٽِن ڳالهين جو خاص خيال رکندا آهن. ماني چڱي ملي، هنڌ چڱون مِلي، پاڙو پيتو مِلي، ڪو ڪم نه چوَن ۾ سوکڙي پاکڙي جي به تمنا هوندي آهي. باقي ان شهر جون، ان پنڌ جون، ان مسافري جون ٻيون کهڙيون چڱايون ۾ سُنايون آهن، ڪو تاريخي ماڳ مڪان، ڪي قديم آثار انهن شين جي انهن ماڻهن کي گُهرج نه هوندي آهي، نه تلاش، نه ڏِسڻ جي تمنا. بس رڳو ڪنهن وڏي اوطاق جي تمنا هوندي آهي، جِت ٽُڪر پور سولو ملي ۽ پاڻ جهڙا ٿوٿي رول ڏنڏي کان پيڳل يار مِلن.

جڏهن ته مور ساگر ۾ سندن ساٿين جي هي مسافري پيٽ تي پٿر ٻڌي سنڌ جي سونهن، سنڌ جي تاريخي، علمي، هُنري، ثقافتي، سماجي سونهن جي نور جو سفر آهي. مور جنهن ٻولي ۾، جنهن جذبي سان سنڌ جي تاريخي ماڳ مڪانن ۾ چڱن انسانن جو ذڪر ڪيو آهي، سندس اها ٻولي، سندس اهو جذبو ان سچ ان حقيقت ۾ ان سُنائيءَ جو گواهه آهي ته سندس هي سفر نامو سندس، سنڌ جي پَٽن پوٽن، ماڳن مڪانن ۾ ماڻهن سان دِلي عاشقي جو تاريخي، تحقيقي دستاويزي عشق نامو آهي.

پروفيسر عبدالله ملاح

17_05_2021

پنهنجي پاران

جي مون گهاريا پنڌ ۾

ڇُلي ڇڏ مَ ڇپرين، ڏُلي ڇڏ مَ ڏيهہ،
پَسيو وڻ وطن جا، وڙڪيو اچو ويهہ،
سجڻ ۽ ساٿيهہ، ڪنهن اٿاسي وِسري.

شڪر الحمدالله،

سهڻي منهنجي سنڌ جي سفر جو هي ٻيو ڀاڱو وقت سر شايع ڪرائي اوهان جي هٿن تائين پهچايو اٿم. پڙهندڙن سان واعدو هو تہ هر سال هڪ ڀاڱو شايع ڪرائيندس، ايئن پوري سنڌ گُهمائيندس.

ڪجهہ پهرين ڀاڱي جي باري ۾ ’زندگيءَ جا پل جي مون گهاريا پنڌ ۾‘ دوستن کان ورتل تجويزن ۾ پهرين تجويز اِها هُئي تہ نالو ڪِتاب جو وڏو آهي، ننڍو نالو لِک. دوستن جي راءِ کي اهميت ڏيندي ٻيو ڀاڱو ’سهڻي منهنجي سنڌ‘ جي نالي سان اوهان جي هٿن ۾ آهي، ايئن هاڻي هر ايندڙ ڀاڱي جو نالو مختلف هوندو، سب ٽائٽل ’سنڌ جو سفر‘ ساڳيون ئي رهندو.

هر دوست پنهنجي پنهنجي خيال مطابق خيال آرائي ڪري ٿو، پر آئون پنهنجي طرفان هِڪڙي وضاحت ڪري ڇڏيان، اهڙي وضاحت مون پهرين ڀاڱي ۾ بہ ڪئي آهي تہ: ’سنڌ جو سفر‘ معنيٰ سفرنامو ئي آهي، نہ سنڌ جي تاريخ آهي نہ تحقيق ها پر ڪجهہ وڏيڪ محنت ڪرڻ ڪري جي دوست انهيءَ کي ’تاريخي دستاويز‘ ڪوٺين ٿا تہ الڳ ڳالهہ آهي، پر آئون رڳو سفر ڪري ڄاڻا نہ تحقيق نہ تاريخ لِکي ڄاڻا. جي مون تاريخي حوالا ڏِنا بہ آهن تہ ظاهر آهي مختلف ذرائع کان هوندا. ڪِتاب پڙهيا هوندا، گوگل سرچ انجڻ جو سهارو هوندو. وِڪي پيڊيا کان وضاحتون ورتيون هونديون، يا روبرو روح رچنديون ڪچهريون ڪيون هونديون.

ٻي تجويز ڪجهہ دوستن طرفان اِها هُئي تہ سفر جي آخر ۾ همسفر

دوستن جا تعارف ورجاءُ محسوس ٿين ٿا. اُن لاءِ عرض تہ منھنجو ھر ھِڪ سفر ھڪ الڳ ڪِتاب ٿي پيو سگھيو جنھن ڪي گھٽائي گھٽائي مون ھڪ ئي ڀاڱي ۾ وڏيڪ سفر ڏيڻ چاھيا آھن. سفر الڳ الڳ آھن، ۽ مختلف وقتن تي ڪيل، ڪي تہ مھينن ڪانپوءِ ڪي سالن ڪانپوءِ جا ڪيل آھن. سيني سفرن جي آخر ۾ تاريخ ۽ سال ڏِنل ھوندو آھي. باقي رھي ڳالھہ دوستن جي تعارف جي تہ سفر ۾ دوست ساڳيا ھوندا تہ ساڳيا ئي تعارف بار بار ايندا. جي دوست بدلبا رھندا تہ تعارف بہ بدلبا رھندا. جيئن ساڳين دوستن جا فوٽو ھر سفر ۾ اچي ٿا وڃن. ساڳين نموني جنھن سفر ۾ جيڪي دوست گڏ آھن، اُنھن جو تعارف آخر ۾ ڏيڻ ضروري آھي. ھا باقي انھن ڀاڱن ڪان پوءِ ھِڪڙو مڪمل جامع پوري سنڌ جو سفر شايع ڪرائيندس، جنھن ۾ اِھي پنج ئي ڀاڱا شامل ھوندا. اُن ۾ انھن سيني دوستن جا تعارف بلڪل ڪِتاب جي آخري صفحن تي ھِڪ ئي ھنڌ ھوندا.

ٿڪيائي ٿر ٿيل، چڙھہ چُڪيائين چوٽيئن. (شاھہ)

جڏھن اِھو خيال آيو تہ زندگي صفا مختصر آھي ۽ مختصر زندگي ۾ ڪارائتا ڪم پھرين ڪجن، سنڌ جي سفر ڪي اھم سمجھيم. اھم ان ڪري جو ھِن ڪِتاب 'سنڌ جو سفر' ۾ سنڌ جي ماڳ مڪانن جي باري ۾ جاڻ ڏِنل آھي، جيڪا پنھنجي اکين سان ڏِسي پوءِ لِکي وئي آھي. يعني مشاھداتي جاڻ سفرنامو ھوندو ئي مشاھدو آھي، پر اُن سفر ۾ وري جي ٿوري گھڻي جاڻ شامل ڪجي تہ اِھو اجان بہ پڙھندڙ جي لاءِ لاڀائتو ثابت ٿئي ٿو. اِھو سوچي مون پنھنجي طرفان ڪوشش ڪئي آھي.

مون ھِن سفر ۾ جن ماڳن مڪانن بابت ٿوري گھڻي معلومات ڏِني آھي، ظاھر آھي تہ اُن جو ذريعو ڪو پيو ھوندو. سو ڪنھن بہ ماڳ مڪان بابت معلومات جي حوالي سان مختلف ليکڪن لِکيو آھي، اُن ۾ مون جنھن ڪِتاب جو مطالعو ڪيو ھوندو اُن جو ئي حوالو ڏيندس پوءِ پلي اُن ماڳ بابت بين بہ ڪيترن ئي ليکڪن جا ڪِتاب لِکيل ھُجن. پر مون نہ پڙھيا ھوندا تہ اُن جو حوالو ڏيڻ مُناسب نہ ٿيندو. تنھن ڪري ڪوشش ڪئي اٿم تہ ڪا بہ اھڙي ڳالھہ جنھن جو تعلق تاريخ سان آھي، ڪو نہ ڪو حوالو ضرور ھوندو پر جي ڪِٿي ڪوتاھي ٿي وئي ھُجي تہ پڙھندڙ اُن کي درگُذر ڪن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هونئن تہ موجوده وقت ۾ ڪنهن بہ شئي، ماڳ، مڪان يا تاريخي آثارن بابت ڄاڻ ڄاڻڻ ڪو مسئلو نہ رهيو آهي، رڳو هڪ ڪِلڪ ذريعي پوري دُنيا جي ڪنهن بہ مُلڪ، شهر، خطي بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي. پر پوءِ بہ ڪِتاب ڇپجن ٿا، ڪِتابن جي اهميت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي.

جڏهن

گورک ڏانهن گُهت هَيم، منصوره ڏانهن منهن ڪيم، اُڏار اچڙي ٽر ڏانهن، ماتلي کان مول ويس، بدين تان پيرو پچي، لاڙوسين سج سمنڊ تي، مرزا فارم تان ڦيرو ڪيم تہ مون سان گڏ منهنجا هم خيال، هم ذهن منهنجا محسن، دوست ۽ پيارَ جن جا نالا هِتي نٿو لِکان هر سفر جي شروعات بہ اُنهن جي نالن سان تہ پُڄاڻي بہ اُنهن جي تعارف سان ڪئي اٿم، اُنهن سڀني کي هي ’سهڻي منهنجي سنڌ‘ جا پنڌ ارپيان ٿو.

”ٿورا مَر ٿورا مون تي ماروئڙن جا“ (شاهہ)

محترم سائين ڊاڪٽر اسد جمال پلي جا وڏا وڙ جنهن پنهنجي گوناگون مصرفيتن باوجود ڪِتاب جو مهاڳ لکي ڏِنو ۽ پنهنجي مفيد صلاحن سان بہ همڪنار ڪيو. محترم سائين پروفيسر عبدالله ملاح جا وڏا وڙ جنهن، پيار، پنهنجائپ ۽ پاٻوهہ مان هفتي اندر ڪِتاب پڙهي مونکي ڪِتاب لاءِ پيش لفظ لِکي ڏِنو. محترمہ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن پنهنجي مصروفيتن مان ڪجهہ گهڙيون هِن ڪِتاب تي نظر وجهي بيڪ ٽائٽل لِکي ڏِنو.

سفرنامن جي هِڪ ڊگهي تاريخ آهي، جيڪا ابنِ بطوطہ کان شروع ٿئي ٿي ۽ رهندي دُنيا تائين هلندي ئي رهندي. سفرنامن ۾ مُسافر پنهنجا پنهنجا مشاهدا لِکندا آهن، ۽ جيڪو جيترو باذوق ذهن هوندو منظر هُن کي اوترو ئي موهيندا ۽ منظرن کي سهڻي نموني ۽ سيلقي سان سڄڻن/پڙهندڙن سان سليندو آهي. سو سڄڻن/ پيارن/پڙهندڙن کي شال اسانجا هي، پرين جي پاڇي جهڙي ’سهڻي منهنجي سنڌ‘ جا ڪيل پنڌ پسند اچن.

اوهانجو پنهنجو

مور ساگر

03332634650
03002634650

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون پڻائي شاهه
سهڻي منهنجي سنڌ
تون منهنجو ساهه

گورک ڏانهن گهُٽ

روانگي

گورک ڏانهن گهُٽ، هنئين جِني حُب مان،
تِني جو تُرٽ، قدر ڪندا قرب وارا.

صبح چار وڳي اُٿڻ باوجود بہ دير ٿي وئي، پنج وڳي ادا منظور جي فون آئي تہ: ’شيخ عبدالله وارا ڄامشورو پُهچي ويا آهن، پاڻ ڪي ڇهہ وڳي ڄامشورو پُهچڻو هو.‘ گاڏي ڪي ٿورو اڳا بہ وڌيڪ اسپيڊ ڏئي ڇهہ وڳي ماتلي پُهتاسين، عبدالجبار ’قاسم‘ وٽ ناشتو تيار هو پر منهنجي دير جي ڪري اُن کي ڪينسل ڪيوسين، ناشتو هاڻي ڄِتي نصيب هوندو.

ماتلي کان منظور احمد جوڻيجو معشوق جوڻيجو شعيب جوڻيجو، عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي، فهد احمد مخدوم ۽ آئون ڪار ۾ سوار ٿي روانا ٿياسين ڄامشورو طرف. ڪلاڪ سوا جو سفر ڪري ڄامشورو پُهتاسين، رِند هوٽل جي پُڇا ڪري، هوٽل اڳيان گاڏي پارڪ ڪئي، اُتي سفر جا ساٿي شيخ عبدالله ڪوهستاني، مصطفيٰ ميمڻ، سرَوَرَ خاصخيلي، مننار خاصخيلي، ۽ رتوديرو جو سنڌن دوست اياز سمون انتظار ۾ هئا. ساڻن مِلياسين، گڏجي ناشتو ڪيوسين. منهنجي طبيعت رات کان صحيح نہ هئي تنهن ڪري ناشتي ۾ صرف جوس ئي پيتم، سفر جي دُعا پڙهي روانا ٿياسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ ڳاڙهي واري ۾ ناشتو ڪيوسين

سيوهڻ جي ويجهو ئي پُهتاسين تہ گاڏين کي ڪچي ۾ ڏکڻ طرف موڙيو ويو بس ٿوريءَ ئي فاصلي تي ڳوٺ ’ڳاڙهي واري‘ هو. هِتي محترم حافظ الهڏتو برهماڻي اسان لاءِ ناشتو تيار ڪرايو ويئو هو. تمام گهڻين محبتن ۽ سِڪ مان اسان جي آجيان ڪئي وئي. سڀني گڏجي ناشتو ڪيو پر منهنجي قسمت ۾ هِتي جو داڻو نہ هو. صرف پاڻي جو گلاس پي ورتم. سرَوَرَ وارن سان گڏ جيڪو مهمان همراهہ هو، تنهن جيئن ئي ناشتو ڏِٺو جنهن ۾ ڪُڪڙ جو ٻوڙ بہ هو، انب بہ هئا، مانيون ۽ چانوَر بہ هئا، سڀني تان نظر گهمائي چيائين: ’پاءُ لسي ڪانهي ڇا؟‘ همراهہ کي لسي جي طلب ضرور هئي، پر هِتي اِهو سوال پُڇڻ مُناسب نہ هو. پوءِ مهربان ميزبانن کان موڪلائڻ مهل پنهنجي عادت موجب پُڇي ورتم تہ هِن ڳوٺ تي ڳاڙهي واري نالو ڪيئن پيو؟ جواب مِليو تہ وڏيڪ تفصيل جي خبر اسان کي بہ ناهي پر هِتي جي مِٽي يا واري جو رنگ ڳاڙهسرو هوندو هو اُن ڳاڙهي مٽيءَ يا ڳاڙهي واري جي ڪري ڳوٺ تي نالو ’ڳاڙهي واري‘ پيو. روانا ٿياسين پنهنجي منزل طرف اسان جي هِن سفر جي منزل تہ ’گورک هِل‘ ئي آهي، پر رستي ۾ ايندڙ جيڪي بہ ڪوٽ، قلعہ، درگاهون، دڙا، ڍنڍون ڍورا اُنهن جي زيارت بہ ڪندا ويندا سين.

ٻہ جاڙا شهر – جهانگارا باجارا

سيوهڻ کي باءِ پاس ڪري باجارا جهانگارا طرف روانا ٿياسين، ڪُجهہ وقت گاڏيون شديد گرمي ۾ روڊن تي ڊوڙنديون رهيون، سيوهڻ کان 11 ڪلوميٽر ڪري فضہ غزل جي شهر ’باجارا‘ کي ڪِراس ڪيوسين، باجارا کان ٽِن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي جهانگارا آهي، جهانگارا مان پُڇا ڪئيسين ’پير آري شاهہ‘ ويندڙ رستي جي. جهانگارا باجارا جاڙا شهر آهن ۽ هِنن شهرن جو نالو پهريون ڀيرو مون ريڊيو پاڪستان جي پروگرام ’سُرهي سُرهي سوچ‘ ۾ ٻُڌو هو. جيڪو سائين ماڪن شاهہ رضوي پيش ڪندو هو تمام مقبول ۽ پوري سنڌ ۾ وڏي چاهہ سان ٻُڌو ويندڙ پروگرام هو. اسان اُن وقت هاءِ اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين ۽ ڇنڇر جو ڏينهن اسان کي ياد هوندو

هو جيئن ئي موڪل ٿيندي هئي، ڪِٿي به نہ بيهندا هئاسين. ڀڄندا ڀڄندا گهر پُهچندا هئاسين ۽ ڪِتابن کي هِڪ پاسي رکي ڀِرين اچي ريڊيو کوليندا هئاسين. تڏهن اِنهن شهرن جا نالا ماڪن شاهه وَنندو هو تہ شهر جهانگارا باجارا کان هي غزل موڪليو آهي رجب آزاد ٻُڌيو جهانگارا باجارا کان محترمہ فِضا غزل لکي ٿي تہ:

هِڪڙي پيار ۾ گُم ٿي وياسين.
نيڻ نِهار ۾ گُم ٿي وياسين.
مُرڪندي چيوسين الوداع،
سهڻي سار ۾ گُم ٿي وياسين.

فضہ شاهہ ڪاظمي، 22 سيپٽمبر 1974ع، باجارا ۾ پيدا ٿي، ۽ پوءِ 1990ع ۾ فضہ شاهہ ڪاظمي، بدران صرف ’فضہ غزل‘ بڻجي ادب جي دُنيا ۾ پير پاتائين. اسڪول جي هيڊ ٽيچر فضہ شاهہ ڪاظمي، ’فضہ غزل‘ جو شاعري جو مجموعو ’چنڊ ۽ چاهتون‘ پُڻ ڇپجي چُڪو آهي. يا ساجده جبين بہ باجارا ۾ ئي پيدا ٿي آهي. پر هاڻي ڏڪڻ ضلعي شڪارپور ۾ رهي ٿي. هي ٻئي جاڙا شهر اُنهن خوبصورت شاعرن ۽ شاعرائن جا شهر آهن. گهڻي وقت کان پوءِ هاڻي ويجهڙائي ۾ رجب آزاد سان بہ ملاقاتون رهيون آهن. جو سندس شاعري جو ڪِتاب آسي زمينيءَ جي معرفت اسان ئي ڇپيو آهي. پندرهن ويهن مِنٽن جو فاصلو طئہ ڪري اچي آري پير جي آڳند آڏو گاڏيون پارڪ ڪيونسين، ۽ آئون بہ ماضي جي ميلي مان موٽي واپس آيس.

آري پير اڱڻ آياسين

آري پير جي پَڌر تي جيئن ئي پيرَ ڌريا تہ هيٺ زمين اهڙي گرم هُئي جو لڳو ڄڻ ٽانڊن تان گُذرون پيا. توڻي جو مسجد ۽ درگاهہ جي اڱڻ ۾ ماربل لڳل هو پر سِج بہ ڄڻ سوا نيزي تي هو تنهن جي تپش ۾ ماربل اهڙو تہ تپي ويو جو اصل پيرَ پيو ساڙي. اسان اهڙيِ سخت گرم زمين تي بہ پيرَ رکي فوٽوگرافي ڪري ورتي. مسجد ۽ درگاهہ گڏوگڏ آهن. درگاهہ اندر جيئن ئي داخل ٿجي ٿو تہ مٿي وڏا چڙا ٻَڌل نظر ايندا. جيڪو پانڌيئڙو ايندو اُنهن چڙن کي چوري پوءِ اندر داخل ٿيندو. مون محسوس ڪيو تہ اڪثر سماجن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿوريَ گهڻي فرق سان سڀ شيون ساڳيون ئي آهن. اندر داخل ٿياسين. هاڻي وري ساڳيون ماربل اهڙو ٿڌو جو آئون ته ڪجهه گهڙيون هيٺ فرش تي ويهي رهيس. ٻاهر سخت اُس هٽي ساڙي رکيو هو. درگاهه اندر ٽي مزارون نظر آيون هڪ وچ ۾ وڏي ۽ ٻه پاسن کان ننڍيون. جنهن لاءِ اُتي موجود ماڻهن ٻڌايو ته: 'هي سائين جا فرزند آهن.' اسان اجا فوٽوگرافي ئي ڪري رهيا هئاسين. ايتري ۾ هڪڙو جُهونو شخص مٿي ته ٿوال (توليُو) رکيو آيو اُس کان بچڻ لاءِ. اسان جي سفر جي امير شيخ عبدالله ٻڌايو ته: 'هي سائين قبول شاهه آهي. هِن آري پير درگاهه جو گادي نشين.' سائين قبول شاهه اسان سڀني سان تمام خوش اخلاقيءَ سان مِليو ۽ تمام سادو ماڻهو لڳو.

عبدالجبار 'قاسم' کي چيم ته: 'سائين ڪانئس ٿوري معلومات وٺو.' پر پوءِ وقت گهٽ هُئڻ ڪري اسان کي تڪڙو تڪڙو هِتان ڪان نِڪرڻو هو تنهن ڪري ڪي تفصيل وٺي نه سگهياسين. ايترو ضرور ٻڌايائون ته: 'هي آري پير جيلاني بادشاهه آهي اصل ۾ عراق کان آيل آهي. پهرين لسٻيلي، سون مياڻي، نُوراني کان ٿيندا آخر ۾ هِتي اچي آباد ٿيا.'

درگاهه جي پاسي ۾ تاريخي باغ به موجود آهي. جنهن ڏانهن پُڻ وياسين. باغ ۾ وڏا ۽ جهونا وڻ موجود هئا. ۽ وڻن هيٺ آري پير جا فقير پُڻ موجود هئا. هِڪڙو فقير هٿن. پيرن ۽ مٿي تي ميندي رکيو وڻ جي ڇانوَ ۾ ويٺو هو. اسان کي ڏِسي چوڻ لڳو: 'اچو اچو آري پير جي ميندي لڳايو'. شيخ عبدالله چيو: 'آري پير کي ٻيو ڪم ئي ناهي جو توکي اچي ميندي ڏئي ويو.' تقريبن سڀني درگاهن تي عجيب قسم جي جهالت جون جهلڪيون نظر اينديون. پر جهالت بجاءِ عقيدت چئي سگهجي ٿو. شايد اهو سِلسِلو هلندو رهندو صدين تائين. تڏهن ئي ته درگاهون به ايئن آباد آهن صدين کان.

باغ ۾ وياسين تمام پُراڻا وڻ هئا. اُنهن وڻن ۾ موجود ٻه ڪجي جا وڻ به هئا اُنهن ۾ خاص ڳالهه اِها هئي ته ٻئي ڪجيون نانگ ورَ هُيون. زمين تي پوري طرح نانگ وانگر ورَ ڏئي پوءِ مٿي اُڀيون هيون ۽ سايون هيون. اُنهن وٽ سڀني فوٽوگرافي ڪري. اڳتي نظر ڪئيسين ته ڪوڙ قبرون نظر آيون ۽ ڪوڙ فقير به نظر آيا. ڪي وڻن هيٺ ننڊون ڪري رهيا هئا. ڪي ڪچهري ڪري رهيا هئا. هِن کي قديم قبرستان به چئي سگهجي ٿو يا پُراڻو باغ به.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان گُهمي ڦِري ٻاهر نِڪتاسين هاڻي وري درگاهه جي ڀرسان ئي پاسي کان مُسافر خانہ هئا، جن ۾ فقير رهيا پيا آهن. اُنهن اڳيان ساوا وڻ ۽ پارڪ بہ آهي. پاسي کان پاڻي جي هِڪ وڏي ٽانڪي ٺهيل آهي، جنهن مان همراهہ گرمي سبب وِهنجي رهيا هئا. اُنهي ٽانڪي جي پاسي ۾ وڏو چبوترو ٺهيل هو هِتي پڻ فقير موجود هئا. ڪي سُوٽا هڻي رهيا هئا، ڪي مال مِلائي رهيا آهن. پر سيڪو پنهنجي پنهنجي ڌُن ۾ مگن هو. هِڪڙو فقير ٿورو سُر ۾ پيو لڳو جنهن سان گڏ فوٽو بہ ڪڍرايم تہ خوش ٿيو. چيومانس پلا اِهي پنهنجا فقيراڻا هار لاهي ڏي تہ فوٽو ڪڍرايان. مُسڪرائيندي پنهنجي گلي مان هار لاهي مونکي ڏِنائين ۽ مون فوٽو ڪڍائي ڪيس واپس ڪيا. پاڻ پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو ’مونکي فقير اسلم چوندا آهن‘. مونکان پُڇيائين تہ مون بہ جوابن چيومانس: ’هِن ناچيز کي فقير مور ساگر چوَن ٿا.‘ ايئن پوءِ کِلندي کِلندي آري پير جي فقيرن کي الوداع ڪيوسين.

جهانگارا جي ٺـڌي لَسي

آياسين جهانگارا، هِتي بہ شيخ عبدالله جا دوست موجود هئا. جن اسان کي ڪجهہ گهڙيون ترسايو ۽ لسي پياري. اهڙي شديد گرمي جڻ ساهہ ٿو نِڪري ۽ اهڙي حال ۾ جي لسي مِلي سا بہ برف مِليل ٺـڌي، مون يڪا ٻہ گِلاس فُل پِيتا. سائين عبدالجبار نظاماڻي چيو ’مور ساگر تنهنجي لاءِ لَسي بهترين آهي، اچا بہ هِڪڙو گِلاس پي،‘ چيم ’سائين چا ٿا چئو ٻہ گِلاس! وڏي ڳالهہ آهي، اوهان اجان ٿي گِلاس جي صلاح ٿا ڏيو.‘ طبيعت خراب هئڻ ڪري صبح کان ڪجهہ بہ نہ کاڌو پيتو اٿم، هاڻي لسي مان ٿي پورت ڪئي. هي لسي پيارينڊڙ ميزبان ماستر عبدالحڪيم رند هو جنهن جا تهہِ دِل سان ٿورا مڃيندي ڪائنس موڪلائي روانا ٿياسين.

سنڌ جي سهڻن شاعرن رجب آزاد ٻُگهيو، سنجها سرواڻ ۽ فضا غزل جي پَٽن باجارا جهانگارا کي الوداع ڪري اڳتي نِڪتاسين. سج سوا نيزي تي، پٽر جو پنڌ ۽ اسين، بس ڪچهري ڪندا، لطيفا ٻُڌائيندا ڪنهن وقت تاريخ تان پردو هٽائيندا، ايئن سفر کي کُٽائيندا رهياسين. اڳيان ڪهڙي منزل آهي، اِن بابت اسان جي ڪاروان جي اڳواڻ شيخ صاحب نہ ٻُڌايو.

منڇر ڍنڍ (رڻ ۾ سمنڊ)

جبلن جي وِچان پٿرن جو پنڌ ڪندي اوچتو پري کان نظر ايندڙ اَچ تي پئي، ڪو چوَي ته سمنڊ آهي ڪو چوَي ته نه ڌُنڌ آهي، جيئن جيئن ويجها پيا ٿيون ته جڻ اڳيان سمنڊ پيو نظر اچي، پر هِتي جبلن جي وِچ ۾ سمنڊ ڪِٿان آيو اسان کي منڇر ته ذهن ۾ ئي نه هئي، نه ئي ڪو اسان جي سفر ۾ هيءَ پوائنٽ شامل هئي، نه ئي اسان جي علم ۾ هو ته هِن رستي تي منڇر ڍنڍ آهي، تنهن ڪري يقينن اسان جي حيرت جائز هئي. هاٽي فهد ٻه چوي ٿو ته: 'اڳيان هلندڙ اسان جي امير کي ڪير ٻُڌائي ته هِتي بريڪ ڪري ڏِسون ته هي آهي ڇا؟' مون سائين جبار کي چيو ته: 'شيخ صاحب کي فون ڪريو ٻه ٽي منٽ هِن پاسي هلي ته ڏِسون هي ڇا آهي،' بس اجا اسان هِڪٻَئي کي ايئن ئي چئي رهيا هئاسين تيستائين شيخ صاحب وارن جي گاڏي روڊ ڇڏي پاڻي طرف مُڙي اسان سيني چيو 'واهه ڏِسو شيخ صاحب ته دِلين جون ڳالهيون ٻُڌي ويو پاڻ اجا سوچيون ئي پيا ته هو پاڻ ئي اُنهي طرف هليو آهي'.

بِلڪل ڪِناري تي اچي گاڏين کي روڪيوسين. ۽ مونکان سواءِ تقريبن سيئي دوست جوتا لاهي هيٺ پاڻي ۾ لهي پيا. ڪِناري تي فوٽوگرافي ڪئي، بِلڪل ڪنهن سمنڊ جي بيچ نظر اچي رهي آهي اِهو اُن ڪري جو اسان کي پريان ڪو ٻه ڪِنارو نظر نه پيو اچي، صرف حدِنظر تائين پاڻي ئي پاڻي آهي. هِن منڇر ڍنڍ کي هوندئن ٻه ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ هئڻ جو اعزاز حاصل آهي. هِن کان اڳ اسان صرف ڪِن ڪِتابن ۾ منڇر بابت پڙهيو هو.

سيوهڻ کان اولهه طرف اٽڪل 18 ڪلوميٽر جي فاصلي تي هيءَ ڍنڍ موجود آهي. هن ڍنڍ جي ڊيگهه ۽ ويڪر هِڪجهڙي نٿي رهي، ڪڏهن وڏيڪ هجي ٿي ڪڏهن گهٽ هجي ٿي، ڇو ته هي ڍنڍ اونهاري ۾ پربي آهي ۽ سياري ۾ ڇندبي آهي. هوندئن ڪِٿي هِن جي پکيڙ 233 ڪلوميٽر چورس ٻه ٻُڌائي وجي ٿي ته ڪِٿي وري 200 چورس ڪلوميٽر. هي ڍنڍ پاڪستان جي سڀ کان اونهي پاڻي واري ڍنڍ آهي، ڪِٿي پڙهيو آهي ته ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ آهي. منڇر ڍنڍ جي اولهه طرف کيرٿر، ڏکڻ طرف بڊو ۽ لڪي جبل آهن. اوڀر ۾ سنڌو درياه ۽ سيوهڻ جو شهر موجود آهن. هِن ڍنڍ تي

منڇر نالو ڪيئن پيو ۽ ڇو پيو اِهو بحث ٿي رهيو آهي ۽ اِهو مُنجهيل معاملو تاريخ جا ڄاڻو بہ حل نہ ڪري سگهيا. ڪِن هن کي مَن + ڇر جنهن جي معنيٰ مهان پاڻي يا عظيم پاڻي، يا من کي وٽندڙ پاڻي چيو آهي. ڪنهن وري ايراني 'منوچهر' سان ملايو آهي. هِن ڍنڍ جي عمر ڏهہ هزار سال پُراڻي ٻُڌائي وڃي ٿي. 1988ع ۾ هڪ سروي ۾ هِتي آبي پکين جا 50 هزار قِسم ٻُڌايا ويا ۽ 26 قِسم آبي ٻوٽن جا ٻُڌايا ويا هئا، جيڪي يقينن هِن وقت سڀ انگ اکر اڳتي تہ نہ پر پوئتي ضرور ٿيا هوندا.

هاڻي دوستن پاڻي جي پريل بوتلن سان پاهر ڪِناري تي پير ڌوتا، پوءِ واپس گاڏين ۾ ويناسين ۽ اڳتي سفر ۾ نِڪري پياسين. وري بہ پٿرن جو پنڌ، اسين ۽ اسان جون ڪلٽس ڪارون، روان دوان هُيون.

ڳاجي شاهہ جي ڳام مٿيَ

تمام گرم ڏينهن باوجود اسان سفر جاري رکيو. هاڻي اسين ڳاجي شاهہ درگاهہ ڏانهن وڃي رهيا آهيون. تمام گهڻو پنڌ ڪيو. جيڪو پنڌ پٿرن ۽ جبلن جو ٿي هو. ڪاڇي جو سڄو پنڌ ٿي پٿرن ۽ جبلن جو آهي. رستي ۾ لئيءَ جا وڏا وڏا وڻ نظر آيا. ٻبرن جا سِڌا وڻ. ڪجهہ دير لاءِ رستي ۾ بريڪ ڪيوسين. وري اڳتي وڌياسين وقت ٿورو هو ۽ منزل پري هئي.

اڄي اُن هنڌ پُهتاسين جِتيَ جبل جي چوٽيءَ تي درگاهہ ڳاجي شاهہ آهي. شيخ صاحب ٻُڌايو تہ: 'جڏهن ساليانو ميلو لڳندو آهي تہ هي سمورو ميدان، هي وَڻ ٽِڻ سڀ ماڻهوءَ ئي ماڻهو هوندا آهن. تمام گهڻي تعداد ۾ ماڻهو ايندا آهن. ۽ هِتي ڪجهہ مُنفي ڳالهيون بہ گردش ڪن ٿيون.' درگاهہ تمام مٿي هئي، سيڙهين تان چڙهي مٿي وڃڻو آهي. سوچيوسين گاڏين کي ڪنهن ڇانوَ ۾ بيهاريون. پر ڇانوَ نظر نہ آئي، هيٺ سيڙهين جي دنگ تي تنبُن سان اڏيل ننڍڙي بازار آهي، جنهن ۾ اُهي ئي شيون جيڪي هر درگاهہ ٻاهران رکيل هونديون آهن. نظر آيون.

اسان سيڙهيون چڙهندا چڙهندا مٿي پُهتاسين. مٿي آياسين تہ همڙي تتل ڏينهن ۽ تِکي اُس ۾ بہ ڄڻ ميلو لڳو پيو آهي. تمام گهڻي تعداد ۾ عورتون نظر آيون، جيڪي ٻهراڙيءَ جون لڳيون پي ۽ ڪجهہ شهري عورتون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه هيون. مرد نالي ماتر هئا. گهٽائي عورتن جي هئي. هِتي ديڳيون ورهايون پي وِيون. تهري پت هو جيڪو اسان ٻه ٻه ٽي گراهه ٽيسٽ خاطر کاڌو. اڃا مٿي وياسين ته اُتي عجيب رنگ نظر آيو ٻه ٽي جوان همراهه جنهن مان هِڪڙو ستار وڄائي رهيو هو هِڪڙو بين ۽ هِڪڙو طبلو سندن سامهون هِڪڙي عورت گُلابي جوڙي ۾ کُليل وارن سان ڪنڌ کي تيز ڏوٽي رهي هئي. اڃا ويجهو ٿياسين ته ڏِٺوسين ته عورت جي گوڏن هيٺ ويهاٽو رکيل آهي. وار کُليل ۽ پوتي لٽل اَٿس. جيڪا هيٺ ڪنڌ ڪري ته گلي مان سندس ڇاتيون صاف ظاهر ٿين پيون. جيڪي سامهون ٿيئي همراهه ساز وڄائي رهيا هئا. جنهن مان هِڪڙو همراهه جنهن جي مُڇن کي ٻه شايد ڪلر ٿيل هو ستار وڄائي رهيو هو. جيڪو مُسلسل عورت جي ڇاتين ڏي ڏِسي رهيو آهي. ڪنهن ڪنهن وقت آڏي نظر سان هيڏانهن هوڏانهن ڏِسي پيو نه ته وري ٻه مٿو ڏوٽيندڙ عورت جي ڇاتين ڏي سندس نظر پئي وڃي. هي سڀ منظر عجيب لڳي رهيا هئا. پر ماڻهن ويچارن کي اِن اَبوجهائپ ڪان خبر ناهي چوٽڪارو مِلندو ٻه يا نه. اڃا مٿي وياسين اُتي هي گاجي شاهه جي مزار موجود آهي. ان جي پاسي ۾ ئي مسجد ٻه موجود آهي. جمع جو ڏينهن هو پهرين ته چيوسين نماز هِتي پڙهجي. پوءِ وري سيني دوستن چيو ته اڳيان ڪِٿي ٿا هلي پڙهون.

گاجي شاهه لاءِ ڪوڙ ڳالهيون. ڏند ڪٿائون. روايتون. ڪتابن ۾ ۽ ماڻهن جي واتان ٻُڌڻ/ مِلن ٿيون. جيئن هڪ ڳالهه اِها ٻه مشهور آهي ته (هِتي آس پاس ڪِٿي ٻه انب ناهن ٿيندا. جنهن لاءِ چوندا آهن ته: ڪافر هِتي آباد هوندا هئا ۽ انبن جا باغ سنڀاليندا ڪائيندا هئا. جيڪا ڳالهه گاجي شاهه جي مريدن کي نه وڻي. تِن گاجي شاهه کي چيو ته: 'هنن ڪافرن کي هِتان ڀڄاءِ' گاجي شاهه پُڇيو ته: 'اُهو هِت ويٺا ڇو آهن؟. ڇا ڪندا آهن؟' مريدن چيو ته: 'انبن جا باغ آهن پيا ڪائين پيئن.' تنهن تي گاجي شاهه چيو ته: 'نيڪ آهي. آئون انبن کي ڪٻڙ ٿو بنايان.' ڇا ڏِسن ته سڀ انب ڪٻڙ ٿي ويا ۽ ايئن ڪافرن مان جان ڇُٽي).

هِتي مزار جي هيٺين پاسي اسان کي هڪ ڪچي پٽ وارو ڪمرو نظر آيو جنهن جي دروازي مٿان 'جانڊهه' لکيل هو جنهن تي اسان ويٺلن ڪان

پُڇيا ڪئي, ’هي ڇا آهي؟‘ چيائون: ’سائين گاجي شاهہ جو ’جنڊ‘ آهي‘, جنڊ ڪي جانڊهہ ڇولِڪيو ويو آهي, اِن بابت خبر ناهي. (هن ڇَڪيءَ مان فقير پاڻ اَن پيهندو هو. پوءِ ٽِڪيون يا روٽ پچائيندو هو جڏهن پچائي تيار ڪندو هو تہ اُتي جيڪي بہ موجود هوندا هئا, اُنهن کي سڏ ڪري چوندو هو ’اچو بابا گاجي شاهہ جو ننگر تيار آهي‘).

اسان فوٽوگرافي ڪئيسين, آس پاس آخري نظر گُهمائي تہ هِڪ پاسي کان بہ نوجوان ناريون موبائل تي ڳالهائي رهيون هيون. ۽ مُسڪرائي رهيون هيون. هيٺ جڏهن لهي آياسين تہ اُن موجوده ننڍڙي بازار ۾ بہ نوجوان ناريون پِني رهيون هيون, جنهن سان اينڊڙ ويندڙ زائرين عجيب جملا ڳالهائي رهيا هئا, ۽ هو بہ تمام تيز نظر اچي رهيون هيون, ايئن پيو محسوس ٿيئي تہ هنن جي مجبوري کان وڌ هنن جي عادت يا شوق آهي.

ٽنڊو رحيم ويجهو آهي

هاڻي اسان کي ٽنڊو رحيم ويجهو آهي, گاجي شاهہ کان ڇهہ ست ڪلوميٽر جي فاصلي تي هي شهر آهي, جيڪو سنڌ جي ٻين ڪوڙ شهرن جيئن بي ترتيب ڀڳل ٽُٽل روڊ, روڊن جي پاسي ۾ گند ڪچري جا ڍير, هي شهر آهي تمام تاريخي, انگريزن جي دؤر ۾ هي ٿاڻو هوندو هو. اسانکي تہ ٽنڊو رحيم جي پاسي ۾ جمالين جي ڳوٺ ويجهو هو, جِتي اسان جي منجهند جي ماني جو بندوبست ٿيل آهي. ٽنڊو رحيم پُهتاسين بہ تي پيرا شيخ صاحب گاڏين کي اڳتي پوئتي ٽنڊو رحيم جي گلين گهٽين ۾ گهمايو. نيٺ ڪنهن ماڻهو کان پُڇا ڪئسين تہ ڳوٺ مُراد جمالي (هليجي) ويجهو آهي. جنهن رستي جو ڏَس ڏِنو ڪجهہ وقت ڪچي جو پنڌ ڪري گاڏيون هڪڙي ڳوٺ ۾ اچي ويون, هِتي ميزبان صاحبان اڳ ۾ ئي انتظار ۾ بيٺا هئا, جيڪي اسان جي گاڏي کي ڦيرائي اوطاق تي وني آيا. اوطاق تي انتظار ۾ بيٺل ميزبان اسان سان مُرڪي مِليا, حال احوال کانپوءِ گڏجي کاڌيسين منجهند جي ماني.

هِن کان پهرين جڏهن اسان جي ساٿي ٽيم ڪوهستان جو سفر ڪيو هو تہ اُتي بہ مختلف ڳوٺن ۾ ماڻهن اسان جي ايئن ئي آجيان ڪئي هئي, هاڻي هي ڪاڇي جو سفر بہ ايئن ئي آهي, ساٿيون ئي محبتون ماڻهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ نظر آيون، ساڳيو ئي خلوص نظر آيو. منجهند جي ماني ۾ ڇيلو تيار ڪيو ويو هو. اُن سان گڏ انب، اڇا چانور، ڪٽڪ جون مانيون، پر افسوس جو مونکي اڄ طبيعت اهڙو سوگهو ڪيو هو جڻ روزو رکيو ويٺو آهيان. هِتي به آئون پاڻي پي سُمهي رهيس، باقي سِيني دوستن خوب ڪائي ڍئو ڪيو. ڪچهري دوران حافظ عبدالغني جمالي ٻڌايو ته: 'هي ڳوٺ تاريخي ڳوٺ آهي، اوهانکي رستي ۾ ڪجهه مزارون ۽ قبا نهيل نظر آيا هوندا؟' چيوسين: 'هائو بلڪل اُنهن جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو'

حافظ عبدالغني جمالي ٻڌايو ته: 'اسان 'جنگو جمالي' سڏبا آهيون، توهان رستي ۾ جيڪو قبرستان ڏِٺو اُهو 'جنگواڻي قبرستان' سڏبو آهي، اِهي سڀ جنگ ۾ شهيد ٿيل آهن. جنگ جيڪا ڪوسن سان هئي، ۽ اُها به ٻڌايائين ته: 'هڪ عورت پُنيان هئي،' منهنجي هِڪ اندازي موجب ته پُراڻي دؤر ۾ عورتن تان جنگيون لڳنديون هيون. ۽ ايئن قبرستان وجود ۾ اچي ويندا هئا. جيڪي هاڻي موجوده دؤر ۾ ڪِٿي به نٿا ٻُڌجن. ٿين ٿا واقعا پر تمام گهٽ، ايئن سڄي جا سڄا قبرستان نٿا نهن. شايد اِهو فرق صرف ۽ صرف علم جي ڪري آهي، اُن دؤر ۾ علم نه هو. تنهن ڪري هِڪ عورت تان سوين مرد، عورتون ۽ ٻار شهيد ٿي ويندا هئا.

هنن جمالين جا مختلف پاڙا آهن. جيئن جَنگواڻي، مُريداڻي، حَملاڻي، رُستماڻي، جمالي قبيلن ۾ سڀ کان پهرين مريد خان جمالي هِتي آيو. جيڪي مُريداڻي سڏبا آهن. حَملاڻي ٽنڊو رحيم واري پاسي رهن ٿا. جَنگواڻي قبرستان جيڪو هليليءَ ۾ موجود آهي، هي مقبرا به ٽالپرن جي دؤر جا لڳن ٿا. جمالين جو سردار قبيلو مُريداڻي سڏجي ٿو. هِن ڪي ٽِن مرحلن ۾ وِرهايو ويو آهي، مُريد خان جمالي، هيرو خان جمالي ۽ بهاوَلپور. مُريداڻي اصل ۾ بلوچستان جي لوهي علائقي ڪان لڏي هِتي اچي آباد ٿيا.

ڪجهه وقت تاريخ جي دري کُلي، ڪجهه پلئه پيو (۽ مون ڪجهه نوٽ ڪيو، ڪجهه ذهن جي رڪارڊر ۾ رڪارڊ ڪري ورتم. جيڪو گهر پهچڻ ڪانپوءِ پنهنجي سفرڪٿا ۾ لکندس). بعد ۾ نماز پڙهي دُعا گُهري، وري بيهر سفر لاءِ نِڪتاسين. اسان سان گڏ اسان جو ميزبان حافظ عبدالغني جمالي به پنهنجي موٽر سائيڪل تي اسان سان گڏ هليو جيڪو رستو ڏيکاريندو هليو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واهي پانڌي ڏانهن پنڌ

گاڏين کي سِڌو واهي پانڌي جي پوليس اسٽيشن اڳيان اچي بريڪ ڪيوسين، جِتي اسان گاڏيون پارڪ ڪيون، اُن کان پهرين يونيورسٽي جي بس بہ پارڪ ٿيل هئي. اسان چيو تہ: ’واهہ ابا يونيورسٽي جا شاگرد بہ اُتي ويل آهن‘. اسان بہ يونيورسٽي جي بس پرسان پنهنجون ڪارون پارڪ ڪيون ۽ هِتان کان بہ جيپون پاڙي تي ڪنيوسين جيڪي ڪالهہ کان ئي بُڪ ٿيل هُيون. هي جيپون بہ جمالي برادري جون هيون، هِتي لڳي ٿو تہ جمالي وڏيڪ آهن.

اسان جو دوست لهڻو خان ’سارنگ جمالي‘ جيڪو ڪجهہ مهينا پهرين هِڪ روڊ حادثي جو شِڪار ٿي ويو هو پُڻ هِتان جو هو ۽ اسان کي گورک گُهمڻ لاءِ دعوتون ڏيندو هو. پر اُن سان گُهمڻ قسمت ۾ نہ هو. بهترين ۽ بهادر دوست هو، وڏيرن سان اصل طبيعت نہ لڳندي هُئس، اُنهن جي سامهون اليڪشن ۾ بہ بيٺو. واهي پانڌي مان ۽ ڪراچي مان چيائين ڪٽيندس نہ پوءِ بہ وڏيرن کي اِهو پيغام تہ پهچندو تہ ’ڪو تہ اسانجي مردِ مقابل آهي‘

واهي پانڌي جو شهر ڪو خاص تہ ناهي، پر ڀرپاڙي جو شهر آهي ڪاروباري مرڪز لڳي ٿو. اسان کي عبدالغني جمالي ٻڌايو تہ: ’ساوا مرچ پوري سنڌ مان هِتي وڏيڪ ٿين ٿا ۽ وڏي منڊي لڳي ٿي، جيڪي پري پري شهرن ڏانهن ايڪسپورٽ ٿين ٿا.‘ ٿورو اڳيان هلياسين تہ ساڳيو ئي همراه جنهن لسي جي طلب ڪئي هئي، تنهن وري بہ ميزبان کي فرمائش ڪئي تہ: ’ڪمند جو جوس پيار‘ جنهن ڪمند جو جوس پياريو پئسا سائين جبار کيس موٽائي ڏِنا. پر اِن همراه رتوديرو واري تي سائين شيخ عبدالله ڪاوڙ جو اظهار ڪيو تہ: ’ميزبان سان فرمائشون نہ ڪبيون آهن. اسان کي چئو ميزبانن کي ڪا بہ ڳالهہ نہ چئو.‘ جنهن تان بہ رستي ۾ ڪافي تبصرا ٿيندا رهيا.

واهي پانڌي جيڪو ڪاڇي جو مرڪزي شهر سڏجي ٿو کان گورک جو فاصلو ستر ڪلوميٽر ٻُڌايو پيو وڃي، ۽ ڊرائيوَر کان پُڇيوسين جنهن ٻُڌايو تہ: ’پورا بہ ڪلاڪ لڳندا گورک پُهچڻ تائين.‘ واهي پانڌي کي ڇڏي پٿرن جو پنڌ شروع ڪيوسين. فور باءِ فور جيپون اصل لَٽ اُڏائينديون روانيون ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گورک هِل ڏانهن گهٽ

رستو جابلو وَرَ وڪڙ واريون چڙهايون، هيٺ متي لاهيون چاڙهيون. مونکي سيف الملوڪ ڍنڍ جو پنڌ ياد اچي ويو 2006ع ۾ ويو هئس اُن وقت اُهو رستو هِن گورک ڏانهن ويندڙ رستي کان به وڌيڪ خطرناڪ ۽ ڏکيو هو. رڳو پٿر ئي پٿر هئا. هاڻي ٻڌو اٿم ته بهترين رستو ناهيو اٿن. پر هِتي به رستو صحي نهيل آهي، باقي آهي ئي جبل سو ڏُکايون ته هونديون. منهنجي طبيعت بهتر نه هئڻ جو فائدو صرف هِتي اچي ٿيو جو مونکي اڳين سيٽ مِلي، بند جيپ ۾ پوين سيٽون ويتر سفر کي ڏُکيو بڻائين ٿيون، ٽڪائي وجهن ٿيون، ڪرچات کان ڪيرٿر جبل جو پنڌ ٿو ياد اچي، اُهو به اهڙين ئي جيپن ۾ ڪيو هو پر اُهي اجا به ٿوريون ويڪريون هيون ۽ اوپن (کُليل) هيون تنهن ڪري ڪجهه فائدو هو پر پوئين سِيٽ وري به ٽڪائي وِڌو هو. سو هِن ڀيري مونکي فائدو اِهو ٿيو جو اڳين سِيٽ مِلي ويهڻ لاءِ ۽ ڏاڍو مزي سان سڀ منظر ڏِسندو رهيس. لاهيون چاڙهيون لَڪَ ۽ لَنگهه. هِڪ ڳالهه نوٽ پئي ڪئي ته هر اڌ ڪلاڪ کان پوءِ جيپن کي بيهاري پاڻي پي وِڌو ويو. اِن سان اسان کي به فائدو پي ٿيو جو هيٺ لهي ٿورو بدن کي آزاد ڪري تازي هوا پي ورتي، ۽ فوٽوگرافي به پي ڪئي. اڌ پنڌ تي ته پاڻي جو چڱو خاصو ٽينڪ نهيل هو جِتي جيپ بيٺي اسان کان اڳ به قافلا بيٺا هئا. هِتي پاڻي جا به پائپ هئا ٿڌو ۽ گرم ٿڌي پائپ مان هٿ مُنهن ڌوتا وضو به ڪيو. اُن ٽينڪ جي ڇِت تي نماز به پڙهي، هِتي به فوٽوگرافي ڪئيسين پوءِ اڳتي روانا ٿياسين. جڏهن ٿورو پريرو ٿي ڪنهن جيپ کي ويندو ڏِسجي ٿو ته ڊپ پيو لڳندو ته ڪِٿان وڃي رهي آهي، پر جڏهن پنهنجي جيپ اُتان لنگهي ٿي ته پوءِ ڪو ڊپ نٿو ٿئي، بلڪِ ڄڻ ڪجهه محسوس ئي نه پيو ٿيئي.

ڪاوَل لَڪَ لنگهاسين

جڏهن هِڪ تمام وڏي چڙهائي چڙهون ٿا ته ڊرائيوَر ٻڌائي ٿو: ’سڄي رستي مان وڏي ۾ وڏي ۽ ڏکي چڙهائي اِها آهي ۽ هِن لَڪَ کي ڪاوَل لَڪَ چيو وڃي ٿو.‘ چڙهائي چڙهي پوءِ جبل جي اندر لَڪَ نهيل آهي، واقعي ئي تمام ڏُکيو رستو چڙهائي توڙي وري هيٺ لهڻ. اگر ڪو نئون ڊرائيوَر هُجي ته

مشڪل سان گاڏي سنڀالي سگهي ٿو. ڪجهه ڏينهن پهريان ’سجيلا لغاري‘ جي گاڏي پُڙ هِن ئي لَڪَ تي ڪلٽي ٿي هئي، پر معجزي طور ڪِناري تي وڃي اٽڪي بيهي رهي، اگر هيٺ ڪِري ها ته شايد ڪو به زنده نه بچي ها. اُها جڳهه ڪِنارو به ڊرائيوَر ڏيکاريو. اسان ڪاوَل لڪ جي خوب فوٽوگرافي ڪئي.. وري چڙهياسين جيپن ۾ ۽ اڳتي روانا ٿياسين.

گورک هِل اسٽيشن جِتيَ برسات پاڪر پائي مِلي

به ڪلاڪ پورا پهاڙي پنڌ طئه ڪري اُنهيءَ ئي منزل تي پُهتاسين جنهن لاءِ صبح کان پنڌ ۾ هئاسين. گورک هِل کي سامهون ڏِسي خوشي ٿي ته پنڌ کان فِي الحال اڄ جي رات آزاد ٿياسين. پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي پري کان خوبصورت ريسٽ هائوس نظر اچي رهيو آهي. اسان جي پنڌ ۽ هِن منظر کي خوبصورت بڻائڻ لاءِ برسات اُپ تان هيٺ لهي اچي اسان جي آجيان ڪئي، جيئن ئي گاڏين کي پارڪ ڪري هيٺ لٿاسين ته برسات پاڪر پائي اچي مِلي، ۽ پوءِ ڊوڙي اندر داخل ٿياسين. خبر پئي ته ريسٽ هائوس پريان آهن هي ته هوٽل آهي، هوٽل ڏاڍي خوبصورت آهي ۽ هِڪڙو وڏو جنرل اسٽور جنهن تي ڪولڊ ڊرنڪ کان وٺي گوري دوا تائين سڀ شيون موجود آهن. هِن هوٽل ۾ به هِڪ وڏو هال آهي رهائش لاءِ. هِڪ ته منزل تي پُهتاسين، ٻيو ته شام جو منظر سِج پهاڙن پويان لهي رهيو هو. ٽيون وري جو برسات پئي ته پوءِ قدرت جي ساري سونهن عيان هئي جڻ.

ڪجهه دير برسات وسندي رهي اسان به فوٽوگرافي ڪندا رهياسين، مووي رڪارڊ ڪندا رهياسين. جيئن جيئن رات پوندي وئي ته اسان رهائش لاءِ ڪوشان هئاسين. اڄ ڪجهه وڌيڪ ئي ماڻهو آيل هئا. تنهن ڪري ريسٽ هائوس ۾ ڪو روم مِلي، ممڪن ئي نه هو. همراهن ٻُڌايو ته اسان وَٽ ريسٽ هائوس جي بُڪِنگ آن لائين هوندي آهي، ڪيتري صداقت آهي خبر ناهي پر اسان پنهنجي پوري ڪوشش ڪئي پر همراهه چيو ته منهنجي وس جي ڳالهه ناهي، پوءِ هوٽل ۾ موجود هال جو ڳالهايو ته اُهو به اڳوات بُڪ ٿيل آهي. هاڻي سائين جبار کي چيوسين همت ڪر بسترن جو بندوبست ڪر ٻاهر لان ۾ ئي سُمهي رهنداسين، ڪِٿي بسترا به نه ختم ٿي وڃن. شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالله چئي تہ واپس هلون رات هلي جوهي ۾ رهون اسان سيني چيو سائين ايئن نہ ٿيندو رات هِتي ئي رهبي ڏُکي يا سُکي اسان ۾ هاڻي ايتري پنڌ ڪرڻ جي همت ناهي. سائين عبدالجبار همت ڪئي جو بسترا ورتائين. پر بسترن وارا بہ اهڙا جو چار بسترن ڪان وڌيڪ نہ پيا ڏين. اسان بہ گروپ ٺاهيا ٺل ڪري چار چار بسترا وني پوءِ گڏ لڳائي ڇڏياسين. هوٽل ۾ ئي کُليل اڱڻ تي مٿان صرف ڇت اڏيل آهي ۽ قدرتي هوا چا تہ سُڪون آهي.

رهائش جو بندوبست ٿي ويو هاڻي وري فِڪر ٿيو پيٽ جو هوٽل اندر وياسين ماني جو بہ بندوبست هو عام هوٽلن ڪان ڪجهہ مهانگي هئي. پر ايتري گهڻي بہ نہ. هِتي ايتري پنڌ تي ۽ ييو تہ اڪيلي هوٽل هئي، تنهن ڪري جيڪو بہ وٺن ماٺهو ڏيندا. ماني، پوڙ برياني وغيره جنهن جيڪو کائڻ پسند ڪيو گهرايوسين. مٿان وري چانهہ پيتي. هاڻي سارا ٿڪ لهي ويا. اڃي پنهنجن بسترن پيڙا ٿياسين، ڏِٺوسين تہ جِن همراهن بسترا وٺڻ ۾ سُستي پي ڪئي تِن کي هاڻي بسترا لڳائڻ لاءِ جاءِ بہ نہ پي ملي، پريشان هئا. اسان ڪچهري ڪرڻ جي موڊ ۾ هئاسين، پر سفر جي ٿڪاوَٽ بہ ڏاڍي هئي. منهنجي تہ اڄ طبيعت صفا ساٺ نہ پي ڏِنو وڏي مشڪل سان ايترو سفر طئہ ڪيو اٿم. سويري ئي سُمهي پيس.

اڌ رات گُذرڻ ڪانپوءِ آواز ڪنن تي پيو. سوڙهہ مان مُنهن ڪڍان تہ پاسي ۾ وڏي محفل لڳي پئي آهي، همراه جهومن پيا، نچن پيا ڳائين پيا. ڳائڻ وارو فنڪار ڪير هو اُتي ڏِسڻ جي همت نہ ٿي، پر سريلو پي لڳي. شيخ اياز ۽ استاد بخاري کي پي ڳاياائين، پر ٻُڌڻ وارا شايد سُر ۾ نہ هئا جو رڳو ئي هوڪرا پي لڳا شايد پياڪ هئا. سندن ڊانس جي انداز مان بہ ايئن پي لڳو تہ همراهہ وڏا پياڪ آهن. اڄ هي خاص محفل ڪرڻ هِتي آيا آهن. صبح خبر پئي تہ اُهي MNA رفيق جمالي جي پُٽ جا دوست هئا. اُهو بہ ساڻن گڏ هو ۽ رات ريسٽ هائوس نہ مِلڻ جو ڪارڻ بہ شايد اِهو ئي هو.

اسان رات تہ ڏاڍو سُڪون سان گُذاري وياسين. صبح سِج اُڀرڻ کان پهرين ئي سجاڳ ٿياسين. جن کي نماز پڙهڻي هئي تِن نماز پڙهي. پر اسان جي سفر ۾ تقريبن سيئي نماز پڙهندڙ هوندا آهن. هاڻي اسان زيرو پوائنٽ تي ويندا سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بينظير وِيو پوائنٽ

گورک هِل جي شايد سڀ کان آخري چوٽي آهي جنهن کي ’بينظير وِيو پوائنٽ‘ نالو ڏنو ويو آهي ۽ هِن کي ’زيرو پوائنٽ‘ پُڻ چيو ويجي ٿو.

صبح ڪجهه ماڻهو پنڌ به هِتان کان ايندي ويندي ڏٺاسين اسان به چاهيو ته پنڌ هلجي، پر ڪجهه دوستن منع ڪئي ته پنڌ نه پهچنداسين ٿڪجي پونداسين. تمام مٿي چوٽي آهي، جڏهن پهتاسين زيرو پوائنٽ ته هِتي به واهه جا نظارا هئا ۽ هِتي ڪجهه نظارا ڪرڻ لاءِ بينچون ۽ ڇتري نما ڇانوَ به ٺهيل هئي، هِتي ويهي ماڻهو چئني پاسن جو نظارو ڪري پيو سگهي ۽ هڪ ڊِگهو ور وڪڙ وارو رستو به ٺاهيو ويو آهي، جنهن کي هڪ طرف کان لوهي گِرل لڳائي وئي آهي. هِن گِرل کان هيٺ ڏِسبو ته تمام هيٺ هزارين فوٽ هيٺ نظر هلي ويندي.

غلام مصطفيٰ ميمڻ جيڪو ڪي ٽي اين جو نمائندو به آهي، گِرل تي ٽيڪ ڏيئي هيٺ اونهائي ڏانهن ڏِسندي ڪيس چوان ٿو. مصطفيٰ يار عجب اِهو آهي ته مون ڪافي ڪِتابن ۾ پڙهيو آهي، يا ڪڏهن ڪنهن جو لِکيل ڪو مضمون ته اُن ۾ هِن گورک جي اوچائي جا صحي انگ اکر خبر ناهي ڪهڙا آهن، سيني ۾ مختلف آهن. مزي جي ڳالهه ٻُڌايائين ته: هِڪڙي ڪِتاب ۾ 5889 فوٽ اوچائي لِکيل آهي، ساڳين ئي ڪِتاب ۾ ٻي هنڌ لکيل آهي ته کيرٿر جي اوچي ۾ اوچي چوٽيءَ ڪُتي جي قبر ۽ گورک آهي، 7200 فوٽ لکيل آهي، ۽ جنت السنڌ ۾ هن کيرٿر جي اوچي ۾ اوچي چوٽي 5000 هزار فوٽ لکيل آهي، اُها به ڪُتي جي قبر واري جاءِ هِن کيرٿر جي ڊيگهه ٽوٽل 315ڪلوميٽر ٻُڌائي ويجي ٿي. هي جبل سنڌ جي ڏاکڻين حِصي کان شروع ٿي اُترين حِصي تي ختم ٿئي ٿو. ساڳي نموني هِن جبل کي هِڪڙن ڪِتابن ۾ ٽِن حصن ۾ ورهايل آهي، کيرٿر، ڏاڙهيارو، پب ۽ ڪِن ڪتابن ۾ وري پنجن حِصن ۾، کيرٿر، پب، ڏاڙهيارو، سورجان ۽ ڪارو جبل، اجا هِڪڙي ٻي ڪِتاب ۾ ته هِن جي ڊيگهه صرف 150ڪلوميٽر لکيل آهي، ۽ هن کي پٽ جبل، ڪرو ۽ کيرٿر ۾ ورهايو اٿس، ۽ اوچائي 5688 فوٽ ٻُڌائي ٿو. هاڻي پيلا اسان ڪهڙي ڪِتاب تي اتفاق ڪريون. خير ڇڏ ڪٽي... اِهو پاڻهي تاريخ ۽ تحقيق لکڻ/ ڪرڻ وارا سِڌو ڪندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ تہ چئون ٿا جيڪڏهن گورنمينٽ اجا هِن کي وڌيڪ خوبصورت بڻائڻ چاهي تہ ٻي طرف پُڻ اهڙي ئي چوٽي آهي ۽ وچ تي ڪيبل ڪار سِسٽم هلائجي ٻي پاسي پارڪ ٺاهجي تہ اجا بہ هِن پوائنٽ جا ڪيترا ئي رنگ نِکري نِروار ٿيندا. گورک جڻ وڌيڪ نِکري پوندو ۽ ايندڙ سياحن کي اجا وڌيڪ لُطف اِيندو. قدرتيءَ خوبصورتي تہ موجود آهي، پر گورنمينٽ طرفان اجا ڪا بہ اهڙي ڪوشش نہ ورتي وئي آهي جو چئجي تہ ها گورنمينٽ کي دِلچسپي آهي. آئون سمجهان ٿو گورنمينٽ نيڪ نيتي سان هن پوائنٽ تي ڪم ڪري تہ سنڌ جا ماڻهو مري کان پريان ايوبيہ گلي تائين نہ وڃن. اهڙو سڀ ڪجهہ هِتي بہ ٿي سگهي ٿو پر هِڪڙي ٻي بہ ڳالهہ ٻُڌڻ ۾ آئي تہ هِتي اڳواڻ رفيق جمالي آهي، تنهن ڪري هِتي هر طرف صرف جمالي ذات جو ئي ماڻهو ٿي سگهي ٿو. جيئن تہ جيپن وارا بہ جمالي تہ هوٽل تي ڪم ڪندڙ سڀ جمالي، ريسٽ هائوس سنڀاليندڙ جمالي تہ جنرل اسٽور هلائيندڙ بہ جمالي. چوڪيدار وغيرہ سڀ جمالي، ۽ ٻي ڪنهن ماڻهو کي اجازت ناهي تہ ڪو پنهنجو هٽ قائم ڪري يا هوٽل. اِها سوچ اگر هوندي تہ پوءِ ڪا ترقي ٿئي ممڪن نٿو لڳي.

هِن پوائنٽ تي خاص ڪري صبح پهرين ڪِرڻن ۽ جڏهن لَڙي سج لڪن تان اِهي ٻئي پهر فوٽوگرافي لاءِ انتهائي بهترين آهن. اسان بہ سج جي پهرين ڪِرڻن سان گڏ هِتي پهُتا آهيون، مصطفيٰ ۽ مون هڪٻئي جا فوٽو ڪڍيا ۽ پوءِ سيلفيون پُڻ آخر ۾ سيني گروپ فوٽو ڪڍرايو.

هاڻي اسان گورک هِل جي چئني طرفن تي آخري الوداعي نظرون وجهي جيپن ۾ چڙهي روانا ٿياسين. ساڳين پنڌ پهاڙ جا، ساڳي لڪ لنگهياسين. واهہ مُرشد لطيف سدا جيئو:

چُلي چڙ مَ چيرين، ڏُلي چڙ مَ ڏيهہ،
پسيو وَڻ وطن جا، وڙڪيو اچيو ويهہ،
سجڻ ۽ ساٿيهہ، ڪنهن اٽاسيءَ وِسري.

واهي پانڌي پُهچي پنهنجي ڪارُن ۾ ويناسين. مصطفيٰ ميمڻ چيو تہ هاڻي هلون ٿا جوهي اُتي منهنجو دوست آهي، جنهن وٽ ناشتو رکيل آهي، پوءِ اڳتي هلنداسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوهي جي جُوءِ ۾

جوهي پُهتاسين، تعلقه اسپتال جي پُڇا ڪئيسين، جنهن طرف ٻڌايو ويو ، اُن طرف رُخ رکيوسين، اسپتال پُهچي مصطفيٰ دوست کي فون ڪئي. ڪجهه گهڙين ۾ دوست آيو جيڪو پاڪرين مِليو، اسان کي وٺي گهر اچيان گاڏيون پارڪ ڪرايائين. ڪجهه دير ويٺاسين ۽ دوست سان تعارف وغيره ٿيو. دوست جو نالو محمد فضل ٿهيم هو، هِتي سرڪاري اسپتال جي ايمبولينس جو ڊرائيور هو هِن کان پهرين ٽاٽو بولاخان ۾ ڪافي عرصو رهيو هو شيخ عبدالله ۽ مصطفيٰ ميمڻ سان تڏهن کان واسطو اٿس. اسان ڪجهه دوست ڪار ۾ سوار ٿي شهر ۾ وڃي تڙ وغيره ڪري آياسين. احمد خان مدهوش ۽ خليل عارف سومرو جو هي ’جوهي جو شهر‘ تمام سُٺو پيو لڳي. هي شاعر به ٻئي سُٺا آهن. خليل عارف ته دوست رهيو آهي، ساڻس خط و ڪتابت هوندي هُئي. احمد خان مدهوش خليل عارف سومرو جو والد آهي، مدهوش جي غزل جا ڪُجهه بند آهن:

ٻول ٻاراٽو ڪري، ڪنهن سان نه ٻاراٽي ڪجي.
جيڪڏهن ڪنهن سان ڪجي ڪا ڳالهه مرداٽي ڪجي.
قول کان اڳ سوچجي ۽ واعدو سمجهي ڪجي،
آڳرين سان ليڪ پائي، ڏار چو پاٽي ڪجي؟
چاڙهي ٻيڙيءَ تي نه ڪيجن ڪنهن جا تختا اي سڄڻ!
وقت تي واهر ڪجي ۽ ساهه سر ساٽي ڪجي.
لائجي ڪنهن سان ته اُن سان زندگيءَ ڀر ڏورجي،
توڙ اي ”مدهوش“ پنهنجي نيث آڪاٽي ڪجي.

جوهي جو شهر تعلقي هيڊڪوارٽر آهي تنهن ڪري ڪُجهه بهتر حالت ۾ آهي، پر ڪِٿي ڪِٿي. باقي عام طور نه ئي خراب شهر چئي سگهجي ٿو نه ئي سُٺو. آياسين واپس فضل جي فيض ۾.

هِن دوست ڪُلي دِل سان اسان جي مهمان نوازي ڪئي. اُتي ئي شيخ عبدالله جا ٻيا دوست مولوي صاحبان اچي ويا. جيڪي گهڻو منع ڪرڻ جي باوجود به زبردستي پنهنجي مدرسي وٺي ويا. جِتي اسانکي فروٽ ۽ ڪولڊ ڊرنڪ ڏِنو ويو. ساڻن به ڪلاڪ اڌ ڪچهري ٿي. ٻاهر نِڪتاسين حافظ

صاحب گليءَ مان هلندي مصطفيٰ ميمڻ کي ٿو چوي: توهان صحافي آيو هي گليون نوٽ ڪريو ۽ پنهنجي ڪالمن ۾ لکجو ته ڪيڏو گند ڪچرو آهي، نه ڪا صفائي آهي ۽ نه ڪجهه، سڀ بجيٽون کائي ٿا وڃن. مصطفيٰ موٽ ۾ چيو، سائين رڳو جوهي ناهي پر ساري سنڌ جي شهرن جي ساڳي ئي حالت آهي. جِتي به وڃو جنهن به شهر وڃو اوهان کي روڊ اُکڙيل نظر ايندا، گلين ۾ ڪچري جا ڍير نظر ايندا. حافظ صاحب وارن کان موڪلايوسين، هنن هڪڙو شاگرد موٽر سائيڪل تي اسان جي اڳيان روانو ڪيو ته جيئن اسان کي جوهي کان ڀان سعيد آباد وارو روڊ ڏيکاري، دادو کان وڃو ٿا ته اسانجو پورو اڌ ڪلاڪ زيان ٿو ٿئي، تنهن ڪري هي وچان شارٽ ڪٽ آهي. روڊ اجا هاڻي تعمير پيو ٿئي، بهرحال هڪ ڳالهه نوٽ ڪيم ته ڄامشورو جيئن ئي ڇڏيوسين ته اسان کي روڊ سڀ جا سڀ نوان نظر آيا ۽ تمام سُنا، هِتي جا ماڻهو هنن روڊن کي ڪمپني وارا روڊ ڪري پيا چون، شايد ڪنهن ٻاهر جي ڪمپني تعمير ڪيا آهن. باقي پاڻ واري ٺيڪيدارن جا ته افعال ئي ناهن، جهڙا روڊ آهن. ڀان سعيد آباد روڊ تي سيوهڻ جي ويجهو قلندر سي اين جي اسٽيشن تي سي اين جي پرائڻ لاءِ گاڏي لائين ۾ هنئين. اسان سائين عبدالجبار شيخ صاحب ۽ ادا منظور وارن نماز پڙهي، آئون، فهد احمد ۽ شعيب فوٽوگرافي کي لڳي وياسين. هي سي اين جي اسٽيشن ٻين کان ٿورو مختلف آهي، انهيءَ ڪري جو هِتي سيني جانورن جا وڏا مجسما ٺهيل لڳل هئا، ۽ فيملي پارڪ پڻ ٺهيل آهي. اسان موقعي جو فائدو وٺندي خوب فوٽوگرافي ڪئي.

قلندر شهباز جي نگريءَ سيوهڻ ۾

هاڻي سيوهڻ جي شهر پُهتاسين، قلندر جي نگري ۾ اچجي ۽ قلندر سان نه مِلجي ايئن ٿي نٿو سگهي، گاڏيون سِڌو درگاهه ٻاهران ڪار پارڪنگ ٺهيل آهي، اُتي پارڪ ڪيوسين، اڄ به گرمي ۽ سج جي تپش واهه جي آهي، جيئن ئي پيرَ جوتن مان ٻاهر ڪيدي فرش تي رکياسين ڇڻ ٽانڊن تي پيرَ پيا پوَن.

قلندر جي مزار تي هي منهنجو ٽيون ڀيرو اچڻ ٿيو آهي، پهريان

1998ع ۾ آيو هئس، اُن کان پوءِ 2008ع ۾ محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت تي سندس ور آصف زرداري سان تعزيت ڪري موٽيا هئاسين تڏهن بہ هِتي آيا هئاسين، تڏهن درگاهہ جو ڪم هلندڙ هو. هاڻي تہ سمورو ڪم مڪمل ٿي چُڪو آهي ۽ تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي. هيئنر توڙي جو هاڻي ڪجهہ ڏينهن پهرين ئي عرصو ٿي گذريو آهي، اسان سمجهو تہ هاڻي درگاهہ تي رش نہ هوندي، پر اسان جي سمجهہ غلط ثابت ٿي، هتي تہ هر وقت ۽ هر روز ايتري ئي رش هوندي آهي. اسان وانگر گهمڻ وارا ماڻهو گهٽ پر عقيدي وارا تمام گهڻا هوندا آهن، جيڪي عجيب و غريب حرڪتون ڪندي نظر ايندا، مزار جي پيرن ڪي پيا چميون ڏيندا، هاڻي تہ وري مزار جي هِڪڙي ڪُنڊ کان نئون رنگ ڏِنوسين هينان لڪائي ڳُجهي نموني پاڻي جو پائپ آڻي مزار جي پيري جي ڪُنڊ کان ظاهر ڪري هڪڙي ڪشتي نما مان پاڻي جو ڦُڙو ڦُڙو ڪِري پيو، چون ٿا هي پاڻي قلندر سائين پيو ڏي ۽ مردن توڙي ماين جا سيئي هٿ اُن پاڻي کي حاصل ڪرڻ لاءِ اُيا آهن، ڪين ايتري تہ عقيدت آهي جو مرد ۽ مايون هڪبئي جي سفا ويجها هڪبئي سان بلڪل ٿچ ٿي رهيا آهن.

اچا مزار جي هِڪ پاسي نظر جو وئي تہ هِڪڙا نوجوان چوڪرا پاڻ ڏي سڏيندي نظر آيا ويجها وياسين تہ پريان اشارو ڪندي چون پيا وڃو وڃو سائين کان دُعا وٺو، سائين هِڪڙو اسان جي هم عمر گلي ۾ گيڙو رومال وجهو وارن کي شيمپو ڪيو سنئين سينڌ ڪڍيو وينو آهي. سندس نظر هيڏانهن مزار ڏي لڳي پئي آهي، ابوجهہ نوجوان وڃي سندس سامهون هيٺ جهڪن پيا، هي جوان سندن ڀُنا نيري ڪن ۾ چوين ٿو پئسا ڪڍي رکو، ڪم ٿي ويندو. همراهہ پاسي واري ڪيسن ۾ هٿ وجهندا، جنهن وٽ جيڪو آهي، سندس سامهون رکندا پيا وڃن، مونکي هي لڪاءُ ڏاڍو عجيب لڳو فوٽو بہ ڪڍيم. پر ڏوهہ ڪنهن جو؟ هِنن جو يا هِنن وٽ ايندڙ ماڻهن جو! سمجهان ٿو هِنن تہ ويچارن ڪوليو آهي پنهنجو دُڪان، تنهن ڪري هِنن جو ڪو ڏوهہ ناهي، جيڪي هِن دُڪان تان ڪجهہ خريد ڪرڻ اچن ٿا ڏوهہ اُنهن جو آهي. چو جو دُڪان هجي ريتي بجري جو ۽ وٺڻ وارو اُن کي چوي مونکي سون ڏي تہ ڏوهہ دُڪان وارو جو تہ نہ ٿيو نہ. سڀ رنگ ڏِسي فوٽوگرافي ڪئيسن، تيستائين ڪيمرا جي اک متي وئي. جتي فقير قائم علي شاهہ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو ڪو همراهه چنا هو جنهن جا فوٽو درگاهه ۾ اُتي لڳا پيا آهن، جِتي هيٺ يا الله يا محمد لِکيل آهي يا آيتون ۽ نبين جا نالا لِکيل آهن. اُنهن ڪان مٿان هي همراهه پينافليڪس جي صورت ۾ ٽنگيا پيا آهن. حالانڪِ ٻاهر پُڻ ڪوڙ لڳا پيا آهن. پوءِ هِن جاءِ تہ ڪِهڙي ضرورت هئي هِنن کي لٽڪائڻ جي. پر ڪنهن کي ڪير چوَي سڀ ڪو ئي عقلِ ڪُل آهي.

درگاهہ کان ٻاهر نِڪتاسين سوچيم هاڻي مير حاجن مير کي سلام چئي روانا ٿا ٿيون، فون ڪيم تہ همراهه چوَي وچجان نہ اِتي ئي ويهہ آئون اچان پيو. چيومانس دوستن سان گڏ آهيان تنهنجو سلام ڪيو هاڻي وڃون ٿا. بس بہ ٽي مِنٽ گُذريا فون ڪيائين ڪهڙي پاسي بيٺو آهين؟ ٻُڌايومانس درگاهہ جي مين گيٽ تي. آيو. پاڪر پائي مِليو ۽ قلندر جي عرس جي موقعي تي شايع ٿيندڙ سووينئر بہ سُوکڙي طور ڏِنائين ۽ چانهہ لاءِ تمام گهڻو زور ڀريائين پر چانهہ لاءِ راضي نہ ٿياسين پوءِ ڪانئس موڪلايوسين. ٻاهر روڊ تي آئيس ڪريم جو وڏو دُڪان ڏِسي شيخ صاحب ويهي رهيو چيئين گرمي آهي، آئيس ڪريم ٿا کائون. آئيس ڪريم پِستا کاڏي پر ڪا بہ ٽيسٽ نہ هئي، مائو بہ پارسل ڪرائي ورتوسين. روانا ٿياسين.

لڪي شاهہ صدر جو سلام

روڊ جي پاسي منجهہ ئي درگاهہ آهي، ڪجهہ گهڙيون هِن درگاهہ جي بہ حاضري ڀريون. گاڏيون پارڪ ڪيوسين، صفا ٿاڪ منجهند هئي، پوءِ بہ ڏِٺوسين تہ اندر ڪوڙ مايون آهن. جيڪي حاضري ڀري سامهون نُهيل چپرن هيٺ ساهي کڻي رهيون آهن. درگاهہ جي آڳند تان پير گُهمائي، فوٽوگرافي ڪري ٻاهر نِڪتاسين، سامهون بہ سوزڪيون اچي بيٺيون جنهن مان بہ موڙ ٻڌل گهوٽ لٿا. سيني چيو ٿورو بيهو ڪنوارون ڏِسون. پر ڪنوارون تہ نہ هنيون شايد ڪنوارن کي هاڻي ونڻ ويندا پهرين هِتي حاضري ڀرين پيا.

هاڻي اسان جي آخري منزل رني ڪوٽ ئي آهي پوءِ سِڌو واپس روانا ٿينداسين. رستي ۾ سن ڏي ويندڙ اسٽاپ تي بيٺاسين، جلال محمود شاهہ جي پيٽرول پمپ تان گاڏين ۾ پيٽرول ڀرايوسين. سامهون ٿاڌل وارو وينو آهي اُن ڪان ٿاڌل پيتسين، اِن ڪان اڳ جو رتوديرو وارو دوست رڙ ڪري 'پائو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿاڌل پياريو، دوست سان ملاقات تہ ٿيڻي آهي، پر بي حجاب آهي.

روانا ٿياسين رني ڪوٽ ڏي، هِتان ڪان فاصلو ٻُڌائي پيو تہ 37 ڪلو ميٽر پنڌ آهي. روڊ بہ ٺيڪ آهي صفا ويل بہ ناهي. گاڏيون اسپيڊ ۾ ڊوڙي پيون سگهن، ڪافي آهي. اڌ فاصلو طئہ ڪيوسين تہ سامهون ڊيم نظر آيو. اڳيان جيئن تہ شيخ عبدالله وارا هئا، اُنهن گاڏي کي ڊيم طرف موڙيو اسان بہ پويان پويان، گاڏين کي سائيڊ تي پارڪ ڪيوسين.

هي سن ڊيم آهي

ڊيم ڏِنوسين سائين شيخ صاحب ٻُڌايو تہ هي سن ڊيم آهي هاڻي تہ هن جو ڪم هليو آهي پ پ جي دؤر ۾ اجا ڪم هلندڙ آهي، منجهس پاڻي بہ ڪوڙ سارو جمع ٿي چُڪو آهي، اجا اِن مان مختلف واهہ ڪڍي زمينون آباد ڪرڻ وارو ڪم بہ رهيل آهي. بهرحال ڪم ڏاڍو سُٺو آهي، هن کي اگر لاڳاپيتو بڻايو ويو تہ.

رني ڪوٽ قلعوءِ هي ڪافلو

وري بہ رستو رني ڪوٽ جو ءِ اسين. پٿر جو پنڌ ڪندي رستي سان لڳل ڪلوميٽر جي ماپ وارو پٿر بہ پڙهندا وڃون اُن ڪري جو وقت ٿورو بچيو آهي، ڪِٿي رني ڪوٽ ۾ رات نہ ٿي وڃي. شيخ عبدالله اڳئي راضي نہ هو زبردستي وٺي آيا آهيون، چيائين رستو ڏُکيو آهي، رڻ ۾ رات پئجي ويندي. ڳالهيون ڪندا پنڌ کي کُٽائيندا اچي پُهتاسين رني ڪوٽ جي پهرين دروازي تي. پهريون اُن ڪري جو چوَن ٿا رني ڪوٽ کي ٽوٽل چار دروازا آهن. بس هڪ بہ فوٽو ڪڍيا تيستائين شيخ صاحب اِشارو ڪيو تہ اڳتي اچو پنڌ اجا اڳتي آهي، تقريبن 3 ڪلوميٽر اڳيان وياسين تہ سامهون بورڊ نظر آيو ميري ڪوٽ.

ميري ڪوٽ منهندان

هِتي تہ واهہ جو مزو لڳو پيو آهي، هي اڏاوتون، هي ڪاريگريون خبر ناهي ڪهڙي دؤر جون آهن. شيخ صاحب ٻُڌايو تہ هِتي هِن جاءِ تي ارباب

جي دؤر ۾ ارباب هڪ ڪانفرنس رڪرائي هئي، سيني تاريخدانن ۽ محققن کي گهرايو هئائين ته جيڪو رني ڪوٽ جي تاريخ بابت صحي ٻڌائيندو اُن کي پنج لک روپيا انعام ڏِنو ويندو. چوَن ٿا ڪنهن به صحي نه ٻڌايو سيني پنهنجا پنهنجا اندازا لڳايا.

هِن اڏاوَت کي ڏِسندي سائين عبدالجبار ’قاسم‘ به چيو ته واقعي هِن بابت ٻڌائڻ مشڪل آهي جو هِن اڏاوت جو نمونو ڪنهن به دؤر سان نٿو ميچ ڪري، نه ئي ڪنهن مذهب جي ڪا اهڙي نشاني آهي، جو چئي سگهجي ته هي ڪهڙي دؤر جو اڏايل ٿي سگهي ٿو. ڏاڍي حيران ڪندڙ ڳالهه آهي، ايترو پُراڻو ۽ اجا تائين جيئن جو تيئن بيٺو آهي، ڪٿين زميني زلزلا آيا هوندا، ڪيتري ماحولياتي اُٿل پُٿل ٿي هوندي، ڪٿين بارشون وَسيون هونديون، ڪا شئي هِن جي اڏاوَت تي اثرانداز نه ٿي سگهي آهي.

’ڇُپا رُستم نِڪلا‘

ميري ڪوٽ تي مٿي چؤطرف گُهمي ڦِري ڏِٺوسين فوٽوگرافي به خوب ڪئيسين، هِتي رتوديرو وارو همراه مصطفيٰ کي چئي ٿو ويهه روپيا ڏي توکي پنج سئو روپيا ناهي ڏيان. ويهه روپيا مصطفيٰ ڏِنا هٿن ۾ گُهمائي ڦيرائي پهريان ڏهين جو نوٽ ڪڍيائين وري گُهمائي ڦيرائي پنج سئو جو نوٽ ڪڍيائين، اسان حيران ٿي وياسين ته هي اِهو علم به ڄاڻي ٿو اِهو ڪوئي وظيفو يا اهڙي قِسم جو علم ناهي، پر هٿ جي صفائي آهي، جيڪو ڄاڻي. اسان لاءِ ته فِي الحال حيران ڪُن ڳالهه هئي. ته همراه ’ڇُپا رُستم نڪلا‘.

اوهانکي چشمون ڏيکاريان

هاڻي وري شيخ عبدالله چيو اجا اڳيان هلو اوهانکي چشمو ڏيکاريان، روانا ٿياسين، پنڌ ته ڪلٽس جي ڪرڻ جو ڪونه هو، فور باءِ فور ئي هنن لاهين چاڙهين تان چڙهي پيون سگهن، پر اج اسان هِنن ڪلٽسن کان ڪم ورتو اج اسان هِنن کي فور باءِ فور بڻائي ڇڏيو وري به به ٽي ڪلوميٽر اڳتي وياسين، جِتي هڪ به ڳوٺ نظر آيا، بس اُنهن جي ئي ويجهو آهي چشمو هي ننڍڙا جهوپڙا ڳوٺ به شايد هيڏن وڏن پهاڙن جي وچ ۾ اِن چشمي جي سهاري

تي وينا آهن. نہ تہ ٻيو تہ هِتي پاڻي جو ڪو بہ سلسلو ڪو طريقو ناهي. چشمي جي پاڻي مان وضو ڪيو هٿ مُنهن ڌوتو پيتو ۽ فوٽوگرافي ڪئي.

واپس جو ٿياسين تہ پهريان جنهن ڳوٺ جي پِر مان لنگهيا هئاسين اُنهن همراهن رِڻ ۾ رَليون وِڇائي ڇڏيون ۽ گول ويهاڻا رکي ڇڏيا، سِج بہ لهي رهيو آهي. دوست چوَن چانهہ تہ پيئڻي پوندي. سندن خلوص ۽ محبتون ڏِسي انڪار تہ بِلڪُل نہ پيا ڪري سگهون. هو اسان کان پُڇن ها تہ شايد اِنڪار ڪريون ها، پر هِنن تہ اسان جي واپسي اچڻ تائين سڀ بندوبست بہ ڪري ڇڏيو. هي چاهہ مان چانهہ پياريندڙ همراه عبدالحڪيم گبول آهي. هي جيڪي بہ تي جهوپڙا ڳوٺ اسان کي نظر آيا اِهي گبول آهن. بهرحال ڪاڇي توڙي ڪوهستان جا ماڻهو ڏاڍا مهمانواز آهن.

هِنن پهاڙن جي جهولين ۾ جيئندڙ خلوص هاڻن مهربان، دوستن کان موڪلايوسين. واپسي ۾ بلڪل رات انڌيري ٿي چُڪي هئي. تنهن ڪري پهرين مرڪزي ديوار تي چڙهياسين تہ صحي پر فوٽوگرافي نہ ڪري سگهياسين. هن عظيم رَني ڪوٽ جي ويڪري ديوار تان ٻيهي رات جي پهرين پهرين پهر ۾ هٿن کي هوائن ۾ هِلائي رني ڪوٽ کان موڪلايوسين.

واپسي

پٿرن ۽ پيچرن، روڏن ۽ رستن تان پريت ۽ پيار جو پنڌ ڪري پُهتاسين اچي حُسن جي هِندوري جامشوري، سنگت جي گڏيل صلاح سان تہ آخري الوداعي چانهہ پي پوءِ ٿا موڪلايون، پنهنجي پنهنجي ماڳ وڃڻ لاءِ. جيستائين چانهہ اچي، سفر ڪيئن رهيو اِن تي ڪچهري ڪئيسين، شيخ عبدالله ڪوهستاني چيو: ’مور ساگر هاڻي اسين تنهنجي بدين تان پيرو ڪرڻ چاهيون ٿا.‘ چيم: ’پليڪار سائين، جڏهن بہ پروگرام رکو تہ گڏجي بدين بہ گُهمنداسين،‘ چانهہ پي اُٿياسين، ٽاڻو بولا خان جي دوستن، شيخ عبدالله ڪوهستاني، غلام مصطفيٰ ميمڻ، سرور خاصخيلي، اُن جو دوست رتيديري وارو اياز سمون، منٺار خاصخيلي کائن کِلي خوشي منجهان ڀاڪر پري وري ڪنهن ٻي ماڳ تي مِلڻ تائين موڪلايوسين. هو ٿيا ٽاڻي بولا خان ڏانهن روانا، ۽ اسان ڪيو مُنهن ماتلي ڏانهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي سفر ۾ همسفر هئا:

پروفيسر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي: ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت، پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُٺا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ تاريخ لکندڙ ماتلي جي تاريخ لکي اٿس، اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا ”باغي آ عشق منهنجو“، ”تاريخ آهي شاهد“ پڻ هِن جا سهيڙيل آهن. نظاماڻي ذات تي ”تذڪراءِ نظاماڻي“ وڏو ڪِتاب لکيو اٿس، جنهن ۾ پوري قوم جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه کوڙ بيا بہ ڪتاب لکيل، سهيڙيل، مُرتب ڪيا اٿس.

شيخ عبدالله ’ڪوهستاني‘: ٽاٽو بولا خان سان تعلق رکندڙ انتهائي سُٺو سماج سُڌارڪ، پاڻ پيشي جي لحاظ کان عربي ٽيچر آهي، سدائين سفر ۾ نِنڊ ڪندو آهي، نہ تہ بس زندگي جي سفر ۾ هل هلان اٿس، ڪنهن وقت ڪِٿي تہ ڪنهن وقت ڪِٿي، سدائين سماجي ڪمن جي پويان، سندس مختلف ڪمن، فري ميڊيڪل ڪئمپون لڳائڻ، غريبن جي سهائتا ڪرڻ کان علاوه جيڪو ڪم هِن جي سُڃاڻپ بڻيو آهي سو آهي، اجتماعي شاديون ڪرائڻ، هي تقريبن کوڙ سارن غريب بي سهارا خاندانن جي غريب نياڻين جون شاديون ڪرائيندو آهي، ۽ ڪين پورو پورو ڏاج بہ ڏِنو ويندو آهي، هن سال تہ 100 جوڙن جون شاديون ڪرايون اٿس، ايئن سدائين سفر ۾ رهي ٿو.

غلام مصطفيٰ ميمڻ: ٽاٽو بولا خان سان تعلق رکندڙ هي صاحب سُٺو دوست سُٺي سوچ رکندڙ آهي، پاڻ صحافت ڪندو آهي، صاف سُٿري صحافت، ڪي ٽي اين ۽ ڪاوش جو رپورٽر آهي، ٽاٽو بولاخان اسٽيشن کان. سندس ٽاٽو بولا خان ۾ سُٺو جنرل اسٽور پڻ آهي.

منظور احمد جوٽيجو: ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ: منهنجو ياءُ آهي، سُٺي دِل رکندڙ آهي، سندس حيدرآباد ۾ ”الرزاق پرنٽرز“ آهي، پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گُهمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشہ چوندو آهي، گُهمڻ جو پروگرام ناهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

سرور خاصخيلي: سندس تعلق ٽاٽو بولا خان سان آهي، سُٺو ماڻهو آهي، پيشي جي لحاظ کان پرائمري ماستر آهي، صحافت بہ ڪندو آهي، ۽ شاعر پڻ آهي.

اياز سمون: رتوديرو لاڙڪاڻو سان تعلق رکي ٿو ساڻس هي پهرين شناسائي هئي، سرور جو مهمان هو وڏيڪ سندس باري ۾ ڄاڻ نہ اٿم.

منٺار خاصخيلي: ٽاٽو بولا خان جو رهندڙ آهي، پيشي جي لحاظ کان ڊرائيور آهي، سندس گاڏي بہ هن سفر ۾ شامل هئي.

معشوق جوٽيجو: پيرو لاشاري جو رهندڙ هي حيدرآباد ۾ ”الرزاق پرنٽرز“ تي ملازم آهي. ۽ کوڙ ڪم ڄاڻندڙ آهي، ڊرائيور آهي، اليڪٽريشن آهي، هلڪو ڦلڪو ميڪنڪ بہ چئي سگهون ٿا. وغيره وغيره.

مور ساگر: ’ڪي ڄاڻا مين ڪوڻ بُليا‘

[12 ۽ 13 جون 2015ع]

گورک هِل اسٽيشن ۾ اسين ـ کاٻي کان:
پروفيسر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي، منظور احمد جوڻيجو اياز سمون، سرور خاصخيلي، شعيب جوڻيجو منٺار خاصخيلي، حافظ عبدالغني جمالي، مور ساگر، شيخ عبدالله ڪوهستاني ۽ معشوق جوڻيجو

رني ڪوٽ ۾ ميري ڪوٽ مٿي ـ کاٻي کان:
پروفيسر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي، مصطفيٰ ميمڻ، شيخ عبدالله ڪوهستاني، منٺار خاصخيلي، منظور احمد جوڻيجو شعيب جوڻيجو مور ساگر ۽ سرور خاصخيلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قلندر جي اڱڻ تي: سرور ۽ منٺار سان گڏ

پير آري جي پڌر: پروفيسر عبدالجبار ۽ منظور احمد سان گڏ

درگاھ شاھ صدر نيڪ نظر اڳيان سنگت سان

منڇر جي ڳپ تي آئون ۽ منڇر جو منظر

سن ڊيم تي سنگت سان گڏ

گاجي شاھ جي گام تي سنگت سان گڏ

ميري ڪوٽ منهندا سنگت سان ساٿ

گورک هِل جي زيرو پوائنٽ ۽ اسين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منصوره ڏانهن مُنهن

روانگي

رات سُهائي پونِءِ سنئين پَٽن وڏو پنڌ،
هلندي حبيبن ڏي ڪرها موڙ نہ ڪنڌ.

اج صبح موسم ڏاڍي خوبصورت هئي، آسمان تي ڪڪر ڇانيل، ٿڌي هوا گُهلندڙ، صبح جا پهريان پهر، هي سڀ موسم جا آر ڪنهن سفر ڪرڻ لاءِ پورو پورو بهانو هئا. اسان بہ اج سفر تي ئي سنبريا هئاسين، آئون تيار ٿيس تہ نعمان چيو ’ابو جي ڪيڏانهن گُهمڻ وڃن تہ مونکي بہ وٺي هل‘، چيم ’هَل جلدي تيار ٿي وٺ‘. نعمان خوشي ۾ بس دير ئي نہ ڪئي، ڪجھ منٽن ۾ ڪپڙا وغيره پائي تيار ٿي ويو. آياسين اسٽاپ تي، محبوب موسم ۾ ڪجھ گهڙيون گاڏي اچڻ جو انتظار ڪيوسين، گاڏي آئي اَئين وڃي ماتلي پُهتاسين.

ماتلي کان منظور احمد، شعيب، عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي، نعمان ۽ آئون ڪار ۾ سوار ٿي روانا ٿياسين حيدرآباد لاءِ، حيدرآباد ۾ اقبال ميمڻ انتظار ۾ آهي، جيڪو صبح ڪُنري کان آيو آهي. اسان کي مٿياري لاءِ نِڪرڻو آهي، ڪچهري ڪندا اچي حيدرآباد پُهتاسين، اقبال سان مِلياسين چانهہ پي، دُعاءِ سفر پڙهي سفر تي روانا ٿياسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٽياري: ملاقات ميمڻ علي اڪبر سان

مٽياري ۾ پُھتاسين. سائين علي اڪبر ميمڻ کي فون ڪئي، جنھن سندس ننڍڙو موڪليو اسان کي وٺڻ جي لاءِ. اسين ڪجھ پنڌ اڳتي نِڪري وياسين. پوءِ گاڏي کي واپس گھمايوسين. پي ايس او پمپ جي سامھون ميمڻ ڪالوني آھي اُن ۾ سائين جو گھر آھي. ننڍڙو گاڏيءَ سان گڏ آيو دروازي تائين. سائين عبدالجبار! ’آئون اڄ چوٿون ڀيرو آيو آھيان مٽياري جي ماڳ‘

پھريون ڀيرو: 1998ع ۾ آيو ھئس. علي حسن، منور، معشوق، ربڏنو ۽ آئون. تڏھن پٽ شاھ گھمڻ آيا ھئاسين. سومار (سجاد) مھراڻ ڪار ورتي ھئي، سو ڪڏھن ڦوڙي ڪري ڪيڏانھن گھمڻ نِڪري ويندا ھئاسين. اُن ڏينھن بہ پٽ شاھ. مٽياري ۽ پوءِ المنظر ڄامشورو گھمي پوءِ واپس ٿيا ھئاسين.

ٻيو ڀيرو: اسانجي پياري دوست مرحوم نذير عباسي (پنوعاقل) سان گڏ آئون ۽ جمن ويا ھئاسين. مرحوم نذير عباسي سماجي ڪارڪن ۽ سچو ورڪر، ڄاڪوڙي مُڙس ھوندو ھو. حيدرآباد جڏھن ايندو ھو تہ ھِتي اسان وَٽ ترسندو ھو. اُن ڏينھن بہ مون ۽ جمن کي چيائين ھلون ٿا مٽياري ۾ دوست رھي ٿو. موٽروي ۾ ڊيوٽي اٿس، اُن سان ڪم بہ آھي حال احوال بہ ڪري ٿا اچون. تڏھن ويا ھئاسين.

ٽيون ڀيرو: سائين علي اڪبر ميمڻ ۽ پير مجدد سرھنديءَ جي گڏيل دعوت ’المشائخ انٽر نيشنل ڪانفرنس‘ تي 15 مارچ 2015 تي مٽياري آيا ھُئاسين. چاھيان ٿو اُھا ياد بہ لِکي ڇڏيان: (مٽياري پُھچي پُڇا ڪئيسين پير سرھندي جي درگاھ جي ھمراھ ھٿ جي اشاري سان ٻُڌايو. سامھون گاڏيون نظر اچن پيون اھا آھي درگاھ. ۽ اُتي پروگرام بہ ھلي پيو. اسين اچي پُھتاسين. گاڏي درگاھ جي ويجھو پارڪ ڪئيسين. پھريان درگاھ گھمڻ وياسين. درگاھ اندر زيارت ۽ فوٽوگرافي ڪري ٻاھر نِڪتاسين. وڏو پير غلام مجدد سرھندي ھِتي مدفون آھي. ھاڻي ھي جيڪو اسان جو دوست پير مجدد سرھندي آھي، اِھو اُن جو پوٽو آھي.

ڪانفرنس اندر وياسين وڏو پنڊال ھو پر جنھن نموني ھنن دعوت نامہ، پينا فليڪس ۽ پوسٽر پرنٽ پي ڪرايا، اُن حساب سان ماڻھو بِلڪل گھٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. يا تہ اسان دير سان پُهتاسين. پر اِيئن بہ نہ هو. اسان جي اچڻ کان پوءِ ٿي تہ ڪجهہ چند اهم ڳالهيون، ٿيون. جنهن ۾ هڪڙي اِن ڳالهہ تي زور پي ڏِنو ويو تہ هن مشائخ جي پليٽ فارم تان سياست شروع ڪجي. گادي نشين سياست ۾ حصو وٺن. ايم پي اي، ايم اين اي چونڊجن. پارليامينٽ ۾ وڃن. جيئن اسلام ۽ پاڪستان جي حفاظت ڪري سگهن.

دِل ۾ چيم سائين گُستاخي معاف، ڪوڙ ماڻهو سياست ڪن پيا. بلڪِ هِن وقت سياست جي جيڪا معنيٰ بيهي ٿي، اج ڪلهہ هرڪو پيو سياست ڪري، سو قبلا توهان ڪا ڪم جي ڳالهہ ڪريو. اُن کان پوءِ انديا مان آيل خواجہ اجمير شريف جي درگاهہ جي گادي نشين اچي دعا گهُري ۽ اُن کان پوءِ لنگر تقسيم ڪيو ويو. اسان کي تہ خاص مهمانن. پيرن سان موڪليو ويو. باقي عام ماڻهو ڪنهن ٻي پاسي هوندا. اِهو عام ۽ خاص جو نظام الائي ڪڏهن ختم ٿيندو يا شايد ختم ئي نہ ٿئي.

سائين علي اڪبر ميمڻ اسانجو تعارف ڪجهہ گادي نشينن سان ڪرايو. بابا فريد جي درگاهہ جي گادي نشين 'خواجہ غلام قطب الدين فريدي' سان تعارف ڪرايائين. خواجہ غلام قطب الدين فريدي هِن وقت 'نيشنل مشائخ پاڪستان' جو باني صدر آهي. گروپ فوٽو ڪيياسين. (۽ هڪ ٻي پير سرڪار راولپنڊي جي سان پُڻ ملاقات ڪرائي).

اندر آياسين هِڪڙو ڪمرو جنهن ۾ ڪتاب جون بہ ٿي الماريون پيون هيون. سُٺي نموني سِينگاريو ويٺو هو فقير علي اڪبر ميمڻ. جيڪو هاڻي فقير نہ صرف علي اڪبر ميمڻ ئي آهي. ساڻس مِلياسين. حال احوال ڪيوسين. ڪچهري ٿي رهي هُئي اِن دوران نندڙا ڪانئڻ لاءِ ڪجهہ ڪٽي آيا. سائين کي صبح فون ڪري منع ڪئي هئي تہ ڪا بہ تڪليف نہ ڪجو صرف پاڻي پيئنداسين. پر سائين ماني کان بہ وڌيڪ تڪليف ڪري ويو. سائين گهٽو ئي نهرايو پچرايو ويٺو هو.

علي اڪبر ميمڻ. سُٺو شاعر ۽ بااخلاق انسان آهي. عقيدت وچان پير غلام جيلاني جو عمر جا پورا 35 سان خليفو ٿي رهيو. خاص خليفو هئڻ ڪري هِن وَٽ پيرن جا گهڻا ئي راز هُئا. ڪجهہ اهڙا حالات پيدا ٿي پيا جو هِن فقير پير غلام جيلاني مڪلي واري سان بغاوت ڪئي. جنهن جي سزا ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس رات وچ ۾ مڪلي مان گھر خالي ڪرايو ويو. سندس گھر تي قبضو ڪيو ويو. سندس نوڪري ختم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پڳهار بند ڪرايو اٿن. جيڪو اڃا تائين بند آهي. ڪيترو عرصو روپوش گُذاري آيو. پھريائين سڄاول ۾ گھر وٺي ٻچڙن کي رهاياائين. اُتان به ڪيس ڌمڪيون ڏئي سندس ياڻرن کي ٻڌرائي، ساڻس سڀ تعلقات ختم ڪرائي لڏائي ڇڏيائونس. اُن ڪان پوءِ اچي ٺٽياري وساياائين.

ساڻس ڪافي دير ڪچهري ڪري ڪانئس موڪلايوسين. ڏاڍو خوش ٿيو اسانجي اچڻ تي، سندس اکين مان اِهو احساس چِٽو نظر اچي رهيو هو. جڏهن ڪلاڪ اڌ گذريو ته وري اِهو خوشي جو اظهار فون ڪري ظاهر ڪيائين. اسان به ڪيس پنهنجائپ وارو احساس ڏياريو.

ڪهڙو به انسان جڏهن بيماري جي بستري تي هوندو آهي. يا ڪنهن سبب جي ڪري جيل اندر بند هوندو آهي. يا جڏهن ڪنهن کان ڪو پيارو دوست اوچتو هميشه لاءِ وِڇڙي وڃي، تڏهن ڪيس هِڪ هِڪ دوست ياد ايندو آهي. ۽ جڏهن اهڙي موقعي تي ڪو اهڙو دوست ساڻس مِلڻ حال معلوم ڪرڻ لاءِ به پيرَ پري ايندو آهي ته اُن سان دِل کي هِڪ آٿت مِلندي آهي، ٿورو ڏِڍ مِلي ويندو آهي.

مَهد مُحتاجِي ڪَري، حُجَ وِڃائي هَلُ،
عُذرَ خواهِيُون، عاجِزيُون، سَسُئي! ڪِـ مَر سَلُ،
ڏُنگَرَ ڏورِڻَ ڏاڪَڙو، لَنءُ رِيَ ڪو نـِ لَلَ،
اِيُ پَلائِيَ جو پَلُ، جِن پاسي تِيَڻُ پارَڻَ ڪان.

ويندي رستي – ’ريشمان جوان هوگئي‘

اسان جي گاڏي نيشنل هاءِ وي تي ڊوڙي رهي هُئي. رستي جي ٻنهي پاسن کان سايون ٻنيون، مٿي آسمان تي ڪارا ڪڪر. جهڙالي موسم ۽ اهڙي سمي ۾ سنگت سان گڏ گهمڻ ڦِرڻ جڙڻ ته ماٺهو فريش ٿي ٿو وڃي، سِيني کُٽڪن. سوچن کي هِڪ پاسي رکي لُطف اندوز ٿي وڃي ٿو. قدرت جي اهڙن نظارن ۾. رستي هلندي اسان مختلف موضوعن تي ڳالهائيندا هلون پيا. ڪنهن وقت تواريخ، ڪنهن وقت ادب ۽ ڪجهه سياست، لطيفا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُڄ. اُن دوران اقبال ميمڻ اڳيان ويندڙ ٽرڪ تي لِکيل جملي ڏانهن ڌيان ڇڪايو. ابا ماٺ ڪيو 'ريشماں جواں ہوگئی' اسان جملو پڙهيو ۽ پوءِ ٺهڪڙو مچي ويو گاڏي ۾. سائين عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي ٿو چوي، 'هِڪڙي همراهه اِنهن ٽرڪن تي لکيل شعرن ۽ جملن تي پي ايڇ ڊي ڪئي آهي، جنهن پوري پاڪستان جي روڊن تي سفر ڪيو آهي ۽ اِهي شعر ۽ جملا لکيا اٿس پنهنجي ٿيسز ۾.' اِها به هڪ عجب جهڙي ڳالهه آهي. پر آهي ضرور. وري به پنهنجي ڪچهري ۾ مگن هئاسين ته اقبال ميمڻ وري 'اچھا خواب اچھی اخلاق کی نشانی ہے' هڪ پيرو وري سپ ٽرڪ طرف ڏِسون ٿا. مون مذاق ڪندي چيو سائين هِن سڄي سفر ۾ اقبال جو ذڪر نه هوندو. سنجيده ٿي چوڻ لڳو. "پوءِ مونکي گاڏي مان لاهيو" سپ کِلڻ لڳاسين.

هالا ڪِراس ڪيوسين ته هلڪي هلڪي برسات وَسڻ شروع ٿي وئي هاڻي ته دِل پئي چوي کُليل جيپ ۾ هُجون. پيا قدرت جي منظرن جا لُطف ماڻيو. اقبال موبائيل هٿ ۾ ڪنيو ۽ ناهيد اختر جو گانو لڳايو. 'دل توڑ کہ مت جئیو، برسات کا موسم ہے' سڀني واه واه ڪري جڻ اقبال کي داد ڏِنو. ٽيئن هن جي دِل وڏي. چيائين 'هي برسات جڏهن ٿر ۾ وسندي آهي ته ٿري مارو همرچو ڳائيندا آهن.' سندس موبائيل ۾ رڪارڊ ٿيل همرچو ٻُڌائڻ لڳو. چيوسين موبائيل کي چڏ ڳائي ٻُڌائي. 'چيائين مونکي اوهان فنڪار سمجهيو آهي'. ايئن ئي اسان جي منزل جو موڙ اچي ويو. گاڏي کي هيٺ لِنڪ روڊ تي لاٿوسين ڀاروچو باغ اسٽاپ کان ٿورو اڳيان ساڄي هٿ تي لِنڪ روڊ لهي ٿو. جيڪو منصوره ڏي وڃي ٿو.

ڪُجهه پنڌ اڳتي نِڪري وياسين وري چيوسين عبدالقدوس احمداڻي کي فون ڪريون متان اڳتي ڪنهن ٻي پاسي نِڪري وڃون. فون ڪئيسين چيائين بس مين روڊ کان ٿورو اڳيان لِنڪ روڊ تي هلندا ته سامهون بلڊنگون نظر ايندين. اسان جو پوئتي لوٽو ڦيريو پويان ڪٻي هٿ تي بلڊيگون نظر آيون اُتان پُڄ لنڪ روڊ لٿو پي. اسان هڪٻئي کي پيا چئون. ڏنوَ ڪيترو اڳتي نِڪري آيا آهيون. هو پوئتي رهيو منصوره. سائين عبدالجبار چيو مون ڏِٺو هو روڊ هيٺ لٿو پي پر اوهان کي ٻُڌايو ڪونه. گاڏي کي پوئتي موڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپس آياسين. سامهون موٽر سائيڪل وارا به همراه پيا آيا ڇيوسين وري اِنهن کان پُڇي پڪ ڪريون. گاڏي روڪي همراهن کان پڇيوسين بلڊنگن ڏي اِشارو ڪندي، ’ادا منصوره اِهو آهي‘. اسان پُڇو. همراهن کِلندي چيو ’اِهو تہ ڏتي جو ڳوٺ آهي‘ منصوره اڳيان آهي جِتان واپس ٿيا آهيو. وري بہ سيِ کِلڻ لڳاسين ۽ گاڏي واپس موڙيسين. وري عبدالقدوس احمداڻي کي فون ڪئي. منصوره ۾ اسان جو ميزبان اِهو ئي آهي. چيائين آئون ٻاهر نِڪري بيهان ٿو توهان اچو اڳيان ڪجين جا وڻ نظر ايندا انهن کان اڳيان هليا اچو جيئن ئي گاڏي موڙيسين تہ ٻُڌايائين مون اوهان جي گاڏي ڏِسي ورتي آهي. هاڻي سِڌا سِڌا هليا اچو اڳيان بيٺو آهيان. ڪجهہ ئي منٽن ۾ منصوره ۾ عبدالقدوس احمداڻي سان مِلياسين. سِيني جو تعارف ڪرايومانس. ڇو جو عبدالقدوس احمداڻي کي صرف آئون ئي سُڃاڻان پيو باقي ٻين جي پهرين ملاقات هُئي.

عبدالقدوس سان آشنائي

عبدالقدوس سان منهنجي ملاقات بہ هِڪ عجب جهڙي ڳالهہ هئي. ٽنڊو محمد خان ۾ هوٽل تي آئون ۽ زهير حسين حيدري چانهہ پي رهيا هئاسين. سامهون ويٺل هڪ همراهہ هلڪي ڏاڙهي سان اسان ڏي ڏِسي رهيو هو ٿوري ئي دير ۾ اُٿي آيو اسان کي هٿ ڏيڻ. اسان بہ اخلاقن اُٿي هٿ ڏِنو. مونکي چيائين توهان مور ساگر آهيو؟ مون حيران ٿيندي چيو ها ادا آئون مور ساگر آهيان. توهان مونکي ڪيئن سُڃاتو؟ چيائين هِڪ ڀيرو سي.ڊي ۾ ڪنهن پروگرام ۾ اوهانکي اسٽيج تي ڳالهائيندي ڏِٺو هيم. آئون ۽ زهير حيدري هِڪٻئي ڏي ڏِسي، يار همراه جي يادائش واهہ جي آهي. کيس کي چانهہ پياري حال احوال ورتا. چيائين آئون منصوره ۾ پڙهائيندو آهيان. عبدالحفيظ احمداڻي منهنجو وڏو ڀاءُ آهي. منصوره مون وٽ وقت ڪڍي ڪڏهن ضرور اچجو. چيوسين هوندو قسمت ۾ اوهان سان مِلڻ تہ منصوره ضرور ايندا اسين.

اڄ اُهو ڏينهن بہ اچي ويو ۽ اسان بہ اچي وياسين عبدالقدوس احمداڻي جي اڳڻ. عبدالقدوس مُسڪرائندي چيو اِها اوهانجي محبت آهي. چيم بِلڪُل محبتون ئي محبتن جا ماڳ پُڄائيندیون آهن.

هي آهي منصوره، شفيع محمد نظاماڻي جو خواب

گاڏي کي پارڪ ڪري اسان اندر مدرسي ڏي روانا ٿياسين، مدرسي جي اندرين مين گيٽ وٽ فوٽوگرافي ڪئي، ۽ پوءِ ڪجهه مدرسي بابت عبدالقدوس ٻڌايو: هي مدرسو مولوي شفيع محمد نظاماڻي جو خواب هو ۽ هن پنهنجي خواب جي پورائي ۽ اسلامي تعليم جي واڌ جي لاءِ پنهنجي ذاتي زرعي زمين 300 ايڪڙ هن مدرسي جي نالي ڪري ڇڏي، ۽ هن ”مدرسه تعمير مِلت“ جو بنياد 1955ع ۾ پيو جنهن جو پهريون صدر چودري غلام محمد مرحوم سابق امير جماعت اسلامي سنڌ هو.

اندر آياسين تمام وڏي ڪُشادي بلڊنگ ٺهيل، اندر به وڏا ڪمرا وڏا هال، عبدالقدوس اسان کي تمام سُٺي نموني مدرسي جو سَير ڪرايو هر ڪلاس ۽ هر ڪمرو ڏيکاريو ۽ اُن بابت ٻڌايو هِتي مسجد مڪتبه اسڪول، تحفظ القرآن، پرائمري اسڪول، درس نظامي، دارالفتاء، مڪتبه (لائبريري)، جامعته المحصنات، تربيت گاه (هاسٽل)، ڪمپيوٽرليب، مطعم / مطبخ، دارالاشفاء، شعبه دعوت و تبليغ جا شعبه قائم آهن.

وري آياسين پرنسپال جي آفيس ۾ پرنسپال سان مِلياسين سُٺي اخلاق سان مِليو، اڄ جمعي جو ڏينهن آهي تنهن ڪري نماز جو وقت به ٿي ويو آهي، آفيس کان ٻاهر نِڪتاسين. مونکي پويان ڪُلهي تي ڪنهن هٿ هڻي چيو ’جوڻيجا صاحب ڪهڙا حال آهن‘؟

مُڙي ڏِٺم ۽ چيم ’سائين حال ٺيڪ آهن‘.

مونکي نه سُڃاتوَ؟

غور سان سندس چهري ۾ ڏِٺم، ڪاري ڏاڙهي پوري پوري، وڏيون اکيون، چهري تي مُرڪ، ’نه سائين‘.

ادا منظور چيو ’رب جو آهي‘.

وري ڪيس غور سان ڏِٺم، سوچيم ’نه سائين‘.

ادا منظور ٻڌايو ’ظهيرالدين بابر آهي‘، آئون وري به حيران.

ساٽس ڀيهر مِليس. ظهير منهنجو ڪلاس فيلو ڇهين ڪلاس کان ميٽرڪ تائين، پنج سال گڏ پڙهياسين، صفا سنگل باڊي، قد جو به ننڍو هوندو هو. پر منهنجي سامهون جو همراه آهي، باڊي ۾ ڪنڌار، وڏي ڏاڙهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿوال ڪُلهي تي صفا مولوي ٿي ويو آهي. ڪنهن بہ ريت ڪا بہ جهلڪ اُها مونکي نظر ئي نہ آئي، جڏهن مونکي اعتبار ئي نہ پيو اچي. ڪائنس موڪلايوسين، چيائين ’هِتي آهيو تہ پوءِ وري مِلون ٿا‘.

منصوره بستي وجود ۾ آئي

اسين آياسين منصوره ڪالوني ۾. ڪالوني بابت عبدالقدوس ٻڌائيندو اچي تہ: 1960ع ۾ هي منصوره بستي وجود ۾ آئي. شروع شروع ۾ پهريان گهر جيڪي تعمير ٿيا تِن ۾ مولانا جان محمد پٽو مولانا غلام سرور پٽو سيد قاسم شاهہ ۽ امير الدين مهر اِهي هِن منصوره بستي جا پهريان رهندڙ آهن. هاڻي هي بستي ڪافي گهرن تي مشتمل آهي ۽ هِن بستي کي پنهنجي هِڪڙي ننڍڙي بازار بہ آهي ۽ هِن بستي وارا پابند آهن تہ ضرورت جون سيئي شيون هِن بازار مان خريد ڪيون وڃن. جيئن هي بازار اجا بہ وڏي ويجهي، بند نہ ٿئي. هي حليم منزل جنهن کي ’مهمان خانہ‘ جي حيثيت ڏنل آهي. اِن ۾ ڪنهن جو بہ مهمان ترسي سگهي ٿو الڳ سان هِن بستي ۾ ڪنهن کي بہ اوطاق قائم ڪرڻ جي اجازت ناهي، بہ منزل گهر بہ ڪير نهرائي نٿو سگهي، اگر ڪنهن سبب جي ڪري پنهنجي گهر جي ڇت تي چڙهندو تڏهن بہ بستي وارن کي تي آواز ڏئي پوءِ پنهنجي گهر جي ڇت تي چڙهندو.

هن ڪالوني جي گهرن ۾ ڪنهن وٽ بہ ٽي وي ناهي، ۽ ڪنهن بہ ٻار وٽ موبائيل فون ناهي، اسان ڪان وڌ نعمان ۽ شعيب حيران ٿيا. ’هان ايئن وري ڪيئن‘؟ اجا اڳتي ٻڌايائين تہ ٻيون رانديون سڀ ڪندا آهن پر ڪرڪيٽ راند جي منع آهي. نعمان ٿو مونکي چوي ’اَبو هي ڪهڙي ڪالوني آهي‘؟ ’هي ڪهڙي دؤر ۾ پيا رهن‘. مون چيو ’پُٽ اِهو هِتي جو قانون آهي، جيڪو صرف هنن جي ڪالوني تائين ئي محدود آهي‘. تيستائين عبدالقدوس اِشارو ڪندي پريان گهر ڏانهن چيائين ’هو ڏِس ڪالوني ڪان پريان جيڪي گهر آهن، اُنهن تي ٻڌش رکي آهي.‘

اجا وڏيڪ ٻڌايائين تہ هِن بستي لاءِ زمين وقف ڪيل آهي، تنهن ڪري هِتي رهڻ وارن کي پنهنجي گهرن جا مالڪاڻا حق حاصل ناهن

صرف قبضہ گير آهن ۽ جيڪو نئون رهائشي ايندو اُهو بہ صرف هِڪڙو عهد نامو صحي ڪندو ۽ پلاٽ حاصل ڪري پنهنجو گهر ٺاهيندو. هِتي هر مهيني هِڪڙو گڏيل طور تي اجتماع ٿيندو آهي، جنهن ۾ هِڪٻئي جا مسئلا هِڪٻئي سان شيئر ڪيا ويندا آهن.

آياسين مهمان خاني ۾ وضو ڪيو اُن بابت ٻُڌايائين ڪنهن جا بہ مهمان ايندا آهن تہ هِتي ترسائيندا آهيون يا شاگردن جا مائٽ ساڻن مِلڻ ايندا آهن تہ اُهي بہ هِتي ئي مِلندا آهن. آياسين مسجد ۾، وري بہ هلڪي هلڪي برسات پئي رهي آهي ۽ تمام ٿڌي وٽندڙ هوا گُهلي رهي آهي. جمع نماز عبدالقدوس پاڻ پڙهائي، اسان سفر نماز بہ فرض پڙهي دُعا گهري ٻاهر نِڪتاسين. ٻاهر آس پاس نظرون ڊوڙي رهيون هُيون،

ديوار ڏانهن اِشارو ڪندي ـ ديوارِ صحافت

ڪجهہ دير ڪان پوءِ عبدالقدوس احمداڻي صاحب بہ نماز پڙهي ٻاهر آيو، وري بہ مدرسي بابت معلومات ڏيندو هليو مسجد جي ويجهو ئي هِڪڙي ديوار ڏي اِشارو ڪندي ٻُڌايائين ’ديوارِصحافت‘ ’هِن ديوار تي هِتي پڙهندڙ شاگرد پنهنجي هٿن سان اخبار ٺاهي، اُها اخبار هِن ديوار تي چنبڙائيندا آهن، مهيني ۾ بہ يا ٽي پيرا اخبارون لڳائيندا آهن. مڪمل اخبارون هٿن سان لِکي ڪري ديوار تي لڳائيندا آهن، ڪالوني جا ماڻهو ايندي ويندي اخبارن ۾ خبرون پيا پڙهندا آهن‘. هيءَ ڳالهہ مون لاءِ بلڪل نئين هئي، چيم ’سائين ٿورو ترسو هي خبر فيس بوڪ تي رکڻ جهڙي آهي. آئون هن جي تصوير وٺان‘. تصوير ڪڍيم. عبدالقدوس اسانکي اندر هِڪڙا ٻيا ڪمرا نوان تعمير ٿيل هئا، اُنهن ۾ وٺي هليو جن بابت ٻُڌايائين تہ ’هي ڪمرا هاڻ ‘Helping Hand Relief and Development’ وارن Donate ڪيا آهن‘. جن تي تاريخ 4 ڊسمبر 2013ع لکيل آهي.

اڇو اوهانکي مدرسي جو ڊيري فارم ڏيکاريان

اڳيان هِڪڙي سنهڙي گهٽيءَ ۾ وٺي هليو. چيائين ’اچو اوهان کي مدرسي جو ڊيري فارم ڏيکاريان‘. ڪجهہ قدم اڳتي هلياسين، ڊيري فارم آيو.

ڊيري فارم بہ تمام وڏو آهي. مينهون بہ ماشاءَالله ٿُلهيون متاريون هُنيون پر سندن ڦر جن جو ساهہ ٿي ويو. اسان اُتي بيٺل همراهن کان پُڇو هي ڇو پِلا هِنن ڦرن کي کير نہ مِلندو آهي ڇا؟ همراهن وراڻيون ’نہ نہ کير ڏارائيندا آهيون‘. بهرحال زميني حقيقت کي ڏِسندي سندن چوڻ تي ڪو بہ اعتبار نہ ڪندو. ڊيري فارم کي هِڪ ڪُنڊ تي هِڪڙي ٻڪري ٻڌل نظر آئي، ٻي ڪُنڊ تي هِڪ اُٺني بہ نظر آئي جيڪا پُڻ صفا هڏائون پنجرو لڳي پئي هئي. اُن بابت عبدالقدوس ٻُڌايو ’هي هاڻي عيد کان پهرين آندي آهي هِن کي هِتي سانڍي تيار ڪندا‘.

مدرسي جي پارڪ ۾ ڪجهہ فوٽوگرافي ڪئي. هاسٽل ڏيکاريائين، ديوار ۾ لڳل افتتاحي پٿر ڏِناسين فوٽو بہ ڪڍياسين پٿر ٻُڌائين پيا: هن بلاڪ جي تعمير جو افتتاح جناب مولانا جان محمد عباسي صاحب جن 4 شعبان المعظم 1414هہ بمطابق 27 جنوري 1994ع. متي لکيل آهي. تعمير شده ڪمرا، 26356 ڪل رقبہ، 45082 مربع فٽ، ڪل ڪمره 27 ، وڏا هال 3، دوره المياه 2 عدد، هِن سڄي ڪم جي نگراني هالا جي انجنيئر محمد انور ولد حاجي احمد خان ميمڻ ڪئي. هاسٽل ۾ اڳيان هِڪڙي وڏي هال ۾ وٽي هليو جِتي شاگردن جي ماني لڳندي آهي، پهريان گهنٽي وڄندي آهي تہ اُهي شاگرد اندر ويندا جيڪي ماني جي سيٽنگ ڪندا ۽ ٽيبلن تي لڳائيندا، وري ٻي گهنٽي وڄندي تہ اُهي سڀ هال مان ٻاهر نِڪري ويندا. پوءِ وري ٽي گهنٽي لڳندي جنهن تي سيئي شاگرد هال اندر داخل ٿيندا ۽ ٽيبلن تي لڳل ماني کائيندا.

مهمان خاني وٽي آيو

عبدالقدوس هاڻي اسان کي مهمان خاني وٽي آيو ڇيائين شاگرد بہ ماني کائين پيا هاڻي پاڻ بہ هلي ماني کائون، ماني بابت اڳ مون ميسيج ڪري ڇڏيو هو تہ ماني جي ڪا بہ تڪليف نہ ڪجو پر پوءِ بہ ماني تيار ڪرايائين. ماني تمام سُٺي هئي، گڏجي ماني کاڌيسين، ماني کان پوءِ بوتل گُهرايائين، گڏ چانهہ بہ گُهرايائين اقبال اجان بوتل پيتي ئي پي تہ چانهہ اچي وئي. اسان سيني کِلندي چيوسين ’اقبال تہ چانهہ نہ پيئندو‘، اقبال بہ کِلندي

يڪو گلاس پي ويو ۽ فوراً چانهہ جي ڪوپ ۾ هٿ وِڌائين. وري مٿان چانهہ بہ پيتائين. اُن کان پوءِ اسان ٻاهر نِڪتاسين روڊ تي جِتي اوڀر طرف کان ساوَڪ ئي ساوَڪ هئي. جيڪي زمينون پُڻ هِن مدرسي جون آهن.

شاهہ ولي الله اورينٽ ڪاليج منصوره

روڊ تي ڪُجھہ گهڙيون ڪچهري ڪئيسين وري هيٺ وٺي هليو جِتي پُراڻيَ منصوره ڪاليج جي پُريل پِٽُن طرف اِشارو ڪندي چيائين ’هن الميي تي ضرور لِکجان‘ پاڻ ٻُڌايائين تہ ’پي پي پي جي دوَر ۾ جماعت اسلامي سان سياسي اختلافن جي ڪري هي تعليم گاهہ بہ سياست جي نظر ٿي وئي. هِن کي نيشنلائيز ڪيو ويو. تنهن کانپوءِ شاگرد واپس پنهنجي گهرن ڏانهن هليا ويا. اُستادن کي ڪنهن کي ڪِٿي ڪنهن کي ڪِٿي موڪليو ويو. وري ٻيهر ِ ڊي نيشنلائيز ڪيو ويو. اُن کان پوءِ سيد محمد قاسم شاهہ, ڊاڪٽر محمد عظيم, غلام سرور پٽو ساٿين سان گڏجي هڪ نئين مدرسي دارالعلوم جو بنياد رکيو 1974ع ۾, جنهن جو پهرين صدر سيد قاسم شاهہ ٿيو. ۽ پوءِ شاهہ ولي الله اورينٽ ڪاليج کي نيشنلائيز ڪرڻ خلاف جماعت اسلامي پاران ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو. ڪورٽ ۾ ڪيس گهڻو وقت هليو هو پر هاڻي اسان ڪيس کٽي ورتو آهي, اسان چاهيون ٿا تہ ڪيس کٽيو آهي تہ اسان کي ڪاليج ۾ استعمال ٿيندڙ سمورو سامان واپس ڪيو وڃي. جيڪو هاڻي ممڪِن تہ نٿو لڳي, پر تي سگهي ٿو تہ اُن جو ڪو ٻيو حل ڪڍيو وڃي.

ايئن اسان اڄ هِن منصوره کي سُٺي ريت گهُمي ڏِٺو ٻي قديم منصوره سانگهڙ واري سائيڊ (برهمڻ آباد) تي آهي, جيڪا آثارن جي شڪل ۾ موجود آهي, اُها بہ ڪڏهن وقت ڪڍي ڏِسي اچبي. هاڻي اسان عبدالقدوس کان موڪلايو. موڪلائيندي منهنجي ذهن تي شعر نما بہ سِٽون تري آيون, جيڪي سندس خلوص ۽ محبتن جي ميجتا آهن.

ماتليءَ کان منصوره, سفر سهڻو ٿيو واه واه,
قدوس قُرب لک ٿورا, سفر سهڻو ٿيو واه واه.

گاڏي ۾ ويٺاسين, روانا ٿياسين هالا طرف.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هالا جي هوائن ۾...

هاڻي هالا جي هِندوري هوائن ۾ پهچي ويا آهيون ۽ منهنجي ذهن ۾ ياد جي ڪا ڪِڙڪي کُلي ٿي، جنهن مان ڏِسان پيو سنڌي سفرنامن جي بادشاهہ الطاف شيخ کي جيڪو هِنن رستن ۾ گهٽين ۾ گُهمندي نظر پيو اچي، جنهن جو تعلق هِن هالا سان ئي آهي، ۽ پوءِ اسان جو يار نور ميمڻ هالائي جنهن سان ٽيڪنيڪل ڪاليج بدين ۾ ڪجهہ مهينا گڏ پڑهيو هئس، ايئن سنڌ جو هِڪ پيو بہ خوبصورت شاعر ۽ منهنجو دوست ’عاشق هالائي‘ جي ياد بہ هانوَ ۾ هُرڻ لڳي، ۽ يادن جي اِن منظر پس منظر ۾، هانوَ هِندوري ۾ لُڏڻ لڳي هرڻي اکي هِڪڙي سکي ۽ پوءِ چرڪ پريندي دوستن سامهون پاڻ کي حاضر ڏيکاريندي، پنهنجي دوست آڪاش کي فون ڪيم، فون بزي هو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو هو. جيئن ئي فارغ ٿيو تہ رنگ بيڪ ڪيائين، حال احوال ٿيو چيم تنهنجي شهر ۾. فوراً چيائين کمڙي جڳهہ تي چوڪرو موڪليان ٿو. مون چيو نہ صرف فون تي سلام تي ڪيم، اسان مخدوم طالب الموليٰ سائين سان مِلڻ ٿا وڃون، چيائين ايئن وري ڪيئن ٿيندو، اوهان پلي درگاهہ تان ٿي اچو، آئون درگاهہ ڏانهن ٿو چوڪري کي موڪليان. اسان هليا آياسين درگاهہ طرف.

حضرت نوح سرور ؒ

’اگهڻ ٻُهاريان تنهنجون واٽون نيهاريان، هو يار سجڻ !‘.

رونا ليليٰ جي ڪوئل جهڙي آواز ۾ طالب الموليٰ جا اِهي ٻول تہ سيني ٻُڌا هوندا. چو تہ اِهي ٻول تمام گهڻو مشهور آهن. درگاهہ ۾ اندر داخل ٿياسين، سنڌ جي سيني اوليائن ۽ درگاهن جي ساڳي ئي صورتحال هوندي آهي. ساڳي طرح اڏاوَتون، ساڳي طرح ماڻهن جي اَچ وَڃ، ساڳي طرح عقيدت مندي. سڀ ڪجهہ ساڳيون جو ساڳيون نظر ايندو نظر جنهن طرف بہ ويندي. باقي ايئن آهي تہ ڪجهہ درگاهن تي رش تمام گهڻي رهندي آهي، ۽ اُنهن تي ڪافي ڪجهہ غلط ڪم بہ ٿيندا آهن. چو تہ هر هنڌ هر قسم جا ماڻهو اوهان کي مِلندا، پوءِ جنهن جو جيڪو ڪم هوندو اُهو اُهوئي ڪم ڪندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقبري جي اندر داخل ٿيندي ئي سڀ کان پهرين عظيم هستي، ۽ عظيم شاعر قرآن مجيد جي فارسي مترجم غوث الحق حضرت مخدوم نوح سرور تي ڦُل پڙهياسين.

مخدوم نوح سرور رمضان جي پلاري مهيني جي پلاري رات جمع جي 9 رمضان 910هه ۾ هِن ڌرتي تي آيا. سندن پڙ ڏاڏو حضرت شيخ فخرالدين ڪبير 'وڏو' عرب ملڪ مان لڏي پنجاب جي مشهور شهر ديره غازي خان جي پرسان ڪوٽ ڪروڙ پڪا ڳوٺ ۾ رهائش اختيار ڪيائين. اُتان جڏهن پيهر سفر ڪيائين ته سنڌ هليو آيو سنڌ جي شهر بوبڪ ۾ رهيو ۽ سندن آخري آرام گاهه پُڻ بوبڪ ۾ آهي، سندن پوٽو مخدوم فخرالدين صغير ڪوٽ ڪروڙ مان لڏي هالڪندي، (هالا پُراڻا) ۾ اچي آباد ٿيو.

عجب عشق آهي اسانجو الستي

۽ ڪُجهه پيون به قبرون آهن جن ۾ هڪ قبر اُن حضرت مخدوم محمد الزمان 'طالب المولىٰ' جي به آهي جنهن چيو آهي ته:

عجب عشق آهي اسانجو الستي،
ڪڏهن بُت پرستي ڪڏهن خُود پرستي.

جهان کان جُدا تي جهان ۾ رهون ٿا،
سِين ساڻ گڏ هوندي سيڪجهه سَهون ٿا،
وسائيسون وه وا ورهه واري وَستي.

اسانجي محبت جو معيار محڪم،
ڪري پيار ٿياسون جو هن ساڻ همدم،
اسان تان سڄاتي حبيبن جي هستي.

ٿياسون جو 'طالب' ته مطلوب مِليو،
ٿي ساقي صنم، پو ڪٽي جام اُٿيو
سري مان سڄڻ جي مِلي سُرڪ سستي.

مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ

مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ جي باري ۾ مون جيڪو پڙهيو آهي ته هي طبيعتن سيبني پيرن، وڏيرن کان مختلف هو. محبت جو پيڪر هو. ايتري تائين جو ملازمن سان به ٽِڪو نه ڳالهائيندو هو. ڪنهن سان جي ڪا رنجش هوندي تڏهن به اُن کي محسوس ٿي نه ڪرائيندو هو ته ڪائنس خفا آهي. اِنهي سندس طبيعت جي ڪري هن ماڻهن طرفان به وڏي محبت ماڻي جو سنڌ توڙي هند ۾ سندس چاهيندڙ موجود آهن. هِن سڄي خاندان ۾ به الڳ ۽ منفرد شيون آهن. هڪ شاعري ٻيو موسيقي سان دِلچسپي.

طالب المولىٰ سڀ کان پهرين ”انجمن علم ۽ ادب“ جو هالا شهر ۾ بنياد وِڌو. پوءِ اِن پليٽ فارم تان کوڙ ادبي گڏجاڻيون، ڪانفرنسون سڏايون ويون. اجا به ادبي ڪمن ۾ دِلچسپي وڌڻ ڪري پاڻ هالا جي شهر ۾ ”الزمان“ پريس قائم ڪئي، جِتان پوءِ هفتيوار اخبارون ”پاسبان“ ۽ ”الزمان“ نِڪرنديون هيون. 1950ع ۾ هالا جي شهر مان ”فردوس“ نالي هڪ ماهوار رسالو پڻ شايع ڪيائين. اُن کان علاوه 1952ع ۾ ماستر جمع خان ’غريب‘، سندس ئي سرپرستي ۾ هِڪڙو رسالو ”طالب المولىٰ“ نالي شايع ڪيو. 1954ع ۾ ”اداره روح ادب سنڌ“ جو بُنياد وِڌائين. جنهن پليٽ فارم تان راڳ ڪانفرنس 1955ع ۾ سڏايائين ۽ ماهوار رسالو ”روح ادب“ جي اشاعت ٿي. ”بزمِ طالب المولىٰ“ جو بُنياد پڻ 1955ع ۾ هالا شهر ۾ وِڌائين. جنهن کان پوءِ سڄي سنڌ ۾ مختلف هنڌن تي شاخون کُوليون ويون. 1956ع ۾ هِن جي سرپرستي ۾ حيدرآباد شهر مان به ”شاعر“ رسالو شايع ٿيڻ لڳو. هن جا تصنيف ڪيل ٽيهارو کن ڪِتاب آهن. اِن کان علاوه ٻيون به کوڙ ساريون ادبي ڪاوَشون اٿس. لوڪ ادب ۾ پُڻ هِن جون وڏيون خدمتون ساراهيون وڃن ٿيون. مخدوم طالب المولىٰ 4 آڪٽوبر 1919ع ۾ هِن جهان ۾ اکيون کوليون ۽ 11 جنوري 1993ع ۾ هِن جهان کي الوداع ڪري ويو.

جي پائين جيئرو هُجان، ته دِل جا ڏوئج داغ،
اچي پيارج عشق مان، اڻ ميا اياغ،
بينا ڪري بهار اچ، برهه وارا باغ،
ٿو زوري منجان زاغ، ويل وقت نه آهيان.

❊

جي پائين جيئرو هُجان، تہ پِڪ پريمي پيار،
انهيءَ آب حيات مان، ڏاتارا! ڪي ڏيار،
طالب مولا کي مِنا ماري، ماري نہ مارا!
ڪٽي نظرون ناز سان، جاني! پاڻ جيار،
پهريان وعدا پار، ويل وقت نہ آهيان.

❊

جي پائين جيئرو هُجان، تہ نار مڙيئي نپ،
طالب مولا ڪان ڪبا، ڪهڙا ڊاءَ ۽ ڊپ،
برج ڪيڏون برهہ جي، لائق! ڪر لهپ،
ٻهگڻ! ٻاونگير جي، هجني ڪتڻ جا ڪپ،
ذي ڪا شوق شراب مان، لالڻ ساقي لپ!
چتا آهن چَپ، ويل وقت نہ آهيان.

❊

اسان سندس قبر تي قُل پڙهي دُعا گُهري ٻاهر نِڪتاسين ڪجهہ فوٽوگرافي ڪئيسين،اِن دوران منهنجو پيارو دوست آڪاش ميمڻ مُسلسِل ميسيجن ذريعي رابطي ۾ هو. مون سندس دِل وٽان مِلڻ جي خواهش ڏِني تہ اچڻ جي حامي ڀريم. چو تہ لطيف سرڪار پُڻ ايئن ٿو چوي:

جي ايندي چوَن آءُ، ويندي چوَن ويهہ،
چڏي سارو ڏيهہ، اگڻ اچجي اُن جي.

تيستائين مونکي هِڪڙو نمبر ميسيج ڪيائين ’چوڪرو توهان کي وٺڻ پيو اچي اِن سان رابطو ڪريو‘. رابطو ڪيم. ٻُڌايائين تہ ’آئون يو.بي.ايل جي اڳيان بيٺو آهيان. توهان جيئن ئي درگاهہ مان ٻاهر نِڪرندا تہ توهان کي آئون ڏِسي وٺندس‘. اسان ٿورو اڳيان وياسين چيائين ’ها اچي رنگ جي ڪلٽس آهي، مون اوهان کي ڏِسي ورتو آهي. آئون اڳيان بيٺو آهيان‘. پوءِ اسان مختلف گهٽين مان ٿيندا اچي ساڻي محلي پُهتاسين، جِتي دوست آڪاش ميمڻ جي ’شانتي ڊولپمينٽ‘ اين جي او جي آفيس آهي. جيئن پُهتاسين تہ دروازي تائين اچي اسان جي آجيان ڪيائين.

آڪاش، شانتي ۽ ساگر

آڪاش ميمڻ سان منهنجي ملاقات ڪاٽوٽ جي پياري دوست شوڪت ميمڻ ڪرائي هئي، اُن وقت ٻئي گڏجي ڪم ڪندا هئا. پوءِ ڪجھ وقت کان شوڪت ميمڻ او آر ڊي جو بُنياد وِڌو ۽ آڪاش آهستي آهستي پاسيرو ٿيندو ويو. نيٺ هِن به هالا ۾ شانتي ڊولپمينٽ آرگنائيزشن 'ايس ڊي او' کي رجسٽرڊ ڪرائي آفيس کولي ۽ اِهو ضروري ناهي ته سيئي ماڻهو سيني شعبن ۾ هِڪجهڙو ترقي ڪن. شوڪت ميمڻ وڏي ترقي ڪري تمام وڏا پروجيڪٽ حاصل ڪري ويو. ۽ هي دوست اجا ته صرف پنهنجي مٿي ڳتي هلڪا ڦُلڪا ڪم ڪري رهيو آهي. اجا تائين ته ايئن ئي وقت گُذرندو اچي اسان جي دُعا آهي ته هي دوست پنهنجي هِن ڪم 'خدمتِ خلق' جي جذبي تحت پوري ماحول ۾ هِڪ شانتي وارو، سڪون وارو پُرامن ماحول پيدا ڪري. طبيعتن دِلبر دوست آهي، ڪُليل دِل جو مالڪ، ها ته ها، نه ته نه. ٻِٽي پاليسي رکڻ وارو ناهي، مُنهن تي ها پريُٺ ڳِلا هي اُنهن ماڻهن مان ناهي.

مونکي آفيس جو روم ڊِيڪارياائين پسنديده شخصيتن جون سليڪٽيڊ تصويرون چٽني پاسان لڳل فريمن ۾ ڏاڍو خوبصورت لڳي رهيون هيون. ٻُڌاياائين ته 'اسان جو آشيانو آهي'. چيم 'الله پاڪ اوهان کي اجا وڌائيندو'. گڏجي پڪوڙه ۽ سموسا کاڌاسين، سامهون گذرندر جليبي بسڪيٽن وارو لنگهيو ته اُهي به گُهراياائين جيڪي هاٽي هاٽي تازه تيار ٿيل هئا، کائڻ ۾ ڏاڍا لذيذ هئا. مونکي پُراڻي ياد اچي وئي (ڪاليج مان جڏهن واپس ايندا هئاسين ته رستي ۾ بيڪري هوندي هئي. جنهن تان اسين اُهي ڪنڊ وارا جليبي بسڪيٽ گرم گرم وٺي ڪنهن هوٽل تي اچي ويهي گڏجي چانهه پيئندا هئاسين. اسان ٽي دوست هوندا هئاسين جوڙ ۾. لطيف، محمود ۽ آئون. بين به ڪافي جڳهين تي ڪجھ وڏيڪ لِکي چُڪو آهيان).

هاڻي آڪاش کان موڪلايوسين. دروازي کان ٻاهر اچي موڪلاياائين ۽ اسان کي ڏِسندو رهيو اسان رستو ڀُلجي وياسين فوراً فون ڪياائين ته اِن طرف نه وڃو، واپس اچو ۽ اوهان جي ساڄي طرف جيڪو رستو نِڪري پيو اُن طرف مُڙو. سندس شڪريو ادا ڪيم. ۽ اسان گاڏي واپس ڪري ڏسيل رستي تي هلڻ لڳاسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو در آيس راڄيا!، پٽ تان پيرو

سر لوهيڙا ڳڀيا، ڪسر نسريا،
تو ڪيئن وِسريا، ڏوليا ڏينهن اڇڻ جا.

اسان جو پنڌ هاڻي اُن هستي طرف هو جيڪا پنهنجي شاعري جي ڪري پوري دُنيا ۾ اهم ۽ مُنفرد سُڃاڻپ رکي ٿي. ’لطيف سرڪار‘ جيڪو عاشق به هو شاعر به هو ۽ هاڻي عام ماڻهن ڪيس صرف دُعا جو دَر بڻائي ڇڏيو آهي. بهرحال ماڻهن جي عقيدت بابت ڪجهه نٿا ڳالهايون. پر ايترو ضرور ته الله پاڪ، قرآن شريف ۾ واضع واضع لِکيو آهي ته: بندا اوهان جا سڀ گُناهه معافي جي قابل آهن. پر صرف هِڪ گُناهه شرڪ. يعني الله کي ڇڏي ڪنهن ٻي هستي کي سڏڻ اِهو گُناهه معاف نه ڪندو. سو الله پاڪ ماڻهن کي سِڌي دڳ لڳائيندو. لطيف سرڪار پاڻ الله پاڪ کي چوي ٿو:

تو دَر آيس راڄيا، ٻيا دَر ڏئي ٻَن،
ڪمان جا ڪماچ سين، سا سُڻ سٻاجهي ڳَن.
جا مگ منهنجي مَن، سا مڙوئي معلوم تو ڏٽي.

اسان جي گاڏي جيئن ئي لطيف جي درگاهه طرف مُڙي ته ٻنهي پاسن کان شاهه لطيف جا شعر ايندڙن جي جِڻ آجيان ڪري رهيا آهن.

هِن تاري هُن هيٺ، هُت منهنجا سپرين،
سجڻ ماکيءَ ميٺ، ڪڙائي ڪا نه لهان.

آس پاس جڏهن پارَڪ، ساوَڪ يا انتظام تي نظر ڦيرائجي ٿي ته: ڪجهه به ناهي جڻ جهڙي شخصيت، جيتري شُهرت، جيتري هنڌين ماڳين هاڪ ايترو ڪو به انتظام نظر نٿو اچي، اسان جڏهن درگاهه جي ويجهو پُهتاسين ته سيڪيورٽي لاءِ مقرر چوڪرا وڏين گاڏين کي اندر ڇڏين پيا. باقي ننڍيون مهراڻ يا ڪلٽس جهڙيون گاڏيون ٻاهر پيا روڪين. وڙهڻ لاءِ جهيڙڻ لاءِ ته جڳهه جڳهه ماحول جُڙيل هوندو آهي پر آخر ڪيترو، ڪيترو اڪيلو ماڻهو جهيڙيندو. جيستائين هر ماڻهو جي سوچ نٿي بدلجي ته قانون، انتظام سيني لاءِ هڪجهڙو هجي، تيستائين ڪجهه به نه بدلبو. وڏي گاڏي اچي ته سلام سر! اندر هلي وڃي، ننڍي گاڏي واري کي وري رعب مان ٻاهر روڪيو وڃي. اهڙي سوچ کي ڪيئن بدلائجي، اِهو ڏاڍو ڏکيو مرحلو آهي. ايئن هر هنڌ هر جڳهه تي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان وڏيڪ بحث ڪري وقت وڃائڻ بجاءِ گاڏي کي گهمائي پارڪنگ ايريا ۾ بيهاري آياسين. هاڻي جڏهن درگاهه ۾ داخل ٿي رهيا آهيون، تڏهن اقبال جي اک باز وانگر هيڏانهن هوڏانهن لامارا ڏئي رهي هئي. چيومانس يار! سونهن سڀ کي وڻندي آهي. هر ماڻهو خوشبوءِ ۽ حُسن کي پسند ڪندڙ آهي. خوشبوءِ ۽ حُسن هر ڪنهن جون وڻندڙ شيون آهن. پر تو تہ صفا حد ئي پار ڪري ڇڏي. يڪو پيو تڪين. اِيئن تہ مارائيندن ادا. ڪِلي ڪجهہ شرمائي بہ پيو. ’مارينِدو وري ڪير؟‘ ڪنهن قدر اقبال جي بہ ڳالهہ صحي آهي. اڪثر ڪري درگاهن تي سينگارجي مايون ڇو ٿيون اچن.

هِڪڙي سادي ڳالهہ جيڪا سيني کي سمجهہ ۾ اچي. هڪڙو اهو سوال جيڪو پرائمري وارو ٻار بہ ٻُڌائي وجي. سوال اِهو تہ ماڻهن جو اگر عقيدو اِهو آهي تہ اسان کي هيءَ بيماري آهي. هي مرض آهي. هي روڳ آهي. هيءَ تڪليف. هيءَ پيڙاهہ آهي. جنهن جو علاج صرف لطيف سرڪار وٽ آهي. تنهن ڪري سائين جي چانٺ چُمڻ آيا آهيون. ٺيڪ. سمجهہ ۾ آيو.

پر سمجهہ ۾ جيڪو نٿو اچي اُهو اِهو تہ: ماڻهو بيماري ۾ مُتبلا آهي. مرض ۾ وڪوڙيل آهي. روڳ ورتل آهي. تڪليف ۽ پيڙا مان گُذري رهيو آهي. ۽ ڪيس ٿيل ’سورنهن سينگار‘!!! اگر ڪنهن کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي تہ مهرباني ڪري مونکي بہ ٻُڌائي. منهنجي ننڍڙي ذهن ۾ اِنهي سوال جو جواب ناهي. جي آهي تہ اِهو هِن معاشري کي قابلِ قبول ناهي. اوهان منهنجي رهنمائي ڪريو.

مونکان ڪنهن دِلبر پُڇيو: ’اوهان تہ درگاهن جي باري ۾ ڪجهہ ٻيو ٿا سوچيو. پوءِ درگاهن تي ڇو ٿا وڃون؟‘ ماڻهو ڪو بہ سوال ڪري سگهن ٿا. ڪين پوري پوري آزادي آهي. منهنجو ڪيس سادو جواب: ’حقيقتن کي ڄاڻڻ. هِڪڙيون ڳالهيون ٻُڌل هونديون آهن. هِڪڙيون ڳالهيون پڙهيل هونديون آهن. هِڪڙيون ڳالهيون ڏِٺل هونديون آهن. اسان پهرين ٻُڌيون. پڙهيون هاڻي ڏِسڻ ٿا چاهيون.‘ سڀ کان طاقت ورَ موقف اکين ڏٺل حقيقت هوندي آهي. اِيئن اسان اُنهن الله جي اوليائن تي. مُعتبر انسانن تي چار قُل بہ پڙهندا آهيون. ۽ آس پاس ماڻهوءَ ڇا ڪري رهيا آهن. ڪيئن ڪري رهيا آهن. ڪنهن کان گهُري رهيا آهن. ڪنهن کي پوڄي رهيا آهن. سڀ ڪجهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي اکين سان ڏِسندا آهيون. اوهان بہ جڏهن منهنجا هي لفظ پڙهندا ممڪن آهي اوهان کي ڪجهہ ڪاوڙ لڳي، پر جي اِيئن ٿئي ٿو تہ پوءِ اوهان تي اِهو واجب آهي تہ اوهانکي بہ هِڪ پيرو منهنجي لِکيل ڳالهہ جي تصديق لاءِ اُنهي هنڌ تي وڃڻو پوندو. اگر مون ڪوڙ لِکيو آهي تہ پوءِ اوهان کي حق آهي تہ ڪيترا بہ چوهہ چنڊيو.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح

سنڌ جي سرموڙ شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيرح تي سلام ورائي سندس مٿان قُل پڙهي، ٻاهر نِڪتاسين. ڪجهہ ماڻهن کي چانٺ چُمندي ڏِٺوسين. دَر دَريون ۽ پِنجرا سيني کي چُمن ٿا. سندن عقيدت آهي.

شاهہ لطيف جو جنم هِن ٻوڻ مٿي 1689ع ۾ ٻُڌايو وڃي ٿو هالا جي ڳوٺ هالا حويليءَ ۾ سيد حبيب شاهہ جي گهر ۾ ٿيو شاهہ لطيف جي پڙهيل هئڻ نہ هئڻ بابت ڪافي بحث ٿيندا رهيا آهن. گهڻو مشهور روايت تہ اِها آهي تہ شاهہ لطيف کي سندس والد شاهہ حبيب، آخوند نور محمد ڀٽيءَ وٽ پڙهڻ لاءِ ڇڏيو جِتي هُن لفظ 'الف' پڙهي اڳتي نہ وڌيو. ۽ پوءِ اُن تي اڳتي هلي هڪڙو شعر بہ لِکيائين:

اکر پڙهہ الف جو ٻيا ورق سڀ وِسار.
اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

شاهہ صاحب کي عاشق بہ چيو وڃي ٿو جيڪو مجاز جو ڪانَ هِن کي مرزا مغل بيگ جي ڌيءَ جو حُسن ڏِسي لڳو هو. جنهن جي اُماڙي کيس مجاز کان حقيقت جو پنڌ ڪرايو مرزا مغل بيگ پنهنجي ڌيءَ جي لاءِ دُعا ڪرڻ لاءِ شاهہ لطيف کي وٺي ويو هن سندس چيچ مان جهلي چيو:

'جنهن جي آڱر سيد هٿ ۾، تنهن کي لهر نہ ڪي لوڏو'

اُن عشق کان پوءِ ڇا ٿيو سو سوين ڪِتابن مضمونن ۾ اڳ ۾ لِکجي چُڪو آهي، مختصر اِهو تہ: شاهہ صاحب پنهنجي حال ۾ نہ رهيو بَرَ مُنهن ڪيائين، ڪنهن وڻ هيٺ ليٽيو رهيو مٿيءَ ۽ واري مٿان وري وِيس، مال جي ڌراڙن هِن کي ڏِٺو اُنهن وڃي شاهہ حبيب کي ٻُڌايو. جيڪو ڊوڙندو آيو هِن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَٽ پهتو سندس حالت ڏِٺائين بي اختيار ٿي چيائين:

لڳي لڳي واءُ, وِيَس انگڙا ڍڪجي,

شاهه صاحب جيڪو پنهنجي حال ۾ نه هو تنهن مٿي ڪنڌ کڻي جواب ۾ چيو:

پئي کڻي پساهه, پسڻ ڪارڻ پرين جي.

هي ڳالهه گهڻا ماڻهو ڏند ڪٿا ٿا چوَن, مونکي به لڳي ايئن ٿو وڌيڪ الله کي خبر, خير شاهه صاحب جو وڏن ڪشالن کان پوءِ عشق اگهاميو ۽ مرزا مغل بيگ جي ڌيءَ سيده بيگم سان سندس شادي به ٿي.

لطيف سرڪار اهڙو منفرد شاعر آهي جنهن ۾ اوهان کي وطن جي حُب, پرين پسڻ جون ڳالهڙيون, وِڇوڙا ورلاپ, ميل ملاقاتون, ميلا ۽ ماتم سڀ موضوع مِلندا, شايد ئي ڪو اهڙو موضوع رهيل هُجي جنهن تي شاهه جو شعر اوهان کي نه مِلي. هي الله جو ولي آهي ۽ هِن تي لدني علم نازل ٿيل آهي, مختلف روايتن ۾ لِکيل آهي. سندس شاعري مان تہ اِهو ئي ڏس مِلي ٿو ته هو وڏو عالم ۽ ڏاهو هو جنهن جي نظر زمين آسمان تي ۽ موجود سموري ماحول تي, وڻن ٽڻن تي, پکين پَکن تي, ماڻهن مِرُئن تي, هڪجهڙو پئي هلندي هئي, ۽ پيو مشاهدا ماڻيندو هو پنهنجي شعرن ۾ بيان ڪندو هو.

شاهه صاحب پنهنجي زندگي جي 63 سالن جي جمار ۾ ڪهڙا رنگ ڏٺا, ڪهڙا روپ پَسيا, اِهي احوال سندس باري ۾ سوين ڪتابن ۾ لِکيل آهن. شاهه صاحب جي وِصال جي تاريخ 1752ع ٻُڌائي وڃي ٿي. شاهه صاحب جي وصيت موجب کيس محمود شاهه جي پيرانديءَ کان دفن ڪيو ويو, هي مٿس اڏيل مقبرو اُن وقت جي بادشاهه ميان غلام شاهه ڪلهوڙي پنهنجي خرچ تي 1754ع ۾ جوڙايو.

مزار کان ٻاهر نِڪتاسين تہ لطيف سرڪار جي آڳند تي سندس فقير سندس وايون ورجائي رهيا هئا, جيڪو راڳ صدين کان هلندو ٿو اچي, نسل درنسل فقير ٽولي جي صورت ۾ تنبورو وڃائي, وايون ورجائيندا رهن ٿا. پٺائي جي پير ۾ ئي سندس والد بزرگوار حضرت شاهه حبيب مدفون آهي.

اَڄ مَلِينديَس, ماءِ! ڏاچا ڪنديَسِ ڪَپڙا,

جِيجا! جوڳِياڻِي ٿِيان, مُون کي جَهلَ مَ پاءِ,

هوتَ ٻَروچي لاءِ, ڪَنين ڪُنڊَ پائِيان.

حضرت شاهه حبيب رح

شاهه صاحب جي مقبري جي پير ۾ ئي سندس والد حضرت شاهه حبيب رح مدفون آهي. جنهن تي پُڻ قُل پڙهياسين ۽ هِتي بہ ماڻهن جي ساڃي ئي عقيدت نظر آئي.

شاهه حبيب لاءِ ڪتاب ٻڌائين ٿا تہ آخر ۾ جڏهن سخت بيمار ٿيو تہ پُٽ شاهه لطيف ڏي قاصد هٿان هي نياپو مُڪائين:

ڪنهن جي نينهن ننڌاهه، جي مون واجهائيندي نہ ورو.
جيڪي مئي ڪنداهه، سو جانب ڪريو جيئري.

شاهه صاحب ساڃئي ئي بيتابي مان، قاصد کي جواب ۾ نياپو موڪليو.

متان ٿئين ملُور، ڪِين اڳاهون آهيان.
ڏِسڻ ۾ ڪر ڏُور، حد ٻِنهي جي هيڪڙي.

جڏهن قاصد شاهه حبيب کي پنهنجي پُٽ جو اِهو نياپو ٻڌايو تہ ڪجهه روح کي راحت مِليس، آرام آيس، پر جيستائين شاهه صاحب سندس سامهون رُوبرُو ٿئي تنهن کان پهرين ئي ساهه جو پکيئڙو پرواز ڪري ويو. شاهه لطيف کي اِن کان وَڏ شايد ئي ڪو صدمو رسيو هُجي. بهرحال موت تہ برحق آهي، هر ڪنهن تي اچڻو آهي، شاهه حبيب جي وفات جي تاريخ 1742ع ٻُڌائي وڃي ٿي.

مير عبدالحسين خان ٽالپر 'مير سانگي'

شاهه عبداللطيف جي والد شاهه حبيب جي زيارت ڪري ٻاهر نڪتاسين، تہ اُتي موجود قبرستان ۾ هِڪڙو وڏي قد جو ڪُتبو نظر آيو ويجهو اچي پڙهيوسين تہ هي لِکيل هو "تاريخ وفات حسرتِ آيات، ولادت 1851ع وفات 1924ع عمر 73 سال، مرحوم مغفور هِزهائينس مِير عبدُالحُسين خان ٽالپر، ابن سَرڪار شوڪت مدار، مير عباس علي خان ٽالپر" ڪُتبو تہ ڏِٺيو لِکيل آهي، اسين ڳالهه ڪنداسين تہ هو شاعر ڪيڏو سُٺو هو غزل جو بادشاهه سڏيو ويندڙ شاعر 'سانگي' جنهن جي پيدائش ڪلڪتو (انڊيا) ۾ ٿي، سندس والده جو نالو بيبي بلقيس هو جيڪا ساڳي سال 1851ع ۾ وفات ڪري وئي، هن جو والد بہ 1857ع ڪلڪتي ۾ ئي وفات ڪري ويو. مون ۽ ادا منظور سندس ڪُتبي سان گڏ فوٽو ڪڍي، ڪائنس موڪلايوسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت ميان تمر فقير سالاريو

مزارن جي ٻاهر پر ۾ پٿائي جي خاص فقير ’حضرت ميان تمر فقير سالاريو (هالو ارباب) جي چؤڪُنڊي آهي. سندس تُربت مٿان هي بورڊ لڳل آهي. سندس وصال جي تاريخ 4 ربيع الثاني 1405هه ٻُڌائي پئي وڃي. هي فقير لطيف سرڪار جي سمورن فقيرن مان خاص فقير هوندو هو.

شمس العلماءِ عمر بِن محمد دائود پوٽو

اُتي ئي ويجهو شمس العلماءِ عمر بن محمد دائود پوٽو جي بہ مزار موجود آهي. بلاول جي نگري تلٽي ۾ پيدا ٿيو ۽ ادب جي اُڀ تي سِتارو ٿي اُڀريو. 1896ع ۾ پيدا ٿيو پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو. مختلف تعليمي ڊگرين ڪانپورءِ انگلينڊ مان انگريزي زبان ۾ پي ايچ ڊي ڪري موٽيو. سندس پي ايچ ڊي جو موضوع هو ’فارسي شاعري جو عربي شاعري تي اثر‘. سنڌ مدرسته السلام ڪراچي جو پرنسپال ٿي رهيو. 1936ع ۾ هي صاحب سنڌ جي تعليم جو انسٽريڪٽر (وزير) ٿي رهيو. سنڌي ادب ’سُرها گُل‘. ڊاڪٽر گُربخشياڻي جي رسالي لِکڻ ۾ پڻ هِن مدد ڪئي. شاهہ عبدالڪريم بُلڙي واري جو رِسالو بہ لِکيائين. ۽ عبدالرحيم گِرهوڙي واري جو ’ابياتِ سنڌي‘ جي شرح پڻ ترجمو ڪيائين. اُن ڪان علاوه سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ تي پڻ وڏو ڪم ڪيائين. 1958ع ۾ هِن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيائين.

مٺو مهيري سان ملاقات ۽ اِبراهيم مُنشي جي ياد

بس هاڻي ٻاهر ئي اچي رهيا هئاسين تہ مٺو مهيري سامهون گڏيو. ڀاڪر پائي مِلياسين. حال احوال ڪيائين چيائين تہ 30 جولاءِ تي مُنشي محمد ابراهيم جي ورسي تي مِلنداسين.

ابراهيم منشي ڪي مون رُوبرُو هِڪ ڀيرو 2000ع ۾ ميلنيم مشاعري ۾ ٻُڌو هو ’جنگ جنگ، جنگ منهنجي تہ توسان جنگ آ. پليٽ پير ڪر پري هي ڌرتي منهنجو ننگ آ.‘ وفا ناٿن شاهي اِن مُشاعري جي صدارت ڪئي هئي. وفا ناٿن شاهي کي بہ رُوبرُو ڏِسڻ جو اِهو پهريون موقعو هو.

اِبراهيم مُنشي خاص مهمان هو. هي مشاعرو بخشڻ مهراڻوي، حسن درس، مظهر لغاري ۽ ڪجهہ ٻين دوستن گڏجي ڪرايو هو.

شيخ اياز سان بہ مِلياسين ڪراڙ ڪپ تي

ڪراڙ ڪَپ تي آياسين اياز وَٽ. اياز جيڪو سنڌ جو سرموڙ شاعر ٿي گُذريو آهي جنهن شاهہ لطيف کي ايئن چيو آهي تہ:

آءُ ڀِٽائي آءُ، تنهنجي لئہ منهنجون اکيون،
ڏِس مون تنهنجو ڪينرو ڀوريو ناهي ڀاءُ،
ساڳيو جوڳ جڙاءُ، ساڳيان سنڌڙا ساز جا.

۽ اِها خواهش جيئري ئي ڪري ويو هو. خواهش نہ بلڪِ وصيت تہ منهنجو جسد خاڪي، ڀِٽائي جي پيرن ۾ دَفن ڪجو.

شيخ اياز مبارڪ شڪارپور ۾ 1923ع ۾ پيدا ٿيو هِن ٻين ڊگرين حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ 1950ع ۾ ايل ايل بي بہ پاس ڪري ورتائين. ورهاڱي ڪانپوءِ ادب جي دُنيا ۾ شيخ اياز واحد شاعر هو جنهن سنڌي ادب جي وڏي شاعر جو اعزاز ماڻيو. هِن نہ رُڳو شاعري ۾ تمام گهڻا ڪِتاب لِکيا، پر نثر ۾ بہ اوترو ئي لِکيو اٿس، هِن جي نظم توڙي نثر کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي. 1976ع کان 1980ع تائين سنڌ يونيورسٽي جو وائس چانسلر ٿي رهيو. شيخ اياز جي قومي شاعر طور سُڃاڻپ رهي آهي، جڏهن هِن 'سنڌڙي تي سِر ڪير نہ ڏيندو، سهندو ڪير ميار او يار' جهڙا گيت لِکيا يا 'مان ڏوهي هان'، 'سچ وڏو ڏوهاري آهي' جهڙا نظم لِکيا تہ ضياءَ مارشل لا جي دؤر ۾ هِن بہ جيل ڀوڳيو ۽ جيل مان بہ نثر جو هِڪڙو بهترين ڪِتاب 'ساهيوال جي جيل ڊائري' ڏِنائين. ون يونٽ جي وقت هِن جا گيت ۽ نظم گهٽي گهٽي ۾ گونجندا هُئا. شيخ اياز جي شاعريءَ ڪانسواءِ جڻ هر محفل اڌوري هوندي هُئي. (مونکي ياد آهي، 1997ع ڊسمبر جي سرد رات ۾ ڊسٽرڪٽ هال بدين ۾ 'سگا' طرفان مشاعرو هلي رهيو هو. تيستائين فون تي اطلاع مِليو تہ شيخ اياز گُذاري ويو آهي، ۽ پوءِ پروگرام جي ڪمپيئر اِهو اناؤنس ڪيو ۽ اڌ ڪلاڪ جو وقفو ڪندي چيائين تہ هاڻي اسان مشاعرو شيخ اياز کي ڀيٽا طور ڪريون ٿا. سو جنهن وٽ اياز لاءِ لِکيل شعر آهي، يا لِکڻ چاهي ٿو تہ لِکي وٺي). اسان هِن سنڌ جي مهان شاعر تي چار گُل پڙهي ڪيس بخشياسين. ڪائنس موڪلايوسين. آياسين هيٺ تنبوري چوڪ تي فوٽوگرافي ڪئيسين. پوءِ "چگهو ڀِٽائي آئون هلان ٿو" (اياز)

جيڪي سفر ۾ همسفر هئا:

پروفيسر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي: ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت، پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُنا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ تاريخ لکندڙ ماتلي جي تاريخ لکي اٿس، اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا "باغي آ عشق منهنجو"، "تاريخ آهي شاهد" پڻ هِن جا سهيڙيل آهن. نظاماڻي ذات تي "تذڪراءِ نظاماڻي" وڏو ڪِتاب لکيو اٿس، جنهن ۾ پوري قوم جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه کوڙ ٻيا بہ ڪتاب لکيل، سهيڙيل، مُرتب ڪيا اٿس.

اقبال سرور ميمڻ: ڪُنري جو دوست آهي، هن جي ڪُنري شهر ۾ نيو ميمڻ پري ڪُنري جي نالي سان پريس آهي، اسان جو تعلق بہ پريس جي ڪري ئي جُڙيو جيڪو تقريبن 1994ع، همت پريس تي واقفيت جي صورت ۾ ٿيو. اج تائين پائرن وارو رشتو قائم آهي. ساڻس ٻيا بہ کوڙ گڏ گهمڻ جا پروگرام ٿيا، آهن.

منظور احمد جوڻيجو: ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ: منهنجو ياءُ آهي، سُٺي دل رکندڙ آهي، سندس حيدرآباد ۾ "الرزاق پرنٽرز" آهي. پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گهمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشہ چوندو آهي، گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

شعيب: ادا منظور جو وڏو پُٽ جيڪو ستين ڪلاس ۾ پڙهي پيو.

نعمان: منهنجو وڏو پُٽ جيڪو ستين ڪلاس ۾ پڙهي پيو.

مور ساگر: 'ڪي جاٽا مين ڪوڻ بُليا'

[26 جولاءِ 2015ع]

تو در آيس راڄيا، پيا در ڏئي ين. (شاهه)

شاهه عبداللطيف جي اڱڻ تي پروفيسر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي ۽ منظور احمد سان گڏ

منصوره ۾:

عبدالقدوس احمداڻي، پروفيسر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي، اقبال ميمڻ ۽ منظور احمد سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پُٽ نعمان سان گڏ
شاهه لطيف ۽ شاهه حبيب جي مزار اڳيان

شاهه جي خاص فقير تمر جي آخري آرام گاهه وٽ

ڪراڙ ڪپ تي: ٻه ٽي پل مهان شاعر شيخ اياز پر ۾

مخدوم محمد الزمان طالب المولیٰ جي مزار سامهون

مٽياري ۾: قادري آستاني تي فقير علي اڪبر قادري سان گڏ

هالا جي شانتي ننگر ۾: آڪاش ميمڻ جي آفيس ۾
اقبال سرور ميمڻ، منظور احمد ۽ آڪاش سان گڏ

منهنجو پُٽ نعمان پٽ شاهه جي اڱڻ تي
شاهه جون وايون ڳائيندڙ فقيرن سان گڏ

منصوره جي نئين اداري اڳيان
اقبال ميمڻ، پروفيسر عبدالجبار ۽ منظور احمد سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُڏار اچڙي ٿر ڏانهن

روانگي

آهي اسان جي اڄ، اُڏار اچڙي ٿر ڏانهن،
ساٿ ڏجائين سِڄ، ڪڪر پائي پاڻ تي.

اڄ وري اچڙي ٿر ڏانهن اُڏار هئي، لڳي ٿو ساري سنڌ گُهمڻ واريَ منهنجي خواب جي تعبير شروع ٿي وئي آهي، هر مهيني ڪنهن نہ ڪنهن طرف نِڪري ٿا وڃون. هِن ڀيري نعمان کي بِنا چوَڻ جي سنبرايم، حياتي ڪيترا ڏينهن! ٻئي موٽر سائيڪل وَن ٿو فائيوَ تي روانا ٿياسين، پر اڄا رات پئي هئي تنهن ڪري پتنگن اسان سان اهڙا ڪم ڪيا، جو ڪِٿي ڪِٿي تہ گاڏي روڪيو ڇڏيون. ٻوڪيا واهہ تي فجر جي نماز پڙهيسين ماتلي پُهتاسين، همراهہ اسان جي انتظار ۾ ويٺا هئا. هِن ڀيري شيخ عبدالله وارن شرط رکي هئي تہ: اوهين اسان کان اڳ ميرپورخاص پُهچي ويا تہ گُلن جا هار پارائيندا‌سين اوهان کي، اسان تہ خير سويري ئي پُهچنداسين، انشاءَالله.

ادا منظور، سجاد حسن، شعيب اڳ ئي گاڏي ۾ ويٺا هئا. آئون ۽ نعمان بہ ويٺاسين، ڪاليج تان سائين عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي کي کنيوسين. دُعاءِ سفر سان گڏ اِها بہ دُعا گُهريسين تہ اي الله اڄ ڏينهن جُهڙالو ڪجائين.

ممتاز بيگم جو ڳوٺ ملهڻ نظاماڻي

ماتلي شهر مان جيئن ئي روانا ٿياسين ٻاهر پهريون اسٽاپ ملهڻ آيو ملهڻ نظاماڻي جو نالو عوامي تحريڪ کان پوءِ مشهور ٿيو جڏهن شهيد فاضل راهو شهيد ٿيو هو تہ هِتان جي هڪ بهادر عورت ممتاز بيگم نظاماڻي پيرين پنڌ راهوڪي وئي هئي، شهيد فاضل راهو جي ورسي ۾. اُن کان پوءِ هِتي جون ڪافي عورتون توڙي مرد عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيا، ۽ محترم رسول بخش پليجو بہ جڏهن ماتلي ايندو هو تہ ملهڻ ۾ ضرور ترسندو هو.

قزبانو جو ڳوٺ

ڪچهري ڪندا پيا وڃون. پروفيسر عبدالجبار ’قاسم‘ ڪجهہ تاريخ مان بہ ٻُڌائيندو پيو هلي، ڪنهن ڪنهن وقت سجاد سان مذاق بہ ڪندو پيو هلي، سجاد اڄ اسان سان پهريون ڀيرو سفر ۾ شريڪ آهي، ڀيو تہ سائين ۽ سجاد پاڻ ۾ گهڻو هڪٻئي سان تنقيدي ڪچهري ڪندا آهن. سائين عبدالجبار چيو: ’مورا! تو لوڪ فنڪاره قزبانو ٻُڌي هئي؟‘... ’ها سائين‘.

’اُها هِن ڳوٺ مير محمد نظاماڻي (جاڙڪي) جي هئي‘ ڳوٺ پرسان لنگهندي ڳوٺ ڏانهن آڱر جو اِشارو ڪندي ٻُڌايو. قزبانو پنهنجي دؤر جي مشهور لوڪ فنڪاره هئي.

ڏيرو محبت: ماتلي جو پُراڻو نالو

ٿورو اڳيان گاڏي هلي تہ پروفيسر سائين عبدالجبار وري اولهہ طرف هٿ جو اِشارو ڪندي چيو: ’مورا! ماتلي جو پُراڻو شهر هي هو ڏيرو محبت، جيڪو هاڻي ڪجهہ پوٺو ۽ ڪجهہ زمين آباد بہ ٿي رهي آهي.‘ ڪنهن وقت ۾ ماتلي اِها هوندي هئي. اسان جنهن روڊ تان وڃون پيا اِهو روڊ آصف زرداري ٺهرايو آهي، سندس ’انصاري مِل‘ کان وٺي ميرپورخاص مِل تائين. هُن پنهنجي سهولت تہ ڪئي، پر راڄن کي فائدو ٿيو آهي، الائي تہ ڪيترا ڳوٺ هِن روڊ ٺهڻ جي ڪري سولائي سان شهرن ڏانهن اچ وڃ ڪَن ٿا. اسان بہ جيڪڏهن حيدرآباد کان ڦيرو ڪري وڃون ها تہ وڏو وقت لڳي وڃي ها، پر هِن روڊ جي ڪري گهڻو وقت بچي ويو.

هي ڳوٺ ڪمبوه (پنجابين) جو آهي

ڳوٺ نبي بخش ڪمبوه کي ڪِراس ڪريون پيا. هي ڳوٺ ڪمبوه (پنجابين) جو آهي. پڪا گهر ۽ هِن ڳوٺ جي سُڃاڻپ هتي قائم ’جامعه فاروقيه مدرسو‘ مشهور آهي. ٻيو هِن ڳوٺ جو مائو به چون ٿا مشهور آهي، ڪڏهن کائبو ضرور.

ٻيلهاڙو شاخ جو اصلي ٿاڌل

جڏهن ٻيلهاڙو شاخ تي پهتاسين. شاخ وٽ گاڏي روڪي فوٽوگرافي ڪئي. ٻڙ جو تمام وڏو وڻ هو شاخ جي ڪپ تي بيٺل. اُن هيٺان بيهي فوٽو ڪيڙايا. اڳيان وڌياسين ته اسٽاپ آيو. اُن اسٽاپ تي قائم هِتي جي ٿاڌل سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. ماتلي ۽ ٽنڊو محمد خان روڊ تي ٿاڌل جا دُڪان جن تان ڪڏهن ڪڏهن ٿاڌل پيئڻ ٿيندي آهي. اُنهن تي وڏن اکرن ۾ لِکيل هوندو آهي. ’ٻيلهاڙو شاخ جي اصلي ٿاڌل‘. پر افسوس اسان کي هي اصلي ٿاڌل نصيب نه ٿي، صبح ساجهر لنگهياسين. اجا لوڪ سُتل هوندا ۾.

ميرپورخاص ۾ ڪجھ گهڙيون

ميرپورخاص ۾ ٽي تلوار (جرواري) چونڪ تان داخل ٿياسين. هاڻي اسان شيخ عبدالله وارن سان رابطو ڪيو ٻُڌايائون اسان کي اجا به ڪلاڪ لڳي ويندو. مون چيو سائين عبدالجبار! روڊ جي پاسي ۾ ڪلاڪ ويهي گُذارڻ کان ڀلو آهي ته شهر جو سَير ڪجي. اڳيان وڌون ٿا، باغِ نذير حسين، مسجد نمره، الله وارو چونڪ، هِن جو نالو چاندني چوڪ آهي، چاندني چوڪ کان گاڏي گُهمائي اسٽيشن واري پاسي آياسين. اسان هاڻ سيٽلائيٽ ٽائون ۾ هلي رهيا آهيون. آياسين ريلوي اسٽيشن. گاڏي کي سائيڊ ڪري سيني جي صلاح هئي ته پهرين هوٽل تي ناشتو ڪريون پوءِ ٿا گُهمون. سيني گڏجي هوٽل تي ناشتو ڪيو بعد ۾ آياسين اسٽيشن تي، اسٽيشن مٿي لڳل بورڊ ٻُڌائي ٿو. هي اسٽيشن 1926ع ۾ قائم ٿي، اسٽيشن تان گُهمندي ڪجھ قدم اوپر طرف وياسين ته اُتي هِڪڙي ريل جا ٻه ٽي گاڏا بينا هئا. گاڏن جي پيرن ۾ گاهه ڦُٽي آيل هو جيڪو عرصي ڏانهن اِشارو ڪري ٿو. سائين عبدالجبار ٻُڌايو ته هي ’راجا جي ريل آهي، جيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان ٺهڻ کان پهرين هِتان هلنديون هيون. پارٽيشن ٿيڻ کان پوءِ هي ريل اِتي ئي رهجي وئي‘. فوٽوگرافي ڪري واپس آياسين.

جيئن ئي ريلوي اسٽيشن کان ٻاهر آياسين ته اڇي رنگ جي گُنبذن تي نظر پئي، سائين عبدالجبار سان مخاطب ٿيندي چيم ’سائين! اِها مسجد قديمي لڳي ٿي پاڻ کي ضرور ڏِسڻ گهرجي‘... ’ها ها هلو هلون‘.

اسان مسجد واري طرف وياسين. مسجد جي مين گيٽ تي تالو لڳل هو. مين دروازي مٿان پٿر لڳل هو جنهن تي ”جامع مسجد ميرپورخاص“ لِکيل آهي. هي مسجد خانبهادر الحاج سيد غلام نبي شاهه صاحب جوڙائي، جيڪو اُن وقت ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٿرپارڪر جو چيئرمين هو. 1247 هجريءَ رجب جي مهيني ۾ راس ٿي. مسجد جي جالين مان اندريون منظر ڏِنوسين. ٻاهريون پورشن ٻيهر تعمير ٿي رهيو آهي.

مسجد جي دروازي جي سامهون المهراڻ ڪتاب گهر آهي، ڪِتاب گهر تي چڙهياسين. پُڇا ڪئيسين ڪتاب ميرپورخاص جي تاريخ جي، پر نه مِليو. ڪاوَش اخبار ورتيسين. واپس آياسين. المدينه ڪتاب گهر تي چڙهياسين هِتان پُڻ ميرپورخاص جي تاريخ (ڪتاب) بابت پُڇا ڪئي، نه مِليو. شهر کان ٻاهر نِڪتاسين ٽاٽو بولا خان جي دوستن کي فون ڪئي، چيائون اوهان باءِ پاس تي بيهو. اسين اچون پيا. باءِ پاس تي ضامن علي شاهه هوٽل جي سامهون گاڏي بيهاريسين، ڪجهه دير کان پوءِ وري فون ڪري ڇيوسين، اسان اڳيان ٽا هلون. آياسين ڦاٽڪ وٽ، اُتي سائيڊ کان موجود هِڪڙي ننڍڙي نرسري آهي، گاڏي روڪيسين. تيستائين ٽاٽو بولاخان وارن دوستن جي به گاڏي اچي پهتي، ۽ ٽاٽو بولاخان وارن دوستن سان مِلياسين، شيخ عبدالله سندس به فرزند عباس ۽ عادل، مصطفيٰ ميمڻ، سرور خاصخيلي ۽ مننار خاصخيلي.

سيد ديدار حسين شاهه جي ڳوٺ وٽان گُذرياسين

ميرپورخاص کان تقريبن چاليهه ڪلوميٽر پنڌ پٽي، روڊ جي ساڄي هٿ تي هِڪڙو بورڊ پڙهيو ’ڳوٺ سيد ديدار حسين شاهه‘ هن صاحب سان به زندگي ۾ ڪڏهن نه ڪڏهن ملاقات ٿيندي، پاڻ سُٺو شاعر هئڻ سان گڏ بزرگ هستي ’راضي شاهه‘ جي پڙپوٽن مان آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوفي صادق جي مزار

صوفي اسٽاپ تان جيئن ئي لنگهياسين، ڪجهه قدم ڪان پوءِ سامهون مزار نظر آئي، ’سائين عبدالجبار! اِنهيءَ مزار جي حاضري ڀربي،‘ مون چيو. اڳيان ويندڙ دوستن کي فون ڪري واپس اچڻ جو چيوسين، جيستائين مون ڪُنري جي دوست اقبال ميمڻ کي فون ڪئي. ’اقبال صوفي صادق جي مزار ڪِٿي آهي؟. ’چيائين يار مونکي خبر ناهي،‘ دِل ۾ سوچيم ايئن ئي ٿيندو آهي، هميشه ايئن ئي هوندو آهي. تڏهن ته ڀٽائيءَ به فرمائي ويو آهي.

’پاڙي مٿي جهوپڙا مورک اُڃ مرن‘

’چڱو نيڪ آهي، تنهنجي ويجهو آهيون پر توڏانهن نٿا اچون، تون پنهنجي پاسي ۾ رهندڙ بُزرگن کان به اڻواقف آهين.‘

’سچي ٻُڌايو ڪِٿي آهيو؟‘

’صوفي صادق جي مزار تي،‘

’پوءِ مون وٽ اچو نه چانهه پيئون‘. ’وري ٻيهر ڪڏهن‘، ايئن چئي فون ڪٽ ڪيم. مزار پُراڻي وقت جي ٺهيل آهي، پر منظر سُٺو پيو لڳي.

حق موجود سدا موجود

وچ طالب طلب پلي، پکن ڏيئي پاهه،
گوهر غريبن جو ’صادق‘ آهي شاهه،
ڏيکاري سا راهه، جا پيغمبر پيدا ڪئي.
(صوفي صادق شاهه)

قول صوفي صادق شاهه رح جو

”درد، درد، درد اي غافل الله تعاليٰ سڀ شيون تنهنجي لاءِ ۽ توکي پنهنجي بندگي لاءِ پيدا فرمايو آهي. پوءِ پنهنجي ناداني جي ڪري، ڇاجي ڪري پنهنجي خدا کي وِساري حِرص، هوَس، خيالن، خطرن جي قيد ۾ بند ٿيو وينو آهين.“

هي مٿيون بيت ۽ قول صوفي صادق شاهه رح جي مزار جي دروازي مٿان فريم ٿيو لڳو پيو آهي. اندر قبر تي آياسين، قل پڙهي دُعا گُهري، ۽ پوءِ چئني طرفن کان لڳل شعر جِن جا مون فوٽو ورتا. جيڪي هِتي پڙهندڙن سان پُڻ شيئر ڪريان پيو.

جي الله ڪن، اسين مور نہ مڃون تن کي،
اسين منجهان تن، جن نانءُ نہ ورتو ڪڏهين.

❊

الله چڙي اورهون، پنڌ پراهين پيا،
ٻِنا نالي سپرين، اچا ڪي ٻيا،
واڪيندي ويا، صادق پڏيو سندرا.

❊

سنيپرئو جيان، ڳالهيون سجڻ تنهنجون،
لوڪان تان نہ ڏيئان، تئان ڪڍي هيڪڙي،

صوفي صادق جا شعر هِن کان اڳ ۾ ڪڏهن نہ پڙهيا، چا تہ شاعري اٿس، شاعري جي رمز شاعريءَ ۾ ڏِنل پيغام، پنهنجي پروَردگار سان ڪيل ڪچهري. جيڪا اسان جي هِن ننڍڙي دماغ کان گهڻو مٿانهين آهي.

ڪجهہ هي ٻيا شعر بہ پڙهي ڏِسو:

ڏِنم ڏاتار ڏيهَن جا، جي ٿا نيڻَن ڪن نيهار،
تو تري هيڪڙو، اٿن ئي احوال،
اچي ميرانپور مڱڻي، حاصل ڪيو حال،
ڪهڙي ڪريان ڳالهہ، شاهہ تنهنجي شان جي.

❊

جادم نہ جڪرو، نہ گهر گنگاجر،
تو سندي تر جيتري، ڪنهن نہ پاري پَر،
آيا ميرانپور مڱڻا، ساز ڪيائون سر،
تن کي تنهنجو در، آنئي پهر اکين ۾.

هِن بزرگ جو اصل نالو صوفي صديق محمد هو. هي ذات جو سومرو هو. دودن وارن نک ’متو‘ سومرن مان. سندن مُرشد هِن کي ’صادق شاهہ‘ جو لقب ڏِنو اُن کانپوءِ هي ’صوفي صادق فقير‘ طور مشهور ٿيو. هِن صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ هِڪ قتل پُڻ ڪيو. جيڪو سندس سوٽ جميل جو پلاند هو جنهن ۾ نومڙين جي سردار کي قتل ڪيو هئائين. اُن کان پوءِ ڪڇ چڙي لاڙ پٽ وسايائين. اُن کان پوءِ ناري طرف آيو. جيڪو هِن وقت صوفي فقير ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس درگاهہ ۾ بيٺل آهيون.

الف ڪنان اڳي ٿيا، پرين اُهي پاڻ،
عاشق اُن اُهڃاڻ، سُڄون سوجهي آئيا.

مزار پير ۾ لڳل تختي پڙهائي پئي تہ، حضرت صوفي صادق شاهہؒ بِن حضرت صوفي دين محمد صوفي القادري جن شوال 1170هِجري، مُطابق 1756ع سومر جي ڏينهن هِن جهان ۾ آيا، ۽ 11 رمضان المبارڪ 1265هِجري، بمُطابق 1849ع ۾ هِن جهان کي الوداع ڪري وڃي حقيقي مالڪ سان مِليا.

ٻاهر نِڪتاسين اولهہ طرف ڪُجهہ ٻيون قبرون آهن، اندر وياسين تہ اَٺ قبرون لائين ۾ رکيل آهن، جن جا نالا بہ هڪ سائيڊ کان هِن طرح سان لِکيل آهن:

اولهہ کان اوپر

حضرت صوفي ڪريم ڏِنو فقير سومرو

حضرت صوفي عبدالعلي ولد صوفي صادق شاهہ

حضرت صوفي سليمان ولد صوفي نظام الدين

حضرت صوفي نظام الدين ولد صوفي صادق شاهہ

صوفي ڪرم علي فقير کورڪاٽي طالب صوفي صادق شاهہ

حضرت صوفي شهاب الدين ولد صوفي صادق شاهہ

صوفي جميل فقير ۽ صوفي صابر فقير

هِتي بہ دُعا پڙهي ٻاهر نِڪتاسين، ٻاهر مزار جي سامهون گروپ فوٽو ڪڍيا، پوءِ روانا ٿياسين اڳتي.

لطيف نگر ’راجا رستي‘

صوفي فقير کان ٽي ڪلو ميٽر جي پنڌ تي ٻهراڙي جو ننڍڙو شهر بس اسٽاپ ’راجا رستي‘ ٻيو نالو ’لطيف نگر‘ ڪراس ڪئيسين، اسان کي هِتي تہ لازمي بريڪ ڪرڻ گُهرجي ها، پر هي بہ اج جي سفر ۾ شامل نہ هو بس ساڻ ساٿين کي اِهو ٻُڌايان پيو تہ ’راجا رستي شهر مان ساڄي هٿ تي لهندڙ رستو ’ڳوٺ حاجي نبي بخش پلي‘ جو آهي، جنهن ڳوٺ جي هِڪڙي سُڃاڻپ ’معمور يوسفاڻي‘ جنهن جي سُڃاڻپ ٿرپارڪر سان ايئن جُڙيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جيئن بدين سان شيخ سومار، هي اُن معمور يوسفاڻيءَ جو ڳوٺ آهي، جنهن جا هونهار لائق فرزند ڊاڪٽر اسد جمالي پلي ۽ سيف الله خالد، سندس چڏيل وِرثي کي سنڀاليندا اچن. هِنن وٽ هِڪ سُٺي لائبرري پڻ آهي، مونکي اِهو اعزاز آهي ته سائين معمور يوسفاڻي جا ڪجهه ڪِتاب مون به ڇپيا آهن. ڪاش وقت هُجي ها ته وڃي ڏِسجي ها. اسان جا ميزبان چوړ ۾ انتظار ڪري رهيا آهن، جلد چوړ پهچڻو آهي.

ڳوٺ ٺالهو جوڻيجو کان ٽِپياسين

ڪجهه پنڌ اڳتي پٽيون ٿا ته روڊ جي کابي پاسي لڳل بورڊ ٻڌائي پيو ته فقير لياقت علي جوڻيجي جو ڳوٺ ’ڳوٺ ٺالهو جوڻيجو‘ هِن پاسي آهي، سفر ۾ گڏ ساٿين کي ٻڌايان ٿو ته ’فقير لياقت علي جوڻيجو، هڪ سُٺو انسان، سُٺو شاعر ۽ زميندار پڻ آهي، هڪ به ڪِتاب به شايع ٿيل آهن. سندس هڪ ذاتي لائبرري به آهي، هي ڳوٺ تمام وڏو ۽ پُراڻو ڳوٺ آهي، پر اڄ اسان جي شيڊول ۾ شامل ئي ناهي، ڇا ڪجي، وري جڏهن قسمت ۾ لِکيل هوندو ته ضرور ڪنهن نه ڪنهن بهاني اچي نِڪربو.

اچي عمر ڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانَ ڪُريت

عمر ڪوٽ ’قلعي‘ کي جيئن ئي ويجها وياسين، ته لطيف جا هي لفظ منهنجي زبان تي هلي آيا:

اِيُ نه مارُن ريتِ، جِنءَ سيڻَ مَٽائِن سونَ تي،
اَچي عُمَرڪوٽَ ۾، ڪَنديِس ڪانَ ڪُريت،
پَکَنِ جِي پِريتِ، ماڙينءَ سين نه مَٽيان.

قِلعي اندر بينل وڏي وڻ هيٺان گاڏيون پارڪ ڪري لٿاسين، ڍُهَلاري چاچا ڍُهَل ۽ شرنايون ڪٽي وڄائڻ شروع ڪري ڏنو، اسان سان گڏ ننڍڙا ڇوڪرا به هئا، شيخ عبدالله جا به ننڍڙا ٻنهين کي مٽي تي ٽوپيون پيل هيون ڍُهَلارين هِنن جا نالا پُڇي ۽ لاڏا ڳائڻ شروع ڪيا، نيٺ شيخ ويچاري کي به ٿي روپيا گهور ڏيڻي پئي، اِيئن وري شعيب لاءِ نعمان لاءِ نالا وٺي ڳائڻ لڳا، آئون جڏهن هِتي 2008ع ۾ آيو هئس تڏهن اِهي همراه اسان هِتي نه ڏِٺا هئا.

قِلعي ڏانهن وڌياسين. سيڙهين جي پير ۾ لڳل بورڊ پڙهيو: ”عمرڪوٽ جي تاريخي قِلعي، مُختلف حُڪمران گهراڻن جي لاهين چاڙهين ڪي ڏِٺو آهي. هي شهر سومرا گهراڻي سن 1050ع جي پهرين حاڪم عُمر اڏايو هو. تيرهين صدي عيسوي جي پوئين اڌ ۾ هڪ راجپوت حڪمران پرمار سوڍي هِن شهر تي پنهنجو تسلط ڄمايو. اُن جي پوئين مان راڻو پرساد پنهنجو لشڪر وٽي اچي اُن وقت مغل بادشاهه همايون جو استقبال ڪيو. جڏهن 1541ع شيرشاهه سوري جي هٿان شڪست کائي سنڌ تي وارد ٿيو. همايون جو اڪيلو پُٽ اڪبر عمرڪوٽ ۾ پيدا ٿيو. اڳتي هلي راجپوت حڪمران اِهو قلعو ڪلهوڙن جي حوالي ڪيو. ڪلهوڙن جي پونئرن وري اِهو جوڌپور جي راجا کي وڪڻي ڏِنو جيڪو وري ٽالپرن 1813ع ۾ هي قِلعو هٿ ڪيو جيڪو 1843ع تائين اِهو قِلعو سندن هٿ هيٺ رهيو. تان جو اِنهيءَ سال انگريزن سنڌ فتح ڪري قِلعو پنهنجي قبضي ۾ ڪيو.

قِلعو مُستطيل نموني تي ٺهيل آهي، اُن جي ڊيگهه 946 فٽ ۽ ويڪر 758 فٽ آهي. ان جي عالم پناهه واري ڏاند پُڃي ديوار جي ٻنهين ڪُنڊن ۽ ٻاهرين واري ڪمانيدار دروازن جي ٻنهيءَ پاسن کان اڌ گول جا بُرج ٺهيل آهن“.

مٿان ڪُجهه عورتون ۽ ٻيا ٻه شهري ماڻهو لهي رهيا هئا. ڪافي رش نظر پئي آئي، اسان مٿي سيڙهيون چڙهي وڃي رهيا هئاسين. مٿي جيڪو گول نموني ٺهيل آهي، جنهن تان آس پاس جا اهڃاڻ ته خوبصورت نظاره پسي سگهجن ٿا، ۽ فوٽوگرافي ڪري سگهجي پئي، اسان ٻه ڪوڙ فوٽوگرافي ڪئي. هِتي چارئي پاسن کان لوهه جون تمام ڳريون توبون لڳل آهن، جن ۾ اُن وقت جا ماڻهو اندر بارود وجهي ٻاهران پويان کان باهه ڏيندا هئا. جنهن جي تيز تپش تي اُهو بارود ڦاٽي ٻاهر نِڪرندو هو. هاڻي وري هيٺ لٿاسين عجائب گهر طرف روانا ٿياسين.

عجائب گهر عمرڪوٽ قلعو

هِتي به رش چڱي آهي، اندر وياسين 10 روپيين جي پرچي وٺي، پر اندر ته ڪجهه خاص ناهي، بس ٿورا گهڻا ڪي اُن وقت جا پٿر ۽ ڪجهه مورتيون، ڦوٽوز ۾ هِڪڙي فوٽو هيٺان نالو صاف نظر اچي پيو ’حميده

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بانو‘ تصوير خوبصورت پينٽ ٿيل آهي، سندس هٿ ۾ گل جهليل آهي. دوستن جو خيال هو ته ڪافي شيون هِن ميوزيم مان غائب آهن.

ٻاهر نِڪتاسين، اڄ موسم به جُهڙالي آهي، ڪڪر اسان سان گڏ سفر ڪري رهيا آهن. تنهن ڪري اُس گهٽ تنگ نٿي ڪري، پارڪ گُهمياسين، پارڪ ڪو پارڪن جهڙو ناهي، بس ٿورڙي ٽُڪري تي ڇپر، ول ۽ وڻ بيٺل آهن. هِڪڙو ڄار جو جهونو وڏو وڻ بيٺل آهي، جنهن هيٺ اسان سڀ ويٺاسين ۽ اڳتي جي سفر جا خيال اورياسين.

گاڏين ۾ چڙهي رهيا هئاسين اُن وقت به دُهلاري چاچا وري آيا، لاڏا ڳائڻ لڳا، بس هو به فقير آهن. پيو ڪم پُڇين نٿو وٽن جي چانوَ ۾ وينا آهن. مُسافر اچن ٿا، وڃن ٿا، ڪي ڏين ٿا، ڪي نٿا ڏين. هِنن جو به پيو وقت ڏِڪجي. ’الائي ڪنهن ۾ راضي آ، الائي ڪنهن سان راضي آ‘

لطيف سرڪار جي هن بيت سان عمر ڪوٽ کي الوداع ٿا ڪريون:

قسمتَ قَيدُ ڪِياسِ، ناتَ ڪيرَ اَچي هِنَ ڪوٽَ ۾؟
’وَنَحنُ اَقرَبُ اليہِ مِن حَبلِ الوَرِيد،‘ وَطَن آَن وِيندِياس،
مارُنِ ڪي مِلندِياس، ڪونِيُون ڇَڏي ڳَڙهين؟.

شاعر سردار شاهہ جو ڳوٺ ’ڪاروڙو سيد‘ موڙمڙياسين

سامهون سامهون سيد سردار شاهہ جو ڳوٺ ’ڳوٺ ڪاروڙو سيد ‘ سنڌ جي سهڻي شاعر ’سردار شاهہ‘ جو ڳوٺ آهي. پاڻ هِن وقت سنڌ حڪومت ۾ ثقافت ۽ سياحت جا وزير پُڻ آهن. پر پاڻ کي اُن سان ڪهڙي غرض پاڻ کي ڪيس شاعر طور سڃاڻو ۽ تنهن ڪري ئي سندس ذڪر پيا ڪريون ۽ پاسي ۾ پيو روڊ جنهن تي وري ’درگاهہ شريف ڪاروڙو سيد‘ لِکيل آهي، درگاهہ به نظر اچي رهي آهي، پر اسان جي اڄ جي سفر ۾ هي هنڌ به شامل نہ هو ۽ جي هر هڪ هنڌ تي گهمون يا بريڪ ڪريون تہ پوءِ انتظار ۾ ويٺل ميزبان به آسرو پلي وڏي سِج پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿي ويندا. سو سنگت سان تعارف تہ ضرور ڪرائڻو آهي تہ هاڻي اسان جنهن ڳوٺ يا هنڌ کان گُذري رهيا آهيون اُن جي سڃاڻپ ڪهڙي آهي يا ڪنهن جي ڪري آهي، يا ڇا جي ڪري آهي. اِها معلومات سفر ۾ انتهائي ضروري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڙ ۾ چڊيوسين ڪارون پنهنجون

جيئن ئي چوڙ اسٽاپ تي پُهتاسين، ارباب نيڪ محمد ۽ مولوي محمد اڪرم چيچر انتظار ۾ اڳ ئي بيٺا هئا، چوڙ ۾ قائم هوٽل تي چانهه پيتي، بسڪيٽ کاڌا، پوءِ چوڙ ۾ چڊيوسين ڪارون پنهنجون، ۽ جيپ اسانجي انتظار ۾ بيٺي آهي، اُن ۾ سوار ٿياسين، ڪجهه دوست اندر ڪجهه ڇت تي روانا ٿياسين اڇڙي ٿر ڏانهن.

سورهيه بادشاهه لائبريري

چوڙ ۾ هوٽل تي چانهه پيئڻ دوران ئي ارباب نيڪ محمد اِها ڳالهه ڪئي ته پاسي ۾ ڪجهه دوستن گڏجي لائبريري قائم ڪئي آهي، اُها ڏِسندا؟ مون ته لائبريري جو نالو ٻُڌندي ئي چيو سائين ضرور! اِها لائبريري ضرور ڏِسنداسين، ڪجهه ڪلوميٽر اڳتي وڃي ارباب نيڪ محمد ڊرائيور کي هِڪ ڳوٺ ڏي مُڙڻ جو اِشارو ڪيو، ڳوٺ بِلڪُل روڊ جي پر ۾ ئي آهي، هِڪ تمام سُهڻي نموني ٺهيل عمارت جي اڱڻ ۾ اچي گاڏي بريڪ ڪيو، اندر آياسين شاندار نموني سجايل لائبريري جنهن ۾ فارسي ادب کان وٺي سنڌي، انگريزي، عربي، اردو سيئي زبانن جي ادب جو خزانو موجود هو. وڏي ڪمري ۾ چئني طرفن کان المارين اندر رکيل ڪتاب ڏِٺاسين، کوليا سين، ۽ گڏوگڏ ڳالهائڻ ۽ سوالن جوابن جو به سِلسِلو هلندو رهيو.

هي لائبريري ڳوٺ ٽيپري ۾ ”شهيد سورهيه بادشاهه لائبريري“ نالي سان قائم آهي، هِن لائبريري جو انچارج غلام مصطفيٰ پنيرو ۽ حافظ محمد يوسف پنيرو جن آهن، جيڪي هِن وقت اسان سان گڏ آهن. لائبريري اندر ڪچهري ۽ ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ هِڪڙو رِجسٽر شيخ عبدالله ۽ جبار نظاماڻي ڏي وڌايو ويو، تاثرات لِکڻ لاءِ اُنهن ٻنهي صاحبن مون ڏيِ اِشارو ڪندي چيو مورا! تون لِک مون رجسٽر ۽ پين ورتي لِکڻ شروع ڪيم، اڌ پيج ڪن لِکيم، باقي دوستن هيٺان صحيون ڪيون. مون پنهنجو ڪتاب ”حيدرآباد کان هنزه تائين“، هِن ”شهيد سورهيه بادشاهه لائبريري“ کي تحفي طور ڏِنو.

عِلم تي اولاد چِڏيو آهي اِن ۾ آب تاب،
مرد عَورت لاءِ عِزت، مس، قلم، ڪاني، ڪِتاب،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ ٽيپري، پنيرا فقير

ٽيپري نالي بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ ٻڌايو ويو تہ: واري جا ٽي وڏي دڙا/ پڙا موجود هئا، جنهن جي ڪري هن علائقي (هاڻي هي ديهہ پڻ آهي) تي نالو ٽي پري رکيو ويو جيڪو اڳتي هلي ٽي وڏن ڳوٺن ۾ ورهائجي ويو ٽي پري صوفي فقير، ٽي پري مڱريا فقير ۽ ٽي پري پنيرا فقير. اسان جنهن ڳوٺ ۾ موجود آهيون اُهو ٽيپري پنيرا فقير آهي. خالد پنيرو پاران ڏنل ”ٽيپري سووينيئر“ مان وڌيڪ معلومات مِلي ٿي. انگريزن جي دؤر ۾ اُن وقت جي ڪرنل تروَٽ ڪان هيءَ زمين هِتان جي صوفي صادق فقير سومري جي پوئنرن کي مِلي. جنهن کان پوءِ ”ميرجا“ پاڙي سان تعلق رکندڙ پنيرا فقير صوفين جي اِجازت سان هِتي اچي آباد ٿيا. هِتي آباد پنيرا اصل ۾ سکر جي ديهہ جنوجي جا رهندڙ هئا. اُتان کان لڏپلاڻ ڪري پوءِ جيسلمير ويجهو ’تڙ پُواٽو‘ تي آباد ٿيا ۽ ڏُڪار سبب مال کي ڪاهي هِن موجوده علائقي تان ايندا ويندا هئا. اُن وقت هيءَ علائقو پاٽي جي چر هوندو هو. هي ڳوٺ 1964ع ۾ قائم ٿيو.

اَچڙي ٿر ڏانهن اُڏار شروع

اسانجي جي جيپ اچڙي ٿر جي پِٽن تان اِيئن لهندي چڙهندي وئي جڻ سنئين سِڌي پَٽ تان ڊوڙي رهي هُجي، اسانجا ڪُجهہ دوست جيپ جي ڇت تي ويٺل هئا، اسان ڪجهہ دوست اندر ويٺل هئاسين. اسان سمجهو تہ جيڪي مٿي دوست ويٺل آهن اُهي لَٽ ۾ لتجي ويندا. پر اسانجو اِهو خيال خيال ئي رهيو. اِها جڻ منهنجي لاءِ عجب جي ڳالهہ هئي تہ واريءَ جي پِٽن تي جيپ وڏي اسپيڊ ۾ ڊوڙي رهي آهي، پر لَٽ نہ پئي اُڏامي. انهيءَ سفر دوران ارباب نيڪ محمد جي ڪچهري شروع ٿئي ٿي، ڪچهري دوران ’ڪُليات احمد‘ جو ذڪر نِڪري ٿو ۽ ارباب نيڪ محمد چوَي ٿو: ’ڪُلياتِ احمد اوهان ڇپيو آهي؟‘ مون چيو ’جي ها‘. چيائين ’مولوي احمد ملاح زنده هُجي ها تہ پروفيسر ضرار رُستماڻي کي بخش نہ ڪري ها‘. هِن اِها ڳالهہ ڇو چئي مونکي معلوم هو پر بحث براءِ بحث مزو نہ ڪري ها. چيم ’اِهو وري ڪيئن؟‘ ’بس هِن زيرون زبرون ڏئي شاعري جي اصليت بِگاڙي ڇڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿس' ارباب جي انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪيترو وزن آهي اِها پڙهندڙئي پرکي سگهن ٿا تہ شاعري کي زيرون زبرون ڏيڻ سان وڏيڪ سُهڻي نموني ۾ اَحسن طريقي سان پڙهي سگهجي ٿي يا بِگڙي ٿي. چيم 'سائين اِها تہ ڳالهہ پلي آهي، مولوي احمد ملاح جي ٻوليءَ هوئڻ بہ سمجهڻ آسان ناهي، تجنيس حرفي جو بادشاهہ آهي، ساڳي ئي لفظ کي مختلف معنائن ۾ ڪم آڻڻ ۾ اُهو بہ هِڪ ئي سِٽ ۾، اهو رڳو مولوي احمد ملاح ئي ڪري پيو سگهي ۽ اهڙيءَ شاعري کي جيڪڏهن زِيرون زَبرون نہ هونديون تہ ڪڏهن بہ صحي تلفظ اُچاري نہ سگهبا'. هاڻي وري ارباب ڳالهہ کي بدلائيندي چوَي ٿو 'بهرحال مولوي صاحب جي شاعري جا ڳالهہ ڪجي'. ايئن چئي پوءِ پاڻ ئي مولوي احمد ملاحؒ جو پوپٽي هيراننداڻي تي لکيل غزل ترنم ۾ ڳائڻ شروع ٿي ويو. جيپ جا ٽر جي واري تي تِرڪندڙ ٽائر، پِٽُن تي لهڻ چڙهڻ جا لوڏا ۽ ارباب جي جهونگار، سيئي واهہ واهہ ڪندا رهون ٿا.

مارُئي هُئِي مارُن منجهان، هِي پِئِي پڏائي پوپٽي،
پاڻهين پرڏيهہ پلاڻي، پوپٽيءَ اڪ پو پٽي.

شاهہ ڪِن شرميلِيَن جا، شان ڳايا شِعر ۾،
پُڇ مَ تِن جا پار جن، پاڙي کي پاڙهِي پوپٽي.

ڪئين دِلاسا دِلبرن کي، پَر نہ ويا دِل مان دلِيل،
ڪام جا ڪمزور هُوندِي، ڇا جَهليندِي پو پٽي؟

گهر ڇَڏيو گُجرات ۾، اڄ گوڙ ڪَن ٿيون گُجريون،
پير پنهنجي ۾ ڪُهاڙو، ڇئو تہ ڪهڙِي پو پٽي؟

هُن ڇَڏيا شربت شرم ڪان، هِن وٺن شِيشا شراب،
هُو جڏهن پهتِي پنوهارن پار، پيتئين پو پٽي.

هار هِيرن هِن وٺن، هُو هِير تي هاري هَنجُهون،
پير ۾ پازيب ڇا ڪَن؟ ڪَن نہ پائي پوپٽي.

هِي پُڇي محلات ماڙيون، مارُئي مارُو پُڇي،
سُڌ پَکن جي ڏي پَکِيئڙو، خواهہ پوپٽ پوپٽي.

هِي عُمر جي ڪوٽ اچڙِي، هُو تہ ڳڪ ڪوٽن ڳنان
پيچ پيينگهي ۾ پنوهارن سان پڙهيائين پو پٽي.

هِن اندر ۾ انب ”احمدا!“ چا پَبي سمجهي پِپُون؟
هُن مجر موڙي هٿن سان، پاند ۾ مَڪ پو پٽي.

سيني داد ڏيندي چيو: واهہ سائين واهہ، اوهانجو تہ آواز بہ بهترين آهي. پوءِ وري هِن علائقي جي باري ۾ ڪُجهہ ٻُڌائيندو هليو وقفي وقفي سيئي دوست ڪا نہ ڪا ڳالهہ شروع ڪن.اِيئن پنڌ ڪي ويڙهيندا وياسين.

اٿم چارئي پهر چَل چَل، هِنيين ۾ هَول جي هَل هَل،
پِيادا پنڌ ڪندي پَل پَل، ڇِنيون ٽِريون، پيَم ڇالا.

اڇڙي ٿر بابت اُستاد لغاري جي لکيل ڪنهن ڪالم ۾ پڙهيو هيم تہ: (اڇڙي وارو علائقو ضلعي گهوٽڪيءَ کان شروع ٿئي ٿو جيڪو هيٺ ٿرپارڪر (مِٺي) ڪان بہ اڳتي رڻ ڪڇ تائين هليو وڃي ٿو اُن وچ ۾ سکر، خيرپور، نواب شاهہ، سانگهڙ ۽ عمرڪوٽ ضلعن جي ڪافي حِصن ۽ پاڳن کي پنهنجي پاڪر ۾ پري ٿو سنڌ جي موجوده ٿر ريجن ۽ نارا ريجن جي پکيڙ اٽڪل 45 هزار چورس ميل آهي. طبعي لحاظ کان ”اڇڙي ٿر“ جا ٽي انوکا پاڳا آهن. جنهن جي هڪ حِصي کي ”ٻرنءُ“، ٻئي حِصي کي ”ڍنڍون“ ۽ ٽئين حِصي کي ”روهي“ چئجي ٿو ٻرنءُ واري حِصي جي هزارين ميلن تي پکڙيل ريگستاني سلسلي ۾ هيٺ مِٺي پاڻيءَ جو سمنڊ موجود آهي، جيڪو اونهائيءَ ۾ فقط ڇئن پنجن فوٽن جي کوٽائيءَ ڪرڻ سان نِڪرڻ شروع ٿئي ٿو هن پاڻيءَ کي، پنهنجن وسيلن ذريعي آسانيءَ سان ٻاهر ڪڍي پيئڻ ۽ آباديءَ جي لاءِ ڪتب آڻي سگهجي ٿو ٻئي پاڳي ۾ وڏين وڏين پٽن جي درميان ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون ڍنڍون بہ موجود آهن، البت ٽين پاڳي يعني ”روهِيءَ“ ۾ موجود پاڻيءَ مِنو ناهي، بلڪِ ڪِٿي ڪِٿي ايترو ڪڙو آهي جو اُن کي مال بہ ڪونہ ٿو پِي سگهي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلال جي تڙ ۾ جمع نماز

هاٽي ڳوٺ جلال جو تڙ پُهتاسين جِتي اسانکي جمع جي نماز پڙهڻي آهي. سيئي دوست جيپ مان لٿا ۽ اُتي موجود ننڍڙا ميزبان پاڻيءَ جا ڪرا (لوٽا) پريندا سيني کي ڏيندا ويا ۽ سيئي دوست وضو اِنهيءَ واري ۾ ويهي ڪري رهيا هئا، حيرت مونکي اُتي بہ ٿئي پئي تہ همراهن جا ڪپڙا تہ سڄا واريءَ تي ويندا پر جڏهن آئون پاڻ واريءَ ۾ وينس تہ سمجهہ ۾ آيو هي واريءَ اسان جي تر واري واريءَ ناهي هي واريءَ ڪا ٻي واريءَ آهي، هي ريت آهي جنهن کي هٽ/ مُٽ ۾ جهل تہ پاڻي وانگر مُٽ مان وهي وڃي.

اسان سمجهيو تہ جمع نماز جماعت ٿي وئي آهي، پر پوءِ حيرت ٿي جڏهن مولوي اڪرم چيو تہ دوست سُنت پڙهي وٺو سڄي جماعت اوهان جي انتظار ۾ ويٺي آهي، جمع نماز جماعت سڄي انتظار ڪيو! اِيئن ڪرڻ صحي هو الائي نہ پر جِن انتظار ڪيو شايد صحي سمجهو هجين. سيني دوستن سُنت پڙهي، خطبو شيخ عبدالله پڙهايو. نماز ننڍڙي حافظ قلندر سميجو پڙهائي، نماز کانپوءِ سيني گڏجي دُعا گهُري.

مسجد جي پاسي ۾ چوئري جي نهيل پڪي اوطاق ۾ ويناسين پاڻي پيتو. اهڙي تہ خوبصورت ڇت نهيل هئي، فوٽو گرافي ڪئي. اسانجي دوستن جو تعارف شيخ عبدالله ڪرايو اُتي موجود دوستن جو تعارف مولوي اڪرم ڇڇر ڪرايو ڪُجهہ گهڙيون ويناسين ۽ پوءِ موڪلائي اڳتي روانا ٿياسين.

ڳوٺ خير محمد جو تڙ جتي طعام ۽ قيام

ساڳيو پنڌ. وِڇايل واري تان جيپ جيٽ جهاز جيئن مِنٽن ۾ اچي ڳوٺ خير محمد جو تڙ پُهچايو هي ڳوٺ اسانجي ميزبان مولوي اڪرم ڇڇر جو آهي، هِتي ئي اسان جي طعام ۽ قيام جو بندوبست ڪيل آهي. اندر اوطاق ۾ پنج ڇهہ کٽون ۽ کٽن تي وڇايل ٽُڪ تي رَليون. ۽ ٽُڪ تي وِڇايل رَلين تي ويهندي ئي مونکي حسن درس جون هي سِٽون ياد اچي ويون.

’زندگي پلي اهڙي، ٽُڪ تي رَلي جهڙي،
مان وِڇايان تون نہ ويهين، چو نہ پو ويڙهي چڏيان.‘

هاٽي ارباب نيڪ محمد جي ڪچهري شروع ٿي وئي، ڪنهن وقت

ڪو شعر تہ ڪنهن وقت ڪو تاريخ جو ورق يا پيرا، ڪُجهہ سِٽون يا جملا. جيستائين مانيءَ لاءِ سڏ ٿيو تيستائين اسان جي ڪچهري هلندي رهي. سامهون ٺهيل مسجد جي هڪ ڪُنڊ کان اسان لاءِ ماني لڳائي وئي. مانيءَ ۾ ست طعام ڏِسي مولوي اڪرم کي چيوسين يار هيڏي تڪليف اسان سيلاني فقير، سادو کاڌو ئي کوڙ هُو چيائين سائين کهڙو روز روز ٿا اچو مهمان آهيو ۽ پهريون پيرو آيا آهيو. مختلف پاڇين ۾ لَسي سان گڏ ماکي، مکڻ ۽ سنڌي گيهہ بہ شامل هئا.

هاڻي وري ساڳي ئي ٽُڪ تي وِڇايل رَلين واري کٽُن تي اچي ويٺاسين، ڪُجهہ دوستن جو خيال هو تہ ٿورو آرام ڪجي جيئن شام وري ڪنهن پاسي نِڪري هلجي.

سرحدي مورچا

ڪُجهہ ئي گهڙيون ڪِنهن آرام ڪيو ڪِنهن ڪچهري ڪئي، ۽ پوءِ چانهہ جو دور هليو چانهہ پي سيئي ٻاهر نِڪتاسين. هِتان جا ڪجهہ همراه پنهنجي اُٺن تي ڪم ڪار لاهيو موٽي رهيا هئا، مولوي اڪرم چيو سائين ڪنهن کي اُٺ جي سواري جو شوق هُجي تہ اُٺ گُهرائي وٺون؟ چيوسين ها. بہ اُٺ گهرايا ويا، رليون رکي ۽ هِتي جيڪي پاکڙا رکيا ويندا آهن، رکيا ويا. اسان بہ بہ همراه اُٺ تي ويٺاسين واري واري سان، ۽ اڳتي هلياسين، سرحدي مورچن طرف هي مورچا آخري سرحد وارا ناهن بارڊر تہ اڃا پري آهي پر هي سمجهو تہ ڪوَرَ مورچا هئا، جنگ جي صورت ۾ اگر بارڊر لڳ مورچن تي ناڪامي کان پوءِ دشمن فوجون جيئن ئي اڳتي وڌن تہ اڳيان وري بہ ڪين مقابلي کي مُنهن ڏيڻون پوَي اِن لحاظ کان ٺهيل هئا. مورچن اندر داخل ٿياسين جيڪي پِٽ ۾ اندر زيرِزمين ٺهيل هئا. جيڪي پري کان تہ بلڪل پِٽ ئي نظر اچي ٿي. رائيلو سڏيو ويندڙ هِن علائقي ۾ سرحدي مورچا ڏِسڻ کان پوءِ مولوي اڪرم کي چيوسين، ٿر هُجي، ڪِٿان ڪو مور جو ٽهوڪو ڪا ڊيل جي ڊوڙ نظر نہ اچي تہ پوءِ چئو ٿر آهي ئي ڪونہ.

شيخ عبدالله چيو: ’ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو.

جوابن چيومانس: ’اڃا رُج مان رَڙ اچي ٿي اچي، مَتان ايئن سمجهين مئا مور سارا‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪرم چيو ’مور هِتي صرف ڳوٺ ڪيتلور ميگهواڙ ۾ آهن‘، چيوسين ڪيترو پري آهي، ’چيائين ٿورو پنڌ آهي هَلون ٿا‘.

ڳوٺ ڪيتلور ميگهواڙ ۾ مور ڏِٺاسين

سيئي دوست جيپ ۾ سوار ٿيا، ڪُجهه هيٺ ڪُجهه مَٿي. هِن پيري آئون بہ مَٿي ڇت تي وينس چوجو تر جو خوبصورت نظارو ڇت تي ويهي ئي ڪري سگهجي ٿو، چارسو ساوَڪ ئي ساوَڪ. نعمان ۽ شعب مووي پريندا هليا، چيومان خيال سان موبائيل نہ هٿ مان ڇڏائجي وڃي. جيپ مختلف پِٽن تي نانگ وانگر ورَ وڪڙَ واٺُن تان ڊوڙندي رهي ڪُجهه پنڌ ڪانپوءِ هڪ اهڙي جڳهہ جِتي گوڏي جيڏو گاهہ هو، جنهن جي ساوَڪ اهڙو وٽي جو جيپ روڪي اُن سائي گاهہ ۾ هلياسين، ويناسين، فوٽوگرافي ڪئيسين، ۽ پوءِ وري بہ اڳيان وڌياسين، ڪنهن وقت پِٽن جي پر تہ ڪنهن پَل پٽن جي مٿان جيپ زوزاٺ ڪندي اچي ڳوٺ ڪيتلور ميگهواڙ ۾ پُهتي جِتي ڳوٺ جي ڪنهن بہ گهر کي ڪو بہ ڪوٽ يا لوڙهو وغيره نہ هو. سيئي گهر هڪٻئي کي ويجها، چڙ هڪ ئي خاندان هُجي. جيپ کي هڪ گهر جي پر ۾ بيهاريو عورتون تہ پري کان جيپ کي ايندو ڏِسي چوئنرن اندر ويهي رهيون. مردَ هئا جِن کي مولوي اڪرم چيو مهمان مور ڏِسڻ آيا آهن. همراهن چيو مور ڪِٿي آهن، پريان هڪ ڇوڪري چيو مور پِٽ جي هُن پاسي آهن، پر اوهان کي ڏِسندي ئي ڀڄي ويندا. ماٺ ميٺ ۾ لِڪي لِڪي ڏِسٽا پوندا.

بهرحال اسان تہ ڪجهه پَل ئي هئاسين بين مور ڏِٺا ۽ مون شيخ اياز جا هي ٻول دِل ئي دِل ۾ دوهرايا:

’تني ۾ گهڙو ڪا پري تي پئي، ٿري سونهن چمڪا ڪري تي پئي.‘

ملوڪ تڙ جو پاڻي پيتوسين

عصر جي نماز ڳوٺ ملوڪ تڙ ۾ پڙهيسين، نماز ڪانپوءِ ڳوناڻن چيو چانهہ پيو. چيوسين بس صرف پاڻي پيئنداسين، پاڻي پيتو پاڻي هِتي جو مِنو ۽ صاف سُٺرو جيڪو زمين مان اچي پيو پائپ لائنن ذريعي اڪرم کان پُڇيوسين ’هي مهربانيون ڪهڙن حُڪمرانن جون آهن؟‘ چيائين ’هي بارڊر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايريا آهي تنهن ڪري اسان کي بہ اِها سهولت ڏِني وئي آهي. هِتي وري سياسي چڪر بہ آهي جنهن ڳوٺ ۾ جنهن پارٽي جا ورڪر يا ووٽر آهن، اُن ڳوٺ کي اُنهيءَ ئي پارٽيءَ وارا ڪا بہ شئي ڏين ٿا. پاسي ۾ ڳوٺ هُجي پر جي ووٽ ٻئي پارٽيءَ کي ڏين تہ اُنهن کي اُها ساڳين سهولت نٿي مِلي'. پُڇيوسين ڪهڙيون پارٽيون آهن؟ چيائين 'پ پ پ ۽ پير پاڳاري وارا'، چيوسين 'پير پاڳاري وارا تہ سدائين اقتدار ۾ رهيا آهن. پوءِ اُنهن جي ووٽرن کي تہ سيئي سهولتون هونديون'، کِلي چيائين 'اُنهن کان وڏيڪ شازيہ مري ڪم ڪيا آهن. هي تڪ شازيہ مري جو بہ آهي'.

هِتي موجود واريءَ جا دڙا جيڪي اڪثر مون گانن ۾ ڏِٺا آهن تہ ماڊل ڪيئن پيا واريءَ ۾ ليٽن ڪپڙا بہ خراب نٿا ٿين. اڄ اسان پاڻ تجربو ڪيو. انهيءَ ئي واريءَ ۾ ليٽي فوٽو بہ ڪيڊرايا ۽ اِهو پُڻ ڏٺو تہ متي اُٿي بيهڻ کانپوءِ ڪپڙن تي ڪو زرو بہ مِٽيءَ/ واريءَ جو نظر نہ ايندو. ايئن ئي جوتا بہ پرجيو پيا وڃن. ٻاهر نِڪري چنڊڪو ڏيون تہ پير صاف سُٿرا پيا آهن.

هاشم تڙ ۾ پَل ترسياسين

هاشم تڙ نالي هِن ڳوٺ ۾ شمسي توانائي تي هلندڙ اِهو مِني پاڻي جو پلانٽ آهي. جيڪو اسان پينئدا پيا اچون. اڪرم چيو: 'لهي هلي ڏِسو اِهو بہ شازيہ مري لڳرايو آهي.' چيوسين 'اسان ڪوهستان ۾ ڏِسي آيا آهيون. اِهو پلانٽ تنهن ڪري لهون نہ ٿا.' پل ترسياسين جيپ رُڪي، وري اڳتي سفر شروع ڪيائين. شام جون ٽڏڙيون هوائون، اچڙو تر ۽ اسين.

ڪوٽاڪ ولي تان پارٽ جون بتيون

هاٺي سِج بہ پنهنجي بدن تي ڳاڙهو ويس ڍڪڻ لڳو ۽ ڳاڙهي ڪنوار جيان شرمائيندو پٽن ۾ لِڪندو، ظاهر ٿيندو گڏ سفر ۾ هلندو رهيو ۽ آخر سِج اسان جي نظرن کان اوجهل ٿي ويو. هاٺي اسانجي جيپ بہ لائٽون ٻاريو پر وري چيائون تہ انڊيا جي سرحد جي ويجهو آهيون تنهن ڪري گاڏي جون لائٽون نہ ٻاريو. آس پاس ۾ فوجي هوندا، ڪِٿان ڪا فائرنگ نہ ٿئي. پوءِ گاڏي بغير لائٽن ٻارڻ جي سفر ڪندي رهي، اچي هِڪ پِٽ تي بيناسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن تي هِڪ مزار بہ آڏيل آهي، جنهن کي ’ڪوتاڪ ولي‘ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. ڪوتاڪ ولي جي ڇا معنيٰ آهي يا تشريح آهي، اسان اڻڄاڻ آهيون. اڪرم بہ ايترو ٻڌايو تہ ’هِتي ٻارهين مهيني هڪ ميلي جو سماع ٿيندو آهي، جنهن ۾ هندو مُسلمان سڀ گڏ هوندا آهن. هِتي ڀڄن بہ ڳائبا آهن. تہ راڳ رنگ بہ ٿيندو آهي‘. اصل ڪهاڻي ڇا آهي. اِن جي اڪرم کي بہ خبر نہ هئي. چيائين ’اسان جي وڏن کان بہ اڳي اِهو سلسلو هلندو اچي پيو‘. هِتي بہ زيرزمين مورچو ٺهيل آهي، جنهن جي ڇت تي بيهي اسان پارت جي سرحد تي لڳل بتين جو نظارو ڪيوسين. پري کان ۾ پيو رات جي اونداهي ۾ اهڙو تہ خوبصورت نظارو هو پارت جي بتين جو ڄڻ آسمان ۾ تارا ٽِمڪي رهيا آهن. ٽِڙيِڪڙ بہ نہ هِڪ سمت ۾ ورَ وڪڙ ذرو بہ نہ هئا.

هِن رائيلو علائقي ۾ گُهمڻ لاءِ اسان جي هِي آخري پوائنٽ هئي. هاڻي وري هِتان کان واپسي هئي، ساڳي ڪِڙ ڏي، هاڻي آئون جيپ اندر وينس خبر هئي تہ رات اونداهي ۾ ڪو بہ منظر نظر نہ ايندو متي ويهڻ جو ڪو فائدو ناهي.

رات جي رهاڻ

ٿڌي رات ۾ چانڊوڪي جو لُطف ماڻڻ لاءِ ميزبان اڪرم اسان جون کٽون کٽي ٻاهر ميدان تي لڳايون. واهہ جي ٿڌڙي هير لڳي رهي آهي. ڪُجھ گهڙيون ٿڪ ڀڳوسين. عشاءَ جي اذان آئي سيئي وضوءَ ڪري مسجد ۾ آياسين. نماز پڙهي، دُعا بعد مسجد ۾ ئي شيخ عبدالله ڄڻ دستوري گڏجاڻي جي ڪارروائي هلائي تہ سيئي دوست واري واري سان ٻڌائيندا اچن تہ سفر ڪيئن رهيو. ڪنهن کي ڪا ڳالهہ وڻي نہ وڻي بي حجاب ٻڌايو؟ سيئي دوست تعارف ڪرائيندا ۾ بہ تي جملا ڳالهائيندا رهيا. ارباب نيڪ محمد چيو ’سائين آئون بہ جملا نہ ڳالهائيندس منهنجي تہ اوهان کي تقرير ٻڌڻي پوندي‘. واقعي ئي اُٿي بيهي تقرير ڪرڻ شروع ٿي ويو. تقرير دوران لطيف جا شعر ۾ گِرهوڙي جا بيت ٻڌائيندو رهيو. بعد ۾ شيخ عبدالله سندس ننڍڙن کي چيو اوهان نعت ٻڌايو پوءِ حمد ۾ نعت ٻڌايون. وري شيخ عبدالله نعمان ۾ شعيب ڏانهن اِشارو ڪندي چيو ’ننڍڙا اوهان بہ ڪجھ ٻڌايو؟‘. پر هِنن همراهن رڳو مُسڪرايو ۾ ماٺ رهيا. شيخ صاحب وري مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن اِشارو ڪندي چيو اسان سان گڏ نوجوان شاعر مور ساگر بہ آهي جنهن کي عرض آهي تہ اسان کي ڪجهہ ٻڌائي. چيم ’سائين ڪنهن ٻي پيري مسجد آهي، شعرو شاعري کي ڇڏيون ٿا. جيڪو سِلسِلو هلي پيو اُنهيءَ کي هلڻ ڏيو‘. بس پوءِ سيني گڏجي دُعا گُهري.

وري بہ مسجد جي ساڳين ئي ڪُنڊ کان اسان لاءِ رات واري ماني لڳائي وئي. رات جو بہ چار پنج طعام تيار ڪرائي آيو اڪرم. هِن پيري اڪرم کي ڪُجهہ نہ چيوسين پر پنهنجو پاڻ ۾ چيوسين، ميزبان ڪيڏي تڪليف ڪئي آهي وري بہ. يقينن اسان تہ پهريون پيرو ۽ پري کان مهمان ٿي آيا هئاسين، پر هِتي بہ شهرن کان ايترو پري پٽن ۾ جِتي ڪا بہ سهولت نہ هُئڻ باوجود بہ ايترو طعام جو بندوبست يقينن وڏي تڪليف سان ٿيندو هوندو.

ماني ڪائي آياسين پنهنجي وِڇاڻن وٽ. رات جي ٿڌي هوا ۽ چانڊوڪي تي چمڪندڙ ريت/ واري، رات جي رهاڻ شروع ٿي. پر هِڪ تہ سڄي ڏينهن جي ٿڪاوَٽ هئي، ٻيو تہ ڪچهري ڪرڻ وارو سيشن جڻ شيخ عبدالله مسجد ۾ ئي هلائي آيو. تنهن ڪري ڪجهہ دوست تہ رَليون تاڻي سُمهي پيا. ڪُجهہ دوست ڪچهري ڪندا رهيا. ڪنهن وقت سياست، ادب، شعر و شاعري، تاريخ جو پاسو ڪُنڊ ۽ ارباب نيڪ محمد جا گُفتا ۽ جهونگار ٻُڌي سُمهي پياسين.

صبح جو سماع

فجر جي اذان تي سيئي دوست اُٿيا. گڏجي نماز پڙهي ذڪر ڪري دُعا گُهري ٻاهر نِڪتاسين. هاڻي سيني چيو تياري ڪريو. سيئي پنهنجا پنهنجا ٿيلها کڻي تيار ٿيا. شيخ عبدالله چوَي آئون ڪپڙا بدلي ڪندس چيوسين سائين اڳيان شهر ۾ هلون اُتي ڪنهن حمام تي تڙ ڪري پوءِ سيئي ڪپڙا بدلي ڪنداسين. اسان بس بسترا ويڙهي ئي رهيا هئاسين، ڊرائيور جيپ اسٽارٽ ڪئي تہ اڪرم جو ننڍو ڀاءُ مولوي آيو چيائين بس بہ ٽي منٽ ويهو اڪرم چانهہ کڻيو پيو اچي، چانهہ سان گڏ بسڪيٽ بہ آيا. پوءِ گروپ فوٽو ڪڍيا ۽ سيني ميزبانن کان ياڪر پائي موڪلايو اڪرم اسان سان ڇور تائين گڏ آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چور جو شهر

پهرين تہ آياسين مدرسي، بہ واش روم هئا واري واري سان تڙ ڪيوسين. ڪپڙا بدلائي آياسين الرحيم هوٽل تي چانهہ بسڪيٽن جو آرڊر ڪيوسين. تيستائين هڪ بزرگ آيو جنهن ارباب نيڪ محمد جي پُڇا ڪئي، چيوسين 'اِتي ئي هو اچي ويندو'. پاڻ اسان سان گڏ ويٺو تعارف ڪرائيندي ٻُڌايائين 'منهنجو نالو 'منا خان پنيرو' آهي'. ڪالهہ ٿيپري ۾ پنيرن جي ڳوٺ ۾ قائم لائبريري ۾ ويا هئاسين. اُها سائين وارن جي ئي لائبريري هئي ڪالهہ سائين جِن سان ملاقات نہ ٿي سگهي، تنهن ڪري اڄ اسان سان مِلڻ آيو هو. ڪچهري ڪئيسين، چانهہ بسڪيٽ جو بِل بہ اسان کي نہ ڏيڻ ڏنو پاڻ ڏنائين.

ٽيون اسلام آباد

اڄ آئون هي چور ۾ قائم ٽيون 'اسلام آباد' ڏِسي رهيو آهيان. هِڪڙو اسلام آباد اسان جي مُلڪ جي گادي جو شهر آهي، جنهن لاءِ هڪ چوٽي مشهور آهي، '*موسم کا اعتبار نہیں، سڑکیں ہموار نہیں، لوگ وفادار نہیں*' جنهن کي سازشن جو شهر بہ چيو وڃي ٿو. جنهن کي ٻيو بہ چا چا چيو وڃي ٿو. ٻيو اسلام آباد هوائن جي شهر حيدرآباد ۾ قائم آهي. پر اُن جي بہ الڳ سُڃاڻپ آهي اُها سُڃاڻپ جيڪا بہ ٿي ڏهاڪا پهرين 'سري گهاٽ' ڪي هئي. پر هي چور ۾ قائم اسلام آباد جي سُڃاڻپ ٻنهي کان مختلف ۽ سُٺي آهي. هِتي هِڪڙي ڪالوني ٺهيل آهي، جيڪي هندو مسلمان ٿين ٿا اُنهن کي هِتي مفت ۾ ڪوارٽر ڏِنا وڃن ٿا اُنهن جي ٻارن لاءِ هِڪ وڏو مدرسو قائم آهي، جنهن ۾ ديني توڙي دُنياوِي تعليم ڏِني وڃي ٿي. مدرسي جي سامهون هڪ عاليشان مسجد تعمير ڪئي وئي آهي، جيڪا تمام وڏي ۽ خوبصورت ٺهيل آهي. ۽ هِتي صاف پاڻي جو پُڻ بهترين نظام قائم ڪيو ويو آهي. مٿين ٻنهي اسلام آبادن کان يقينن هِن اسلام آباد جي سُڃاڻپ سُٺي آهي.

چور شهر جو بہ سرسري جائزو ورتو. اهڙو ئي ساڳيو شهر جهڙا سنڌ جا ٻيا سڀ شهر آهن. ٽُٽل رستا، گلين ۾ گند، بي ترتيب دُڪان، اڏا وَتون.

ميرل مست سان بہ مِلياسين

ارباب نيڪ محمد جي ڳالهين جي ڳهر ۾ اسان جو قافلو وري بہ روان دوان، هلندي رستي ۾ ارباب نيڪ محمد جيڪو اسان جي گاڏي ۾ اڳيان ويٺو هو، تنهن گاڏي کي هيٺ اُن طرف موڙڻ جو اِشارو ڪيو جنهن طرف هڪ سائي رنگ جي اڏيل درگاهہ هئي، جيئن ئي گاڏيون درگاهہ جي سامهون بيٺيون، لٿاسين. هِن درگاهہ جو اڱڻ ڪچو آهي ۽ سادي نموني درگاهہ ۽ اُن سان گڏ مسجد اڏيل آهي.

ها هي حضرت پير فقير مير محمد نقشبندي، عرف 'ميرل مست' جي مزار آهي. ارباب نيڪ محمد مختلف روايتن ۽ ڳالهين سان گڏ هڪ نئين ڳالهہ اِها بہ ٻُڌائي تہ هِن درويش فقير پنهنجي مريدن کي چيو تہ منهنجي قبر تيار ڪيو، مريدن قبر تيار ڪئي، هي اهڙو درويش بزرگ فقير هو جنهن پنهنجي جيئري ئي قبر تيار ڪرائي هئي.

عبدالواحد آريسر جي مزار تي حاضري

ڳوٺ علي محمد آريسر طرف اسان جو سفر هو. ڳوٺ جي ويجهو ئي زمينن جي وِچ ۾ هِڪ وڏو ميدان آهي، جنهن تي جيئي سنڌ محاذ (آريسر گروپ) جي چيئرمين عبدالواحد آريسر جي آخري آرامگاهہ آهي. آئون سمجهان ٿو تہ قومپرست ڌرن جا جيڪي بہ اڳواڻ آهن سيني کان هي وڏيڪ پڙهيو لِکيو اڳواڻ هو. اسان جيئن ئي مزار تي آياسين تہ پهرين ئي عبدالواحد آريسر جي مزار ير ۾ بيهي قُل پڙهيا. ارباب نيڪ محمد جي پويان دُعا پڙهي، بعد ۾ فوٽوگرافي ڪئي، مزار تي پٿر جو تمام سُهڻو ڪم ٿيل آهي. ۽ پٿر تي ئي عبدالواحد آريسر ۽ سائين جي. ايم سيد جا هي قول اُڪريل آهن:

1_آئون پُر اَمن غلاميءَ کان وڌيڪ خطرن سان ڀرپور آزاديءَ کي پسند ڪريان ٿو. (عبدالواحد آريسر)

2_سنڌ هڪ مُلڪ آهي، سنڌي هڪ قوم آهن. آزادي سنڌ جو حق آهي ۽ آزادي ممڪن آهي (جي. ايم سيد)

مولانا ابوالڪلام آزاد، سائين جي. ايم سيد، مولانا عبيدالله سنڌي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولانا حسين احمد مدني جهڙن مُدبر شخصيتن کان متاثر ٿي سياسي ادبي، مذهبي دُنيا ۾ پير پائيندڙ ضلعي ۽ تعلقي عمرڪوٽ جي ڳوٺ واٺوڙي (انڙ آباد) ۾ 11 آڪٽوبر 1949ع تي جنم وٺندڙ عبدالواحد آريسر جيڪو هِن وقت سوَين مڻ مٽيءَ هيٺان سُتو پيو آهي.

’جا پوڻ پيرن مون، سا پوڻ مٿي سڄڻين‘.

ڳوٺ صاپي جي پرائمري اسڪول مان پنج درجا پڙهندڙ عبدالواحد آريسر جو پهريون اُستاد عبدالغفور آريسر هو جنهن کيس پهرين کان پنجي تائين پڙهايو ۽ ٻيو استاد علي محمد ماڇي هو جيڪو پوءِ کيس پيِنڊي شريف وٺي ويو. اُن کان پوءِ ڪيترن ئي مدرسن ۾ تعليم ورتائين جن ۾ پيِنڊي شريف جو مدرسو مولوي عبدالحئي نوحاڻي ڪنگوري (تعلقي ڏگهڙي) واري جو مدرسو مدرسه هاشميه سجاول، مدرسه مفتاح العلوم حيدرآباد ۽ شاهه ولي الله اڪيڊمي وغيره. اُستاد غلام مصطفيٰ پُڻ سندس اُستاد رهيو.

آريسر صاحب پنهنجو پهريون مضمون ’ربيع الاول جا چار چنڊ‘ لکيو اِهو 1966ع جو زمانو هو ۽ پاڻ ڪنگوري جي مدرسي ۾ پڙهندا هئا. سندس لکيل اِهو پهريون مضمون هفتيوار ’همدرد‘ ميرپورخاص اخبار ۾ ڇپيو. عبدالواحد آريسر 1968ع ۾ اورنٽل ڪاليج حيدرآباد مان مولوي عربيءَ جو امتحان پاس ڪيو. هِن کي لِکڻ پڙهڻ جو ته شوق ننڍي هوندي کان ئي هو. سندس ٻيو مضمون به 1968ع ڌاري ماهوار ’بادل‘ حيدرآباد ۾ ڇپيو جيڪو لسانيات بابت هو.

4 مارچ 1967ع وارو واقعو جيڪو پيش آيو اُن آريسر صاحب جي زندگيءَ ۾ وڏي تبديلي آندي. صرف آريسر صاحب ئي نه اُن وقت جي سيني نوجوانن جي ذهنن تي وڏو اثر ڇڏيو. اُن کان پوءِ عبدالواحد آريسر سائين جي.ايم سيد کي پڙهڻ شروع ڪيو ’موجوده سياسي مسئلا‘، هن ڪِتاب تي بندش پيل هئي، ۽ ’جيئڻ ڏِنو آهي مون‘ پڙهيائين جنهن تي پُڻ مُلن گوڙ ڪري جي. ايم سيد تي فتويٰ ڪيرائي، ڪِتاب تي بندش هٽائي هُئي. اُنهن ڏينهن ۾ مهر علي مرزا ۽ مدد علي سنڌيءَ هِن سان گڏجي سائين جي. ايم سيد سان مُلاقات ڪرائي ۽ پوءِ آريسر صاحب باقاعده قومپرست سياست جي شروعات ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آريسر صاحب جو پهريون ڪِتاب مولانا عبدالڪلام آزاد جي قولن تي مشتمل ’جواهر آزاد‘ 1970ع (اردو) ۾ ڇپيو. ايئن پوءِ سائين جي. ايم سيد طرفان 18 جون 1972ع حيدر منزل ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيل جيئي سنڌ محاذ جو بُنيادي ميمبر بنايو ويو. جيئي سنڌ محاذ جي نئين سِر جوڙجڪ وقت اُن جو مرڪزي ڪنوينر مقرر ٿيو. 1990ع تائين جيئي سنڌ محاذ جو مرڪزي آرگنائيزر ۽ 1992ع کان 1995ع تائين چيئرمين رهيو. ڪجھ وقت کانپوءِ شخصي برتري واري روَيي سبب بشير خان قريشي سان اختلاف ٿيا. آرگنائزنگ ڪميٽي مقرر ڪئِي وئي، اُنهيءَ ڪميٽي جي ٻِن ميمبرن اڪثريتي ميمبرن جي راءِ کي ٺُڪرائي بشير خان قريشي کي بحال رکيو. اُن کان پوءِ پاڻ اڪثريت سان گڏ بينوءِ آرگنائزنگ ڪاميٽي کي پُڻ قائم رکيو.

آريسر صاحب قومي سياست ۾ کوڙ ڀيرا جيل ڪاٽيا. پهريون ڀيرو اپريل 1975ع ۾ ميرپورخاص جيل ۾ ٽِن مهينن لاءِ قيد رهيو. ٻيو ڀيرو 11 اپريل 1976ع ۾ گرفتار ٿيو جِتان پوءِ ڪيس جيل موڪليو ويو. سيپٽمبر 1976ع ۾. ٽِيون ڀيرو 1978ع ۾ ضياءُ الحق جي مارشل لا جي دؤر ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس فئڪلٽيءَ ۾ بنگلاديش ۽ شيخ مجيب الرحمان جي حمايت ۾ تقرير ڪرڻ تان ڪيس گرفتار ڪيو ويو. اُن دوران ڪيس ڏھ ڪوڙا ۽ 60 هزار ڏنڊ ڀرڻو پيو ۽ ايئن 3 مئي 2015ع ۾ اسان ۽ سنڌ کي الوداع ڪري هليو ويو.

آياسين ڳوٺ ’صاپو‘ آريسرن جي ڳوٺ ۾، هِتي هِڪ قديم مسجد آهي انگريزن جي دؤر کان بہ اڳ جي. عبدالواحد آريسر پُڻ هِتي پَڙهيو هو. هِن ڳوٺ ۾ رهندڙ مڱرين وٽ اِهو هُدو آهي تہ ’ڏڌ‘ کي پڙهندا آهن تہ ڏڌ ختم ٿي ويندي ۽ ڏڱين ۾ موساڙ بيماري کي پاڻي پڙهي هٽندا تہ بيماري ختم ٿي ويندي آهي.

اياز سان مِلياسين، مدرسہ ارشاد العلوم ۾

شيخ عبدالله جي دوست محترم سائين اياز آريسر جي ’مدرسہ ارشاد العلوم‘ آياسين. جنهن ۾ ديني تعليم سان گڏ دُنياوِي تعليم پُڻ پڙهائي وڃي ٿي. مدرسي جي اڳڻ تي نِم جو وڏو وڻ آهي، جنهن هيٺان ڪتون ڀيل هيون اُتي ويٺاسين، مدرسي ۾ هِڪ پاسي کان ٻار پڙهي رهيا هئا ۽ مدرسہ جي تعمير جو ڪم بہ هلي رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳڻ تي نِم جو وڻ هُجي ۽ هيٺ ڪٽ رکيل هُجي وڏو وڻندڙ من موهيندڙ منظر هوندو آهي. بہ ٽي منٽ ڪٽن تي ويناسين پوءِ سائين شيخ عبدالله ڪوهستاني جو دوست اياز آريسر ۽ اُن سان گڏ ٻيا بہ اُستاد هئا. اندر مدرسي ۾ وٺي ويا. مختصر تعارف ۽ ڪچهري ٿي جيسيتائين پڪوڙا، سموسا ۽ ڪولڊ ڊرنڪ اچي ويا. پڪوڙا سموسا کائي ڪولڊ ڊرنڪ پيئتي بعد ۾ سڀني اُستادن ٻاهر دروازي تائين اچي موڪلايو. موڪلائڻ کان پهرين هڪ اُستاد رجسٽر ڪڍي آيو. چيائين سڀئي دوست پنهنجا پنهنجا رايا هِن رجسٽر تي لِکن. سڀني هڪٻئي ڪي چيو پوءِ شيخ عبدالله مونکي سڏ ڪري چيو: ’مور ساگر تون لِک اسان هيٺان صحيحون ٿا ڪريون.‘ مون رجسٽر جي اڌ پيج تي پنهنجو رايو لِکيو. مدرسي جي ۽ مدرسي ۾ پڙهندڙ شاگرد ۽ اُستادن لاءِ مختصر تاثرات لِکيا. هيٺ سڀني دوستن پنهنجون پنهنجون صحيحون ڪيون. سواءِ ارباب نيڪ محمد جي اُن ٻي اڌ پيج تي پنهنجو رايو پاڻ لِکيو.

ڊاڪٽر اسد جمال پلي سان فون تي ڳالهہ ٻولهہ

ڪچهري ڪندي مونکي ياد آيو تہ ڊاڪٽر اسد جمال پَلي کي فون ڪيان. هوندو تہ حيدرآباد. پر سندس ڳوٺ جو پُڇان شايد هِنن ئي پَٽن ۾ هُجي. سائين کي فون لڳايم حال احوال ڪيو تہ پاڻ ڳوٺ ئي موجود هئا. چيائين هليا اچو منهنجي ڳوٺ چانهہ ماني کائون ڪچهري ڪريون. چيم اِهو تہ سنگت کان پُڇان ٿو جيڪا سنگت جي صلاح.

چيائين ڪهڙي سنگت آهي؟ چيم بہ گاڏيون آهن ۽ ارباب نيڪ محمد جي اڳواڻي ۾ سفر آهي. ارباب نيڪ محمد پُڇيو ڪير آهي؟ چيم: ’ڊاڪٽر اسد جمال.‘ تيسيتائين ڊاڪٽر اسد جمال چيو ’فون ڏي ارباب کي تہ پُڇان هِن وقت ڪِٿي آهيو‘. مون فون ڏِنو ارباب نيڪ محمد کي جنهن فون تي ئي ٻُڌايو تہ سائين هاڻي اوهان ڏي نہ اچي سگهبو. جو اسان جو رُخ ٻي طرف آهي. اوهان جو ڳوٺ ٻي طرف آهي. وري مون ڳالهايو ڊاڪٽر چيو يار شابس هُجي. پهرين فون تہ ڪرين ها. چيم: ’سائين مون سمجهو اوهان حيدرآباد هوندا. اِهو عِلم هُجي ها تہ ضرور اوهان جي حاضري ڀريون ها. خير وري جڏهن قسمت ٿي.‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊورو نارو جي مور غلام حسين آريسر سان مُلاقات

اسان آياسين ڊورو نارو ۽ هِتي ڊورو نارو ۾ رهندڙ غلام حسين آريسر جنهن جا اسان مهمان هئاسين. سندس پُڇا ڪئي، اسان ڪارخاني تي ويٺاسين ڪجهه ئي گهڙين ۾ هِڪڙو سُريلو نوجوان موٽر سائيڪل تي آيو ارباب نيڪ محمد سندس تعارف ڪرائيندي چيائين ’هي اسان جو پيارو پرين دوست غلام حسين آريسر آهي‘ ۽ اسان جو به ڪيس تعارف ڪرايائين. منهنجو تعارف ٻڌندي چيائين: ’مور ساگر منهنجو گهڻو ٻڌل نالو آهي‘. چيم ’سائين مهرباني‘.

ڪلانڪر ڍنڍ جو سَير

ارباب نيڪ محمد چيو ’سائين سنگت کي ڪلانڪر ڍنڍ گُهمائڻي آهي‘، غلام حسين آريسر چيو ’ڍنڍ گُهمون ٿا. پر پهرين ماني جو بندوبست ڪريون ٿا‘. سيني منع ڪئي. پوءِ ڪجهه ڪائڻ لاءِ گُهرايائين ۽ پيئڻ لاءِ پاڻيءَ جون بوتلون، پيپسي ۽ فنتا جون جمبو بوتلون به گُهرايائين به جيپون به گُهرايائين. هاڻي دوست غلام حسين آريسر ۽ اسان، جيپون ۾ ڪچي جو پنڌ، واريءَ اُڏائيندا ويندا رهياسين. ڪلاڪ اڌ جي سفر ڪانپوءِ اچي پُهتاسين ڪلانڪر ڍنڍ جي ڪَپ تي.

ارباب نيڪ محمد چيو ’سائين ٻيڙين ۾ چڙهي ڍنڍ جو سير ڪريو‘. پاڻ ملاحن کي وڏي آواز ۾ سڏ ڪيا ۽ اِشارا ڪري پاڻ ڏانهن اچڻ جو چيو. جيڪي ڍنڍ ۾ ئي ٻيڙين تي موجود هئا، پر پريرو هئا. ارباب نيڪ محمد جي سڏ ڪانپوءِ تي ٻيڙين وارا ٻيڙيون تيز تيز هلائيندا اچي پُهتا. ٻيڙيون ايتريون ننڍڙيون هيون جِن ۾ صرف به ماڻهو ئي ويهي سگهيا ٿي ۽ هِڪڙو هلائيندڙ پوءِ واري واري سان به به دوست ويهي ويجهي ڪان ئي گُهمي ڦِري واپس آياسين. ملاحن ويچارن کي ڪجهه خرچي به ڪرائي. هِتي ڪا وڏي تفريحي گاهه ناهي جو روز ماڻهو اچن. هِتي ته ڪو مهينن يا سالن ۾ ماڻهو ايندا آهن. حالانڪِ هيءَ ڍنڍ ڪنهن ٻي مُلڪ ۾ هجي ها ته وڏي تفريح گاهه بڻيل هُجي ها. آئون هاڻي ئي گذُريل سال 14 فيبروري 2014ع تي ملائيشيا گُهمڻ ويو هئس. ملائيشيا جو هِڪڙو نئون آباد ڪيل شهر ’پُترا جايا‘ جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هِڪڙي آرٽيفيشل (هٿرادو ٺهيل) ڍنڍ بہ قائم ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ جهازن جهڙا خوبصورت ٻيڙا هلي رهيا آهن ۽ ڍنڍ جي ڪِنارن سان آباد پارڪ ۽ کائڻ پيئڻ جا اسپاٽ/ اسٽال ٺهيل آهن. ماڻهوءَ جي دِل چوَي تہ بس هِتي ئي ويٺو رهجي ۽ گهمجي پيو.

هيءَ تہ قدرت جي طرفان تحفو آهي ۽ اگر هِن مُلڪ جا حُڪمران 'مُڙس ماڻهو' هُجن ها تہ اُن ڍنڍ کان بہ وڏيڪ هي خوبصورت تفريحي گاهہ ٺهي سگهي پئي، پر اسانجي مُلڪ جا حُڪمران صرف پنهنجا محل اڏڻ ۾ پورا آهن، هُنن کي ڇا وڃي هِن مُلڪ سان، جو هِن مُلڪ کي خوبصورت بڻائن، سيئي حُڪمران ٻاهر شفٽ ٿي رهيا آهن، سندن ڪاروبار بہ ٻاهر قائم آهن، ۽ سندن اولاد بہ ٻاهر ٿو پڙهي. پوءِ هِنن کي ڪهڙي ضرورت آهي هِن مُلڪ کي خوبصورت بڻائڻ جي.!!! هاڻي اسانجو رُخ وري ٿيو ڪنيرو شريف ڏانهن.

ڪنيرو شريف جي خانقاهہ

خانقاهہ ڪنيرو شريف: عمرڪوٽ ضلعي ۾ ڊوري ناري کان بہ ميل کن اُتر طرف ڪنيري جي پٽ تي هيءَ خانقاهہ آباد آهي.

اسان پهرين ميان ولهاري جي مزار تي قُل پڙهي دُعا گُهري، مزار وڏين چارين جي چانوَ هيٺ سنگمرمر قبر ٺهيل آهي. اُن کان پوءِ پير ۾ قائم مسجد اندر وياسين، مسجد بہ تمام آڳاٽي زماني جي لڳي رهي آهي، مسجد جي پير ۾ ئي قائم مدرسي اندر بہ آياسين ۽ فوٽوگرافي ڪئيسين. گوگل ٻُڌائي ٿو:

هِن خانقاهہ ۽ مدرسي جو باني ميون عبدالله اڪبري سمو وڏو درويش، عالم باعمل ۽ مدرس ٿي گذريو آهي. ميان صابر ولهاريءَ جي اولاد مان آهي. سندس حديث جي سند 'ٺٽوي سنڌي' معرفت آهي. سندس شاگرد عالم باعمل ۽ وقت جا وليءَ الله ٿي گُذريا آهن. مشهور درويش ۽ عالم ميون حبيب الله تاملهيار (راجستان وارو) سندس شاگردن مان هو. ميين عبدالله اڪبريءَ جو بي مثال ڪُتب خانو هو جنهن ۾ ٺٽي جي عالمن جا شهپارا قلمي صورت ۾ محفوظ هئا، پر سنڀال نہ ٿيڻ ڪري ڪُتب خانو اڌوهيءَ جو کاڄ ٿي ويو. رهيل ڪِتاب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪٽائي ويو. جيڪي سنڌ آرڪيائيو (ڪراچي) ۾ محفوظ آهي. روايت آهي تہ هِن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُتبخاني ۾ مخدوم بلاول رح جو فارسي زبان ۾ لکيل ڪتاب بہ موجود هو.

گُهمي ڦِري ٻاهر اچون تہ بہ ٽي قدم اڳتي، ارباب نيڪ محمد جي دوست خالد ولهاري جي اوطاق تي، جِتي خالد ولهاري سان گڏ ٻيا مهمان پڻ موجود هئا، اسان جو سُٺي نموني آڌرڀاءُ ڪيو. اُنهن مهمانن ۾ موجود ڪامريڊ مير محمد ٽالپر (ٽنڊوڄام) جو پُٽ مير مظفر ٽالپر پڻ موجود هو. جنهن جو تعارف ارباب نيڪ محمد سيني دوستن سان ڪرايو ۽ ٻنهي دوستن سان گڏ گروپ فوٽو پڻ ڪڍيو. اوطاق يا بنگلو ٺي چئجي سُٺو ٺهيل آهي، اڱڻ تي وڻن جي ڇانوَ موجود آهي، هِتي ورانڊي ۾ اسان هٿ جو ٺهيل ايئرڪولر ڏِٺو جنهن ۾ سُڪل ڪانڌيرا ڀريل هُئا جن جي مٿان ٺڪر جو مَٽ ڀيل هو ۽ مَٽ جي تري مان ننڍڙو سوراخ ٽيل هو ٻُڌايو ويو تہ گرمي ٿيندي آهي تہ اِن مَٽ ۾ پاڻيءَ وجهندا آهيون، جيڪو مَٽ جي تري مان ٺهيل ننڍڙي سوراخ مان هيٺ ڪانڌيرن تي ڪِري ٿو ۽ اِن جي پوئين پاسي کان پَٽ وارو پنکو هلائي ڇڏيندا آهيون، پوءِ بس چڻ اي سي جي سامهون ويٺو آهيون. اسان اِهو هِتي پهريون ڀيرو ڏِٺو، تنهن ڪري اُن ايئرڪولر جو پُڻ فوٽو ڪڍيوسين. آه... مولوي احمد ملاح پيو ياد پوَي:

دم ڪو آهيون يا نہ آهيون، خواب آ يا خيال،
هي بزرگيون بادشاهيون، خواب آ يا خيال.

دوستن کان موڪلايوسين، اسان گاڏين ۾ چڙهي رُخ رکيو پٺورو پير جو.

پير پٺورو تي پير پرياسين

ڪجهہ وقت رستن تي گاڏين جا ٽائر گسائي اچي پُهتاسين، پير پٺورو جي پاسي. هِن وقت سج بہ پنهنجي جوڀن ۾ نِپ مٿي ڪر موڙي رهيو هو سو پَگهرجڻ يا ٻوڙي ڇانوَ هيٺ ٻيهَڻ فِطري هو. جيئن ئي گاڏين مان هيٺ لٿاسين تہ تيز تپش جي سبب ٻوڙي وچي وڏي وڻ جي ڇانوَ هيٺ بيهاسين، جنهن وڻ هيٺ ڪجهہ مايون، ٻار ۽ ٻيا شين وڪڻڻ وارا بہ موجود هئا. اڳتي آياسين، جِتي ڪجهہ ماڻهو موجود هُئا، جيڪي ڪچهري ڪري رهيا هئا، پٽ تي رليون وڇيل هُيون ۽ ديوارن تي وڏيون وڏيون تصويرون پير پٺوري ۽ ڪجهہ ٻين جون لڳل هُيون، هِنن ماڻهن ۾ وينل هڪ ڳاڙهي ڏاڙهي واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همراه جو ارباب نيڪ محمد اسان سان تعارف ڪرائيندي ٻڌايو تہ: ’هي آهي طوطا رام جيڪو هِن پيرپٿوري جي درگاهہ جو سنپاليندڙ گادي نشين آهي‘. اُن گادي نشين کان ڪجهہ سوال سائين عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي ۽ شيخ عبدالله ڪوهستاني بہ ڪيا. پر ڪا معلومات نہ ڏئي سگهيو. معلومات لاءِ وري بہ گوگل جو سهارو وٺڻو پيو.

پير پٿورو: عمرڪوٽ ضلعي جو مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي، جنهن جي ولادت 1210هہ مطابق 1795ع ۾ ٿي. هن بزرگ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اصل ۾ ميگهواڙ قبيلي سان واسطو رکندو هو. بعد ۾ ابراهيم ناگوراڻي، جرڪس ڏناڻي ۽ چُتي بخاريءَ جهڙن بزرگن سان گڏجي ملتان ويو ۽ غوث بهاوالحق جو مُريد ٿي مسلمان ٿيو. روايتن موجب سندس نالو ”شيخ نعمت الله “رکيو ويو پر ”پير پٿوري“ جي نالي سان مشهور ٿيو. هڪ روايت موجب ملتان مان واپسيءَ تي ماءُ ۽ پيءُ کي بہ مسلمان ڪيو هئائين. پير پٿوري جي اسلامي نالي جي تصديق عمرڪوٽ جو عالم مولانا مير محمد عنصري بہ ڪندو هو. جيڪو چوندو هو تہ هن ’نگيرانِ سنڌ‘ (قلمي نسخو) ڪتاب ۾ پڙهيو هو تہ پير پٿوري جو اسلامي نالو ”شيخ نعمت الله “هو. پير پٿوري عبادتن ۽ رياضتن سان وڏي منزل حاصل ڪئي ۽ غوثيہ سلسلي جي بزرگن ۾ سندس وڏو مقام آهي. پير پٿوري جي وفات 1298هہ مطابق 1881ع ۾ ٿي. چيو وڃي ٿو تہ پير پٿوري جي وفات بعد سندس قبر تي ڏيوَري ٺهرائي وئي هئي، پر مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ اُن جي تعمير غير اسلامي قرار ڏئي اُن کي ڊهرائي قبر مٿان قبو ٺهرايو. اڳتي هلي پير پٿوري جي عقيدتمند مريدن اُن مقبري کي عاليشان صورت ڏِني ۽ درگاهہ تي مسافرخانا بہ ٺهرايا. پير پٿوري جي مزار تي هر سال بہ ميلا لڳندا آهن. هڪڙو چيٽيءَ چنڊ تي ۽ ٻيو ڪتيءَ جي چنڊ تي. پير پٿوري جي ميلي ۾ هندو ۽ مسلمان عقيدتمند وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪندا آهن. ميلي جي نِگراني ٻُڪيرن جا پير ڪندا آهن ۽ ميلي جي آمدنيءَ جو ڪجهہ حِصو ٻُڪيرن جي درگاهہ کي مِلندو آهي. پير پٿوري جي ماءُ ۽ پيءَ جون مزارون پُڻ مقبري ويجهو ڏکڻ ۾ موجود آهن، جِن جي قبرن جي چوڌاري ڪاٺ جا پينگها ٺهيل آهن.

ارباب نيڪ محمد ٻڌايو تہ ’مسلمان چوَن ٿا تہ پيرپٿورو مسلمان آهي ۽ هندن جو عقيدو آهي تہ پير پٿورو هندو آهي، تنهن ڪري هِتي هندو توڙي مسلمان ٻئي حاضريون ڀريندا آهن، ۽ ساليانيءَ ميلي ۾ پڻ هندو توڙي مسلمان ڀرپور شرڪت ڪندا آهن‘.

مِٿي چڙهياسين، مقبرو اڃي هيٺ هو، هاڻي نئين سِر تعمير ڪيو ويو آهي، اجا تائين ڪافي ڪم رهيل آهي پر تمام مٿي ۽ بهترين مقبرو ٺهرايو ويو آهي، ڏاڍو هوادار ۽ خُلاصو اسين جڏهن ٻيهر ايندا سين تہ يقينن رنگ روغن ٿيل هوندو ۽ خوبصورت لڳندو.

ٻاهر نِڪتاسين دوستن چيو تہ ’نماز جو وقت ٿي ويو آهي‘، ارباب نيڪ محمد چيو ’نماز اڳيان ٿا هلي گِرهوڙي صاحب جي مسجد ۾ پڙهون‘، سڀني چيو ’بهتر ٿيندو‘.

گِرهوڙ شريف ۾ بہ ڪجھ گهڙيون

توڙي جو جولاءِ مهيني جي ٿاڪ منجهند ٿي چُڪي هُئي، پر گُهمڻ جو شوق، ٿڪ ڪِٿي ٿو ٿئي، ها باقي جِن جا هي پَٽ ڏِنل هوندا تِن کي ضرور ٿڪ ٿيو هُجي تہ هُجي، اسين گِرهوڙ ۾ پُهچي پهرين تہ مسجد طرف آياسين، جو عصر نماز جو وقت پيو وڃي، ’جامع مسجد حضرت مخدوم شهيد گِرهوڙي‘ ۾ سڀني وضو ڪري نماز پڙهي، بعد ۾ ٻاهر نِڪتاسين، ڪجھ دوستن جو خيال هو تہ منجهند جي ماني ڪائجي، ڪجھ دوستن چيو ماني جي ايتري ڪا خاص طلب ناهي، اڳيان ڪِٿي سُٺي هوٽل ڏِسي اُتي ڪائي ٿا وٺون. مسجد اندر ٻاهر فوٽوگرافي ڪري نِڪاسين، مسجد جي پاسي ۾ ئي قائم هُجري اندر آياسين، جِتي مولوي صاحب مسجد جي پيش امام سان مِلياسين. جنهن ماني، چانهہ، ٿڌي جي صلاح ڪئي، پر هِن کي مهرباني چئي موڪلايوسين. آياسين گِرهوڙي جي مزار اندر، مزار جي مکيہ دروازي تي هي شعر لکيل آهي:

تِتَر ڪَرڙي اُپ ۾، مُند مَ پاڻِي وَڃَ،
پولَ مِڙيئي پَجَ، آيو گُر گِرهوڙ ۾.

مکيہ دروازي کان اندر آياسين، اندر بہ ڪُجھ مايون، ٻار جوڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏِناسين، مين گيٽ کان مزار تائين ويندي رستي ۾ ديوارُن تي گِرهوڙي صاحب جا ڪُجھ شعر لکيل آهن:

ڦُوڙائي فِراقَ جو قَدُر ڪُونجَڙِينَ،
ٻئو پُڻ مايَڙين، پُٽَ جنين پرڏيھ ويا.

❁

اُتران تي عيد، ڏَکڻا ڏِنو چند،
جُڙيو پُڙيو جند، گجي تو گِرهوڙ ۾.

❁

لاڳاپا هِن لوڪَ جا، جڏهن ڇڏيا جِنَ،
تڏهن ڏِنو تِن، ڏونگر وارو سُپرين.

آياسين مزار ڏانهن، مزار جي گيٽ تي لکيل آهي: حضرت مخدوم شهيد عبدالرحيم گِرهوڙي، شهادت: 17 ربيع الاول 1192هه، اُن جي هيٺان هي شعر لکيل آهي:

الله وڏو وير، پورو لوڪ نہ ٻُجھڻو
ڪَرين پياري ڪير، سڄڻ چاڙهي سوري.

سلام وارئي مزار اندر چار قُل پڙهي دُعا گُهري، فوٽوگرافي ڪئي، مزار ٻاهر آياسين، ٻاهر چؤديواري اندر ڪوڙ ساريون قبرون آهن. ديوار جي ٻاهران وڏيون وڏيون چاريون نظر آيون، ديوار تي هِڪڙو مور ڏِٺوسين، جيڪو پنهنجي سموري سونهن سان سامهون هو، اُن جي پر ۾ بيهي فوٽوگرافي ڪئيسين، گِرهوڙيءَ رح بابت وڌيڪ ڄاڻڻ لاءِ انٽرنيٽ سرچ انجڻ جو سهارو ورتو.

مخدوم الملڪ الشيخ عبدالرحيم گرهوڙي عليہ الرحمة

بزرگ گرهوڙي صاحب پاڻ ذات جو مڱريو هو جنهن متعلق ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب هڪ اڻپورو احوال ”مڱريا نسل“ بابت هن ريت ڏئي ٿو.

سنگهار فقير کان روايت آهي تہ: گرهوڙي صاحب ڪل پنج شاديون ڪيون (1) مڱرياڻي (2)هڱورجي (3) ٽيٻي (4) اوني ۽ (5) ڪتياڻي. پوئين گهر مان ٻہ پُٽ ڄاوَس. پر اُهي پنجن سالن جي عمر ۾ گذاري ويا. باقي ٻين گهرن مان چار نياڻيون ٿين. هڪ مڱرياڻي سندس ڏاڏي پوٽي گهر واري مان. مگر پوري تصديق نہ آهي. اها پنهنجي ياڻني ”عبدالله“ نالي کي ڏنائون.

جڏهن تہ سندن پوري سوانح ۾ اهو ڪِٿي بہ نہ ڏسيو ويو آهي تہ سندن ڪو ٻيو ڀاءُ بہ هو. پيءُ ماءُ جي نالي جي ئي پوري تصديق نٿي ٿئي، تہ ڀاءُ وري ڪٿان آيو. ٿي سگهي ٿو تہ جِن ڪين پاليو. اهي اڳتي هلي مگريا ٿي ويا هجن. ۽ سندن ڪو ٽيج شريڪ ڀاءُ هُجي. اُن جو پُٽ عبدالله نالي هُجي. اُن کي پنهنجي نياڻي ڏِني هُئائون ۽ ڪيس پنهنجي روحاني ورهاست حوالي ڪئي هئائون. جو ڪين امر ڪيو هئائون تہ پنهنجي خاوند جو حُڪم هميشہ اکين تي رکيو اچجان. ۽ عبدالله کي هدايت ڪندي چيائون تہ جيڪي بہ موليٰ سائين توکي موڪلي ڏئي. تنهن تي راضي رهجان. تنهنجو ٻيو ڪو ثاني نہ آهي. تنهن ڪري ڀاءُ ٻنڌ کي لوڙهي اندر قطعي نہ ڇڏجان. پوءِ چيائونس تہ مون کان گهر جُدا اڏي وجي ويهہ. وڻن غربت ۽ مسڪِيني ايتري قدر هئي جو سندن نياڻيءَ ۽ نانيءَ جو نڪاح روزمره وارن ڪپڙن ۾ پڙهيو هئائون. چون ٿا تہ هڪ از غيبي شخص سندن نياڻيءَ لاءِ نوان وڳا ڏئي ويو. شاديءَ جي موقعي تي ابڙيون ذات جون عورتون سڏيون هئائون. جن شاديءَ جو سرجام نباهيو هو. اُنهن مايَن جا نالا عزت، ڪرامت ۽ رحمت هئا. باقي ٽي نياڻيون سيدن جي نِڪاح ۾ ڏِنائون. جِن جا نالا سيد حاجي قطب شاهہ، سيد پير شاهہ ۽ سيد ڪرم علي شاهہ هو. اُنهن ٽنهيءَ نياڻين جي شادي سندن شهادت بعد ٿي. مگر پاڻ فيصلو اڳ ڪري ويا هئا. جڏهن تہ روايتن ۾ اچي ٿو تہ اهي شاديون بہ پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي ڪري ويا هئا. جيئن تہ سندن ڪوبہ نرينو اولاد نہ آهي. تنهنڪري سندن مجاوريءَ جو سنڀالو سيد ڪندا پيا اچن. موجوده سندن مزار جو سنڀالو ڪندڙ سيد احمد شاهہ نالي آهي. جيڪو هڪ خدا ترس نيڪ انسان آهي.

گرهوڙي صاحب جو تصنيفون

بزرگ عبدالرحيم رحہ اصول ۽ فروغ جو عالم هو. چيو وڃي ٿو تہ سندس تصنيفون فقہ ۽ سلوڪ ۾ گهڻي انداز ۾ هيون. مگر سندن ڪيترائي ڪتاب مدد خان افغان واري تفرقي ۾ گم ٿي ويا. مدد خان پٺاڻ 1195هہ ۾ ميان عبدالنبي ڪلهوڙي حڪمران جي چرچ تي سندس مدد ۾ سنڌ تي ڪاهي آيو هو. ۽ ساري سنڌ ۾ ڦُرلُٽ ڪئي هئائين. جنهن سبب ماڻهن ۾ سخت لڏپلاڻ ٿي. سندس وڃڻ بعد مُلڪ ۾ ايترو تہ ڏُڪار پيو جو ڪيترو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي ذخيرو انھيءَ ڦُرلُٽ، ڌُڪار ۾ لڏپلاڻ جي نذر ٿي ويو. باقي ڪي بہ ٿي ڪتاب وڃي بچيا. جيڪي هِن طرح ٻُڌايا وڃن ٿا. 1.فتح الفصل (عربي)، هي ذخيرو دراصل حضرت خواجہ سلطان اولياء محمد زمانرحہ جي 446 چيل چونڊ مقولن جو عربيءَ ۾ ترجمو ڪيل شرح آهي. هي مقولا اصل سنڌي ۾ هئا. ليڪن گرهوڙي صاحب اُنهن کي عربي زبان جو ويس پارايو. هِن بابت سندن استدلال هي هو تہ: ”والاباس بااختلاف اللسان في اتحاد البيان“ زبان جي اختلاف ۾ ڪابہ حرڪت يعني اوڻائي نہ آهي. جيڪڏهن بيان هڪ آهي ڪاش جيڪڏهن هي نِڪتا سنڌي ۾ قائم رهن ها تہ خبر پوي ها تہ 200 ورهہ اڳ سنڌي نثر جي ڪهڙي صورت هئي.* فتح الفصل ويجهڙائي ۾ 2006ع لنواري شريف ادبي ڪميٽي بدين ناليج اداره حيدرآباد مان ٻيهر ڇپرايو آهي. هي ڪتاب 1988ع ۾ ڇپيو هو. هي ڪتاب منهنجي مطالعي هيٺ آيو. مگر بقول دائودپوٽي صاحب جي ڏاڍو افسوس ٿيو. زبان جي تبديليءَ بيشڪ وڏو هاڃو رسايو. جيڪڏهن عبدالرحيمرحہ مقولو سنڌيءَ ۾ رکي اُن جو مفهوم ۾ لکي ها ۽ بعد ۾ اهو مقولو سنڌي مفهوم ۾ آندو وڃي ها تہ ڪيڏو نہ بهتر ٿئي ها. ٻن يا ٽِن سِٽن جو مقولو هزارن لفظن جو مجموعو هوندو. معلوم ٿئي ٿو تہ عبدالرحيمرح هي مقولا شروعاتي دؤر ۾ عربي زبان ۾ آندا هوندا. سائين قاسمي صاحب جن بہ ان جو پورو مفهوم ادا نہ ڪري سگهيا آهن. بس فقط ايترو چئي سگهجي ٿو تہ اسان جي لاءِ هي خزانو جهڙو آهي تهڙو نہ آهي. (راقم) 2. شرح ابيات سنڌي (عربي) جنهن جو سنڌي ترجمو ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب ڪري ”ابيات سنڌي“ جي نالي سان سنڌي ادبي سوسائٽي حيدرآباد جي سهڪار سان ڇپرائي پڌرو ڪيو. جنهن جا ٻيا بہ ڪيترا ڇاپا نِڪري چُڪا آهن. خواجہ سلطان الاولياء محمد زمان جو هي تصوف تي جوڙيل بياض تصوف جي عجيب ۽ باريڪ نڪتن جو عجب اسرار آهي. گرهوڙي صاحب بہ هِن بياض جي شرح ۾ تصوف جي بي پايان بحر جو ٽوٻو ٿي اُپريو آهي. ۽ پنهنجي علمي خزاني مان ڪئين اسرار ويهي بيان ڪيا اٿس. 3. رسالو گل نما (فارسي): هيءُ رسالو مثنويءَ جي طرز تي لکيل آهي. هن رسالي جو اصل نسخو خواجہ گل حسن وٽ موجود هو. هن رسالي ۾ خواجہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گل محمدؒ جي شان ۾ مدح سرائي ڪئي اٿس. هيٺيان ڪجهه بيت فردوس العارفين واري پنهنجي تصنيف جي آخر ۾ ڏنا آهن. جن ۾ فارسي زبان جون غلطيون پڻ آهن. اُهي چند بيت هِت ڏِجن ٿا:

گل محمد درمناز لها تمام۔ غير بلبل اين چه داند خاص و عام
دست مشرڪ گي رسد گل پاڪ را۔ خاڪ را اين نور ايمان خاڪ را
خاڪ مسجود ست بهر بوئي گل۔ جز خراباتي نه باش جائي مل
عارف آن باشدگه باشد گل شناس۔ گل ببيند جمله بيند بيقياس
جان مرجان ولي را دست نيست۔ رابطه مثان آنچه آندا پوست نيست
خلق پندارد ولي را شهوئي۔ روي خود بنيد اورا رحمتي
تا قيامت آزمايش دائم است۔ پس بهر دوريولي قائم است

4.مڪتوبات (فارسي): هي مڪتوبات حقيقت ۾ ڏنو وڃي ته امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهنديؒ جي مڪتوبات جو اختصار آهن. ٻي ڪا خاص خوبي خير ڪا آهي.

5. مجموعه سنديات (عرف ڪلام گرهوڙي): هن نسخي جو اصل درگاهه لنواري شريف جي موجوده سجاده نشين خواجه گل حسن وٽ موجود هو (موجوده سجاده نشين هن وقت موجود نه آهن، دائودپوٽي صاحب جي وقت ۾ زنده هئا. جتان کين ڪلام گرهوڙي جو نسخو مليو هو) جيڪو ماستر شير محمد جو لکيل هو.

گرهوڙي صاحب جون پيشنگويون

توڙي جو گرهوڙ شريف جي موجوده درگاهه سنيالينڊڙ سيد احمد شاهه گرهوڙ واري هڪ اعلان ڇپرائي پڌرو ڪيو هو ته گرهوڙي صاحب طرف ڪيل پيشنگوين جي گرهوڙي صاحب سان ڪابه نسبت نه آهي. مگر ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب هن اعتراف ڪرڻ کان رهي نه سگهيو آهي ته گرهوڙي صاحب جون ڪيل ڪيتريون پيشنگويون حرف بحرف صحيح نڪتيون آهن. پاڻ خود پنهنجن وڏن کان ڪيتريون پيشنگويون ٻڌيون اٿن.

۽ انهن تي ويساهہ ڪيو اٿن. توڙي جو پاڻ انهيءَ عبارت کي ڪجهه چيو اٿن. تي سگهي ٿو تہ سندن وڏن يا عوام اندر گردش ڪندڙ پيشنگوين طرف عام طرح ڌيان گهٽ ڏنو ويو آهي. بلڪ انجي مفهوم کي وڌيڪ ڏنو ويو آهي. پوءِ انهيءَ جي ادائگي ۾ تي سگهي ٿو تہ پنهنجا لفظ استعمال ڪيا ويا هجن. اهڙيءَ طرح ڪيترين پيشنگوين عوامي ڪچهرين ۾ گردش ڪندڙ آهن. ڪجهہ پيشنگويون هِتَ پيش ڪريون ٿا.

1. ڇهين پيڙهي ڇيهہ ٿيندو ويندس امانتا
ڪاهي پوندو ڪفر ۾ توڙي منهنجو مرشدا

2: اولاد احمد ڄام جو ٿيندو ملحد بيدينا

3: لڳندي لاڙان سونچو ٿيندو سري ۾
جڏهن ڪڏهن سنڌڙي، توکي جوکو قنڌاران

4. لنڊن ۾ لنگور کي، گولا گهاوَ ڪندا
لڳندس ڪان ڪراچيءَ ۾ ويندس دهلي هٿا

5. ڪنگريءَ ۾ ڪوس ٿيندو

6: سنڌ قريي قڪي ٿيندي پٽ و پٽ
ايندي انهن جي هٿ، جن کي ترس نہ پوندو تر جو

7: اتر ڪان متي اگهاڙا ايندا، هتي اچي ديولين وانگر مسجديون جوڙيندا. ڪثرت سان روزو نماز ڪندا، مگر اُنهن جي ڪابہ نماز قبول نہ ٿيندي جو هنن جون دليون، حسد ۽ بغض سان ڀريل هونديون.

اِهي پيشنگويون ڪيتري قدر سچ آهن، هيون يا ٿيون آهن، خبر ناهي، اسين گهمي ڦِري، دُعا گهري، فوٽوگرافي ڪري واپس، هاڻي اسانجو سفر هو تاريخي قبرستان چِتوڙي شريف ڏانهن، گاڏي ۾ ويٺاسين روانا ٿياسين.

چِتوڙي قبرستان جي ڇِنڊڇاڻ

تعلقو سنڌڙي ۾ پُهتا آهيون، ۽ پهريون ڏِسون ٿا تاريخي قبرستان 'چِتوڙي'. منجهند جي ماني وقت تي نہ ڪائڻ ڪري ارباب نيڪ محمد جي شُگر لو ٿيڻ لڳي، تنهن ڪري اسان کي جلد ئي قبرستان جو جائزو وٺي ٻاهر نِڪرڻو هو پر پوءِ بہ هيڏو پنڌ ڪري آيا آهيون، سو سُٺي نموني سان پُراڻين

مزارن ۾ اُنهن تي اڏيل مقبرن ۾ مقبرن تي ٺهيل چنتسالي ڏِٺيسين اندر هِڪ وڏي هال نما ٺهيل قبرستان اندر وياسين. جِتي سڀ ميرن جون قبرون آهن، جنهن ۾ سنڌ تي حڪمراني ڪندڙ مير، ۽ شيرِ سنڌ جو لقب رکندڙ مير شير محمد خان ٽالپر جي پُڻ قبر ڏِٺي، جنهن جي پر ۾ بيهي فوٽوگرافي پُڻ ڪئي. وڌيڪ چِٽوڙي قبرستان جو پُڇون ٿا انٽرنيٽ کان:

ميرپورخاص ڪپرو روڊ کان 2 ڪلوميٽر مفاصلي تي آهي. چِٽوڙي قبرستان ۾ ميرن جون اهم شخصيتون دفن ٿيل آهن. جن پنهنجي دؤر ۾ سنڌ جي بقا جي جنگ انگريزن سان وڙهي. هِن قبرستان ۾ مير خاندان جي اهم حڪمرانن جا مقبرا ۽ سندن حڪمراني دوران وزير رهندڙن اهم ماڻهن جا پُڻ مقبرا آهن.

چِٽوڙي قبرستان ڪيئن آباد ٿيو روايتن آڌار مختلف ڄاڻو ماڻهو ٻُڌائين ٿا ۽ ڪتابن ۾ پڻ گهڻو مواد روايتن تي بيان ڪيو ويو. ڏيئو فقير لنجواڻي، پير نور شاهه قريشي، مير مسو خان ٽئي ڄڻا هڪ دفعي شڪار تي نِڪتا ۽ چِٽوڙي واري ميدان تي اچي ڏاڍو ڪيائون ۽ ڏٺائون ته هي ميدان چِٽل آهي. ٽنهي ڄڻن پاڻ ۾ عهد ڪيائون ته پاڻ پنهنجو هن ميدان تي قبرستان قائم ڪنداسين. آخرڪار ٽنهي ڄڻن کي هِتي دفن ڪيو ويو. چِٽوڙي قبرستان ۾ سڀ کان پهرين ميرالهيار خان جي پُٽ مير مسو خان کي دفن ڪيو ويو. پير نور شاهه قريشي، ڏيئو فقير لنجوڻي، ميرالهيار خان، مير علي مراد خان، مير شير محمد خان "شيرِ سنڌ" مير خان محمد خان، مير فتح خان، مير شاهه محمد خان، مير ٺارو خان، مير غلام علي خان، مير آچر خان، مير مرزو خان، مير ڪرم علي خان، مير احمد خان ۽ ميرن جي اهم ماڻهن جوڳي ۽ پوڳي خان پرڳڙي، شادمان خان ڪپري، ٻيڙو خان کوکر جا مقبرا پڻ چِٽوڙي قبرستان ۾ آهن. اُن کان سواءِ اڳوٽي وزير اعظم محمد خان جوڻيجي جو والد خان صاحب دين محمد خان جوڻيجو هِن قبرستان ۾ دفن ٿيل آهي.

ٻي روايت: هِن قبرستان جي پر سان هڪ ڍنڍ هوندي هئي جنهن ۾ چِٽي جا مريض اچي وهنجندا هئا ۽ چڱا ڀلا ٿي ويندا هئا. ڍنڍ جيڪا چِٽي جي حوالي سان شفا جو ڪارڻ بڻي ته اها ڍنڍ چِٽي جي حوالي سان مشهور ٿي وئي. ماڻڪاڻي ميرن جو آبائي قبرستان اُن چِٽي واري ڍنڍ جي پر وارو قبرستان ۽ پو اڳتي هلي چِٽوڙي وارو قبرستان مشهور ٿي ويو. هِن وقت به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبرستان جي پرسان 2 ڪلوميٽر مفاصلي تي ڍنڍ تہ ناهي پر پاڻي جي ترائي موجود آهي، جنهن مان چٽي خارش جا ستايل ماڻهو وهنجڻ لاءِ پري پري کان ايندا آهن. ان کان سواءِ اها بہ معلومات مِلي آهي تہ چِٽوڙي قبرستان جي مقبرن ۽ قبرن لاءِ پٿر انڊيا مان آندا ويا. جنهن تي اُن وقت جي ڪاريگرن خوبصورت چٽ سالي ڪئي اُن چِٽي چٽسالي جي ڪري قبرستان جو نالو پيو ڪتابن ۽ روايتن ۾ اهو بيان ٿيل آهي وڌيڪ تحقيق جي گنجائش آهي.

اسان هِتي مير منور ۽ فريال ٽالپر جي پُٽ جي پُڻ قبر ڏٺي، جيڪو هنن جو اڪيلو پُٽ هو جنهن جو حادثاتي موت والدين کي سڄي عمر جو سور ڏئي ويو.

هِن وقت چِٽوڙي جي قبرستان کي اصل حالت ۾ برقرار رکڻ لاءِ ڪم هلي رهيو آهي، اسين قبرستان کي مڪمل طرح سان ڏِسي جائزو وٺي واپس ٻاهر نِڪتاسين، هاڻي سِڌو ڪئيسين تلاش ڪنهن ويجهي هوٽل جي جِتي منجهند جي ماني کائڻي آهي.

پارهون واڳر تي منجهند جي ماني

رستي ۾ پهريون اسٽاپ اِهو ئي آيو. ٽوٽي جو ڀرا اڙي جو اسٽاپ ننڍڙو شهر آهي، هِڪ ٻن هوٽلن تي بريڪ بہ ڪيوسين پر عجيب جهوپڙا هوٽلون هُيون، ماني بہ کائڻي هُئي، وقت بہ گهڻو ٿي ويو هو. پوءِ هِڪ هوٽل تي ويناسين ٻن ٽولن ۾. هوٽل تي جيڪي ڀاڄيون هيون اُنهن مان آرڊر ڪيوسين، ماني کائڻ کانپوءِ اُتي ويجهو ئي مسجد هُئي جنهن ۾ عصر نماز پڙهيسين. هاڻي اسان کي منهنجي نالي ڀائي ۽ ذات ڀائي محمد خان جوڻيجو سان مُلاقات ڪرڻي آهي تنهن ڪري هلون ٿا اوڏانهن.

سنڌڙي جي سُڃاڻپ محمد خان جوڻيجو آهي

ميرپورخاص ضلعي جو هي تعلقو آهي، 6 ڇهہ يونين ڪائونسل ڪيرائو اسماعيل جو ڳوٺ، بلوچ آباد، ڳِرهوڙ شريف، ڦُلهڏيون، هنگورنو تي مشتمل آهي جنهن جي آبادي 2015ع ۾ 2 لک 27 هزار ٻُڌائي ٿي وڃي، جيڪا هِن وقت تائين يقينن ڪافي وڌي هوندي، تعلقي سنڌڙي جي هڪ ٻي سُڃاڻپ محمد خان جوڻيجو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد خان جوڻيجو (سابق وزيراعظم پاڪستان)

اسين بہ اُن مردِ مجاهد محمد خان جوڻيجو جي ڳوٺ (جنهن جو وزيراعظم وارو دؤر پهريون ۽ آخري چيو وڃي ٿو ڪم ۽ ايمانداري جي حوالي سان، اُن ڪان پوءِ تہ جيڪي بہ آيا سي پنهنجي پيٽ پرڻ لاءِ ئي آيا).

سپ ڪان پهرين آياسين سندس بنگلي جي سامهون گاڏيون پارڪ ڪيوسين، سندس بنگلي جي اندر جڏهن آياسين تہ جڻ اعتبار ئي نہ پيو اچي تہ ڪو هي مُلڪ جي رهندڙ اڳوڻي وزيراعظم جو بنگلو آهي. صفا سادو. بنگلي جي ملازم اسان کي ڪُرسين طرف اِشارو ڪري ويهڻ لاءِ چيو تہ: ويهو اوهان لاءِ چانهہ پاڻي جو بندو بست ڪريان، ڪيس منع ڪئيسين، باقي پاڻي ضرور پيئنداسين، پاڻي جون بوتلون ڪڍي آيو جيڪي پيتيوسين بنگلي جي پارڪ ۾. فوٽوگرافي پُڻ ڪئيسين، پوءِ ارباب نيڪڻ چيو تہ: اچو مزار تي قُل پڙهي حاضري پري اچون، آياسين مزار تي مزار بہ سادي فرش تي ٽائل لڳل ضرور هئا، پر جيئن مزارون هونديون آهن ايئن بلڪل نہ هئي، اسان مزار تي چار قُل پڙهيا سيني سندس روح کي ثواب خاطر بخشي دُعا گهُري. ٻاهر نِڪتاسين.

18 آگسٽ 1932ع تي ضلعي ميرپورخاص جي تعلقي سنڌڙي ۾ جنم وٺندڙ هي مُلڪ پاڪستان جو ڏهون وزيراعظم بڻيو. جنهن 24 مارچ 1985ع تي پنهنجو عهدو سنڀاليو. جيڪو 29 مئي 1988ع تائين هلي سگهيو (اڄ ڏينهن تائين پياري پاڪستان تي ڪو بہ اهڙو وزيراعظم نہ آيو آهي جنهن 5 سال پنهنجا پورا ڪيا هُجن). سندس وابستگي پاڪستان مسلم ليگ سان رهي. پاڻ 16 مارچ 1993ع ۾ وفات ڪيائين.

سيني ساٿين کي هاڻي سُٺي چانهہ جي تلاش هُئي، ارباب نيڪ محمد ٻُڌايو تہ ٻاهر روڊ تي هلي ٿا ڪِنهن ڪُليل هوٽل تي ويهون. سنڌڙي موڙ کان ٻاهر ميرپورخاص روڊ تي نئين اڏيل هوٽل تي ويٺاسين.

ارباب نيڪ محمد بئري کان پُڇيو ابا ڪير آهين؟

چيائين شر: 'شررررررررر' ارباب کِل ۾ پئجي ويو سپ کِليا، اُتڻ وقت ڪوپ ڪڻڻ بيو چوڪرو آيو اُن کان پڇئين ابا تون ڪير؟

چيائين 'شر' وري بہ کِل ۾ 'ابا ڪو ماٺهو بہ رکو'... سيئي گڏجي کِلن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپسي ايندي رستي تي لڳل بورڊ پڙهيوسين ٽنڊو گوندل، سيني حيران ٿي چيوااِهو نالو اسان اڄ پهريون ڀيرو پيا ٻُڌون، نه اخبارن ۾ نه خبرن ۾.

ارباب نيڪ محمد کي جهڙپي موڙ وٽ مدرسي ابو هريره ۾ ڇڏيوسين مغرب نماز اُتي پڙهيسين ڪانئس موڪلايوسين.

واپسي

طرف ڪوهياري قُريشِي، ڪانوَ قاصِد ٿو ڪَريان،
وڃ وٺيو واٽون عرب جون، ڪِج نه وِچ مان واپسِي.

واپسي ۾ ميرپورخاص مان سي اين جي ڀرائي، شهر ۾ آئيس ڪريم کاڌي. رات جي وقت ميرپورخاص شهر به ڪجهه خاص نظر اچي رهيو آهي، ماروي سوئٽ تان مائو ۽ مِٺائي ورتي، هاڻي ساڳيون روڊ حيدرآباد ميرپورخاص، ساڳيان مُسافر. سفر جي باري ۾ ڪچهري شروع ٿي وئي.

’سائين عبدالجبار اڄوڪي ٽُر جو سفر ڪيئن لڳو اوهان کي‘ مون پُڇيو. ’سيني سفرن جيئان هي به بهترين سفر رهيو، ’هر نئين ماڳ ڏانهن پهريون ڪيل سفر سهڻو به ۽ سٺائو به لڳندو آهي، پر ساڳي پنڌن تان ٻيهر پير پائڻ سان اُها محسوسات مَنَ کي محسوس ناهي ٿيندي، صحي ٿو چوان‘ مون چيو. سجاد چيو: ’ايئن ته آهي، ماڻهو جو جيڪو هنڌ اڳ ڏِٺل ناهي هوندو، اوڏانهن ويندي مهل ڪا به تڪليف يا ٿڪاوَٽ نه ٿيندي آهي، باقي اُتان واپسي مهل، سيني جا منهن سُڄيو وڃن، سيئي پنهنجي ٻُٽ مان بيزار.‘ چيم: ’اِها ڳالهه بِلڪل صحي آهي، تڏهن ته لطيف سرڪار چئي ويو آهي ته:

ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان، شال مَ مِلان هوتَ،
مَن اندر جا لوچ متان مِلڻ سان مائي ٿيئي.

ايئن ڪچهري ڪندي ڪندي اچي پنهنجي ماڳ ماتلي پهتاسين، سائين عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي کي پنهنجي گهر ڇڏي آياسين، ۽ اسين پنهنجي پنهنجي گهر.

جيڪي سفر ۾ همسفر هئا

پروفيسر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي: ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت، پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُنا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ تاريخ لکندڙ ماتلي جي تاريخ لکي اٿس، اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا ”باغي آ عشق منهنجو“، ”تاريخ آهي شاهد“ پڻ هِن جا سهيڙيل آهن. نظاماڻي ذات تي ”تذڪراءِ نظاماڻي“ وڏو ڪِتاب لکيو اٿس، جنهن ۾ پوري قوم جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه ڪوڙيبا بہ ڪتاب لکيل، سهيڙيل، مُرتب ڪيا اٿس.

ارباب نيڪ محمد: ناميارو ليکڪ ۽ ڪالم نگار. سندس اصل نالو نيڪ محمد نهڙي آهي، ادبي دنيا ۾ ارباب نيڪ محمد ۽ عوامي حلقن ۾ نيڪڻ فقير طور پڻ مشهور آهي. هو 1960ع ڌاري هندوستان جي علائقي ”سجڻ پار“ ۾ جائو. سندن وڏا 1960ع کان پوءِ ٿرپارڪر سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا آهن. ميٽرڪ جو امتحان عمرڪوٽ جي هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم. اي (اسلامڪ ڪلچر) ڪئي. مختلف ديني توڙي ادبي عالمن ۽ اڪابرن جي صحبت ۾ رهيو. سادو لباس پهريندو آهي ۽ خوش مزاج شخصيت جو مالڪ آهي، علمي، ادبي مطالعي سان گڏ حالات حاضره کان بہ باخبر رهي ٿو. سندس ڪالمن ۾ علمي ادبي ۽ سياسي بصيرت نمايان هوندي آهي. هن وقت عمرڪوٽ ۾ رهائش پذير آهي.

شيخ عبدالله ’ڪوهستاني‘: ٽنڊو بولا خان سان تعلق رکندڙ انتهائي سُنو سماج سُڌارڪ، پاڻ پيشي جي لحاظ کان عربي ٽيچر آهي، سدائين سفر ۾ نندڊ ڪندو آهي، نہ تہ بس زندگي جي سفر ۾ هل هلان اٿس، ڪنهن وقت ڪِٿي تہ ڪنهن وقت ڪِٿي، سدائين سماجي ڪمن جي پويان، سندس مختلف ڪمن، فري ميڊيڪل ڪئمپون لڳائڻ، غريبن جي سهائتا ڪرڻ کان علاوه جيڪو ڪم هن جي سُڃاڻپ بڻيو آهي سو آهي، اجتماعي شاديون ڪرائڻ، هي تقريبن ڪوڙ سارن غريب بي سهارا خاندانن جي غريب نياڻين جون شاديون ڪرائيندو آهي، ۽ ڪين پورو پورو ڏاج بہ ڏِنو ويندو آهي، هن سال تہ 100 جوڙن جون شاديون ڪرايون اٿس، ايئن سدائين سفر ۾ رهي ٿو.

غلام مصطفيٰ ميمڻ: ٽنڊو بولا خان سان تعلق رکندڙ هي صاحب سُنو دوست سُني سوچ رکندڙ آهي، پاڻ صحافت ڪندو آهي، صاف سُٿري صحافت، ڪي ٽي اين ۽ ڪاوش جو رپورٽر آهي ٽنڊو بولا خان اسٽيشن کان، سندس ٽنڊو بولا خان ۾ سُنو جنرل اسٽور پڻ آهي.

منظور احمد جوڻيجو: ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ: منهنجو ياءُ آهي، سُني دل رکندڙ آهي، سندس حيدرآباد ۾ ”الرزاق پرنٽرز“ آهي، پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گهمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشہ چوندو آهي، گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

سرور خاصخيلي: سندس تعلق ٽنڊو بولا خان سان آهي، سُنو ماڻهو آهي، پيشي جي لحاظ کان پرائمري ماستر آهي، صحافت بہ ڪندو آهي، ۽ شاعر پڻ آهي.

محمد سومار (سجاد حسن) جوڻيجو: سجاد پرنٽنگ پريس ماتلي جو مالڪ آهي، گهمڻ ڦرڻ جو ذوق رکي ٿو.

منٺار خاصخيلي: ٽنڊو بولا خان جو رهندڙ آهي، پيشي جي لحاظ کان ڊرائيور آهي، سندس گاڏي بہ هن سفر ۾ شامل هئي.

نعمان: منهنجو موبي پُٽ، **شعيب:** ادا منظور جو پُٽ، **عباس ۽ عادل:** شيخ عبدالله جا پُٽ

مور ساگر: ’ڪي جاتا مين ڪوڻ بُليا‘

[7_8 آگسٽ 2015ع]

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي، مصطفيٰ ميمڻ، سجاد حسن، شيخ عبدالله، منظور احمد جوڻيجو
نعمان، عباس، عادل ۽ شعيب سان گڏ – عمرڪوٽ قلعي مٿي، پويان عمرڪوٽ شهر جو منظر

پُٽ نعمان، شيخ عبدالله، ميزبان دوست اڪرم چچر، سرور خاصخيلي، منظور احمد جوڻيجو
سجاد حسن جوڻيجو ۽ شعيب جوڻيجو سان گڏ – اڇڙي ٿر جي هِڪڙي سائي منظر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوفي صادق جي مزار مهندا، سنگت سان گڏ (صوفي آباد)

عمرڪوٽ جي قلعي تان شهر عمرڪوٽ جو نظاور ڪندي

ميزبان دوست غلام حسين آريسر سان گڏ
سنگت سميت ڪلانڪر ڪپ تي

سنڌ جي اديب قومپرست اڳواڻ عبدالواحد آريسر جي
مزار تي دُعا پڙهندي، ارباب نيڪ محمد ۽ سجاد ساڃ

سنڌ جي تاريخي 'چِتوڙي قبرستان' جي هِڪ مزار ۾

ڪنيرو شريف ۾ خالد ولهاري جي اوطاق تي سموري سنگت

گِرهوڙي صاحب جي چوڏيوار پرسان، مور سان گڏ مور

اڇڙي ٿر ۾ اُٺ جي سواري ڪندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماتلي کان مول

روانگي

ماتلي، سُهڻي سُني!، ٿا وڃون اڄ مول ڏانهن،
ڪوهستان جي ڪنڌي، رهي اچون ڪا راتڙي.

صبح جو چئين وڳي اُٿي تياري ڪيم. هِن ڀيري ماما احمد کي بہ گڏ ورتم. اڳين ڀيري چيو هئائين تہ مونکي بہ سفر تي وٺي هل، ادا منظور وري وڏي ڀاءُ عثمان کي ورتو اُهو بہ پيو ميارون ڏيندو آهي تہ اسانکي ڪيڏانهن بہ ڪونہ ٿا وٺي هلو. هِن ڀيري ڇيوسين ٻنهي، همراهن کي سُهڻي سنڌ جو سَير ڪرائي اچون. صبح پنج وڳي گهران نِڪتاسين اڳين ڀيري رستي ۾ پتنگين ڏاڍو تنگ ڪيو هو. تنهن ڪري هِن ڀيري اُن جو بندوبست ڪيو هيم, ’هيلمنٽ‘ ڪاله وٺي آيو هئس. ڏاڍو آرام سان پي آيس، اڄ بہ حالت هئي ڏاڍيون پتنگيون هيون، فجر جي نماز ٽنڊو غلام حيدر ۾ پڙهيسين. ماتلي پُهتاسين، ماتلي مان ادا منظور ۽ شعيب تيار بيٺا هئا. شعيب ۽ نعمان کي هِن ڀيري ڇڏي هلڻ جو چيو هوسين. پر ادا منظور شعيب کي ورتو. ڪاليج وٽان اڳيان سائين عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي کي کنيوسين. سفر جي دُعا پڙهي روانا ٿياسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنجي ٽڪر تي ڪسٽم هائوس

پُڇتاسين پهاڙي تي ’ڪسٽم هائوس‘ اسان جو وڏو ياءُ محمد عثمان جيڪو هِتي ڪسٽم ايڪسائيز ۾ حوالدار آهي. اُن کي هِتان ڪسٽم هائوس تان ورتوسين. رستي ۾ مختلف ڳالهيون. هِتان هُتان جون. ڪڇهري ڪنهن ڪنهن وقت ڪا تاريخي ڳالهه. سائين عبدالجبار ٻڌايو ته مون هاڻي تازو هِڪڙي تحقيق پڙهي آهي ته: ڪينسر واري ماڻهو کي جڏهن بجلي جا ريز لڳايا وڃن ته تي ڏينهن اُن جو ويجهو ڪو به پار يا پيٽ واري مائي نه وڃي. ٽِن ڏينهن تائين اُنهن ريزن جو اثر رهي ٿو. اِها واقعي نئين تحقيق آهي.

اُن ڪان پوءِ زهيريلن مادن. ايٽم بم تي به ڳالهايو ته ناگاساڪي. هيروشيما جو به ذڪر ڪُلي پيو. جپان جا شهر هيروشيما ۽ ناگاساڪي.جن تي ٻي جنگِ عظيم دوران ائٽم بم ڪيرايا ويا هئا. ستر اسي سال گُذري ويا آهن پر اجان تائين اُتي پيدا ٿيندڙ نسل کي ڪي نه ڪي خطرا ضرور هوندا آهن.

اسان جي گاڏي هاڻي سُپر هاءِ وي تان لهي ٿاٽو بولا خان روڊ تي رواني آهي ۽ هِن وقت صبح جا 8:00 وڳا آهن. گاڏي ۾ هلندڙ ايف ايم ريڊيو کي ادا منظور آواز ڏِنو خبرون ٻُڌڻ لاءِ. خبرن ۾ ته رڳو ئي روڊ حادثا. مار ڌاڙ ڦُرون چوريون. سيني جي راءِ هُئي ته ريڊيو کي بند ڪريو ۽ سفر جو مزو وٺو. اڳيان هِڪڙو لَڪَ لنگهون ٿا جيڪو نانگ وَر تي آهي. پر مُسلسل مٿاهين طرف وڃي ٿو. پهريون پيرو جيڪو هِن لَڪَ تان لنگهندو پَڪ سان پنهنجا ڪَنَ بند محسوس ڪندو. مطلب ڪنن کي ڊِڪر اچي وڃن ٿا. جيئن ئي لَڪَ اڳيان لنگهياسين ته مونکي الائي ڇو اڄ سسئي اوچتو ياد اچي وئي:

تپي ڪندين ڪوه، ڏونگر ڏکوين کي،
تون جي پھڻ پب جا، ته لِڱ منهنجا لوه،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهه، امر مون سين ايئن ڪيو.

واقعي سلام آهي سسئي کي، عورت ذات ٿي ڪري ههڙا پھڻ پيرين اُڪھاڙي پار ڪيائين. ۽ اِهو ئي چيائين ته: ”ويندي ڏانهن پريَن، جُتي جات نه پايان“.جبلن تي سِڌو رستو هلي ٿو ۽ هِتان ڪان ئي ٿاٽي بولا خان جا آثار نظر اچڻ لڳن ٿا. ڪجهه پنڌ ڪانپوءِ باب ملڪ سڪندر به نظر اچي ٿو جيڪو بولا خان شهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پهريون دروازو آهي.

مِلياسين مصطفيٰ ميمڻ سان

ٽاٽي بولا خان پُهتاسين مصطفيٰ ميمڻ جي دُڪان تي، جيڪو جامع مسجد نگاهِ مدينہ جي سامهون چونڪ تي آهي، سامهون جامع مسجد نگاهِ مدينہ آهي، جنهن جي ديوارن تي رڳو ٺي اجتماع، جلسن، دعوتن جا پوسٽر، پينا فليڪس لڳا پيا آهن. جڻ تہ هي ديوار ڪا ايڊورٽائيزمينٽ بورڊ هجي. خبر ناهي اسان ماڻهن ۾ شين کي سُڃاڻڻ ۽ سمجهڻ جو شعور ڪڏهن پيدا ٿيندو. مسجد عبادت گاهہ آهي ۽ عبادگاهہ جي دَر و ديوار جو بہ احترام ڪرڻو آهي.

مصطفيٰ جنرل اسٽور تي پاڻي پيتو ڪاوش اخبار جون سُرخيون پڙهيوسين، روانا ٿياسين ناشتي لاءِ مصطفيٰ ميمڻ جي گهر ڏانهن.

ٽاڻو بولا خان جو ٽاڻو ڏِٺوسين

رستي ۾ ٽاڻو ڏِٺوسين ٽاڻي جي اندر هليا آياسين زبون حال عمارت جنهن جي ديوارن مان چيلاٽا نِڪري رهيا هئا، مٿي لڳل پٿر تي انگ پڙهياسين 1868ع جي اڏيل عمارت، حيرت ٿي تہ هِن ۾ ڪيئن رهيا پيا آهن. سامهون اڳتي وياسين تہ اُتي هِڪڙو بورڊ لڳو پيو هو ڪنهن اين جي او معلومات لاءِ لڳايو هو پر اُن مان ڪجهہ معلومات تہ ميسارجي وئي هئي، باقي نقشو اجا چِٽو هو ۽ آدمشماري جا انگ اکر پُڻ، جيڪي هي آهن.

ٽاڻو بولا خان

ٽاڻو بولاخان جي ڪُل ايراضي 5204، ڪُل آبادي 124085، ٽاڻو بولاخان ۾ يونين ڪائونسلون 5 آهن، ديهون 28، ڳوٺن جو تعداد 236، گهرن جو تعداد 23412، هِتي جي ماڻهو جي گُذر سفر جو ذريعو چوپايو مال، باراني زراعت ۽ مزدوري ٻُڌايو ويجي ٿو.

تاريخ ٻُڌائي ٿي تہ چار آري جو پوٽو بولا خان هو جنهن جي نالي پُٺيان هي شهر آباد ٿيو. چار آري کي چئن پُٽن جو اولاد هو چار لوهار، حمل، باپڙ، باديڻ ۽ هي بولا خان وري حمل جو پُٽ هو ۽ انهيءَ بولاخان نالي ڳوٺ آباد ڪيو جيڪو هاڻي شهر بولا خان آهي، اڳي ضلعي دادو ۾ هو پر هاڻي نوان ضلع ٺهڻ کانپوءِ ضلعي ڄامشوري ۾ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِهو دائو لَڪَ آهي

اسان سان گڏ علاوالدين شهڻو مُسلسل ڪلام ٻُڌائيندو هلي، ڪجهه پنڌ کان پوءِ چوَي ٿو اڳيان هاڻي جيڪو لَڪَ اچڻو آهي، اِهو 'دائو لَڪَ' آهي، جيئن ئي دائولَڪَ تي پهچون ٿا ته پوءِ دائو لَڪَ تي ڪيل اعجاز خاصخيلي جي شاعري ڳائڻ شروع ٿي وڃي ٿو.

پرديسن سان پيار ڪري، پنهنجي محبت جو اظهار ڪري.
چري دِل مارائي ڇڏيئي، ڏُکيا پنڌ دائو جا مونکي نيٺ ڪرائي ڇڏيئي.

۽ پوءِ وري مٿان سندس شعر به ٻُڌائي ٿو:

ساڳيون آهيان ساڳيون، مون ۾ ناهي ڪو فرق،
تنهنجو آهيان تنهنجو ڪر مون تي تون پڪ،
جي ڏِسين گڏ غيرن سان ته پوءِ ماري هڻي ڏڪ،
نه ته شريفن تي شڪ، اجايو نه ڪري علاؤالدين چئي.

مِنڙي نئه

ڪُجهه پنڌ اڳتي هلڻ کانپوءِ هِڪڙي نئه مان گُذرون ٿا، مصطفيٰ ٻُڌايو هِن کي 'منڙي نئه' سڏيندا آهن، ايئن پٽر جو پنڌ هلندو رهي ٿو. گڏ گڏ شعر و شاعري لطيف سرڪار جا بيت پُڻ جهونگاريندا رهون ٿا:

ڏونگر ڏکوئن کي، دِلاسا ڏِجن،
گهڻو پُڇجي تن کان، جِن وٽان هوت وڃن،
تون ڪيئن سندا تِن، ٿو پهڻ پير پِٿون ڪرين.

سائين عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي ٿو چوي: 'ٿورو سوچيو سسئي عورت ذات جنهن مُسلسل پيرين پنڌ هيڏا وڏا پهاڙ سَر ڪيا هوندا. ڪيڏي وڏي همت واري عورت هئي. چيم' 'سائين سسئي پنڌ نه ڪيا هئا. اِهو عشق هو جنهن جبل کي ريزه ريزه ڪري وِڌو هو

آڏو تڪر تر، مٿان روهه رتيون ٿيئين. (شاهه)

عشق ئي اهڙا اوکا پنڌ پهاڙ جا ڪرائيندو آهي، پيلا هوئن ڪو به نارمل ماڻهو اهڙا پنڌ چو ڪري، چو پنهنجا پير پِٿون ڪري'، مون چيو.

اِهو ڪرم جو ڪاڍو نه ته پٽر ڪير پنڌ ڪري. (شاهه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن کي ديڳي لَڪَ (ديڳين وارو لَڪَ) چون ٿا

اڳيان اچا بـ هِڪڙو ڏُکيو لَڪَ لنگهون ٿا. مصطفيٰ ٻڌائي ٿو ’هن لَڪَ کي ’ديڳي لَڪَ‘ چوَن ٿا. هِتي هِڪ پيري شيخ عبدالله موٽر سائيڪل تي آيو هو رات پئجي وئي هئي. موٽر سائيڪل بند ٿي وئي هئي. ۽ هِنن کي جِن ڦِري آيا هئا‘.

چيم ’جن تـ اڳي ٻُڌا هئا. هاڻي ڪِٿي آهن جِن!؟‘.

’نـ ادا اچا بـ آهن پر ماڻهن جو نالو نـ ٿا وٺن‘.

’ڪِٿان وڻندا ماڻهو پاڻ جنن کان وڌيڪ خطرناڪ ٿي ويا آهن‘.

اسان جون گاڏيون پٿرن تي بـ اهڙي اسپيڊ سان ڊوڙي رهيون هيون. ڇڻ سپر هاءِ وي تي هلي رهيون آهن. هي گاڏيون آهن ئي هِن ڪوهستان لاءِ مخصوص. سُپرهاءِ وي تي هلندڙ گاڏيون هِتي نـ هلي سگهنديون. اسانجي منزل اڳتي هُئي دوستن جي صلاح سان اڳيان نظر ايندڙ ڳوٺ ۾ گاڏين کي ٿوري دير لاءِ بريڪ ڪبو ۽ پاڻي وغيره پي پوءِ اڳتي نِڪربو. جيئن ئي ڳوٺ ۾ پُهتاسين مون پُڇيو ’ادا هن ڳوٺ جو نالو ٻُڌايو تـ نوٽ ڪريان‘. مصطفيٰ ٻُڌايو ’هي ڳوٺ نبي بخش باريجو آهي‘. هِتي هڪ دُڪان هو جنهن تان پاڻي پيتو. ٿوري دير بيناسين ۽ پوءِ وري بـ اسين ۽ پٿر جو پنڌ. رستي ۾ هِڪ کُليل باڊي ٽرڪ ڇچ ڪٽيو پي وئي. اسان سيني صرف اُن ٽرڪ کي ڏِٺو پر اسان سان گڏ علاؤلدين شهٽو تنهن سهرا ڳائڻ شروع ڪيا تڏهن سيني جون نظرون وري بـ ٽرڪ ڏي ۽ ڏيان شهٽي جي سَهرن ڏي گڏ گڏ ٿهڪڙو بـ. سَهرن کان پوءِ وري مورو بـ ٻُڌايائين:

ڪپڙا ٿي ويا هِن ميرا،\
جبل جا ڏاڏا ڏِنا ٿم ڦيرا،\
ڪپڙن جي يار سلائي،\
توکي ياد ڪندو آهيان الاهي،\
مالڪ آيا ٿئي مينهون،\
منهنجي دِلڙي ڪري پئي ڪينهون،\
مينهن جي يار چال،\
منهنجا ڏکن ڪيا بُرا حال.

ايئن هِتان هُتان هٿ جو مورو ناهي ٻُڌائي، پنهنجي ڏاهپ به ظاهر ڪئي ۽ اسانکي به محظوظ ڪندو هليو. مطلب ته شهڻي اسانکي سفر ۾ بور ٿيڻ نه ڏِنو سفر ۾ هميشه هِڪ يا ٻه ماڻهو اهڙا هُئڻ لازمي آهن. جڏهن پنڌ پري جو هُجي، سفر اوکو هُجي، رڻن جو راهي ٿجي، تڏهن علاءُالدين شهڻي جهڙا سفر جا ساٿي هئڻ سفر لاءِ انتهائي اهم آهي. جي لطيف:

ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنج،

ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه، اچي بوءِ بهار جي.

رستي ۾ ننڍا ننڍا ڳوٺ نظر آيا ۽ ڪِٿي ڪِٿي شمسي توانائي تي هلندڙ ٽيوب ويل پُڻ ڏِناسين انهي شمسي توانائي اچڻ ڪانپوءِ ڪوهستان جهڙن علائقن ۾ جڻ انقلاب اچي ويو هُجي، نه ته ايترو مٿي ۽ جبلن تي برسات ڪانسواءِ پاڻي جو پهچڻ ته تصور ۾ به نه هو پر هاڻي جبلن مٿي ٽيوب ويل پاڻي ڏئي رهيا آهن. هڪڙي نئين لڳل ٽيوب ويل وٽ گاڏين کي بريڪ ڪيوسين، اُن ڪري جو اُن ٽيوب ويل وٽ همراه پُڻ موجود هئا ۽ رستي جي پاسي ۾ به هو سيئي هيٺ لٿا، پاڻي به پيتو ۽ هٿ منهن به ڌوتا، اُتي موجود همراه کان جڏهن پُڇيوسين ته هِن سولر سِسٽم ٽيوب ويل تي گهڻي لاڳت آئي؟ ٻُڌايائين ته اَٺ (8) لک خرچ اچي ويو آهي، خرچ برابر وڏو آهي، پر جبل تي پاڻي جو مِلڻ ته اُن کان به وڏي ڳالهه هُئي.

هاڻي جمع جي نماز جو وقت ٿي ويو آهي، سائين شيخ عبدالله چيو ته 'اڳيان ڳوٺ امام الدين باريجو ۾ جمع نماز ادا ڪنداسين'. گاڏين جيئن ئي بريڪ ڪيو ته اُتي موجود مقامي ماڻهن هينڊ پمپ مان پاڻي جا لوٽا پرڻ شروع ڪيا، واري واري سان اسان کي وضو لاءِ پاڻي ڏِنائون، جمع نماز باجماعت ادا ڪئي. مسجد ڪچي پڪي هُئي، نماز ڪانپوءِ اسان کي هِڪ مقامي همراه سليماني چانهه پياري، تيستائين وري ٻيو همراه کير واري چانهه ڪٽي آيو، ٻنهي چانهِن جو لُطف ورتوسين، ۽ لاهور کان آيل جماعتي به خوش طبع هُئا، مُسڪرائيندي چيائون "ہمیں تو اندازہ ہی نہیں تھا سفر اتنا دشوار ہے، اگر معلوم ہوتا تو ہم دادو کی طرف چلے جاتے وہاں بھی ہماری جماعتیں تھیں" دِل ۾ چيم 'ڦاسڻ ڪانپوءِ ڦٿڪڻ ڪهڙو'. اِهو اڳ سوچيو ها، هاڻي روئڻ مان ڪجهه نه ورندو. چڪي ٻڌو سندرو پنڌ اجان اڳتي اٿوَ.

چام لوهار جي درگاهہ ۽ تاريخي قبرستان

اسان جو سفر هو ٺونگ طرف، جِتي مانجهاندي جي ماني بہ هُئي پر ٺونگ طرف ويندي رستي ۾ ’ڄام لوهار‘ جي درگاهہ آئي، جيڪا هِڪ تاريخي قبرستان ۾ موجود هُئي ۽ ٺونگ طرف اچڻ جو اهم مقصد، جيڪا جاءِ اسان گُهمڻ گهُري هُئي اُها اِها جاءِ، اِهو تاريخي قبرستان هو.

هي قبرستان اندازي موجب چاليهہ پنجاهہ ايڪڙن جي پکيڙ تي پکڙيل آهي. هِن ۾ موجود قبرون وڏي اوچائي تائين ٺهيل آهن، جن تي جيڪي چِٽ چٽيل آهن، تمام وڏي ڪاريگري جو اُهڃاڻ آهن. قبرون ڪيترو پُراڻيون آهن، اِهو تہ تاريخ جا ڪِتاب ئي ٻُڌائي سگهن ٿا، باقي اسين جيڪو ڏِسي رهيا آهيون سو حيران ڪندڙ ضرور آهي. هِتي هِڪڙي دانائي ۽ عقلمندي اِها بہ نظر آئي تہ اُنهن جيڪا قبرن تي چِٽ سالي ڪئي آهي اُنهن مان سُڃاڻپ ٿئي ٿي تہ ڪِهڙي قبر مرد جي آهي ۽ ڪِهڙي قبر عورت جي آهي، ڪِهڙي قبر جنگجُو يا سپهہ سالار جي آهي. اُنهن جي سُڃاڻپ ڪجهہ ايئن هُئي تہ جيڪا مرد جي قبر هُئي اُن تي پٿر جي اُڪر سان تلوارون، تير ٺهيل هُئا، ۽ جيڪا عورت جي قبر هُئي اُنهن تي وري زيورن جا عڪس چٽيل هُئا. ڪُجهہ قبرن تي گهوڙي سوار هٿ ۾ تلوار جهڙا بہ نشان نظر آيا جن لاءِ بہ مصطفيٰ ميمڻ جن جو چوڻ هو تہ هي اُن وقت جا سپهہ سالا هئا. هِن قبرستان ۾ ملڪ خاندان جا بہ ماڻهو مدفون آهن.

مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ ڄام آري ڪي ڇئن پُٽن جو اولاد هو جن مان هِڪ هي ڄام لوهار آهي، هي سيني کان وڏو پُٽ هو. ڄام لوهار لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ننڍي هوندي کان طبيعت جو سادو فقير ماڻهو هو. جيڪو اڳتي هلي الله وارو ثابت ٿيو هِن وٽ انسانيت اهم هُئي هندو يا مُسلمان نہ. ۽ اِهو ئي ڪارڻ آهي جو هِن تي لڳندڙ ٻارهائو ميلو بہ هندو ۽ مسلمان گڏجي لڳائيندا آهن ۽ پاڻ ۾ ڪو بہ ويڇو ناهن رکندا. سيئي هڪجهڙي عقيدت جو اظهار ڪندا آهن. شايد هي واحد ميلو هوندو، جنهن ۾ هندو ۽ مُسلمان هڪ نظر ايندا آهن. ۽ سڀ کان وڏو مذهب پُڻ انسانيت ۽ پيار ئي آهي

’ڀلي مانش جنم اُصول‘ هجي،
مگر ماڻهو اٿئي پيار وارا اصُلهہ.

ٽونگ شريف ۾ مِليل محبتون

ٽونگ جي هِن تاريخي قبرستان کان وري واپسي ۾ مِلڻ تائين موڪلائي پهتاسين ٽونگ شهر. ڪيرٿر جبل جي هنج ۾ هي تاريخي ٽونگ شهر موجود آهي، هِن شهر جي آس پاس موجود ڪيترائي تاريخي آثار آهن جن تي تحقيق جي ضرورت آهي. هڪ اهم تاريخي قبرستان جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو اٿم. هِن تاريخي شهر ۾ اسان جي مانجهاندي جي ماني هِتي جي اڳوڻي نائب ناظم محمد بخش لوهاراڻي جي اوطاق تي رکيل هئي، جيئن ئي پُهتاسين تي اسان جي کُليل ٻانهن ۽ وڏن ڀاڪرن سان آجيان ڪئي وئي. هِتي ڪوهستان جي ماڻهن جون محبتون بہ ڏِسڻ وٽان آهن، جيڪو هڪ ڀيرو ڪوهستان جو سَير ڪري ويندو، اُن کي هِتي مِليل محبتون هميشہ ياد رهنديون.

اسانکي ايندي گهڻي دير ٿي وئي هُئي، تنهن ڪري ميزبان توڙي اسان سڀني جو رايو اِهو هو تہ ڪچهري ۽ تعارف پوءِ ڪبو پهرين طعام ۽ ٻاهر ڇوڪرا اسان کي هٿ منهُن ڌوئڻ لاءِ پاڻي هٿن ۾ کڻي بيٺل هئا. اسان هٿ منُهن ڌوتا، تيستائين ماني بہ لڳي وئي، ٿي چار ايٽم نهيل هُئا، تمام سُٺي نموني مانجهاندو ڪيوسين. ماني کائڻ دوران ئي هِڪٻئي جو تعارف شيخ عبدالله ڪرائيندو رهيو. ماني کان پوءِ بوتلن جو بندوبست ٿيل هو ۽ انهيءَ دوران ڪچهري بہ هلندڙ رهي محمد بخش لوهاراڻي ٻڌايو تہ ٽونگ يونين ڪائونسل ۾ چار ديهون آهن. 1. ٽونگ شريف، 2. ٽِڪو بارڻ، 3. ڀال، 4. پيلي ٽپ. اڳتي ٻڌائي ٿو تہ:

ٽونگ ٿاڻو بولا خان کان 80 ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي. ٽونگ تي نالو ڪيئن پيو؟ پُڇيل سوال تي هِتي موجود محمد ايوب لوهاراڻي ٻڌايو تہ: ’شايد ٽونگر خان بادشاهہ پُٺيان ٽونگ نالو پيو‘. پاڻ اسان کي لطيف جا بيت سُر رامڪلي مان ٻڌايائين، ۽ ٿيهہ اکري بہ ٻڌايائين. ڪچهري دوران ٻڌايائين تہ ’ڄام آري جيڪو ڄام لوهار جو پيءُ هو تنهن دهلي سلطنت جي بادشاهہ محمد شاهہ تغلق جي پُٽ کي سيوَستان ويندي اغوا ڪيو. ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اوهان جيڪو قبرستان ڏِسي آيا آهيو ممڪن آهي انهيءَ دؤر جو هُجي‘. پاڻ ٻڌايائين تہ ’1992ع ۾

هِڪ ماهرن جي ٽِيم حاڪم علي شاهہ بخاري جي سربراهي ۾ هِتي آئي هُئي، جن قبرستان جي مرمت بہ ڪرائي ۽ انهيءَ دوران اُنهن کي تختي بہ لڌي هئي جنهن تي سن اُڪريل هو. جيڪا تختي ڪٽائي وڃي سنڌ ميوزم ۾ رکرائي هُئي‘. اسان هاڻي هِڪڀئي کي اکين ذريعي اُٿڻ جا اِشارا ڪياسين.

رتن ناٿن جي سماڌي ۽ چشمو

سڀني دوستن چيو تہ وقت تيزي سان گُذري رهيو آهي اڳتي هلجي محمد ايوب چيو تہ ’هِتان ويجهو ئي رتن ناٿ جي سماڌي ۽ اُن سان گڏ تاريخي چشمو بہ آهي هلي ڏِسجي‘. سڀئي اُٿياسين.

هلندي محمد ايوب ٻُڌايو تہ ’هِن جبل تي گِدڙ، سرهہ ۽ هرڻ هوندا آهن، هِتي جڏهن برساتون پونديون آهن تہ ڪيئي پُراڻي دؤر جون مورتيون ۽ سِڪا ملندا آهن‘. هاڻي اسانجون گاڏيون مندر جي اڳيان اچي بيٺيون، مندر اندر ليڊيز هُئي، اُهي بہ ڪِتان کان گُهمڻ آيا هئا، اسان تيستائين چشمي طرف آياسين جيڪو پُٺ مندر جي سامهون ئي آهي. هِن چشمي بابت ايوب ٻُڌايو تہ ’جڏهن برسات پوندي آهي تڏهن هِن چشمي مان تمام گهڻو تيزي سان پاڻي نِڪرندو آهي. هِن وقت بہ هِن چشمي جي پاڻي ذريعي 350 ايڪڙ زمين آباد ڪئي وڃي ٿي. پر هِڪڙي اندازي موجب 500 ايڪڙ زمين بہ آباد ڪري سگهجي ٿي.

هِن وقت بہ تيز پاڻي وهي رهيو هو. هِن ۾ هندو ڪميونٽي جا ماڻهو وڏي شوق، چاهہ سان وهنجندا آهن. اسان مان بہ مصطفيٰ، شيخ عبدالله، سرور، ادا منظور، شعيب ۽ شيخ عبدالله جا فرزند هِن چشمي ۾ وهنتا. پر منهنجي دِل نہ ٿي وهنجڻ تي تنهن ڪري آئون چشمي جي پاڻي ۾ هٿ پُسايو مزو وٺي رهيو هئس.

ٻاهر نِڪتاسين تہ آئيس ڪريم وارو بيٺو هو جنهن کان واڻيا ڇوڪرا آئيس ڪريم وٺي رهيا هئا. هِڪ همراه ۾ ٿورو شڪ پيو تہ شايد ڪِٿي ڏِٺل آهي، جڏهن ويجهو ويس تہ هي ايسرداس جو پُٽ هو جيڪو اسان سان گڏ رپ ۾ پڙهيو هو. ايسرداس رپ شهر ۾ سڀ کان وڏو دُڪاندار هوندو هو. آس پاس تر جا سڀ ماڻهو هِن جا قرضي هوندا هئا. مهيني جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوڏر تي سامان ڏيندو هو. وقت سان گڏ هاڻي نه ايسرداس رهيو نه ئي اُهو رپ شهر رهيو ايسرداس جا چوڪرا به ڪي ٿاڻي بولا خان ويا ڪي ڪيڏانهن. هڪڙو نيٽون جنهن جو هِن وقت تلهار پرسان دلواڻي موڙ جي سامهون ڪارخانو اٿس ۽ هيٺ دُڪان مٿي زبردست گهر ٺهرايو اٿس. اسان جيڪو آئيس ڪريم ورتو اُن جو بِل به اُن سان گڏ آيل دوست ادا ڪيو. اسانجي سخت منع ڪرڻ جي باوجود به. اُهي موڪلائي روانا ٿيا.

اسان آياسين رتن ناٿ جي سماڌي اندر. سماڌي وڏي هال اندر آهي، جنهن ۾ صفائي نظر آئي. رتن ناٿ جي سماڌيءَ جي پرسان مندر به آهي. مندر اندر آياسين. مندر اندر ڏيئا ۽ اگر بتيون ٻري رهيون هيون. مندر اندر صفائي سُٿرائي نظر آئي. مندر ۾ سماڌي جي وشال اڱڻ تي چار جو وڻ به بيٺو آهي. هڪ خاص ڳالهه ته هِن مندر ۾ رتن ناٿ جي سماڌي جي سار سنڀال ڪندڙ تونگ جا پٽ فقير ۽ لوهاراڻي آهن. هِتي هندو مسلم ۾ ڪا به تفريق ناهي سڀ ڪوئي پنهنجي پنهنجي مذهب سان خوش آهي. ۽ سڀ گڏجي هِن تي ساليانو ميلو لڳائين ٿا. رتن ناٿ لاءِ به چوَن ٿا ته صوفي طبيعت جو ماڻهو هو.

اُتي موجود خليفو فقير محمد ايوب جنهن اسانکي لطيف سرڪار جا بيت ٻُڌايا. سانوڻ فقير جا بيت ٻُڌايا ۽ آخر ۾ مورو به ٻُڌايائين. اسان ڪيس ٿوري گهڻي خرچي ڏِني. جيڪو هِنن جو حق آهي. اسانکي ڏاڍو سُڪون مِليو سندس ٻُڌايل بيتن ۾ ڳايل موري مان. ڪائنس ساڳي سِڪ ۽ حُب وارن پريل پاڪرن سان موڪلايوسين.

هِڪ ڀيرو وري به چار لوهار جي مزار ۽ قبرستان تي آياسين. هِن وقت سامهون جبل ٽُنيان سِج لهڻ جو منظر پنهنجي ڪيمرائن ۾ قيد ڪرڻ چاهيوسين ۽ مصطفيٰ ميمڻ جيڪو ڪي ٽي اين ڪاوش جو نمائندو آهي تنهن به موقعي مان فائدو وٺندي ڪي ٽي اين واري هينڊي ڪيم آن ڪئي ۽ اسانکان هِن مزار ۽ قبرستان تي موجود سهولتن بابت مختصر رايو رڪارڊ ڪيو. جيڪو واري واري سان مون. سرور خاصخيلي ۽ شيخ عبدالله تاثرات رڪارڊ ڪرايا. هاڻي سِج به جبلن جي پويان لِڪي ويو. شيخ عبدالله چيو ته وضو هِتان ڪريو هلو اڳيان ڪنهن ڳوٺ ۾ هلي ٿا مغرب جي نماز پڙهون.

اسان سيني وضو ڪيو. هِتي وضو خانہ ۾ واش روم بہ ڪنهن ديوان جا ڏِنل هئا. لکيل پٿر ٻُڌايو پي. هِتي بہ مسلمان ۽ هندو گڏجي ميلو لڳائيندا آهن.

اڳيان هِڪڙو ڳوٺ آيو جِتي اسان پنهنجي جيپن کي روڪيو مغرب نماز ادا ڪئي، بعد ۾ پُڇيوسين تہ هي ڳوٺ ڪهڙي نالي سان سڏجي ٿو. ٻُڌايائون تہ ’هن ڳوٺ جو نالو جهنڊو ڇُتو آهي‘. سيني چيو هلو بابا ڇُتو معنيٰ ڇُتو. مون چيو: ’اسان وٽ ڪمپيوٽر تي هِڪڙو آپريٽر هوندو هو اُهو بہ ڇُتو ذات جو هو ۽ نالو هئس سومار ڇُتو. جيڏانهن ويندو هو تہ گُم. پوءِ جيڪو پُڇڻ ايندو هو تہ ايئن چوندا هُئاسين، ’هڪ تہ هو سومار ٻيو ڇُتو‘

مول ڏانهن مُنهن

رات چانڊوڪي ۽ پٿر جو پنڌ. جيپن جا آواز ۽ شهٽي جا آلاپ سڄي ماحول کي پُرڪيف بڻائي رهيا هئا. ڪنهن ڪنهن وقت اسان بہ ڪيس وارو وٺرايو ٿي، ڪنهن شاهہ جو شعر تہ:

چنڊ چوائين حق، جي وڙهين جي ورچين،
بہ اکيون ٿيو نڪ، تو ۾ ناهي پرين جيهو.

ڪنهن، اُستاد بخاري تہ:

چانڊوڪي رات ۾ سوَ سينگار ڪري،
سياٽو تي منهنجي سامهون تون ايندو نہ ڪر.
متان ڪافر ٿيان، توکي سجدو ڪريان،
تون بي پرده ڪڏهن مونسان مِلندو نہ ڪر.

مون ٻُڌايو هائيڪو:

چوڙين ڇَڻ ڇَڻ،
چانڊوڪي ۾ سونهن تنهنجي،
نہ ايڏو وڻ.

وري ٻيو بيت ٻُڌايم تہ:

اڙي او چنڊ! وڃين چئو صنم کي،
ناهي چين دِل کي ۽ ناهي نيڻن ننڊ.
هاءِ هرڪا مُند، ٿي تاوَ پاسي تو بنا.

ڪنهن وري ڪُجهه جهونگاريو ٿي، ڪُجهه پنڌ اڳتي هلون ٿا تيستائين جيپ جو ٽائر پنچر ٿي پوي ٿو. پوءِ هِڪ تہ پهاڙ ٻيو تہ رات، ٽيون وري موبائيل سروس بہ نہ. اسان کان اڳيان جيڪا جيپ هئي اُها گهڻو اڳتي نِڪري وئي، جڏهن پوبان ڪا بہ روشني نہ ڏِٺائون تہ جيپ کي روڪيائون، ڪجهہ دير انتظار ڪانپوءِ بہ اسانجي گاڏي جي لائٽ ڪين نظر نہ آئي تہ واپس موٽي آيا، هو بہ اچي پُهتا تيستائين اُستاد بہ جيپ جو ٽائر بدلي ڪري ورتو وري بہ گڏجي روانا ٿياسين. هاڻي وري بہ شهڻي کي چيوسين بابا هاڻي تون شروع ٿي تہ پنڌ کي پُڄايون. شهڻي جو هِڪ آواز سُٺو هو ٻيو تہ گهڻي شاعري ياد هُيس، ۽ سُٺي سُٺي.

اڙي چنڊ! اڙي چنڊ! پرين تو تہ ڏِٺو ناهي،
سندس روپ، سندس رنگ، ايئن آهي جيئن تون.

ڳائڻ لڳي ٿو. تيستائين ڊرائيور کي اڳيان لُوڪڙ نظر آيو اوچتو جيپ جي اسپيڊ وڌائي ڇڏيائين اسان چيو اُستاد ڇا ٿو ڪرين. بيزار ٿيو آهين ڇا؟ اڳيان سائين عبدالجبار ويٺو هو تنهن چيو: 'اُستاد لُوڪڙ جي پوبان پيو گاڏي ڊوڙائي،' چيوسين ڇڏيو لُوڪڙ کي ڪِٿي اسان سڀ لُوڪڙ جي پوبان لال نہ ٿي وڃون. (الله نہ ڪري). ڪنهن وري انشاجي جو مشهور غزل گُنگنايو:

کل چودھویں کی رات تھی، شب بھر رہا چرچا تیرا،
کس نہ کہا یہ چاند ہے، کس نہ کہا چہرا تیرا،
ہم بھی وہیں موجود تھی، ہم سے بھی سبھ پوچھا کیئے،
ہم ہنس دیئے ہم چپ رہے، منظور تھا پردا تیرا۔

سامهون شهر ۾ آبادي نظر آئي پُڇا ڪئيسين هيءَ ڪهڙو ڳوٺ يا شهر آهي؟ مصطفيٰ ٻُڌايو: 'اِهو سَري جو شهر آهي'، سيني چيو سفر جي ٿڪاوَٽ آهي، ڪُجهہ دير ساهي بہ ڪٽجي ۽ چانهہ بہ پيئون. سَري ۾ گاڏين کي اسٽاپ ڪيوسين. سيني گڏجي چانهہ پيتي. ٻِل اسانجي ميزبان شيخ عبدالله پريو. هاڻي اُٿياسين اڳتي سفر کي کُٽائڻ ۽ منزل ماڻڻ لاءِ. پوءِ وري بہ چنڊ، پٿر جو پنڌ ۽ اسين هلندا رهياسين. چنڊ جي چانڊوڪي هِنن پهاڙن جي پنڌ کي ڪجهہ قدر برداشت جوڳو بڻايو بيٺي هُئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ جي آخري منزل مول

نيٺ پنڌ ڪُٺو ۽ اچي مول منزل تي پُهتاسين. اڄ جي سفر جي اسانجي آخري منزل مول شهر هو هِتي اسانجي لاءِ رات جي ماني به هُئي، رهاڻ ۽ رهائش بہ. اسان جا ميزبان اڳ ئي اسانجون راهون تَڪي رهيا هئا، اسان ڪين 9 وڳي پُهچي وڃڻ جو چيو هو پر اسانکي رات جا 11 ٿي ويا. وچ ۾ رابطو بہ بحال نہ هو تنهن ڪري ڪين اُڻ تُڻ لڳي پئي هئي. سو جيئن ئي اسان ڳوٺ موٽڻ خان حملاڻي ۾ گاڏيون بيهاري لٿاسين تہ سيئي دوست دروازي تي ٻاهر اچي ياڪر پائي مِليا. ڪوهستان جا ماڻهو ملڻسار، مٽياندار، مهمانواز آهن. ڪوهستان جو منهنجو هي ٻيون ڀيرو سفر آهي.

سيئي ساٿي اسانکي ڀرين وٺي هليا اندر ڪمرن ۾ جِتي ماني لڳايائون، تمام سُٺي خاطر تواضح ڪئي، هي بلڊنگ سرڪاري ڊسپينسري يا ڪا ٻي عمارت هئي، ٻاهر اڱڻ ۾ بسترا وِڇايل هئا ۽ گول وِهاڻا لڳل هئا. جِتي ڪچهري جو اهتمام هو. ڪرچات ۾ جڏهن رات رهيا هئاسين تہ ايئن گولائيءَ ۾ سڀ ويناسين. تعارف ۽ ڪچهري ٿي، اُهو احوال الڳ لِکيل آهي.

هاڻي شيخ عبدالله جيڪو اسانجي سفر جو سرواڻ هو تنهن سيني جو واري واري سان تعارف ڪرائڻ چاهيو پوءِ وري سيني چيو تہ سيڪو پنهنجو تعارف پاڻ ڪرائي. سيني پنهنجو تعارف پاڻ ڪرايو اُن کانپوءِ حال احوال خوش خرابت ٿي. هاڻي باقاعدي اسانجي محفل جي شروعات تلاوتِ ڪلامِ پاڪ سان ٿي، تلاوَت جي سعادت سائين عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي کي نصيب ٿي. اسانجو ميزبان جيڪو انتهائي معزز شخصيت ۽ مول يونين ڪائونسل جو ناظم آهي، محمد الزمان حملاڻي تمام سُٺو ۽ پُختو شاعر پڻ آهي، سيني واري واري سان ڪُجھ نہ ڪُجھ ٻُڌايو. اسانجي ميزبان محمد الزمان حملاڻي جو ’ڪوهستان جو قومي گيت‘ هِتي جي لوڪل فنڪار علي محمد سرمستاڻي ڳائي ٻُڌايو:

هي جبل هي جهنگل هي نوري نظارا آهن.
هي ڪبڙ بہ چندن کان مونکي تہ پيارا آهن.
ڳُريءَ تي مال گڏ ٿيو چڙهي قطارون ڪريو.
ٿي ڪهڪشان تہ ڳس ويو چڻ ڪي ستارا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي موٽ آهي مينهن، شال مال مارو جيئن،
ڪاڙهيو پِسَ پيئن، ٿيا مال متارا آهن.
موڙائي مول بارڻ، چيٽ ڪَتي ۾ آرڻ،
ياڄيون بصر ۾ واڱڻ، مَڪ ڏٽ ڏوَنرا آهن.
گرميون ۾ سرديون ڪاڙها، پيرين پُنين اگهاڙا،
ڪريو سي ڪم سمهاڙا، وريا ويچارا آهن.
ڏِٺ ڏور هنر ڳوليون، ڏيون ڳُجهارتون پروليون،
لوڪ ادب جون لوليون، سُخن سونهارا آهن.
رني ڪوٽ گورک هِل، ڪيرٿر، ڪانيو جبل،
تونگ پارڪ نيشنل، روميون منارا آهن.
باجا ساز سُرندا، چڙا ۾ چنگ چُرندا،
ڪنيو فقير قرندا، ڍُهل دنبورا آهن.
نڙبيت بين مورا، لوڪ ڏُنون ۾ لهرا،
لولي گيت سهرا، سريلا سارا آهن.
سَري، مول، بولاخان، ڪلو ڪرچات، عارب خان،
علي مراد احمد خان، هي شهر سارا آهن.
سانوَڻ ڪرائي ڪيڙيون، آڏائي مُڱ لوڙيون،
ماتيون ڏُڌ ولوڙيون، وريا ته وارا آهن.
آ ’صابر‘ ساز چيڙيون، محبت وارن ڪي ميڙيون،
ڪيون ڪي مچ ڪچهريون، ڳنا قُرب وارا آهن.

محمد الزمان حملاٽي جو تخلص ’صابر‘ آهي، محمد الزمان ڪان پوءِ علاؤالدين شهڻي وري اُستاد بُخاري جو ڪلام ٻُڌايو:

تون مڃين مڃين نه مهربان.
مان ته منٿ ٿو ڪري چڏيان.

هِڪ ته ڪنهن سان دِل نه لائجي،
جي لائجي ته پو نڀائجي،
جي نڀائجي ته ٿي جوان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ته مونکان ڇڄ نه ڇا ڇيم،
جي ڇڇين ته غير سان نه گهم،
جي گهمي ته گهم نه مون اڳيان.

هِڪ ته پنهنجو عشق آ عجيب،
ٻيو ته هي ٻُخاري آ غريب،
بس عجيب ۽ غريب هان.

هِن محفل ۾ علي محمد سرمستاڻي اُستاد جمن جو شاگرد موجود هو. سليمان مڱڻهار ۽ هِن محفل ۾ سيني جي اِسرار تي مونکي ٻه ٻُڌائڻو پيو پنهنجو غزل:

زندگي آ، سگريٽ سستو ناهي، جو اڌ پيتو اُڇلائجي.
پيار آ، پهريل وڳو هي ناهي، جو روز پيو بدلائجي.

تون جي نه آئين تولءِ ترسي ترسي نيٺ هليو هي ويندو،
جوڀن آ ساوڻ رُت جيئن، تنهن کي ڪيئن ترسائجي.

ساري تي، سڏي تي، لُڇي تڙپي ۽ روئي تي،
دِل آ، ڪو ٻار ننڍڙو ناهي جو ڪٽي پرچائجي.

هو سمنڊ آ ۽ هي قطرو، روز وڃي ٿو مِلي سمنڊ ۾،
قطرو آ ڪڏهن لهر نه ٿيندو، ڪيئن تنهن کي سمجهائجي.

تنهنجي اچڻ سان عيد ٿيئي، تنهنجي وڃڻ سان ايئن لڳي،
ماتم آ جڻ ڏهين محرم، ڇئه ڪيئن خوشي ملهائجي.

هو جي نٿو چاهي، پلي نه چاهي ڇا ٿي پيو،
عشق آ 'ساگر'، ونڻ نه گهرجي، سڀ ڪُجهه پلي لُٽائجي.

سيني هِڪ هِڪ شعر ٻُڌايو پوءِ فنڪارن کي سڄي رات وارو مِليو اُنهن صبح جو ڇئين وڳي تائين محفل کي مچايو. علاؤالدين شهڻو ۽ ٻيو علي محمد سرمستاڻي ٻئي واري واري سان ڪلام ٻُڌائي رهيا هئا. علي محمد ڪلام ٻُڌايو:

”اڄ ڏينهن تائي، محبت ناهي وِڪائي“

ڪلام سيني کي وڻيو شاعر جو پُڇيوسين چيائين گل محمد غازي جو ڪلام آهي. علاؤالدين شهڻي وري آڪاش انصاري جو گيت ٻُڌايو:

جڏهن ڪنهن بہ بادل ولهاريون وسايون.
جڏهن چنڊ چوڏِس ڪيون چِلولايون،
الئہ ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون.

جڏهن ڪنهن بہ ڪوئل اتر ويل ڳايو
تڏهن ولهہ ويتر وِڇوڙو وڌايو
جڏهن ماڪ مُڪڙيون پنيءَ جو پِڇايون،
الئہ ڇو اوهان جو اکيون ياد آيون.

جڏهن ڪيٺ ۾ ٻاجهرين سنگ واريا،
تڏهن چيٽ ۾ قول جانيي قُلاريا،
جڏهن ٿر تي مورن ڪي ٻوليون ٻُرايون.
الئہ ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون.

جڏهن تو سان نيڻن جو ناتو ڇِنو هو
تڏهن ڏور ’آڪاش‘ ڪيڏو رُنو هو
جڏهن جيءَ جهورڻ ڪي آيون جُدايون،
الئہ ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون.

جڻ تہ مقابلو هو ڏاڍو لُطف اندوز ٿي رهيا هئاسين. ايترو سفر، ايتري ٿڪاوَٽ باوجود بہ ڪنهن کي ننڊ يا ڪا ڏُکيائي نہ هُئي، سيني خوشي خوشيءَ سان سڄي رات محفل ٻُڌي.صبح جا چار ٿيا تڏهن محفل گُل ٿي، سڀ سُتاسين وري صبح فجر نماز لاءِ اُٿڻو هو.

ڳوٺ مونڻ خان حملاڻي ۾ ڪوهستان جي سرزمين تي ڪر موڙي جڏهن سج اُڀريو تہ اسين بہ تيار ٿي وينا هُئاسين. وري اڳيان ڪنهن بي منزل ڪنهن بي ماڳ کي ڏِسڻ لاءِ.

ڪوهستان جا مهمان نواز اسان جا مانائتا ميزبان ناشتو تيار ڪرائي ڪٽي آيا. ناشتو سُٺي نموني ڪرايو ويو. اُن وقت محمد الزمان حملاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو اسانجو ميزبان هو تنهن هن ئي ڳوٺ جي سگهڙ ابراهيم ’عاجز‘ ڪي ڳُهرايو. جيڪو رات محفل ۾ شريڪ ٿي نہ سگهيو هو. ناشتي دوران ڪچهري بہ هلندي رهي ۽ پوءِ سُگهڙ ابراهيم عاجز جي ڏات مان ڪُجهہ ڳُفتا ٻُڌاسين، ڪيس لطيف جا بيت بہ گهڻا ياد هئا، لطيف جا بيت بہ ٻُڌايائين وري بہ جڻ ادبي محفل يا بي ترتيب مشاعرو شروع ٿي ويو سيني پنهنجي پنهنجي فن/ ڏات مان ڪُجهہ نہ ڪُجهہ ٻُڌايو هاڻي چيوسين تہ موڪلايون ٿا، زندگي رهي تہ وري ميلا پيا ٿيندا. وري بہ اسان سان گڏ ٻاهرين دروازي تائين آيا ۽ پاڪر پائي موڪلايائون. گاڏين ۾ چڙهڻ وقت شيخ عبدالله ڪي چيم سائين هِتي جي ڪا تاريخي جڳهہ، ڪو ماڳ مڪان، ڪا مشهور ڳالهہ، چيائين محمد الزمان کان پُڇون ٿا، محمد الزمان ٻُڌايو تہ ’هِتان پريان جبل تي ڪُڏي جو مقام تمام آڳاٽي زماني جو آهي، جنهن جا هاڻي ڪي آثار وڃي بچيا آهن. اُهي ڏِسڻ چاهيو تہ اوهان سان همراه ڪي گڏ موڪليان. چيوسين پلي سائين اِهي بہ اوهان جون عنايتون ٿينديون. پوءِ سندس پُٽ رفيق الزمان ڪي اسان سان گڏ هلڻ لاءِ چيائين. ۽ اسان گاڏين ۾ ويهڻ وقت بہ سيني ڳوٺاڻن ۽ ميزبانن ڪي هٿ لوڏي الوداع ڪيوسين.

ڪُڏي جو مقام جبل جي جهول ۾

ڪجهہ ڪلوميٽر اڳتي هلياسين، پوءِ جبلن تي اڳيان گاڏين جو رستو نہ هو صرف موٽر سائيڪل وڃي سگهي ٿي، موٽر سائيڪل تي وري اهڙي اڙانگي رستي تي ٽيل بہ نہ پئي ڪٽي سگهجي، پوءِ سيني جي راءِ سان سائين عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي کي موڪليوسين تہ اوهان وڃي ڏِسي اچو پوءِ اسانکي اچي ٻُڌايو. تيستائين اسان هِتي جبلن تي گاهہ ٻوٽا ٿا ڏِسون. شايد انهيءَ ڪري محمد الزمان پنهنجو هڪ پُٽ رفيق الزمان اسان کي موٽر سائيڪل سان گڏي ڏِنو تہ جيئن اسانکي ڪُڏي جو مقام هلي ڏيکاري.

هنن جبلن تي اسان کي ٿوهر اهڙا تہ ساوا مِليا جهڙا ٿر جي علائقي ۾ برسات وسڻ کانپوءِ ٿين، ڏاڍا وٽندڙ لڳي رهيا هئا. ٿوهر ڏِسڻ سان لطيف سرڪار جو هي بيت سُر مارئي مان تہ سيني کي زبان تي اچي ويندو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽر ٽوهر گهر جهوپڙا، پارڻ جنين جو ٻوهہ،
وُٺا مينهن ملير تي، ٿمڪي پيا ٿُوهہ،
رات بہ منهنجي روح، سڄڻ پنهنجا ساريا.

جيستائين سائين عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي ڪُڏي جي مقام تي تحقيقي نظر وجهي اچي، اسان هِنن ٿوهرن ۾ جبلن تي موجود گاهن سان گڏ فوٽو بہ ڪڍيا. علاؤالدين شهڻي اسانکي گاهن جا ڪُجهہ نالا بہ ٻُڌايا جيڪي هِن جبل تي موجود هئا. جن تي هٿ رکندي اسانکي ٻُڌائيندي ويو:

هي جيڪو گاهہ آهي انهيءَ کي ڳنڌير چون ٿا، هي سينڊ، پوٽار، پوئي، گورنگو بوسيري، ماهوري، لمب لولار، لُلُر، ڏڍ وَل، نري سنگوٽي، ڳاڱي، منگهہ وِل، ٻُڌايائين تہ هِن وَل ۾ ڪنبا ڏاڍا هوندا آهن، اندر ڪير هوندو آهي، ڪائڻ ۾ وري منو هوندو آهي، ۽ هي جاءِ جنهن جڳهہ تي پاڻ بيٺا آهيون انهيءَ کي مول واري وَنگ چيو وڃي ٿو.

اڌ ڪلاڪ گُذرڻ ڪانپوءِ سائين عبدالجبار نظاماڻي وارا بہ اچي ويا، سائين ٻُڌايو: ”اُتي هڪڙي پٿرن جي ڪُڏي نهيل آهي، جنهن جي چوڌاري قبرن جا نشان آهن، ۽ هِڪ هنڌ مسجد جا بہ آثار نظر آيا، پاڻي جي نئہ بہ پرسان نظر آئي، هِن ڪانپوءِ ٿورو ئي پريان بلوچستان جا جبل نظر اچن ٿا، منهنجي تحقيق مطابق هِتي آڳاٽي زماني ۾ ڪا جنگ لڳي هئي، هي آثار ايئن ٻُڌائين ٿا“. رفيق الزمان ڪان موڪلائي هاڻي هلياسين مول شهر طرف.

مول شهر شيخ عبدالله جي جنم ڀومي

مول شهر ۾ داخل ٿياسين سائين شيخ عبدالله جنهن جي هي جنم ڀومي آهي، وٺي وڃي هِڪڙي وڏي مندر اڳيان بيهارياڻين، پر اڄ ڪو خاص ڏينهن عورتن جو هو جنهن ڪري هر گهٽي مان هندو عورتون نظر آيون جيڪي نهي جُڙي مندر طرف وڃي رهيون هُيون، تنهن ڪري مندر ۾ اسين گُهمڻ ڪارڻ نٿا وڃي سگهون، پوءِ اسان وري مول شهر جون موجوده مسجدون ۽ مدرسہ ڏِٺا، يونين ڪائونسل جي پُراڻي ٻن ڪمرن واري جڳهہ بہ ڏٺيسين جنهن مان هِڪ ڪمرو ناظر کي مِليل هو. هي جڳهہ سَن 1964ع ۾ تعمير ٿيل هُئي، جنهن جا دريون، در ڀَڳا ٽُٽا پيا هُئا، جيئن سرڪاري آفيسن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ٿيندو آهي ايئن حشر هِن سان بہ ٿيل هو.

شيخ عبدالله اڳيان وٺي ٿو اچي اُتي جِتي سندس گهر هو ۽ پاسي ۾ مسجد هُئي، مسجد جي اڳيان ٻڌايائين تہ ”هِتي منهنجي ڪئبين رکيل هوندي هئي، جيڪا منهنجي عادت هوندي هُئي صبح سويري کوليندو هُئس رات جو سويري بند ڪندو هئس. اُن ڪئبين تي وينو هوندو هُئس تہ مسجد ۾ مولوي تلاوت ڪندو هو. منهنجي ڪَنن تي پوندي هُئي. هِڪ ڏينهن اُن مِٺي آواز ۾ تِلاوت پڙهي ڪئي جنهن مونتي ايترو گهرو اثر ڇڏيو جو آئون سحر ۾ وٺجي ويس. ڪئبين تان لهي مسجد جي دري وٽان ديوار پرسان ڪَن لائي ٻُڌڻ لڳس. بس منهنجو قلب ڦِري ويو ۽ مون سيني سان اظهار ڪيو تہ آئون مسلمان ٿو ٿيان. اِها ڳالهہ منهنجي مائٽن کي ڏُکي لڳي اُنهن مونکي طرح طرح سان ڏيڄاريو، ڌمڪايو، تشدد ڪيو، پر منهنجو قلب بدلجي چُڪو هو نيت هِنن ڪان لِڪي وڃي اسلام قبوليو“. ’پاڻ ٻُڌايائين تہ مون جيڪڏهن پنهنجي آتم ڪهاڻي لِکي تہ پوءِ پڙهجو. وڏا درد جا داستان آهن، جيڪي ڪلاڪ اڌ ۾ ٻُڌائڻ جهڙا ناهن. اُنهن وارتائن، گهاوَن ۽ زندگي ۾ مسلسل غمن جي گُهلندڙ گهٽائن تي پورو پنج سئو صفحن جو ڪِتاب تحرير ڪري سگهجي ٿو ۽ انشاءَالله منهنجو ارادو بہ آهي تہ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکندس‘.

مون چيو سائين!

مجيم غم خوشي ٻئي تنهنجا حِصا،
او زندگيءَا ٻُڌائي ڪِٿي آ خوشي.

جيڏانهن پي وڌيا پير زخمي ٿيا،
ڪير آ جو راهُن ۾ ويو شيشا رکي.

هِتي وڻ هيٺ ٻئنچ رکيل هئي، ٻئنچ تي ويٺل همراه سان تعارف ڪرائيندي چيائين هي سائين جي ايم سيد جو عقيدتمند ڪامريڊ غلام محمد ’ناشاد‘ حُسناڻي آهي، اُن سان مختصر ڪچهري ٿي، سائين عبدالجبار سوال ڪيَس تہ مول تي نالو ڪيئن پيو؟ پاڻ ٻُڌايائين تہ: هِن شهر جو اصل نالو ٽاٽو شاهہ بيگ هو. هِتان مول نئہ وهندي هُئي جنهن جي ڪري هِن شهر جو نالو اُن نئہ پٺيان مشهور ٿي ويو. اِها مول نئہ ملير ندي ۾ ڇوڙ ڪندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَري شهر موٽو مل جو

ڪلاڪ ڏيڍ جو سفر طئہ ڪري اچي سَري شهر پُهتاسين. سَري شهر ۾ وڏي ۽ سُٺي هوٽل ڏِسي اُن تي ويٺاسين چانهہ بسڪيٽ جو دؤر هليو هِتي واش روم بہ هو هٿ مُنهن بہ ڌوتوسين. چو تہ جبل جا لَٽ وارا رستا ۽ کُليل جيپ تنهن ڪري حالت تہ هر هر مُنهن ڌوئڻ جهڙي ئي هوندي.

سَري جي شهر ۾ وڏا ڪوٽ وڏيون جايون ۽ سيئي پيلي پٿر جون ٺهيل. اُن پٿر تي مختلف چِٽ چِٽيل. اسان شيخ عبدالله کي چيو ’سائين پلا هِنن کي هي پٿر سستو ٿو پوَي چا.‘ چيائين ’اِن پٿر جو ڪارخانو ئي هِتي لڳل آهي، تنهن ڪري ماڻهو سڀ اِهو پٿر استعمال ٿا ڪَن.‘ اسان چيو ’پوءِ اِهو ڪارخانو بہ گُهمجي ۽ اگهہ پار بہ معلوم ڪجي.‘ چانهہ پي نِڪتاسين ڪارخاني جي طرف جيڪو ويجهو ئي هو. ڪارخاني ۾ وڏا وڏا پٿر موجود هئا، جِن کي مختلف مشينن ذريعي ڪَٽي ڪوري، بلاڪ ٺاهيا پي ويا. بلاڪن تي وري ننڍين ننڍين هٿ واري مشينن ذريعي چِٽسالي پي ڪئي وئي، ڏاڍو سخت ڪم آهي. چوَن ٿا سڄي ڪوهستان ۾ اِهو هِڪڙو ئي ڪارخانو آهي، جنهن کي بہ قبر ٺهرائڻي آهي يا گهر ۾ خوبصورت پٿر استعمال ڪرڻو آهي تہ هِن ڪارخاني تان ورتو وڃي ٿو. ڪوهستان ۾ اجا بہ قبرن تي اُڪر ٿيل پٿر گهڻو استعمال ٿيئي ٿو.

موٽو مَل ڪنوَل ڪوهِستاني جي ياد

سَريءَ جو شهر گُهمندي مونکي اسانجي پياري دوست موٽو مل ڪنول ڪوهستاني جي ياد آئي. موٽو مل ’ڪنوَل‘ ڪوهستاني شاعر، صحافي ۽ ڪهاڻيڪار هو. تنهن ڪري بہ ساڻس واقفيت ٿي، پر جڏهن ريڊيو ايف ايم 92 سهيل پٽني ڪان ٺيڪي تي ورتائين. تڏهن اجا بہ گهڻي ويجهڙائي ٿي، جو ريڊيو ايف ايم 92 جا پوسٽ ڪارڊ سڀ مونکان پرنٽ ڪرائيندو هو. پاڻ پوءِ دڙي شهر ۾ رهندو هو. جڏهن ڪارڊ ڪڍڻ ايندو هو تہ هميشہ تڪڙ ۾ هوندو هو. گهڻو ئي چوندو هئس چانهہ پي وڃ. پر ايئن ئي چوندو هو ’بي پيري هينئر تڪڙو آهيان،‘ هِڪ ڏينهن ڪارڊ ڪڍڻ آيو چيائين: ’ڪارڊ چوڪري کي ڏي تہ سامهون ڪاري ڪرولا بيٺي آهي اُن ۾ رکي، تون چانهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھرائي تہ پيئون، موُن چانهہ گهرائي پناٽن جي نهيل چانهہ هئي، پسند آيس، ’چيائين يار چانهہ واهہ جي پياري اٿئي‘ موڪلائي روانو ٿيو.

ٻي ڏينهن صبح سوير ننڊ مان اجا اُٿياسين تہ ظفر خاصخيلي جو فون آيو چيائين يار ’موٽو مَل ڪنول ڪوهستاني گُذاري ويو‘، چيم ’صبح صبح بہ ٺٺو مُڙين‘، ظفر جي مذاق ڪرڻ جي عادت هُئي، سمجهيم مذاق پيو ڪري، پر مونکي اِهو مذاق خراب لڳو چيائين نہ يار مذاق ڪيئن ڪندس، رات ڪار جو ايڪسيڊنٽ ٿيو اٿس، جنهن ۾ پاڻ ٽڏي تي گُذاري ويو ساڻس گڏ شهناز راڄپر زخمي ٿي آهي، (جيڪا پوءِ گُذاري ويئي) پر تمام نازڪ حالت ۾ آهي ۽ ٻيو سندس دوست عزيز جان بلوچ جيڪو ڪي ٽي اين تي خبرون پڙهندو هو، شايد اُهو بہ سخت زخمي آهي، مونکي اعتبار ئي نہ پيو اچي، ڪيتري دير تائين بنا ڳالهائڻ جي ساڪن حالت ۾ فون ڪن تي رکيو پٿر جيئن پترائجي بينو رهيس، پوءِ پاڻ سنڀاليندي چيم ’يار ڪالهہ تہ اسان گڏ چانهہ پيتي آهي ڪچهري ڪئي آهي، ايئن ڪيئن هوندو‘، چيائين ’ايئن ئي آهي‘.

موت مِڙني کي مٿي تي، منجهہ مِٽي هر ڪنهن مَڪان،
منجهہ مِٽي منزِل اسان، ڪُجهہ مهند ماڻِي، تون بہ هِت.

ڪالهہ صُحبت صُبح تائين، اڄ سلامن کي سِڪن،
وِرهہ وارِي رات واريءَ ۾ وِهاڻِي، تون بہ هِت.

دوست! دُنيا ۾ ڪري، سَگهندين نہ دائِم دَور دم،
آيو آيو چاڻ ”احمد“ اڄ سُڀاڻِي، تون بہ هِت.

هاڻي جي اوهين هلو تہ آئون بہ اچان حيدرآباد پوءِ گڏجي هَلون. اسان حيدرآباد پهتاسين ظفر بہ پُهتو اصغر گگو اُهو بہ ريڊيو تي ڪم ڪندو هو اُنهي کي چيوسين، اُهو بہ هليو يوسف سنڌي، ادا منظور ۽ آئون پنج ئي ڄڻا مهراڻ ڪار ۾ سوار ٿي روانا ٿياسين سَري طرف، سندن ننڍو سَري ۾ هو، اسان بہ رستو پُڇندا پُڇندا اچي پهتاسين، پنهنجي يار موٽو مل ڪنول ڪوهستاني جي پونئرن جي ڪُلهي تي هٿ رکڻ لاءِ ۽ ايئن سَري شهر ۾ منهنجو پهريون پيرو اچڻ ٿيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديھ اُٺ پلاڻ مان ڪونيٽ ڪٽيوسين

سَري ۾ ٽاٽو بولاخان جي وچ سفر تي ديھ اُٺ پلاڻ مان لنگھندي مصطفيٰ ميمڻ ٻُڌايو تہ ’هِن ديھ جو نالو آهي ”ديھ اُٺ پلاڻ“ ۾ هِتي اسانکي ڪونيٽ جا وڏا وڏا وَڻ نظر آيا. سائين عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي چيو تہ ’ڪِٿي ڪونيٽ جي سِڌي ۾ ٿوري ٿُلهي ڪاني نظر اچي تہ جيپ کي بريڪ ڪجو‘. ٿورو پنڌ اڳيان هلياسين تہ اڳيان مال جو ڌنار بہ بيٺو هو جنهن وٽ ڪھاڙي بہ هُئي. چيوسين ’سائين هي موقعو آهي. تنهن ڪري جيپ کي هِتي ئي بيهاري آس پاس ڏِسي ٿا وٺون. پاڻ کي ڪونيٽ وڍڻ ۾ آساني ٿيندي.‘ اڳيان جي ڪِٿي بيٺاسين تہ ڪاني وڍيندا سين ڪيئن. پوءِ اُن ڌنار کي سڏ ڪيوسين ۽ هِڪڙيَ ڪونيٽ ۾ سِڌي ڪاني ڏِسي ڪيس چيوسين ’ادا اِها ڪاني اسان کي وڍي ڏي.‘ ڌنار دير ئي نہ ڪئي. ڪاني کي رکيوسين جيپ ۾ اچي پُھتاسين ٽاٽو بولاخان.

ظهر جي نماز هِتي روپا ننگر ٽاٽي بولا خان ۾ پڙهيسين. هاڻي سائين شيخ عبدالله کي ڳوليوسين تہ ڪائنس موڪلايون ٿا. تيستائين شيخ عبدالله بہ سامهون پي آيو. ’چيائين موڪلايو الائي ڪيئن ٿا. ماني ڪائي پوءِ ويندا!‘ چيوسين ’سائين اوهان گھڻي ئي خدمت ڪئي آهي. هاڻي اسان کي ڪِلي ڏيو موڪل تہ سفر کي اڳتي ڪاهيون‘. ’ها ها ڀلي اوهان کي موڪل آهي پر ماني تيار پئي آهي. يا ڪايو وڃو يا ڪٽيو وڃو‘ شيخ عبدالله چيو ’سائين ڪائي ٿا وڃون. ڪٽو نٿا‘ اسان چيو.

عباس هائوس تي لائبريري ۾ اچي ويٺاسين. جيستائين ماني دسترخوان تي لڳي تيستائين الماريءَ ۾ پيل ڪِتابن جو جائزو ورتوسين. ڪِتاب ايترا گھڻا تہ نہ هُئا. پر ٿورا بہ نہ هُئا. گھر جي ذاتي لائبريري لاءِ گھڻا هُئا. سائين شيخ صاحب!

ڪِتابن سان آ دِل منهنجي، ڪُتب خانو وطن منهنجو
ڪِتابن ۾ دفن ٿيندس، ورق ٿيندا ڪفن منهنجو.

واھ مور واھ! شيخ صاحب چيو ’سائين هي مور ڪونهي، هي ڪو نامعلوم شاعر آهي. شعر واھ جو چيو اٿس. چيم‘ منجهند جي ماني ڪاڌي ڪجھ گھڙيون ڪچهري ڪري پوءِ ڪائن ڀاڪر پائي موڪلايوسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپسي

رستي ۾ ايندي سائين عبدالجبار کان پُڇيم ’سائين هِن سفر بابت پنهنجا ڪي ويچار ونديوا‘. سائين عبدالجبار وراڻيو: ڏاڍو سُٺو رهيو سفر. جيئن تہ سفر عربي جو لفظ ’سقر‘ مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي، تڪليف، ڏُکائي سو پنهنجا بہ پنڌ پهاڙن جا هُئا. جيڪڏهن ڏُکايون ٿيون تڏهن بہ سفر جو حِصو هيون‘. چيم: ’سائين ڏُکايون تہ پاڻ کي ڪِٿي بہ ڪونہ ٿيون. سواءِ اِن جي جو رستي ۾ رات جي وقت رڻ ۾ اسان جي گاڏي جو ٽائر پنچر ٿيي، پر اسپيئر ٽائر لڳائڻ کان پوءِ وري بہ پنهنجو سفر ساڳي رفتار سان هلندو رهيو‘.

’هو جيڪي بہ همراه اڏ مان پِجي ويا، اُهي سفر جا ڪچا هُئا،‘ ماما احمد وراڻيو. ’ڪهڙا‘ ياءُ محمد عثمان پُڇيو؟. مون چيو: ’نظاماڻي صاحب، خان محمد نظاماڻي ۽ منصور نظاماڻي،‘ سائين عبدالجبار وراڻيو ’اُنهن کي شايد ڪو ڪم ٿي پيو هوندو،‘ ماما احمد چيو. ’نہ ابا اُهي همراه اڏ پنڌ هلي ٿڪجي پيا. جبلن ۽ پهاڙن جا پنڌ سولا ڪونهن. پاسا جهلجو وڃن‘.

اُنچو اُتاهون گهڻو، جِئَڻ کي جَبَلُ،
مَرَڻَ مُون سين هَلُ، تہ پُنِيءَ تو پَنڌُ ڪَريان.
(شاهہ)

’سلام آ سسئي توکي‘، شاهہ جو شعر پڙهندي مون چيو: هِڪ عورت هونديَ هيڏا پنڌ پهاڙن جا اُهي بہ پيرين اُگهاڙين. اسين تہ اي سي گاڏي ۾ وينا آهيون. پوءِ بہ ٿا چئون تہ پهاڙن جا پنڌ اوکا. ۽ بہ همراه اڏ مان واپس وري ويا. سائين! سچ ٿو چوان سسئي کي سلام آ منهنجو‘.

ايئن ڪچهري ڪندا ۽ پنڌ کي ويڙهيندا آياسين خبر ئي نہ پئي حيدرآباد پُهچي وياسين. حيدرآباد جي هوائن مان گُذرندي ڪچهري ڪندي اچي پُهتاسين ماتلي جي ملوڪ شهر ۾ ۽ پوءِ سڀ ڪو موٽيو پنهنجي ماڳ ڏانهن.

اڄُ اُڱَڻَ ڪيڻانِ، آسَرَ لَڳِي سوريانِ،
ڏُونگَرِ ڏِينهَن لَڳانِ، مانَ وَرِڪَنِ سُپِرِين.
(شاهہ)

جيڪي سفر ۾ همسفر هئا:

پروفيسر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي: ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت، پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُٺا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ تاريخ لکندڙ ماتلي جي تاريخ لکي اٿس، اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا ”باغي آ عشق منهنجو“، ”تاريخ آهي شاهد“ پڻ هِن جا سهيڙيل آهن. نظاماڻي ذات تي ”تذڪراءِ نظاماڻي“ وڏو ڪِتاب لکيو اٿس. جنهن ۾ پوري قوم جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه ڪوڙيا بہ ڪتاب لکيل، سهيڙيل، مُرتب ڪيا اٿس.

شيخ عبدالله ’ڪوهستاني‘: ٽنڊو بولا خان سان تعلق رکندڙ انتهائي سُٺو سماج سُڌارڪ. پاڻ پيشي جي لحاظ کان عربي ٽيچر آهي، سدائين سفر ۾ نِنڊ ڪندو آهي، نہ تہ بس زندگي جي سفر ۾ هل هلان اٿس. ڪنهن وقت ڪِٿي تہ ڪنهن وقت ڪِٿي، سدائين سماجي ڪمن جي پويان. سندس مختلف ڪمن، فري ميڊيڪل ڪئمپون لڳائڻ، غريبن جي سهائتا ڪرڻ کان علاوه جيڪو ڪم هِن جي سُڃاڻپ بڻيو آهي سو آهي، اجتماعي شاديون ڪرائڻ. هي تقريبن ڪوڙ سارن غريب بي سهارا خاندانن جي غريب نياڻين جون شاديون ڪرائيندو آهي، ۽ ڪين پورو پورو ڏاج بہ ڏِنو ويندو آهي، هن سال تہ 100 جوڙن جون شاديون ڪرايون اٿس. ايئن سدائين سفر ۾ رهي ٿو.

محمد عثمان جوڻيجو: اسانجو وڏو ڀاءُ آهي جنهن جي ڪسٽم ايڪسائيز ۾ ڊيوٽي آهي پاڻ هِن وقت حوالدار آهي.

احمد خان جوڻيجو: جيڪو منهنجو رشتي ۾ سَهورو ٿيئي، پاڻ پنگريو مِل ۾ ملازم هو جِتان رٽائر ڪيو اٿس.

غلام مصطفيٰ ميمڻ: ٽنڊو بولا خان سان تعلق رکندڙ هي صاحب سُٺو دوست سُٺي سوچ رکندڙ آهي، پاڻ صحافت ڪندو آهي، صاف سُٿري صحافت. ڪي ٽي اين ۽ ڪاوش جو رپورٽر آهي، ٽنڊو بولا خان اسٽيشن کان. سندس ٽنڊو بولا خان ۾ سُٺو جنرل اسٽور پڻ آهي.

منظور احمد جوڻيجو: ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ: منهنجو ڀاءُ آهي، سُٺي دِل رکندڙ آهي، سندس حيدرآباد ۾ ”الرزاق پرنٽرز“ آهي، پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گهمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشہ چوندو آهي، گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

علاؤالدين شهڻو: جنهن جو تعلق ٽنڊو عارب خان سان آهي، پاڻ مختلف جڳهين تي ملازمت ڪندو رهيو آهي هِن وقت ملڪ چنگيز خان جي بنگلي تي ملازم آهي، پاڻ سُٺو شاعر ۽ سُريلو شوقيہ فنڪار پڻ آهي.

سرور خاصخيلي: سندس تعلق ٽنڊو بولا خان سان آهي، سُٺو ماڻهو آهي، پيشي جي لحاظ کان پرائمري ماستر آهي، صحافت بہ ڪندو آهي، ۽ شاعر پڻ آهي.

شعيب جوڻيجو: ادا منظور جو وڏو پُٽ هن وقت ڇهين ڪلاس جو شاگرد آهي.

مور ساگر: ’ڪي جاٽا مين ڪوڻ بُليا!‘

[28، 29 آگسٽ 2015ع]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احمد خان جوڻيجو سرور خاصخيلي، مور ساگر، منظور احمد جوڻيجو علاؤالدين شھڻو
محمد عثمان جوڻيجو (تونگ شريف جو قبرستان) ڪوهستان

پروفيسر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي، منظور احمد جوڻيجو شيخ عبدالله ڪوهستاني، مور ساگر،
محمد بخش لوهاراڻي، محمد عثمان جوڻيجو سرور خاصخيلي، احمد خان جوڻيجو

سرور، منظور، فياض ميمڻ، عبدالجبار نظاماڻي سان گڏ
(مصطفيٰ جنرل اسٽور تي- ٽاڻو بولاخان)

مصطفيٰ ميمڻ، محمد عثمان، احمد خان جوڻيجو
(مصطفيٰ جنرل اسٽور تي- ٽاڻو بولاخان)

ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جي نمائندي مصطفيٰ ميمڻ سان گڏ
(تاريخي قبرستان تونگ شريف)

شيخ عبدالله ڪوهستاني ۽ خليفو محمد ايوب لوهاراڻي
(رتن ناٿ جي سماڌي- تونگ شريف)

محمد زمان خان حملاڻي ۽ مصطفيٰ ميمڻ سان گڏ
(ڳوٺ موٽڻ حملاڻي –مول)

ابراهيم 'عاجز' حملاڻي، محمد زمان خان حملاڻي، سرور خاصخيلي، منظور احمد، شيخ عبدالله ڪوهستاني محمد اسلم حملاڻي، غلام قادر رند، مصطفيٰ ميمڻ

پنهنجي ڀاءُ منظور احمد جوڻيجو سان گڏ
(ٿوهر پڙ ۾ – مول ڪوهستاني)

مول ڪوهستان جي ميدان ۾ جيپ هلائيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙوسين سِج سمنڊ تي

روانگي

لڳي آ لاڙ سان جا لنئون، اوهان کي ٻيو پلا چا چئون،
اسان کي عشق سارين جان، ڇنڊي، ڦوڪي، ڇَڙهي ڏٺو پيو. (ح، د)

اڄ حيدرآباد کان دوست واحد پارس هيسباڻي اچڻو آهي، جنهن کي بدين گهمائڻو ۽ دوستن سان ملائڻو آهي، تنهن ڪري آئون اڄ سويري اُٿي تيار ٿيس، پيروءَ تان ٻوڙ ٻاڙي ورتو، ناشتو تيار ڪرايم ۽ واحد سان رابطي ۾ هُئس جيئن ئي حيدرآباد کان روانو ٿيو.

جڏهن واحد ماتلي کي ڪِراس ڪيو، تڏهن آئون بہ آيس پيروءَ تي، دوست ذوالفقار خاصخيلي سان رابطو ڪيم، چيائين ’گهر آهيان‘، چيم ’واحد پارس هيسباڻي (عبرت مئگزين جو ايڊيٽر) اچي پيو جي اچي سگهين تہ اچ مِلي ڪچهري ڪري وڃنيس‘، چيائين ’اچان ٿو‘. ڪجهہ دير گُذري تہ ذوالفقار بہ اچي ويو ۽ واحد پارس بہ تلهار کي ڪِراس ڪري رهيو هو. اسان ٻنهي انتظار ڪيو ڏهن ٻارهن منٽن کان پوءِ وين اچي اسان جي اڳيان بريڪ ڪيو. واحد پارس لٿو مِلياسين، ٿيئي ڪار ۾ ويٺاسين، آياسين اوطاق تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناشتو ڪچهري ۽ شاعري

آئون گهر آيس ناشتو تيار هو چانهه ڪاڙهڻ جو چيم ۽ ناشتو ڪنيم آيس اوطاق تي. واحد پارس ۽ مون اسان ٻنهي ناشتو ڪيو. ذوالفقار منع ڪئي چيائين گهران ناشتو ڪريو پيو اچان. ناشتي دوران هِڪٻئي سان حال احوال اوريندا رهياسين. واحد کان پُڇيم: ’رستي ۾ ڪائي ڏُکيائي ته نه ٿي؟‘ ’نه نه ڪا به نه گهران نِڪري رڪشا ڪئي، آيس بدين اسٽاپ تي وين جي پُڇا ڪيم ٻُڌايائون ته هيءَ وين بدين جي آهي، اُن ۾ وينس ۽ پوڻن ٻن ڪلاڪن اندر اچي اوهان وٽ لٿس.‘

عبرت مئگزين جي حوالي سان به ڪچهري ٿي، آئون ۽ پوءِ ذوالفقار پُڻ عبرت مئگزين جا لِکندڙ رهيا آهيون، ۽ شاعري بابت به خيالن جي ڏي وٺ ٿي، ٽيئي شاعر جو هئاسين، ۽ شاعري کان پاسيرا ٿيون اِهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. ٽيئي آياسين پيرو تي، ذوالفقار کي لاٿم پيرو تي، اڳيان بدين ۾ واحد پارس جي ٻي سنگت سان ملاقات ۽ پروگرام رکيل هو.

واحد پارس کي رستي هلندي ٻُڌايم ته: ’ذوالفقار خاصخيلي گهٽ ڳالهائيندڙ پر سُٺي سوچ رکندڙ سُٺو دوست آهي، پاڻ ڪڏهن ڪڏهن مختلف اخبارن ۾ پُڻ ڪم ڪري ٿو، وري ڇڏي ڏي ٿو. مستقل مزاجي وارو ناهي. شاعري ڪڏهن ڪڏهن ڪري ٿو هِن کي سنڌي ادبي سنگت ۾ آئون وٺي آيو هئس، سندس هي غزل مونکي سُٺو لڳندو آهي.‘

ڳِلن تي ڳوڙها رهيا ئي رهيا.
ايئن ئي وِڇوڙا رهيا ئي رهيا.
پرين جي اکين ۾ نه اڏيوسين گهر،
غمن جا وِلوڙا رهيا ئي رهيا.
غمِ روزگاري ۾ پٽڪي وياسين،
هَٿن ۾ هٿوڙا رهيا ئي رهيا.
مِلڻ جي پرين معاملي ۾ اوهانکي،
حِجابن جا گهوڙا رهيا ئي رهيا.
اسان جي اندر جي پيگل جهوپڙي ۾،
پرين درد پوڙها رهيا ئي رهيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدين کي ويجهو ٿيندي رضا آڪاش خاناڻي سان رابطو ڪيوسين، چيائين ’اچو ايوانِ صحافت، سنگت سڀ اُتي آهي‘.

آئون ۽ واحد پارس پُهتاسين ايوانِ صحافت، ڪافي دوست ويٺا هئا، سامهون العباس شادي هال ۾ آصف ميمڻ جي پٽ جي شادي هُئي تنهن ڪري سڀ سنگت کي دعوت هئي ۽ سڀ سنگت وري مصطفيٰ جمالي جي سنگت هُئي تنهن ڪري سڀئي ايوان صحافت تي گڏ هُئا.

ڪچهري ڪچهري ۾ مشاعرو

واحد پارس اڄ هِتي مهمان هو جنهن کي عبرت مئگزين جي ايڊيٽر طور گهڻا دوست سُڃاڻن ۽ پوءِ واري واري سان سڀني پنهنجو پنهنجو تعارف ڪرايو. يونس بڪاري (صحافي ۽ ريڊيو ڪمپيئر)، هارون گوپانگ (نمائنده روزاني شام ۽ ڪي ٽي اين)، نور محمد نوتڪاڻي (نمائنده روزاني هلال پاڪستان)، مصطفيٰ جمالي (نمائنده روزاني ڪاوش)، نواز شاهه ياڏائي (قومپرست اڳواڻ)، اياز امر شيخ (شاعر)، امير حسن پنهور (قومپرست اڳواڻ ۽ شاعر)، رضا آڪاش خاناڻي (شاعر ۽ نمائنده روزاني ڪاوش گولاڙچي)، خادم ٽالپر (اديب، شاعر)، مير بُليدي (شاعر)، نقاش علواڻي (شاعر) مور ساگر (شاعر)، ابن ڪلهوڙو (شاعر)، شفيع محمد جوڻيجو (صحافي) ۽ ڪُجهه ٻيا دوست به موجود هئا، جيڪي ٿورو پرپرو ويٺل هئا جن تعارف نه ڪرايو.

رضا آڪاش چيو: ’اياز امر کان ٿا شاعري جي شروعات ڪريون‘. سڀني واه واه ڪئي، رضا آڪاش انائونسمينٽ جي انداز ۾ چيو: ’هاڻي نوجوان شاعر اياز امر شيخ اوهان کي پنهنجي شاعري ٻُڌائيندو‘. تاڙين جي هلڪي آواز کان پوءِ اياز امر پنهنجو طويل نظم ٻُڌايو:

هزارين دؤر دودن کي
جيئڻ جي جاڳ سان آهن
چنيسر چُپ جي چادر
اجان ويڙهيو سُتا پيا هِن
ڦُٻي تان ڪنڌ ڪٽي اڪثر
اڪيلو چنڊ چوڏهين جو

نِهاري ٿو نريڙيءَ ۾
مچيرو رڇ پيو لاهي
گُهمي سپ گس ٻيڙيءَ ۾
اُماهٽيل مَٽ جهڙي هوءَ
مُهاٽي جڻ ڪا موڪي آ
اڪيون اُپ ڏي اُپيون ڪريو
تڏيءَ تي جا سُتي پئي آ
محبت جي سڄي منڇر
ڏسڻ سان ئي ٻُڏي وئي آ
ڪئين خدشا خيالن ۾
اچانڪ اُڀريا آهن
ڪنڌيءَ تي ڪانھ وانگر سي
سڄا نِسري پيا آهن
ٽپي لوهار يي وينو
ها چاڙهي رُڪ جو پاٽي
اجان ڪي گُرزءِ يالا
ڏمڻ سان گڏ ڏڳي پيو ٿو
ڪنهن خوني د ؤر جو خنجر
رڙي اچ رڻ اُٿيو آهي
دڳن تان ڏوڙ اُڏري آ
دراوڙ نسل ساري جون
نگاهون چرڪيون آهن
طبل آهن اُٿي ٻُريا
مٿيءَ جا ڪوٺ هِن ڪِريا
سموري رات روپا جي
ڪجل ٻٽجي ڪُني آهي
رُتن مان رَت ٽميو آهي
ٻُري بارش وٺي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽُٽا هِن شور جا شيشا
ڏڙن تي ڏڙ ڪِريا آهن
ڇڏي ڪئين ڊال جا ڊِڪا
ميدانن ڏي مُڙيا آهن
اُتي لشڪر سان گڏ خلجي
جڏهن تلوار تاڻي آ
تہ ٻاگهل جي ٻہ سندري مان
ڪا جاڳي پئي مياڻي آ
وڙهي پئي جا وِکون ٻڌجي
درياهہ جون ڇڙ تِکون ٻڌجي
وطن جي وارثيءَ جي لئہ
اڄان ويساهہ جيئرو آ
سسيءَ ۾ ساهہ جيئرو آ
جيسين ڀونگر ڀُريا ناهن
ٻ ڌرتيءَ تي ڪِريا ناهن
تيسين ڪيئي چنيسر پيا
ڪفن ٽيندا دفن ٽيندا
ٻُڌي ڇڏ وقت جا واعظ
اهو وِقلڻ اجايو آ
اسان هِن ديس جي ڌُن تي
رڳو هِڪ گيت ڳايو آ
غلاميءَ کي لڄايو آ
روئڻ جا رنگ ڇا ڏيندين
اسانجي تون رواجن کي
هزارين دؤر دودن کي
وڏي للڪار سان آهن
تکي تلوار سان آهن.

سيني دوستن داد ڏيندي واهہ واهہ ڪئي. ڪجهہ ڪچهري ڪانپوءِ پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نقاش علواڻي پنهنجو غزل ٻڌايو:

هٿ تنهنجا ڇُهن سونَ جا ٿي وڃون
واڪِ تون جي ڏِئين ٻي ٻَها ٿي وڃون
توکي پُوڄڻَ جي منزلَ اجان اورتي،
توکي ڏِسندي ئي تو ۾ فنا ٿي وڃون
ڪيتري آ ڏُکي عشقَ جي پُلصرات
ٿورڙو جي ٿڙون ٻي ٻقا ٿي وڃون
ٿُنهنجي نيڻن جي نيري نديءَ ۾ ٻُڏي
تنهنجي وارن جي ڪاري گهٽا ٿي وڃون
تنهنجي پيرن تي سجدا قضا جي ٿين
پاڻ لَئه پاڻ ڪافر وڏا ٿي وڃون
شهَر ٿُنهنجي جي آب و هوا تي وٽي
دونهن تي هن هَوا سان هوا ٿي وڃون
عشق! تنهنجو عطر ٿو هوا ۾ گهُلي
اڄ تہ اڄ ٻئي ڪپهہ جا ٻُڙا ٿي وڃون
عشق جي انتها آ اهائي ’نقاش‘
ٻِڪَ خالي هُجن خود دُعا ٿي وڃون

واھہ واھہ خوب داد ڏيڻ ڪانپوءِ وري منهنجو وارو آيو: غزل عرض آهي.

دِل ٻَري ناهي اجان هي غم ڪان.
ڪيس ڇئو پاسو ڪري سِتم ڪان.
هيل پِي هي نيڻ ٻئي آلا رهيا،
هيل پِي ناهن ٻچيا آگم ڪان.
ڪو تہ تنهائي جو سبب آهي تڏهن،
هو هميشہ دور رهيو رم جهم ڪان.
ڪير ڪنهن لئہ آ هِتي آٿت ٻٽيو
ڪير ڪنهن کي ٿو ٻچائي غم ڪان.
هو مسيحا تي موٽيو آهي تڏهن،
گهاوَ اڳ پِريا جڏهن مرهم ڪان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه داد اسان کي بہ مِليو ۽ پوءِ ڪجهه ڪچهري ٿي، رضا آڪاش ۽ نواز شاهہ ياڏائي ۾ ڪجهه لطيفن جهڙن لفظن ۽ جُملن جي ڏي وَٺ ٿي تہ سيئي گڏجي کِلڻ لڳا. سنگت کي چيم آئون اچان ٿو.

ڊاڪٽر علم الدين انصاري سان ملياسين؟

جمع نماز جو وقت ٿي ويو. آئون نِڪري آيس جمع نماز پڙهيم. فرض نماز کانپوءِ پيش امام اعلان ڪيو تہ ’غازي ممتاز قادري کي ڦاسي جي خلاف ريلي آهي سيني مسلمان ڀائرن کي شرڪت جي اپيل ڪجي ٿي. ڏاڍو عجب لڳو جنهن شخص پنهنجي فرض، پنهنجي ڊيوٽي ۾ بي ايماني ڪئي اُهو غازي ڪيئن ٿيو؟ ممتاز قادري سلمان تاثير جو گارڊ هو سلمان تاثير تي الزام هو توهين رسالت جو ڪيتري قدر صحيح هو خبر ناهي. پر ممتاز قادري جڏهن ڊيوٽي سنڀالي هوندي. تڏهن يقينن اِهو قسم کڻي آيو هوندو تہ جنهن شخص جي گارڊ طور مونکي مقرر ڪيو پيو وڃي اُن جي حفاظت خاطر آئون پنهنجي جان بہ ڏئي ڇڏيندس. پر جڏهن هو ڪنهن جي چوڻ يا پنهنجي طرفان هن تي ياڻ ئي گوليون هلايون تہ پوءِ هِن تہ وڏو غلط ڪم ڪيو. جنهن جي حفاظت ڪرڻ جو قسم کڻي آيو هو اُن کي هِن پاڻ ئي ماري ڇڏيو ۽ هاڻي اُهو غازي بہ سڏجڻ لڳو آهي. !!!

نماز پڙهي آيس چند دوست باقي موجود هئا. نقاش علواڻي، مصطفيٰ جمالي ۽ ڊاڪٽر علم الدين انصاري جو ڪجهه ڏينهن پهرين مِني کان موٽندي ايڪسيڊنٽ ٿيو هو. نقاش علواڻي ۽ مصطفيٰ جمالي تہ هِتي موجود هُئا اُنهن کان طبيعت پُڇي، باقي ڊاڪٽر علم الدين انصاري پنهنجي گهر هو اُن جي ٻانهن ڀڄي پئي آهي، گاڏي مصطفيٰ جمالي پي ڊرائيو ڪئي. ايئن حال احوال ۽ ڪچهري ڪرڻ کانپوءِ دوستن کان موڪلايوسين.

نواز شاهہ ياڏائي، رضا آڪاش خاناڻي، امير حسن پنهور، اياز امر شيخ، واحد پارس هيسباڻي ۽ آئون آياسين ڊاڪٽر علم الدين انصاري جي گهر. ڊاڪٽر علم الدين انصاري سان مِلياسين، خوب ڪچهري ڪئي، لطيفا کِل ڀوڳ. چانهہ پيتي، پوءِ سيني دوستن ڊاڪٽر علم الدين انصاري سان گڏ فوٽو ڪيرايو ۽ موڪلايو.

شاهه قادري کي ڪِراس ڪري، زيرو پوائنٽ ڏانهن رُخ رکيوسين

نواز شاهه پاڌائي ۽ سندس سنگت موڪلايو. باقي واحد پارس، اياز امر شيخ، رضا آڪاش، امير حسن پنهور اسان پنج ئي ڄڻا منهنجي ڪوري ڪار ۾ روانا ٿياسين زيرو پوائنٽ تي، زيرو پوائنٽ مون به ٻُڌي آهي، ڏِٺي اڄ تائين ڪانهي، هاڻي اُن طرف وڃي رهيا آهيون.

بدين جو شهر ڇڏي سيراڻي روڊ تي جيئن ئي ٿورو اڳتي آياسين ته اولهندي هٿ تي 'شاهه قادري' جي نالي سان تمام وڏو قبرستان آهي، شاهه قادري جو مقبرو پُڻ ٺهيل آهي ۽ ٻارهين مهيني ميلو پُڻ لڳندو آهي. اسان وٽ وقت گهٽ هُئڻ ڪري انهي پوائنٽ کي ڪِراس ڪرڻو پيو. اسان جي منزل پَري هُئي ۽ اسان کي سج لهڻ کان ٿورو پهرين زيرو پوائنٽ تي پهچڻو هو، چوَن ٿا بس اِهو ئي مزو هوندو آهي سج کي سمنڊ مٿان لهندو ڏِسجي پيو ڪجهه خاص ناهي، تنهن ڪري اسان پنهنجي رفتار سان هَلي رهيا هُئاسين. آئون به اڄ پهريون ڀيرو 'زيرو پوائنٽ' وڃي رهيو آهيان، زيرو پوائنٽ تي وڃڻ جي خواهش پُراڻي هئي، پر ڪو موقعو يا ڪي سفر جا ساٿي نه پي مِليا، اڄ منهنجي اِها پُراڻي خواهش به پوري پئي ٿيئي.

نريڙي ڍنڍ جي پر مان لنگهاسين

سيراڻي شهر پهچڻ کان پهرين اولهه طرف لِنڪ روڊ وڃي ٿو. جيڪو روڊ احمد راڄو وڃي ٿو. اِهو روڊ وٺي روانا ٿياسين. احمد راڄو کان پهرين نريرڙي ڍنڍ آئي، جنهن کي دوستن رڳو هٿ جي اِشاري سان ٻُڌايو ته اِها آهي نريڙي ڍنڍ. هيءَ ڍنڍ بدين کان تقريبن چاليهن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي، ڪنهن وقت ۾ هيءَ ڍنڍ مشهور هُئي، پر پوءِ اُجڙي ته ايئن اُجڙي جو وري سُڌري نه سگهي، توڙي جو هِن ڍنڍ جي سُڌاري لاءِ لوڪل اين جي اوز ذريعي عالمي ادارن فنڊنگ به گهڻي ڪئي، پر سُڌارو نه آيو سو نه آيو. هي پوائنٽ به گُهمڻ گُهرجي ها، پر اسان وٽ وقت نه هو. اسان سِج جي سامهون پيا وڃون تنهن ڪري هِن وقت نظر صرف سِج تي آهي. ڪجهه فاصلي کان پوءِ احمد راڄو آيو درگاهه احمد راڄو جو تعميراتي ڪم پي هليو، اسان وٽ به وقت نه هو تنهن ڪري اُن جي به پر مان بغير حاضري ڀرڻ جي گُذر ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڏن جو پير درگاهه احمد راڄو

رضا آڪاش کان پڇيم: رضا احمد راڄي جا پاڏا پُڌا آهن. حقيقت ڇا آهي. ’ڪجهه ناهي مور ساڳر. ماڻهو رڳو هٺ جون هٽن ٿا. اِهو به هِڪڙو ڍنگ آهي مُريدن کان مال ڪيڻ جو‘ نهه پهه رضا اِهو جواب ڏِنو ’آئون ته انهي تي اسٽوري ناهڻ ٿو چاهيان پر وقت نٿو مِلي‘.

مونکي ڪجهه ايئن به معلومات مِلي آهي ته: هِن درگاهه ۾ مدفون احمد راڄي کي جيئن ته پاڏن وارو پير سڏيو وڃي ٿو ته اِها حقيقت ئي آهي جو ماڻهو هِن درگاهه جي نالي سان پاڏا ڇڏي ٿا وڃن. ڪجهه سندس عقيدتمند، ڪجهه مُريد، ڪجهه باسون باسڻ وارا، پر ڪوڙ پاڏا گڏ ٿي وڃن ٿا. اُنهن پاڏن کي درگاهه حوالي ڪرڻ جو به هِڪڙو وقت مقرر آهي، هر مهيني جي پهرين آچر تي پاڏي کي درگاهه تي ڪاهي ايندا، اُتي وينل مُريد پاڏي جي ڪن کي ڪٽ، چير ڏئي جڻ ته نپويا نشان هٽي ڇڏيندا آهن. ته هي پاڏو احمد راڄي جو آهي، هاڻي هِن پاڏي کي ڪا به جهل پل نه هوندي، ڪو به زميندار پنهنجي زمين مان نه هڪليندو. چاهي هِن جو فصل ڪيڏو به قيمتي هُجي. (ٻُڌل ايئن آهي). ڪو چور به هِن پاڏي کي هٿ نه لاهيندو ٻارنهن ئي مهينا هي ايئن کُليل هوندا آهن.

پاڏن ڏيڻ جو رواج ڪيئن پيو: هِڪڙي ڏند ڪٿا يا حقيقت خدا بهتر ٿو ڄاڻي، ته: ٿر جڏهن وسندو هو ته ماڻهو پنهنجو مال ڪاهي ٿر ويندا هئا، اُنهن ماڻهن کي گهڻو ڪري واسو چوندا هئا. ٿر وس تي وڃڻ وارا واسو پنهنجو مال (مينهون) ڪاهيو پي ويا ته هِن درويش کي رستي ۾ مِليا. هِن هِنن کان کير گُهريو. هِنن اِنڪار ڪيو. چيائين پلا لسي پياريو وچو. هِنن وري به اِنڪار ڪيو. جنهن تان هي بُزرگ ناراض ٿيو ۽ هِنن همراهن جون جهنگ ۾ چرڻ لاءِ ويل مينهون واپس وڻاڻن نه موٽيون. ٻارنهن مهينا گُذري ويا. اتفاق سان ٻارنهن مهينن ڪانپوءِ وري هِن درويش جو هِتان گُذر ٿيو ته ماڻهن هِن کي سُڃاتو. چيائون هي ته اُهو ئي شخص آهي جنهن کي اسان کير ۽ لسي ڏيڻ کان اِنڪار ڪيو هو. اُن کان پوءِ اسان جون مينهون گُم ٿي ويون. هِنن اُن درويش جو اڳ وني هِن کان هٿ ٻَڌي معافي ورتي ۽ بخشرايو. پوءِ هِن درويش هِنن کي چيو ته وڃي وڻاڻ صاف ڪريو ۽ ڪِلا هڻو شام جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ مينهيون موتي وٺاڻ ورنديون ۽ ايئن ئي ٿيو شام تي بارنهن مهينا اڳ ڳُم ٿيل مينهيون موٽي آيون. پوءِ اُنهن مينهن ۾ موجود پاڏا هِنن هِن درِيش کي خيرات طور ڏِنا، ۽ هِن اُهي پاڏا ڪُهي خيرات ڪري ڇڏيا. جيڪا روايت اڄ تائين جيئن جو تيئن موجود آهي. هر مهيني چنڊ جي پهرين آچر تي اُهي پاڏا ڪُسندا آهن. ۽ آس پاس جا غريب ماڻهو اچي کائيندا آهن. چوَن ٿا تہ پاڏن جي سير واري رت کي پلاسٽڪ جي ٿيلي ۾ ڪٺي رکندا آهن ۽ درگاهہ تي ايندڙ مريض جي مرض تي اُها رت هڻندا آهن تہ مرض نيڪ ٿي ويندو آهي (ٻُڌل ڳالهہ). ٻيو اِهو تہ پاڏن جي گوشت کي پاڻي ۾ اُٻاري ۽ باقي سڀ مصالا چانورن سان گڏي ديڳ ۾ وجهندا آهن. پٽ پاڻهي تيار ٿي ويندو آهي، ۽ اُهو پٽ وڏو ٿيستي هوندو آهي.

احمد راڄي جو تعارف ڪجهہ هيئن ٻُڌو آهي تہ: ڏهين صدي اڳ جو هيءَ درويش اصل ڪڇ جو هو. سندس والد ۽ پاءُ جون قبرون اڄ بہ ڪڇ ۾ موجود آهن. اُنهن لاءِ بہ چيو وڃي ٿو تہ ٻُزرگ ٿي گُذريا آهن. هي بزرگ احمد راڄو رازڪو ڪم ڪري پنهنجو گُذر سفر ڪندو هو.

ايئن ڪچهري ڪندا اچي زيرو پوائنٽ جي ويجهو پُهتاسين، سيني دوستن هِڪبئي کي چيو تہ ابا ڪنهن وٽ ڪا شئي تہ ناهي، اڳيان رينجرس جي چيڪ پوسٽ آهي، چيڪ ڪري پوءِ اڳتي وڃڻ ڏيندا.

زيرو پوائنٽ، سچ ۽ سمنڊ

چيڪ پوسٽ تي پُهتاسين رينجرس وارن گاڏي کي روڪيو. مونکان تعارف پُڇيئين اردوءَ ۾. مون جواب ڏِنو سنڌي ۾ پاڻ بہ سنڌي ۾ ڳالهائڻ لڳو. تعارف پُڇي پوءِ ڊرائيونگ لائسنس جو پُڇيئين. چيم آهي، پوءِ چيائين ’ڪارڊ سر وٽ جمع ڪري پوءِ اڳتي وڃو.‘ اسان پنهنجا شناختي ڪارڊ اڳيان ويٺل آفيسر وٽ جمع ڪرايا. توڪن وٺي هليا آياسين. گاڏي کي ڪِناري تہ بيهاري لهي پنڌ هلياسين. هو پريان سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو هو.

اي سمنڊ! منهنجي سنڌ جا توکي سلام!
چند گهڙيون آهيون اسين تنهنجا مهمان
هو پريان ڏِس سِج کي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهه لِڪڻ يا ٻُڏڻ تو گهري،
لاڙ جي پڇاڙ جا اي سمنڊ!
توهه ڪراچي جهڙي ڪشش ناهي هِتي
جو اچي ناريون پُسائين پير پنهنجا،
تنهنجي ڪپ تي گپ گارو
۽ ٻي ڪِڪَ مڇي جي هِن هوا ۾،
پوءِ بہ تون تو اسانکي ڏاڍو وڻي،
سئوڪلوميٽر سفر تولاءِ ڪيو ٿئون،
سِج جو ميلاپ توسان ٿا ڏِسون،
۽ وري واپس هليا ٿا وڃون.
بس اسين واپس هليا ٿا وڃون.
اي سمنڊ! منهنجي سنڌ جا توکي سلام!

هي سمنڊ ڪِنارو ڪراچي ڪِلفٽن يا منهوڙي وارو ناهي، ۽ نہ ئي گوادر، اورماڙه يا پسني جو آهي. هي سمنڊ ڪِنارو لاڙ پٽ جي پُٽ تي پيل علائقي گولاڙچي جي زيروپوائنٽ آهي، انهيءَ ڪري هِتي جي منظرڪشي سڀ کي ساريل آهي. بهرحال اسين اڳيان وڃي رهيا آهيون، پر پاڻي اسانکان پري پري آهي، هِتي جيڪي ٻيڙيون بيٺل آهن سڀ گپ چِڪ ۾ بيٺل آهن. اسان کي ڏِسي مهاڻن جا ٻارڙا ڇوڪرا اچي نِڪتا، اُنهن کان بہ حال احوال ورتاسين. پريان مهاڻن جون مايون ٿانوَ ڪپڙا ڌوئي رهيون هيون، جن ڇوڪرن کي پاڻ ڏانهن سڏڻ دوران جيڪي لفظ نِڀاوَر ڪيا هئائون اُهي هِتي لِکي نٿا سگهجن.

گُهمي ڦِري سِج کي سمنڊ ۾ لاهي اُن سان گڏ فوٽوگرافي ڪري پوءِ واپس ٿياسين ۽ سج ڏانهن اکيون اُماڻي آخري الوداعي لطيف جي لفظن ۾ پارت ڪندي موڪلايم:

آئُون نہ گَڏِي پرِيَن کي، سَهَسين سِجَ وِئا،
هَلَڻ وِيرَ هِئان، ديکي شالَ دَمُ ڏِيان!

هِتي صرف وڏي ۾ وڏي تفريح اِها آهي، سمنڊ ۾ سِج کي لهندو ڏِسڻ ۽ سمنڊ جي پاڻي تي سِج جا آخري ڪِرڻا پنهنجون حُسناڪيون پسائيندي،

لهرن تي رنگ رنگ تي ڪِرن تا ۽ اُنهن رنگ رنگ تي ڪِريل ڪِرڻن کي اسان پنهنجي ڪيمرائن جي اک ۾ قيد ڪري هميشہ لاءِ محفوظ بنائي ڇڏيو. سِج اسانکان موڪلائي اُلهي ويو ۽ اسان وري سمنڊ کان موڪلائي پنج ئي دوست واپس ورياسين.

پيو سِج لهي هاڻي هلون تا 'ساگر'
پريان پانهون پکيڙي سڏي پيو سمنڊ.

هاڻي هِتان کان اسان گولاڙچي تا وڃون. ڪجهہ پنڌ اڳتي ڪرڻ ڪانپوءِ رضا اسانکي سورج مُکي جا فصل ڏيکاريندو هلي ٿو ٻڌائي ٿو تہ: 'گولاڙچي جون زمينون تقريبن آباد آهن. هِتي پنجابين جي ڳوٺن چڪن جي اڪثريت آهي،' رستي ۾ هِڪڙي نئين اڏجندڙ مسجد ڏِٺيسين جنهن تي محنت ۽ ڪاريگري واهہ جي نظر اچي رهي هُئي. ممڪن آهي جڏهن بيهر هِن روڊ تان گُذر ٿئي تہ اِن مسجد وٽ بيهي فوٽوگرافي ڪبي. تقريبن ٽيهن ڪلوميٽرن جو فاصلو طئہ ڪري، اڌ مُنو ڪلاڪ گاڏي هلائڻ ڪانپوءِ گولاڙچي شهر پهتاسين.

گولاڙچي، رات رهياسين رضا وٽ

پهرين سجاوَل اسٽاپ ڏانهن وڃون تا. اياز امر چيو تہ مونکي گهر ضروري ڪم آهي، جيڪڏهن گاڏي سجاول جي مِلي وڃي تہ نِڪري وڃان. اسان جي روڪڻ جي باوجود بہ وڃڻ پيو چاهي، اتفاق سان ڪجهہ دير اسٽاپ تي بيهڻ ڪانپوءِ گاڏي جو ڪو بہ آسرو نہ هو. هاڻي آياسين رضا آڪاش جي اوتاري (آفيس). هٿ مُنهن ڌوئي فريش ٿي هيٺ لٿاسين ماني کائڻ لاءِ هوٽل تي وياسين. ڪجهہ پنڌ ڪري هوٽل تي پهتاسين. ماني کاڌي، ڪچهري بہ ڪئيسين اُتي بہ دوست مِليا رضا ٻڌايو تہ اِنهن جي پويان بہ پوليس آهي، جسقم جا ڪارڪن آهن.

ماني کائي موٽي آياسين. هاڻي وري بہ هلي مشاعري نما ڪچهري، ڇو تہ سيئي شاعر هئاسين. تنهن ڪري مشاعري جي نشست ٽيڻ اٽڪر هُئي، هِتي بہ شروعات اياز امر کان ٿي، سيني واري واري سان پنهنجي شاعري ٻڌائي، ڪجهہ دير ڪانپوءِ بہ ٻيا دوست عزيز سرواڻ ۽ مشتاق جمالي آيا.

مشتاق جمالي، مصطفيٰ جمالي جو ڀاڻيجو آهي. هِنن جي اچڻ سان ڪچهري جو موضوع ڀوڳ چرچا ٿي ويو. عزيز سرواڻ مختلف ڀوڳ، چرچا، ٽوٽڪا ٻُڌائي ڏاڍو کِلايو. اياز امر کي سجاوَل وڃڻ جي تڪڙ تنهن تان بہ عزيز سرواڻ خوب کِلايو. آئون ۽ واحد پارس بِنا پيتي، باقي سڀئي دوستن پيتي ڪچهري ڪئي. آخر ۾ اياز کي ڇڏڻ بہ عزيز سرواڻ ويو. ڇو جو هاڻي رات گهڻي گُذري چُڪي هئي. عزيز سرواڻ اياز امر کي سجاول ڇڏي پوءِ وري ايندو مشتاق جمالي کي ڪٽي وڃي بدين ڇڏيندو. هاڻي جيستائين عزيز سرواڻ موٽي اچي تيستائين اسان کي وري ڪچهري ڪرڻي آهي. ۽ ننڊ بہ نيڻن کي تڪي رهي آهي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ سنگت کان اجازت وٺندي، ’سنگت هاڻي اسانکي ڏيو اجازت تہ ننڊ جي هنج ۾ هليا وڃون. سڀجي ڏينهن جي سفر جو ٿڪ بہ آهي‘. ’اجازت آهي Good Night‘ ۽ هو پنهنجي مستي ۾ مست، آئون ۽ واحد پارس سُمهي پياسين.

صبح سُجاڳ ٿياسين. رضا جي بيٺڪ جو دروازو اُتر طرف کان هيٺ لهي ٿو ۽ دروازي تان بيهي منظر ڏِسجي ٿو تہ پريان ٻنيون، ساوَڪ وڻ ٽِڻ. رضا کي چيم يار صبح جيئن ئي نِنڊ مان سُجاڳ ٿين ۽ دروازي تي بيهي گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ اکين کي سامهون ساوَڪ پسائين تہ اکين کي الائي فائدو ٿيندو. ڇوَن ٿا ننڊ مان اُٿندي ڪجهہ وقت اکين کي ڀرين ڀرين ساوڪ ڏيکارجي. سائي ڇپر هجي، گُل ٻوٽا هجن يا وڏا وڻ هجن. پر اِهو تہ رڳو ٻهراڙي ۾ ئي ڪري سگهجي ٿو. باقي حيدرآباد يا ڪراچي جهڙي شهر ۾ تہ سچ، چنڊ ۽ تارا ڏِسڻ لاءِ بہ ماٺهو سِڪي وڃي ٿو.

هوٽل واري کي رضا فون ڪري چانهہ، بيضو ۽ پراٺن جو آرڊر ڪيو. ٿوري دير بعد ناشتو بہ اچي ويو. ناشتو گڏجي ڪيوسين. پوءِ اسان رضا کي چيو يار هاڻي اجازت وٺنداسين. وري حيدرآباد پهچڻو آهي. رضا هيٺ لهي گاڏي تائين آيو پاڪر پائي ڪائنس موڪلايوسين.

گولاڙچي کان ڪڙيو گهنور وارو روڊ ورتوسين. هِڪ تہ صبح جو پهر ٻيو تہ روڊ جي ٻنهي پاسن کان ٿوري ٿوري فاصلي تي سورج مُکي جو فصل جنهن ماحول کي خوبصورت بڻائي ڇڏيو هو. نيٺ هِڪ هنڌ گاڏي کي سائيڊ ڪري اسان سورج مکيءَ سان گڏ فوٽوگرافي ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهوڪي ۾ راهو سان ملاقات

راهوڪي پهتاسين واحد پارس چيو ’يار اجا پاڻ وٽ وقت آهي، هل تہ فاضل راهو جي مزار تان حاضري ڀري اچون‘. چيم ’هلو هي پاسي ۾ ئي آهي‘ گاڏي کي هيٺ لاهي آياسين مزار طرف روڊ کان ٿوري ئي پنڌ تي بلڪ روڊ جي پر ۾ چئجي تہ غلط نہ ٿيندو.

پنهنجي وقت جي هِن انقلابي اڳواڻ، مردِ مجاهد شهيد محمد فاضل راهو جي مزار ڏانهن ايندي بونڊري جي ٻنهي طرفن کان وڻ بيٺل آهن. مزار کي مٿان کان لوهي جهنگلو ڦريل آهي ۽ مزار هيٺ زيرِ زمين آهي، هن وقت ڇت کُليل هُئي، تنهن ڪري اسين هيٺ سيڙهي تان لهي قبر تي چار ڪُل پڙهي کيس بخش ڪيا، دُعا گهرڻ وقت لطيف سرڪار جو هي شعر الاءِ ڇو مونکي ياد اچي ويو.

جا پونءَ پيرين مون، سا پونءُ مٿي سڄڻين،
ڏُکَ لَتبيَ ڏوڙ ۾، اُيي ڏِناسون.
ڏينهن مڙئي ڏون، اُتي لوچ لطيف چئي.

وري بہ ساڳي سيڙهيءَ تان مٿي چڙهي ٻاهر آياسين. (تفصيل پهرين ياڱي جي سفر ’موٽندي ڏٺيسين مڪلي‘ ۾ لِکي آيو آهيان). هاڻي اسانکي ڪڙيو گهنور ۾ مقبول حفي بُخاري سان مِلڻو هو.

مِلياسين مقبول ’حفي‘ بخاري سان

گهنور جي ڪڙيي کي ويجهو پُهتاسين، فون ڪڻي مقبول جو نمبر ڊائل ڪيم، فون تي سلام دُعا کان پوءِ چيومانس، ’بس ڪجهہ ئي پَلن ۾ پاڻ مهمان آهيون مقبول جا.‘ ’چيائين شوروم تي ويٺو آهيان، هِليا اچو حُب مان‘ شوروم جي پُڇا ڪري پُهتاسين، ساڻس مِلياسين، چيائين هلو پريس ڪلب تي ٿا وِهون. پريس ڪلب جو ڪمرو ميونسپل جي آفيس ۾ هو پريس ڪلب جيئن ٻهراڙين جا هوندا آهن، ايئن ڪُرسين ٽيبلن تي لٽ مِٽي جميل، چوڪري کي سڏ ڪري چيائين ڪُرسين کي ڪپڙو هڻي، پوءِ سُني چانهين نهرائي اچ، اسان ڪجهہ ڪچهري ڪئي، هِتي بہ ٽيئي شاعر ۽ ٽنهي جو عبرت مئگزين سان واسطو هو واحد پارس سب ايڊيٽر ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقبول ’حفي‘ بخاري ۽ ’مورساگر‘ لِکندڙ تنهن کري ’عبرت مئگزين‘ جي باري ۾ ڪچهري ۽ شاعري تي بہ خيال آرائي جڙ ڪچهري جو حِصو هُئي. چانهہ بہ پيتي، گڏ گروپ فوٽو ۽ سيلفي بہ ڪيڍي. آياسين ٻاهر شهر، مين روڊ تي، مقبول کان موڪلايوسين.

واپسي

ڪڙيي کان نِڪري متارو مَٽي، حيدر جي ٽنڊي کان شاهہ واهہ، مِل انصاري مَٽي پهتاسين اچي ٻئي ماتلي. ظهير ڪالوني ۾ آياسين، ادا منظور اڳ ۾ ئي تيار بيٺو هو پنهنجي گاڏي ادا منظور جي گهر ڇڏي، ٽيستائين ادا منظور چانهہ تياري ڪرائي ورتي، چانهہ پيئندي واحد پارس پُڇيو: ’هي نئين ڪالوني آباد ٿي آهي‘ چيم: ها، ’پُڇيائين پوءِ سهولتون وغيره مِليل آهن، يا نہ؟‘ چيم: ’اِها ڳالهہ نہ پُڇ، جڏهن پلاٽ پي ورتاسين تڏهن بلڊر چيو سيوريج سِسٽم، پڪا روڊ ۽ گليون، بجلي ۽ پاڻيءَ سڀ سهولتون ڏِنيون ويندون، جنهن مان پهرين اِهي روڊ ۽ گليون ٺاهيون ويون جنهن ۾ صرف هِڪڙي ليئر پٿرن جي ڏِني، باقي اُتي ئي رهيا، سيوريج لاءِ پنج اَٺ گُنديون هِڪڙي پلاٽ ۾ لاٿائون، ايئن ماڻهن ڏِنو واقعي ڪم ٿيئي پيو، پلاٽ هِن جا وِڪجي ويا، پوءِ همراه اُهي لاٿل گُنديون بہ واپس ڪٽائي ويا، نہ بجلي نہ پاڻيءَ، پيو تہ نهيو پر پلاٽن جا جڏهن ڪاغذ مِليا تہ اُهي بہ فوٽن بجاءِ گُهنٽن ۾ ڏِنا ويا، ماڻهن اُهي واپس ڪيا، چيائون تہ اسان زرعي زمين نہ پر پلاٽ ورتا آهن، اسان کي گُهنٽن بجاءِ فُوٽن ۾ ڏِنا وڃن. پوءِ الاءِ ڪنهن کي مِليا بہ يا نہ اسانکي تہ اڃان فوٽن ۾ ٿي نہ مِليا آهن، گهڻو ئي چيو اٿئون، پر چوَن ٿا، ٿي ويندا صبر ڪريو. ساگر! ’اِها تہ ٺڳي ٿي‘ ها يار بِلڪل اِهي پار ٺڳن جا ئي آهن.

وِشواس رهيو ناهي،
ماڻهو ٿي ويا پٿر، احساس رهيو ناهي.

پوءِ اسان ٿيئي ادا منظور جي گاڏي ۾ ويٺاسين، حيدرآباد لاءِ روانا ٿياسين. ڪلاڪ جي سفر کانپوءِ حيدرآباد پهتاسين، ٻاڪر پائي موڪلايوسين. اسان پنهنجي ڪم سان لڳاسين، واحد پارس پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي سفر ۾ همسفر هئا:

واحد پارس هيسباڻي: واحد پارس جو تعلق لاڙڪاڻي جي ڳوٺ گُل محمد هسيباڻي ’موهن دڙي‘ جي پرسان آهي. گهڻي وقت کان وٽي حيدرآباد ۾ مختلف اخبارن ۾ رهندي آخر ۾ عبرت گروپ آف پبليڪيشن جوائن ڪيائين. عبرت مئگزين ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور ڪم ڪندو رهيو ڪجهه وقت منهنجو روم پارٽنر بہ رهيو اُن دوران سنڌي ادب ۾ ايم اي ڪيائين ۽ ڪميشن جو امتحان ڏئي سنڌ يونيورسٽي ۾ ملازمت حاصل ڪيائين. پوءِ پنهنجا ٻارڙا بہ حيدرآباد وٺي آيو. هاڻي حيدرآباد جوئي ٿي رهجي ويو آهي. واحد پارس سُٺو دوست بہ آهي، صحافي ۽ شاعر پُڻ آهي، ڪرنٽ اِشو تي ڪالم بہ لِکي ٿو عبرت اخبار ۾ هفتيوار ادبي صفحو پُڻ هلائي رهيو آهي.

اياز امر شيخ: اياز امر شيخ جو سجاول جي ڳوٺ گاهي خان شيخ سان تعلق آهي، هي انتهائي خوبصورت شاعر ۽ ذهين نوجوان آهي، ساڻس منهنجو تعارف سرواڻ سنڌي، زرعي يونيورسٽي ۾ ڪرايو هو ۽ هِن جي ئي ڪارڊ ذريعي آئون زرعي يونيورسٽي جي هاسٽل ۾ داخل ٿيو هئس. اياز امر جي شاعر جا ڪيترائي ڪِتاب ڇپيل آهن. حسنِ اتفاق سان سيئي ڪِتابن منهنجي هٿن مان ٿي، پرنٽ ٿيا آهن. اياز امر دوستي جي لحاظ کان هِڪڙو بهترين دوست ثابت ٿيو آهي.

آزاد امير حسن پنهور: کورواهہ سان تعلق رکندڙ آزاد امير حسن پنهور قومپرستن ۾ هڪ ڪميٽيڊ قومپرست جي حيثيت ۾ سامهون آيو آهي، هي ڏرتي سان بيحد پيار ڪندڙ نوجوان آهي، سندس هِن وقت جيئي سنڌ آريسر گروپ سان تعلق آهي، پاڻ مرڪزي عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي، اِن سان گڏ هي هِڪ سٺو شاعر پُڻ آهي، هِن دوست سان نواز ڪٽي ليف آفيس ۾ تعارف ڪرايو هو. هاڻي سُٺو دوست آهي.

رضا آڪاش خاناڻي: رضا آڪاش خاناڻي جو تعلق گولاڙچي جي ڳوٺ خاناڻي جت سان آهي. هن کي پهريون ڀيرو عبرت مئگزين ۾ احساس لکندي پڙهيو هو ۽ پوءِ ماڪن شاهہ جي پروگرام سُرهي سُرهي سوچ ۾ هن جي سوچ ڪنين پيئي هُئي، ڪڏهن ۽ ڪِٿي ملاقات ٿي ياد ناهي، پر پاڻ هن وقت سُٺو دوست، سُٺو شاعر ۽ بي باڪ صحافي طور روزاني ڪاوش گولاڙچي نمائندي طور پنهنجون ذميواريون نڀائي رهيو آهي.

مور ساگر: ’ڪي جاڻا مين ڪوڻ بُليا‘

[3، 4، مارچ 2016ع]

پنج شاعر، پنج دوست، سمنڊ ڪِناري شام جو منظر (زيرو پوائنٽ)
واحد پارس هيسباڻي، مور ساگر، رضا آڪاش خاناڻي، اياز امر شيخ، آزاد امير حسن

ڊاڪٽر علم الدين انصاري جي رهائش گاهه تي، (ايگرووِل ڪالوني) بدين
ڊاڪٽر علم الدين، نواز شاهه ٻاڏائي، آزاد امير حسن، اياز امر شيخ، واحد پارس ۽ ٻين سان گڏ

واحد پارس سان گڏ سمنڊ ڪِناري

واحد پارس ۽ ذوالفقار خاصخيلي ڳوٺ ڇَتو جوٽيجو

اياز امر، واحد پارس، آزاد امير سان گڏ سمنڊ ڪِناري

اياز امر شيخ سان گڏ هلندي محوِ گُفتگو

راهوڪي جي راهه، جاني جي جوءِ

ملاحن جي پارن سان گڏ زيرو پوائنٽ

ڪڙيو گهنور پريس ڪلب تي
پياري دوست، صحافي ۽ شاعر مقبول حفي سان گڏ

شهيد فاضل راهو جي مزار جي جالي وٽ (راهوڪي)

بدين تان پيرو

روانگي

مَچُڻ وَرَا! وِساريين، صَبُرُ نہ سارِيان،
توکي نِهاريان، آءُ مُهِجا سُپِرِين!

اج 7 جولاءِ 2017ع، جمع جي ڏينهن، وڏي وقفي کانپوءِ وري بہ سفر تي سنبرياسين. ساڳيان مسافر ساڳيا سفر، پر ماڳ نوان نوان.

سائين شيخ عبدالله ڪوهستاني وارن جي خواهش هئي تہ بدين ضلعي جو سَير ڪرايو. اُنهن کي گُهمڻ جي دعوت ڏِني هئي، اج آيا آهن. شيخ عبدالله ڪوهستاني، مصطفيٰ ميمڻ، سرور خاصخيلي، شيخ عبدالله جا بہ پُٽ عادل ۽ عباس، لطيف آباد مان مزمل صديقي کي کنيو آيا ماتلي.

سائين عبدالجبار نظاماڻي وَٽ ناشتو رکيل هو آئون، ادا منظور، سجاد، شعيب ۽ نعمان بہ آياسين سائين عبدالجبار نظاماڻي جي گهر، مٿين منزل تي چڙهياسين، ناشتو اچي، تيستائين سائين شيخ عبدالله ڪوهستاني وارن مونسان فاتح بہ پڙهي ماسي (منهنجي سس) جي وفات تي.

ناشتو سڀني گڏجي ڪيو ڪِل پوڳ بہ هلندو رهيو تہ ڪم وارين ڳالهيون بہ ٿينديون رهيون، تيستائين چانهہ بہ آئي، چانهہ پيئڻ دوران پروگرام جو شيڊول بہ طئي ڪري ورتو. ماتلي باءِ پاس الحفيظ پيٽرول پمپ تان پيٽرول ڀرائي، سڀني سفر جي دُعا پڙهي ۽ پوءِ روانا ٿياسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملهڻ نظاماڻي جي سڄاڻپ ممتاز نظاماڻي

ٽنڊو غلام علي باءِ پاس ڪان روانگي، گُلاب لغاري. آگهاماڻي ڏانهن ماتلي کي ڇڏي اڳتي جيئڻ ئي روانا ٿياسين. رستي ۾ پهرين ملهڻ نظاماڻي اسٽاپ آيو. هن شهر/ڳوٺ جي هِڪڙي سُڃاڻپ ممتاز نظاماڻي بہ آهي، جنهن شهيد عوام فاضل راهو جي پهرين ورسي تي ملهڻ ڪان راهوڪي پنڌ قافلو ڪاهي پُهتي هُئي.

ٿَڪيائِي ٿَرَ ٿيل، چَڙهہ چُڪيائي چوٽين،
هَلندي هوت پُنهونءَ ڏي، پِوُ مِڙيئي پيل،
اُٿي رائو رِيل، ويٺن، تان وارِي وَري.

شاهہ جو اِهو بيت رسول بخش پليجي ڪان وٺي سندس هر پارٽيءَ ڪارڪُن کي ياد آهي، ۽ هر اسٽيج تي ضرور پڙهندا آهن.

رسول بخش پليجو جي عوامي تحريڪ جو ماتلي ۾ هي ملهڻ مرڪز سمجهيو ويندو هو. انهيءَ ملهڻ مرڪز جي اڳواڻي ممتاز نظاماڻي ڪندي هئي. سائين عبدالجبار نظاماڻي اسانکي معلومات ڏيندو رهيو. اسان ڪائنس سوال بہ ڪندا هلياسين.

ڳوٺ نبي بخش ڪمبوہ ڏِٺوسين

هلندي سفر ۾ پهريون بريڪ، اولهہ اُتر طرف اسانجون گاڏيون هيٺ روڊ ڪان لهي بونڊري وٺي سِڌو آياسين ’جامعيہ فاروقيہ مدرسي‘ هي مدرسو ڳوٺ نبي بخش ڪمبوہ ۾ آهي، هي ڳوٺ ڪمبوہ پنجابين جو آهي، پڪا گهر اڏيل آهن. هِن ڳوٺ جي سُڃاڻپ، هِتي قائم ’جاميعہ فاروقيہ مدرسو‘ مشهور آهي،‘ اسان جڏهن اچڙي ٿر ڏانهن اُسيا هئاسين تڏهن هِن ڳوٺ جي هِن مدرسي ۾ پير پاتا هئاسين، پر هِن پيري ڪوهستاني دوستن کي گُهمائڻ لاءِ اسان ٻيهر ڳوٺ نبي بخش ڪمبوہ ۾ آيا آهيون، انتهائي بهترين ۽ تمام وڏو مدرسو، مدرسي اندر سهڻي ٺهيل مسجد، سامهون ٺهيل خوبصورت پارڪ، پارڪ جي هِڪڙي پاسي ڪان رکيل پڃرن ۾ ڪجهہ پکي، ۽ جانور ساهہ، هرڻ وغيره بہ رکيل آهن.

اسان اِهو گُهمي ئي رهيا هئاسين تہ هِڪڙو شاگر آيو جنهن اسان کي چيو تہ: ’اچو اوهان کي سائين اندر گُهرايو آهي،‘ اسان سيني چيو تہ اسان

شايد ٻنا اجازت وٺڻ جي مدرسو گهمي رهيا آهيون. تنهن ڪري، مدرسي جي مهتمم کي ناراضگي ٿي پئي آهي، تنهن ڪري گهرايو اٿس. ۽ واقعي به ايئن ئي هو پر جڏهن اندر سلام ورائي آياسين ته قاري عبدالمجيد ويٺل هو جيڪو سائين عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي جو واسطي وارو هو. پوءِ قاري عبدالمجيد پنهنجي ڳالهه ته ڪري ويو پر انداز بدلائي، ڪچهري به ڪئي، چانهه به پياريائين.

رستي ۾ مدرسن تي ۽ پوءِ اسلامي حڪومت قائم ٿيڻ ڪانپوءِ ڇا ٿيندو، بحث. مولانا فضل الرحمان وزيراعظم ٿيو ته ڇا ٿيندو؟ هِن جي شخصيت تي اسان جا ڪڙا سوال ۽ سائين عبدالجبار 'قاسم' جا جواب. ايئن پنڌ کي ڪُٺائيندا رهياسين. ٽنڊو غلام علي کي ڪِراس ڪري اڳتي روانا ٿيون ٿا. ٽنڊو غلام علي واپسي جي پروگرام ۾ آهي.

گُلاب لغاري جي دوستن جي ياد ۾ ڪين سلام

گُلاب لغاري ۾ پهتاسين. ته عبدالخالق لغاري وڪيل ياد آيو. جنهن جڏهن وڪالت پي پڙهي ته اسان سان گڏ روم ميٽ هو. رپ شهر جو دوست عابد ٿيبو اُن به وڪالت پي پڙهي اسان ٽيئي ڪڏهن ڪڏهن رات جي وقت حيدرآباد جي ٿڌڙين هوائن ۾ واڪ ڪندين وڃي پارڪن تائين پهچندا هئاسين. ياد جي دري بند ڪري ڪيس فون ڪئي مانس پر ٻُڌايائين ته حيدرآباد آهيان. شادي لطيف آباد مان ڪئي اٿس. هاڻي ڪنهن وقت گُلاب لغاري ته ڪنهن وقت لطيف آباد. ٻيا اسان جا دوست مولوي رفيق احمد لغاري ۽ مولوي خليل لغاري. اُنهن کي به دِل سان ياد ڪيوسين. هِڪڙو ٻيو ڪامريڊ دوست ڪريم لغاري پُڻ هِتان جو آهي. اُنهن سڀني دوستن کي مولوي احمد ملاح جي شعر سان سلام:

دِلاسا دوست مِل ڏيسي، مرض مُنهن ڏيک لهه ويسي،
پَري ٿيا پنڌ پرديسي، سفر ڪے پُر ظفر فردا.

گُلاب لغاري مان بس پاڻي جون بوتلون ورتيوسين. ڪارا چمون ورتاسين جيڪي سڀني ۾ هِڪجيترا ورهائي ڪنياسين. سڀني گُلاب لغاري جا چمون به کاڌا. پاڻي به پيتوءِ سفر اڳيان آگهاماڻي ڏانهن.

آگھاماڻي جو سَير

اسين هاڻي پنهنجي اصل منزل تي پهتاسين. هي شهرِ خموشان پنهنجي تاريخ سيني ۾ سانڍي خاموشيءَ جي جهان ۾ سڪون سان سُتو پيو آهي. جيئن ئي اسان چؤطرف نظر ڦيرائي ته اسانکي مڪلي جي آثارن وانگر هِتي جا آثار نظر آيا. مڪلي ته خير دُنيا جو وڏي ۾ وڏو قبرستان چيو وڃي ٿو پر هي به شايد ٻي نمبر تي هُجي. جيئن ئي اسان مٿي چڙهياسين ته ساڄي هٿ تي اُن وقت جي مسجد جيڪا هاڻي ٻنا چِٽ جي صرف اڌوريون ڀِتيون جيڪي سنهي سِرن سان ٺهيل آهن نظر آيون. ٿورو ئي اڳتي آياسين ته اسانکي اسان وارا ٻئي يار جِن کي ٿوري دير پهرين گُلاب لغاري شهر ۾ ياد ڪيو هيم. مولوي رفيق احمد لغاري ۽ مولوي خليل احمد لغاري مِلي ويا. اُنهن جي واپسي هئي تنهن ڪري ڪُجهه گهڙيون بيٺي بيٺي ڪچهري ڪئيسين. اسانکي منجهند جي ماني، چانهه پاڻي جي صلاح ڏِل سان ڪيائون. پر اسان پنهنجي شيڊول مُطابق اُن ۾ ڦيرگهير ڪنداسين ته گُهمڻ وارو ٽارگيٽ پورو نه ڪري سگهنداسين. تنهن ڪري وري ٻي ڀيري ڪڏهن اچڻ ۽ کين خدمت جو موقعو ڏيڻ جو واعدو ڪيوسين. ڪانئن هِن اگهاماڻي بابت پڇيوسين.

’مولوي خليل هِڪڙي اڏيل قبي طرف آڱر جي اِشاري سان ٻُڌائيندي چيو ته: ’اِهو جيڪو قبو نظر پيو اچي ان ۾ مدواڻي دفن ٿيل آهي، جنهن کي انگريزن انعام ۾ زمين ڏيڻ جي آڇ ڪئي، هِن چيو زمين (ڪڙن) کي ڪيڏانهن ڪندس، مونتي مقبرو ٺهرائجو هاڻي پاڻ مقبري ۾ سُتو پيو آهي، سندس پونئر ڪيس ڳاريون ڏيئي رهيا آهن.‘

ڊاڪٽر اسد جمال پلي (تاريخ جو ڄاڻون) مٿين ڳالهه کي رد ڪندي چوَي ٿو ته: ’نصير خان مدواڻي حيدرآباد جي ميرن جو جرنيل هو. مقبرو سندس پونئيرن ٺهرايو آهي، هِن ۾ ٻيون به تربتون آهن.‘

اسان اگهاماڻي جي آثارن جا فوٽو به ڪيڏندا رهياسين ۽ گُهمندا، ڏِسند، پڙهندا به رهياسين. هِتي اسانکي ڪيترائي مقبره نظر اچن ٿا.

مخدوم محمد اسماعيل جو مقبرو: مزار تي قُل پڙهياسين. مون قبر تي لڳل ڪُتبي جو فوٽو ورتو جنهن ۾ لِکيل آهي: ’وڏو عالم، عارف، عابد قبله سائين حضرت مخدوم محمد اسماعيل سومرو رحمت الله عليه. تاريخ وفات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

14 ماهہ ذوالحج 994ھ.' ٻاهر نِڪتاسين تہ ڏٺم، هِن مقبري جي هِڪڙي ديوار تي ڪارن ۽ وڏن اکرن سان هي عبارت لِکيل آهي: 'درگاهہ حضرت مخدوم محمد اسماعيل، شهنشاهہ اولياءَ اگهم ڪوٽ اگهاماڻو. (ضروري هدايتون ❊درگاهہ کان ٻاهر نِڪرڻ وقت دروازو بند ڪندا. ❊ درگاهہ جي اندر يا ٻاهر ڪنهن قسم جا اکر لکڻ سخت منع آهي. ❊ هِن پُراڻي شهر جي اندر قديم آثارن جي کوٽائي ڪرڻ يا ڪا شئي کڻي وڃڻ سخت منع آهي. ٻاران: سجاده نشين درگاهہ، مخدوم ميان غلام رسول قريشي، مخدوم ميان غلام عباس قريشي). انهيءَ مقبري جي پاسي ۾ ڪجهہ ٻيا بہ مقبره آهن.

مخدوم محمد حامد: هِن جي ڪُتبي تي لکيل آهي؛ 'مرحوم مغفور سائين حضرت مخدوم محمد حامد رحمتہ الله عليہ (اگهم ڪوٽي – اگهمي) بِن مخدوم محمد اسماعيل رح جو وڏو فرزند.' انهيءَ جي ئي پاسي ۾ ڏِٺوسين.

محمد يحيٰ: هِن جي ڪُتبي تي بہ اِهو ئي لکيل هو: 'مرحوم مغفور قبلہ سائين حضرت مخدوم محمد يحيٰ رحمتہ الله عليہ بِن مخدوم محمد اسماعيل رح جن جو ٻيو فرزند. پاسي ۾ هِڪ ٻي قبر جو ڪُتبو پڙهيو.

مخدوم محمد قاسم: هِن جو ڪُتبو لِکيل هو تہ: 'مرحوم و مغفور قبلہ سائين حضرت مخدوم محمد قاسم رحمتہ الله عليہ، بِن مخدوم محمد حامد رح بِن مخدوم محمد اسماعيل رح، جن جو پوٽو.

مقبرن جي ٻاهران خليفن جون قبرون پُڻ نظر اچن ٿيون. هِتي پاسي ۾ هِڪڙي مسجد پُڻ قائم آهي، **سيد گل شاهہ بُخاري مست، سُرخ سيد ابن شاهہ، سُرخ سيد بچل شاهہ بخاري** هِنن سيني جون مزارو ن گڏ آهن. اوڀر طرف **شاهہ محمد قريشي** ۽ اولهہ اُتر ۾ **حسين شاهہ جي درگاهہ** پُڻ آهي، **سعيد خان لغاري ۽ پير حسين شاهہ** جا مقبره بہ هِڪٻئي جي ويجهو آهن.

بي بي پاڪ ماهم: ٿورو اڳيان هلون ٿا هِڪڙي سِرن جي بونڊري ٺهيل آهي، اُن تہ ڪارو بورڊ لڳل آهي، جنهن تي وڏن اچن اکرن سان لِکيل آهي: 'درگاهہ بي بي پاڪ ماهم اِمام بارگاهہ معصوم علي اصغر، درگاهہ سُرخ سيد ابن شاهہ بُخاري، گادي نشين سيد جمن شاهہ بُخاري.' اڳيان هِن جو گيٽ مسجد نما ٺهيل آهي، گُبنذ بہ آهي پاسن کان نيلون بہ لڳل آهن، بہ ٽي سيڙهيون، چڙهي هن مسجد نما ٺهيل گيٽ تائين اچون ٿا، هڪ طرف بي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي پاڪ ماهم جو مقبرو آهي، هِن اندر چوَن ٿا تہ صرف عورتون وڃي سگهن ٿيون، مردن جو اندر وڃڻ منع آهي. ۽ وري پاسي ۾ بي درگاهہ تي وڃون ٿا.

اسان سان گڏ مزمل صديقي آهي، جنهن وٽ ڪئينن جي بهترين ڪيمره آهي، فوٽوگرافي جو هِن کي وڏو شوق آهي. هِن شايد بي بي پاڪ ماهم جي مزار ۾ مردن جو وڃڻ منع وارو بورڊ نہ پڙهيو. تنهن ڪري هي اندران ٿي آيو ۽ ڪُتبي جو فوٽو بہ ڪڍي آيو جيڪو مونکي پڙهايائين: 'مٿان گولائي ۾ ٻاڙهن اکرن سان ڪلمو پاڪ لکيل آهي، هيٺ ساوَن اکرن ۾ پنج تن پاڪ جا نالا لِکيل آهن، اُن کان هيٺ ڪارن اکرن ۾ لکيل آهي، تاريخ فوت بي بي ماهم (عزه شعبان روز دوشنبہ بوقت نماز ظهر 170 سن) اُن کان هيٺ سنڌي ۾ لکيل آهي، تاريخ فوت بي بي ماهم، پهرين شعبان ڏينهن سومر بوقت نماز ظهر سن 170هہ.

هِتان کان نِڪري ٻي طرف اچون ٿا، پري کان وڏو مقبرو نظر اچي ٿو رنگ روپ نئون ٿيل آهي، تنهن ڪري وٽندڙ لڳي رهيو آهي، سيني چيو هَلو ڏِسون اِهو مقبرو ڪنهن جو آهي. آياسين مقبري ڏانهن وڃڻ واري 'واٽ' بہ بهترين ٺهيل آهي، پاسن کان گوڏي جيڏا ٻَنا، ۽ فرش تي وِڇايل سِرون.

شاهہ عبدالمجيد: پاڪ پٽڻ واري جو مقبرو بہ آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هِتي محمد اسماعيل سان مِلڻ لاءِ آيو هو ۽ پوءِ هِتي ئي رهجي ويو.

اگهاماٽي جي باري ۾ ڊاڪٽر عابد لغاري جي ڪِتاب 'سنڌ تاريخ ۽ ثقافت' ۾ مون ڪجهہ هيئن پڙهيو آهي: 'چچ جي دؤرِ حڪومت وقت هِتي لوهاٽو حڪومت ڪندو هو. هِتان ساڱرو واهہ وهندو هو. جنهن ڪري هي علائقو سرسبز هوندو هو. چچ اگهم لوهاٽي تي ڪاهي آيو ۽ ڪيترو ئي وقت ڪوٽ کي گهيرو ڪيو وينو هو پر فتحياب ٿي نہ سگهيو. انهيءَ دوران اگهم وفات ڪري ويو. سندن پُٽ برهمڻ آباد هليو ويو ۽ پُٺيان ماڻهن ڪوٽ جا دروازا کولي ڇڏيا جن ۾ لوهاٽا، جٽ ۽ سمان شامل هئا. اگهم ڪوٽ ٻُڌ ڌرم وارن جو هو ۽ ٻُڌ هِتي رهندا هئا. اسلامي دؤر ۾ اگهم ڪوٽ تعليم جو وڏو مرڪز ليکِيو ويندو هو. هِڪ روايت آهي تہ: مدد خان پٺاڻ اگهم ڪوٽ کي تباهہ ڪري ڇڏيو ٻي روايت آهي تہ ، باهہ لڳڻ سبب سڙي ختم ٿيو.

هي غلام علي جو ٽنڊو آهي – ٽنڊو غلام علي

واپسي ۾ اسانجو غلام علي جي ٽنڊي ۾ بريڪ آهي. هي اُهو شهر آهي جيڪو سڄو شهر غلام علي جي مِلڪيت آهي. هِن شهر ۾ گهر توڙي دُڪان سڀئي مسواڙ تي آهن. ڪنهن بہ ماڻهو جي پنهنجي ڪا بہ ملڪيت ناهي. (ايئن ٻُڌو آهي). ٽنڊو غلام علي شهر ۾ پُهچي محمد جوڻيجو کي فون ڪئي، سائين عبدالجبار فون تي چيو هو تہ اسان مير بنده علي جو بنگلو گهُمنداسين، مير بابو هُجي تہ اُن کي بہ اطلاع ڪري ڇڏج. اُن سان بہ مُلاقات ٿي ويندي.

محمد جوڻيجو ٻُڌايو تہ: ’اوهان ٻاهر مين گيٽ تي اچو آئون اُتي ئي بيٺو آهيان.‘ بنگلي جي مين گيٽ تي پُهتاسين. ملازم دروازو کوليو ٻئي گاڏيون اندر ڪٽي بنگلي جي اڳيان اچي بيهاريونسين. محمد جوڻيجو ۽ ٻيا بنگلي تي موجود ملازم مِليا. بنگلو گهُمائڻ کان پهرين بنگلي اندر بنگلي جي سائيڊ کان بيٺڪ آهي. اُتي ڪُرسين تي ويٺاسين اسانکي پهرين ٿڌو پاڻي پوءِ چانهہ سان گڏ بسڪيٽ بہ ڏِنا ويا. چانهہ پيئڻ دوران محمد جوڻيجي ٻُڌايو تہ: ’مير بابو کي مون ٻُڌايو هو. هُن اوهانجو انتظار بہ ڪيو پر اوهان دير ڪئي، هو ڪراچي نِڪري ويو. بنگلي گُهمڻ لاءِ اسانکي اسانجو ميزبان محمد صديق وٺي هليو.‘

مير بند علي جو پُراڻو بنگلو: هي بنگلو مير بنده علي خان ٽالپر پنهنجي دؤر 1932ع ۾ جوڙائي راس ڪيو. هن بنگلي ۾ اُن دؤر جو فرنيچر ساڳئي حالت ۾ موجود آهي. ورانڊي جي وچ تي ڪاٺ جي سيڙهي جيڪا گولائين واري شڪل ۾ اسانکي مٿي ٻي منزل تي وٺي هلي، مٿي بہ مير صاحب جي استعمال جون گهڻيون شيون اجا تائين موجود آهن.

مير بابو جو نئون بنگلو: مير بنده علي جو بنگلو گُهمي ڏِسي هاڻي اسان مير بابو جو نئون جوڙايل بنگلو ڏِسڻ هلياسين. پر اسانکي هِن ۾ ڪنهن بہ قِسم جي ڪا ڪشش ڪرڻ لاءِ يا پُرڪشش شئي نظر نہ آئي، نہ تعميرِ فن ۽ نہ ئي ڪي ناياب شيون. بس هِڪڙي بيٺڪ اوطاق وانگر لڳو. هنن ٻنهي بنگلن جي پريان ٻُڌايائون تہ ڪوٽ اندر ڪيئي ناياب جانور آهن. اُنهن کي ڏِسڻ جو موقعو نہ مِليو. ميزبان محمد جوڻيجو ۽ بنگلي تي موجود سڀني ساٿين کان ڪِلي موڪلايوسين. رُخ رکيوسين ٺرڙيءَ جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نري نظاماڻي - ڳوناٽو شهر

ٽنڊو غلام علي ماتلي روڊ کان ڏکڻ طرف گاڏيون هيٺ لٿيون. تقريبن ٽي ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي نري نظاماڻي ۾ ڳوٺ يا ڳوناٽو شهر چئون. پُهتاسين. اندر هِڪڙو سِڌو رستو وڃي ٿو هِڪڙو اُتر طرف نِڪري ٿو اُتر طرف وارو رستو وٺي سِڌو جامع مسجد ۽ مدرسي جي اڳيان بريڪ ڪيوسين. جامع مسجد ۾ نماز بہ پڙهيسين. سائين عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي ٻُڌايو تہ: ’هي مسجد 1953ع ۾ رئيس حاجي جان محمد ’جاني‘ نظاماڻي ٺهرائي هُئي. جنهن جي قبر بہ مسجد جي ڏکڻ ۾ اولهندي ڪُنڊ وٽان ٻاهرين پاسي موجود آهي. مسجد جي ڇت تمام مٽي ۽ بهترين نموني جي گُلڪاري سان سينگاريل آهي. ديوارون ۽ اڏاوت شاندار نموني جي آهي. اِهو ئي سبب آهي جو اڃا تائين مسجد بِلڪل سهڻي نظر ايندڙ آهي.

عبدالله شاهہ غازي بہ ٻہ آهن؟!

نري نظاماڻي کان ٻاهر نِڪري جڏهن شاهہ ديواني جي درگاهہ طرف وياسين تہ اسان کي ڏکڻ طرف ويندڙ لنڪ روڊ ونٽو پيو. ٿورو اڳتي وياسين تہ هِڪڙي ننڍڙي مسجد ۽ ننڍي درگاهہ نظر آئي. اُتي بيٺل چاچي ڳوناٽي کان پُڇيوسين تہ هي درگاهہ ڪنهن جي آهي؟ چيائين: ’عبدالله شاهہ غازي جي درگاهہ آهي‘. مون يڪدم چيو: ’عبدالله شاهہ غازي بہ ٻہ آهن ڇا!. هِڪڙو ڪراچي ۾ ۽ ٻيو هِتي. ’ها بِلڪل عبدالله شاهہ ٽي بہ ٽي سگهن ٿا‘ سائين وراڻيو. پوءِ مون چيو ’چار پنج بہ ٿي سگهن ٿا. مطلب عبدالله شاهہ مرحوم سابق وزيراعليٰ سنڌ. عبدالله شاهہ نمائي (اسان جو دوست). عبدالله شاهہ اصحابي (بزرگ مڪلي). عبدالله شاهہ غازي (ڪلفٽن ڪراچي) ۽ هي عبدالله شاهہ غازي (نري ماتلي). مطلب تہ ڳالهہ عبدالله شاهہ جي نالي جي ناهي. ڳالهہ اِها آهي تہ هو بہ عبدالله شاهہ ولي الله مشهور بزرگ. ۽ هي بہ عبدالله شاهہ غازي. مقبرو هِن تي بہ اڏيل آهي. مشهور آهي الائي نہ. ’منهنجي ذهن ۾ يڪدم ماضي اُهو بہ 2006ع تري آيو جڏهن اسلام آباد گهمڻ ويا هئاسين اُتي بري امام شاهہ عبداللطيف جي مزار ڏِٺيسين. ديوارن تي شعر بہ لکيا پيا آهن. (تفصيل لاءِ منهنجو سفر نامو ”حيدرآباد کان هنزه تائين“ پڙهي ڏِسجو.‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه ديوانو اسان هلي سا، جا جيءَ مِنٿو نه ڪري

عبدالله شاهه غازي جي درگاهه کان ٻه ڪلوميٽر ڏکڻ طرف آياسين، سِڌو شاهه ديواني جي درگاهه تي پُهتاسين. سائين شيخ عبدالله جي گاڏي آٽوميٽڪ آهي، پر اجا گاڏي تي صحيح گِرپ نه اٿس، جيئن مصطفيٰ ميمڻ گاڏي مان لهندي چيو ”اسان سان هلي سا، جا جيءَ مِنٿو نه ڪري“ سڀ سمجهي ويا، سائين شيخ صاحب خود کِليو پيو. خير سفر ۾ ايئن کِل مذاق ٻه ٿيندا رهندا آهن.

درگاهه کان ٻهرين پيلي ڪلر جو بورڊ لڳل آهي، جنهن تي: ’بسم الله، صلوات، پنجتن پاڪ جا نالا اُنهن هيٺان المَدد يا سيدي يا مرشدي بَابِ ولايت، دربارِ عاليه حضرت سيد سخي شاهه ديوانو سلطان آلِ رسول ﷺ (صاحبِ شريعت، طريقت، معرفت، حقيقت عارف باالله)، خادمين دربار عاليه: فقير عبدالقيوم ميمڻ ’عاجز‘، فقير دِلشاد علي ’دلبر‘، صاحبزاده فقير علي رضا ’مومن علي‘.

هِتي ڪا ٻه رش وغيره نه هُئي البت ايڪڙ ٻيڪڙ چنگچي ۽ ڪجهه ٻهراڙي جون مايون چڙا وڄائيندي، يا قبر تي دُعا گُهرندي نظر آيون، پر هِڪڙي ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي، اولياءَ يا قبر تي دُعا گُهرڻ جي نيت سان جيڪي اچن ٿيون، اُهي هار سينگار ڪري ڇو ٿيون اچن، دُعائون گُهرڻ ته فقير ايندا آهن، پينار ايندا آهن، جِن جا حالات ايترا ته ڳنڀير هوندا آهن، جو هِنن کي پنهنجي گهر ۾ خدا نظر نه ايندو آهي، تنهن ڪري هي درگاهُن جو رُخ رکنديون آهن، نيڪ آهي، پر اِن ۾ هار سينگار ڪري اچڻ جو ڪهڙو ڪانسيپٽ جُڙي ٿو، اِها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي.

هِتي اسان کي درگاهه کان ٻهرين دروازي تي وڏا وڏا چڙا، مٽر، مٽريون، ٽليون ٽنگيل نظر آيا، ضرورت مند اُنهن کي وڄائي پوءِ اندر وڃي، بس انسانن جا عقيدا ٻه عجيب و غريب آهن. مقبري ۾ داخل ٿيڻ کان ٻهرين دروازي مٿان هي شعر لِکيل آهي، فقير عبدالقيوم ’عاجز‘ جو:

پاتم پانڌ ڳچي ۾، اي عالمَ جا الله،
ميٺ مدايون مڙني جون، مهابي مدني شاهه،
’عاجز‘ جون آهون سُڻين، پرورَ ڏي پناهه،
ڪرين معاف گُناهه پاتم پانڌ ڳچي ۾.

قبر تي چار قُل پڙهي شاهه ديواني کي بخش ڪري ٻاهر نِڪتاسين.

سنڌ راڻي- مريم عرف سونيتي

سنڌ راڻي شاهہ ديوانو جي درگاهہ کان ٿورو پنڌ اڳتي آهي، جيڪا پُڻ نري نظاماڻي ماتلي ۾ آهي. سنڌ راڻي جي قبر بہ ٻين قبرن جيئن عام قبر هُئي، بس هِن تي هِڪڙي چوکُنبي گوڏي جيڏي ديوار چؤطرف ڦريل هُئي باقي قبر تي نہ ڪا صفائي، نہ ڪو چبوترو اڏيل، نہ ئي ڪو قبر تي تختي لڳل. بس جيئن اولياءَ ۾ موجود ٻيون قبرون هُيون ايئن سنڌ راڻي جي بہ قبر هُئي، جيڪا ڪنهن دؤر ۾ واقعي بہ راڻي هُئي، موت انسان جي سموري هستي کي مِٽائي مِٽي بڻائي ڇڏي ٿو، اُها مِٽيءَ جنهن مان هُن کي پيدا ڪيو ويو هو، وري بہ واپس اُن مِٽي ۾ مِٽيءَ کي ملائي ڇڏي ٿو.

سنڌ راڻي بابت ڪِتاب ڪُجهہ هيئن لِکن ٿا: چاڪر خان اُڏيجي جي ڌيءَ هُئي سنڌ راڻي، هِن جو اصل نالو مريم عرف سونيتي هو، چاڪر خان کي هِڪ ٻي ڌيءَ ڪريما عرف ڪلان پُڻ هُئي ۽ هِڪ پُٽ سائينڏنو هو. ڪلان ۽ سونيتي ٻئي سُهڻيون ٻُڌايون وڃن ٿيون، پر سونيتي ۾ سونهن سَرسَ هئي. جڏهن هِيءَ جواني جي جهولي ۾ جهولڻ لڳي تہ اِها خبر واءُ وانگر آس پاس گهُلڻ لڳي. تڏهن اڏيجا ذات جو چڱو مُڙس مير چاڪر خان وٽ آيو سونيتي جو سڱ وٺڻ لاءِ پر سردار چاڪر خان، اڏيجي سردار کي ڪُتو جواب ڏئي روانو ڪيو. هِي چڱو مُڙس پنهنجي انا جي آڙاهہ ۾ پچندي پهتو وڃي خداآباد، ميان سرفراز ڪلهوڙي وٽ، جيڪو اُن وقت سنڌ جو حاڪم هو. سونيتي جي سونهن بابت اهڙو تہ همراه کي ديوانو بڻايائين جو هي وقت جو بادشاهہ ڪو بهانو بڻائي نريءَ جي پَٽن تي اچي پڙاريو ڪنهن تلاءُ جي پر ۾ جِتي کيس ٻُڌايو ويو هو تہ سونيتي سهيلين سان گڏ پاڻي پرڻ ايندي آهي. ٻي ڏينهن صبح سوير پسار بهاني هي بادشاهہ تلاءُ جي پر وٽي اچي ويٺو جيئن ئي سونيتي سهيلين سان گڏ گهڙا ڪڇِي پاڻي پرڻ آئي تہ هِيءَ همراه ڏِسندي ئي پنهنجا حواس وڃائي ويٺو هڪدم حُڪم ڪيائين تہ سردار چاڪر خان کي گهرايو وڃي. سردار چاڪر خان کان هِن جو سڱ گهُريو سنڌ جو حاڪم تنهن کي هي اِنڪار ڪيئن ڪري، ها ڪيائين پر شرط رکيائين تہ سونيتي شادي لائق ناهي، فلحال اوهان نِڪاح ڪري وڃون جڏهن شادي لائق ٿئي تہ شادي ڪري ويجهو ميان سرفراز ڪلهوڙي اِها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهہ قبول ڪري سونيتي سان نِڪاح ڪيو. نِڪاح کان پوءِ ميان سرفراز مريم عرف سونيتي کي ’سنڌ راڻي‘ جو لقب ڏئي روانو ٿيو. ڪجهہ وقت کانپوءِ ميان عبدالنبي ڪلهوڙي ميان سرفراز کي قتل ڪرائي پاڻ حاڪم بڻجي ويو. اُن کان پوءِ هي حاڪم ميان عبدالنبي ’سنڌ راڻي‘ جو سڱ وٺڻ لاءِ سردار چاڪر خان وٽ پُهچي ويو تہ اِهو سڱ هاڻي مونکي ڏي. ان تان سردار چاڪر خان صاف اِنڪار ڪيو تہ هِن ظالم حُڪمران لشڪر موڪلي ايڇجن تي حملو ڪرايو. جنهن ۾ چوَن ٿا تہ ٽي سؤ کان وڌيڪ ايڇجن جا ماڻهو ماريا ويا. اُن ۾ سردار چاڪر خان بہ شهيد ٿي ويو. سونيتي ۽ سندس پياءُ سائينڏنو کي قيدي بڻائي عبدالنبي پاڻ وٽ رکيو. ٿورن ئي ڏينهن کانپوءِ حالات خراب ٿيڻ لڳا. ڪلهوڙن ۽ ٽالپر جي وِچ ۾ هالاڻي وٽ 1783ع ۾ جنگ لڳي، جنهن ۾ عبدالنبي جنگ هارائي ڀڄي ويو ۽ تخت تي ٽالپر حُڪمران قبضو ڪري ويهي رهيا. مير فتح علي خان ٽالپر سنڌ جو حاڪم ٿيو جنهن پنهنجو تخت گاهہ حيدرآباد کي بڻايو. پڪي قلعي ۾ ٽالپر حُڪمرانن جو پهريون اجلاس ٿيو اُن ۾ سنڌ کي مختلف حِصن ۾ تقسيم ڪري پاڻ ۾ ورهايو اُتي سنڌ راڻي جو بہ فيصلو ڪيو ويو تہ سنڌ راڻي سان جيڪو شادي ڪندو اُن کي حڪومت ۾ ڪو بہ حِصو نہ مِلندو. اُتي مير باگو جيڪو اڳ ۾ ئي سنڌ راڻي جي سونهن کي پنهنجي دِل ۾ دٻائي رکيو ويٺو هو. اُٿي بيٺو چيائين مونکي ’سنڌ راڻي‘ ڏيو. حڪومتون چاڻو تہ اوهان چاڻو ۽ پوءِ مير فتح علي خان پنهنجي فيصلي کي پاڻي ڏيندي، سنڌ راڻي کي مير باگي سان پرڻائي، ڪيس ٽنڊي باگي وارو علائقو بہ ڏِنو سنڌ راڻي جو اڪيلو پياءُ سائينڏنو مير باگي سان شڪار تي ويو تہ اُتي ويٺل دشمنن سائينڏني کي قتل ڪري ڇڏيو اِها خبر سنڌ راڻي مٿان وِڄ وانگي ڪڙڪي، سنڌ راڻي جيئڻ بيمار ٿي تہ وري وڃي موت سان مِلي. سندس وفات وقت عمر 26 سال ٻُڌائي وڃي ٿي. سندس ڪيل وصيعت مطابق مير باگي ڪيس شاهہ ديوانو درگاهہ پير ۾ دفن ڪيو ۽ مٿس سنگ مرمر جي پٿرن سان قبر جوڙائي، گُل بوٽا پوڪيا. جن جو هِن وقت نالو نشان بہ ناهي، باقي پُراڻو پٿر اُنهي حالت ۾ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالهہ قبرستان مان، ڳن پڙي ڪهاڻي، تون بہ ھِت،
جيئن اسين پٽ ۾ پياسُون، تِيئن پُڄاڻي، تون بہ ھِت.
سرد شُوڪارا پَريَم، سُڄ ۾ سُتل سُھڻا ڏِسِي،
ھِن وڏي واڪي ڏِنم، وو ووا ورائڻي، تون بہ ھِت.

احمد ملاح جا اِھي الفاظ ورجائي، اسان سنڌ راڻي کان موڪلايو. جڏهن پهريون پيرو آئون ھِتي آيو هئس تڏهن سنڌ راڻي وَٽ بيٺي سِڄ اسان کان موڪلايو هو جيڪو مون پنهنجي موبائيل ڪيمره ۾ محفوظ ڪيو هو.

چام جوٽو جوٽيجي وڃي جهوري ماريو

شاهہ ديوانو يا سنڌ راڻي جي مزارن وٽان بيهي ڏِسبو تہ شايد اٽلڪو ڏکڻ طرف نظر اچي، پر اسين تہ شاهہ ديواني کان ڏکڻ طرف بہ ڪلوميٽر جو ڦيرو ڪري، آياسين. رستي ۾ ھِڪڙو پهريون ڳوٺ گل حسن جوٽيجو اچي ٿو اُن کان اڳيان لغارين جو ڳوٺ آهي، لغارين جي ڳوٺ کان هيٺ اولهہ طرف بونڊري لهي ٿي، جيڪا ڊوري مان نِڪري ٻاهر ڪپ تي اچي ٿي، ڪُجھہ قدم ڊوري جي ڪپ تي هلي وري بہ اولهہ طرف ٻنيءَ جي وِچان ويندڙ بونڊري وٺي، اڳتي آياسين، ھِتان رستي ۾ ھِڪڙي نوجوان جنهن پنهنجو نالو محسن لُنڊ ٻُڌايو، اُن کي ورتوسين، جنهن اسان کي سِڌو وٺي اچي چارين ۾ دبين جي ھِڪڙي ويڙهہ تي بيهاريو، اُن جي اندر جهانڪي ڏِسبو تہ نظر ايندو ها اندر ڪائي قبر واقعي آهي، اُتي پاسن کان پڪڙيل سِرن مان بہ اندازو ڪري سگهجي پيو تہ قبر واقعي ڪيترو پُراڻي آهي، پر اسانکي اعتبار بہ نہ پيو اچي تہ جيڪو ماڻهو وقت جو بادشاهہ ٿي گُذريو آهي، سو ايئن رڻ ۾ ٻنين جي وچ ۾ اڪيلو ھِتي ڪيئن مدفون آهي.

ان قبر جو مونکي پهرين محترم قربان ملاح صاحب ٻُڌايو ان کان اڳ منهنجي ڄاڻ ۾ بہ نہ هو پوءِ جڏهن آئون ڏِسي آيس تہ قربان ملاح کي فون ڪري تصديق ڪرڻ چاهيم، قربان ملاح شايد منهنجي ڳالهہ سمجهي ويو، تنهن مونکي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ڪتاب ’رهاڻ هيرن ڪاڻ‘ جي جُلد پهرين جي پيج نمبر 36 جو فوٽو ڪڍي واٽسيپ ڪيو چاهيان ٿو اوهان سان بہ شعر ڪريان:

”ڄام جوڻي کي دهلي جي بادشاهہ فيروز شاهہ ٺٽي ۾ تخت تي ويهاريو ۽ سندس پاءُ ڄام بانڀيڻي ۽ ان جي پُٽ تماچي کي پاڻ سان گڏ دهلي وٺي ويو. ڄام جوڻي جي ڳِلا تي ۽ جڏهن سُلطان فيروز شاهہ وفات ڪئي تہ ڄام تماچي اچي ڄام جوڻي ۽ سندس پُٽ کان تخت کسيو. درويش نوح کيبرائي دُعا ڪئي تہ:

جوڻو وڃي جهوري ماريو

ڄام تماچي تختين چاڙهيو.

ڄام جوڻي پوءِ ٺٽو ڇڏي گُمناميءَ ۾ گُذاريو نري (تعلقو ماتلي). ڏکڻ ڪنهن جاءِ تي وفات ڪيائين ۽ کيس شاهہ ديواني جي مقام ۾ دفن ڪرڻ لاءِ آندائون. پر هِن کي جاءِ نہ ڏِني وئي. پوءِ شاهہ ديواني جي مقام جي حد کان ٻاهر ڏکڻ طرف کيس دفن ڪيائون. راقم اِها قبر ڳولي ڏِني ٻي روايت موجب اِها قبر ٻئي جوڻي جي آهي، ڇوَن ٿا تہ ڄام جوڻي جو اولاد جوڻا ۽ جوڻيجا ٿيا. جيڪي پوءِ ٺٽي جي ڄامن جنگين جهيڙن کان پري رهي پنهنجي زمينداري ڪرڻ لڳا.“

مٿيون صفحو جيئن جو تيئن اوهان سان شيئر ڪيو اٿم. اسين هاڻي هِتان کان واپس آياسين مين ٽنڊو غلام علي ماتلي روڊ تي. اڳيان حاجي سانوَڻ کان پوءِ اسان کي راڄو خاناڻي وارو روڊ وٺي ٽنڊي باڳي طرف وڃڻو آهي.

راڄو خاناڻي ۽ پڪوڙن جي ٽيسٽ

اسان هاڻي حاجي سانوَڻ تي پهچي راڄو خاناڻي روڊ ورتو. راڄو خاناڻي پُهتاسين تہ اسان کي جيترين هوٽلون ۽ ٻيا دُڪان نظر آيا. ايترا ئي پڪوڙن جا دُڪان بہ نظر آيا. اسان جي دِل چيو تہ پڪوڙا ونجن. ٽيسٽ ڪندا هلون.

(جنت السنڌ ۾ آهي: ’ميرن جيڪي شهر ۽ ٽنڊا تعمير ڪرايا. تن سڀني ترقي ڪئي. اڄ بہ اُهي سنڌ جا مردم خيز ڳوٺ شمار ٿين ٿا. ماتڪاڻين. خاناڻِي ٽالپرن کي جاگيرون ڏِنيون اُنهن مان مير راڄي خان. ’راڄو خاناڻي‘ نالي ڳوٺ ٻڌرايو.)

رستي ويندي گاڏي ۾ جڏهن پڪوڙا کولي کاڌاسين تہ دِل ايئن پئي چيو. ٿورڙا چو ورتا. اڃا وڌيڪ ونون ها ڏاڍا ٽيسٽي پڪوڙا هئا راڄوخاناڻي جا. ويجها هُجون ها تہ پوئتي مُڙي وري ٻيهر ونون ها. پر هاڻي سعيد پور کي ويجها آهيون.

سعيد پور ٿيبا ۾ پاڪستان ڪاليج

سيدپور پُهچون ٿا، سعيد پور روڊ جي پاسي ۾ ئي پاڪستان ڪاليج آهي جيڪو هاڻي تہ زبون حال آهي، پر ضلعي بدين جو اِهو پهريون ڪاليج هو. هِن ڪاليج جو هاسٽل بہ آهي، جِتي پري پري جا شاگرد رهندا هئا. هِن ڪاليج مان تمام گهڻا شاگرد اِهڙا بہ نِڪتا جيڪي آفيسر ٿي رٽائرڊ ٿيا. هي ڳوٺ سعيد پور ٿيبا سڏجي ٿو.

پروفيسر عبدالله ملاح کان جڏهن فون ڪري ڪاليج جي باري ۾ پُڇيم: جيڪو هِن ڪاليج جو پرنسپال بہ ٿي رهيو آهي. اُن مونکي جيڪا تاريخ ٻڌائي ڏاڍي دلچسپ هُئي، سائين ٻڌايو تہ: ’هي جيڪو موجوده ’پاڪستان ڪاليج‘ آهي اِهو شروع ۾ پرائمري اسڪول هو جنهن کي 49-1948ع قاضي محمد ابراهيم قائم ڪيو جيڪو اڳتي هلي هاءِ اسڪول ٿيو جڏهن هاءِ اسڪول ٿيو تہ پري پري جا شاگرد هِتي پڙهڻ ۽ رهڻ لڳا، تڏهن قاضي محمد ابراهيم ٿيٻي هِنن شاگردن جي رهائش سان گڏ ماني بہ مفت ڪئي، ماني سندن گهر واري ۽ سندس نياڻيءَ پچائيندي يون هيون. هِن صاحب جا پنهنجا پُٽ محمد يعقوب ۽ محمد رحيم کي بہ شاگردن سان گڏ رهايائين، جڏهن اُهي پڙهي نوڪري ڪرڻ لائق ٿيا تہ هِنن کي نوڪري ڪرڻ نہ ڏِنائين چيائين تہ اوهان کي هِن اسڪول ۾ ئي پڙهائڻو آهي. هِن سخي مرد قاضي محمد ابراهيم ٿيٻي پنهنجي 80 ايڪڙ زرعي زمين جنهن مان 40 ايڪڙ ڳوٺ ۽ مقام لاءِ وقف ڪيائين ۽ 40 ايڪڙ هِن اسڪول جي نالي ڪيائين. سندس فرزند محمد رحيم رات جو ٽريڪٽر هلائي اُها زمين آباد ڪندو هو ۽ ڏينهن جو تيار ٿي اسڪول ۾ فزڪس جا ڪلاس وٺندو هو. لطيف سرڪار شايد اهڙن ماڻهن لاءِ چئي ويو آهي:

ماڻهو سڀ نہ سُهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

1970ع ۾ هِن اسڪول کي ڪاليج جو درجو مِليو پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو 1971ع ۾ هِن کي نيشنلائيز ڪيو تہ پوءِ هِن ۾ سمورا ملازم ۽ اُستاد پڪا بہ ٿيا سندن سرڪاري پگهار بہ جاري ٿي.‘ سائين عبدالله ملاح جون مهربانيون مڃيندي اڳتي روانا ٿياسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوگل ٻڌايو تہ اِها ئي ڦوسٽا ڍنڍ آهي

پروفيسر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي مونکي روڊ جي اوپر طرف گهاٽن وڻن ڏانهن اِشارو ڪندي ٻڌائي ٿو: ’مور ساگر پريان اِهي گهاٽا وڻ ڏِسين پيو اِها ڍنڍ آهي، پر انهيءَ ڍنڍ جو نالو خبر ٿئي ڇا آهي؟ انهيءَ جو نالو آهي’ڦوسٽا ڍنڍ‘. نالو ٻڌي اسين سڀ کِلڻ لڳاسين. مون مذاق مان مزمل صديقي کي چيو: ’مزمل پلا گوگل ميپ ۾ سرچ ڪر هِن ڦوسٽا ڍنڍ کي مزمل نالو لِکي سرچ ڪيو تہ واقعي ئي، گوگل وارن بہ نشاندهي ڪري اسانکي ٻڌايو تہ واقعي اِها ئي ڦوسٽا ڍنڍ آهي. پوءِ اسان سڀئي گڏجي کِلياسين واہ ڦوسٽا ڍنڍ! تنهنجي شهرت گوگل جي گسن تي بہ تنهنجا پيرا...!! وڏي ڳالهہ آهي، واقعي بہ وڏي ڳالهہ آهي. جو تہ ڪيئي ماڳ تاريخي لحاظ کان وڏي اهميت جا حامل هوندا آهن، پر اُنهن کي دُنيا تائين پهچائڻ يا دُنيا کي ٻڌائڻ جي ڪنهن کي ضرورت ئي محسوس ڪانہ ٿي ٿئي، پر هيءَ ڦوسٽا ڍنڍ گوگل تي.

پروفيسر عنايت الله زنگيجو جو ڳوٺ

هاڻي جمعي نماز جو وقت بہ ٿي ويو سنگت صلاح ڪئي تہ ٽنڊوباگو پهچندي پاڻ کي وقت وڏو ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري اڳيان جيڪو ڳوٺ آيو اُن ۾ جمعي نماز پڙهنداسين، سائين پروفيسر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي چيو: ’اِهو سامهون تہ آهي پروفيسر عنايت الله زينگيجو جو ڳوٺ، اِتي ٿا نماز پڙهون،‘ وضو ڪري پُهتاسين مسجد ۾، تيستائين فرض پڙهجي ويو واپس ورياسين، چيوسين اڳيان ڪِٿي جماعت مِلي تہ ڀاڳ نہ تہ ظُهَر نماز پڙهي ڇڏبي. مسجد تي نظر ڪيم، گول ڍزائن ۾ مسجد ڏاڍي خوبصورت نهيل آهي. پر افسوس اسانکي هِن مسجد ۾ جمع جي باجماعت نماز نصيب نہ ٿي.

نِمازُون ۽ نفِل جيڪِي، ڪَريان تہ بہ اِن نفع نِيَت،
تہ اوڏو تو ٿيان البت، اڳِتي پيو اَجر گهوريو.

هِنيين تو ساڻ حُب پاتِي، حَياتيءَ تان کنيائين هٿ،
پِيارا! تو پُڄاڻان مون، جيئڻ پَل ۽ پَهر گهوريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مير باغي جو ٽنڊو ـ ٽنڊو باگو

اسان جو قافلو هاڻي ٽنڊو باگو شهر جي حدن ۾ داخل ٿي چُڪو آهي، مير باگي جي شهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ئي منهنجي ذهن ۾ ان جي تصور راڻي جو تصور ذهن ۾ نہ اچي اِهو ممڪن ناهي، دُنيا ۾ هر شئي فنا ٿي وسري وڃي ٿي، پر ماڻهو ڪيل سچو عشق فنا ٿئي ئي نٿو نسلن جا نسل اُن عشق جي داستانن کي ڳائيندا رهن ٿا. عشق جي ڪابہ حد ناهي، ايئن قطئي ناهي تہ عشق لاءِ صرف عورت آهي، عشق لاءِ هي پوري ڪائنات ۽ ڪائنات جو خلقڻهار پُڻ پهرين آهي. مونکي بُخاري پيو ياد پوي:

عشق هو چرچو نہ هو رؤنشو نہ هو
باهہ جو شعلو هو گُلدستو نہ هو
جو وڃيو سو جيءَ ۾ جڙجي ويو
دِل ڪيو ڪنهن جي مٿان ٿورو نہ هو.

انگريز سرڪار جي دؤر ۾ 1878ع ڌاري تعلقي جو درجو ماڻيندڙ مير باگي جو اڏايل هي ٽنڊو شهر بہ سنڌ جي ٻين شهرن جهڙو ئي شهر آهي، هِن شهر ۾ رهندڙ منهنجا مانوارا دوست، پروفيسر سائين ضرار رُستماڻي، سائين ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ، سائين اشفاق علي ميمڻ، سائين پيشم ڪُمار 'آزاد'، نصرالله جروار، عثمان راهوڪڙو، انور عباسي، شاهہ جهان سمون، منظور سمون، فيض اديجو، امين سنڌي جن آهن.

اڄ اسان هِن شهر ۾ اچڻ جو اطلاع فقط سائين ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ کي ڪيو آهي. سائين کي فون ڪئي تہ اسين اوهان جي پاڙي ۾ پهچي ويا آهيون، سائين هِڪڙي سنهڙي گهٽي وٽي ٻاهر روڊ تي آيو. پري کان ٻانهون پکيڙي، احمد ملاح جو هي شعر پڙهي آجيان ڪئي:

عِيد ذوالحَج، عِيد رمضان، ٻيون بہ عِيدُون عام جام،
عِيد "احمد" لئي اُهو ڏِينهن، يار جنهن ڏِينهن يار وٽ.

اسان سيني کي ڀاڪرين مِليو، انهيءَ سنهري گهٽي مان سائين جي پويان هلياسين. گهٽي جِتي دنگ ٿيئي پئي سائين جن جو گهر آهي، اسان کي بيٺڪ ۾ ويهارياڻين، سائين کي ماني لاءِ اسان پهرين ئي منع ڪئي هُئي پوءِ بہ سائين ريفريشمنٽ ۾ ڪافي ڪجهہ گهرايو اُن مٿان ڪولڊ ڊرنڪس پيتي. پروگرام ايئن ٿيو تہ پهرين محمد صديق مُسافر جي مزار تي حاضري ڀري پوءِ اڳيان هلون ٿا صاحب محل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد صديق مُسافر ـ پَر مسافر مفت مارڻ

ساڳين سنهڙي گهٽي وٺي ٻاهر روڊ تي نڪتاسين اُنهيءَ روڊ تي روڊ جي اولهه طرف وڏي ميدان ۾ اڪيلي مزار جڻ رڻ ۾ مُسافر هُجي. اسان ٻهرين اچي چار قُل پڙهي ڪيس بخش ڪيا. جيئن سندس تخلص آهي، بلڪل هِن بي حِس شهر ڪيس بہ مُسافر بڻائي ايئن رڻ ۾ ڇڏي ڏِنو آهي. مزار تي بِلو ڪلر جي ڪاشي لڳل آهي، ڪو بہ ڇپرو ڍڪهو وغيره ڪجهہ بہ ناهي. برسات جي مُند ۾ وڏو پاڻي جو تلاءُ ۽ اُن جي وِچ ۾ هي مُسافر سُتو پيو هوندو آهي. مونکي عجب وٺي ويو بقول احمد ملاح جي:

دُشمنِي يا دوستِي، ٻئِي ديس وارن سان دُرست،
پَر مُسافِر مُفت مارڻ، آهي اِيءَ ڏاڍو عجيب!

زنجبار جو غلام جيڪو وڪرو ٿي سنڌ پهتو اُن غلام حبشي بلاوَل عرف گُلاب خان جي گهر ٻهرين اپريل 1879ع ۾ جنم وٺندڙ ’محمد صديق ’مسافر‘ جيڪو هي اسانجي سامهون مٽين متيءَ هيٺان سُتو پيو آهي، انهيءَ پنهنجي زندگي کي سڦلتا بخشڻ لاءِ ٻهرين ٽنڊي باڳي جي مڪتب ۾ قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪيائين، ۽ پوءِ 1893ع ۾ سنڌي اسڪول ۾ داخل ٿي بہ بہ درجا گڏ پاس ڪري 1896ع ۾ فائنل پاس ڪري ورتائين ۽ 1897ع ۾ ماستر بہ ٿي پهتو ٽنڊي آدم پڙهائڻ لاءِ. اُتان ڪان پوءِ ٽريننگ لاءِ ٽريننگ ڪاليج آيو جتي ٽريننگ سان گڏ هِن پارسي بہ پڙهي ۽ اُن ئي عرصي ۾ سيد فاضل شاهہ وٽ هِن عربي بہ سِکي تہ شاعري جي تعليم پُڻ پرايائين. ڪاليج جا ٽيئي سال پورا ڪري 1902ع ۾ پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ اسسٽنٽ مقرر ٿيو. ڏهہ سال هِتي ماستري ڪري ٽريننگ ڪاليج ۾ پرشين ٽيچر مقرر ٿيو. اُنهيءَ کان پوءِ موٽي پنهنجي ماڳ ٽنڊو باگو پهتو. هِتي مير غلام محمد خان ٽالپر ڪيس انگريزي اسڪول کولرايو. جيڪو پوءِ جڳ مشهور اسڪول بڻجي ويو ۽ مسافر 1925ع تائين هِن اسڪول جو هيڊ ماستر رهيو.

هِن محمد صديق ’مسافر‘ پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لِکيا. شاعري، سنڌي ٻوليءَ تي، لسانيات تي وغيره ڪوڙ ڪِتاب لکيا. ۽ آخر 24 سيپٽمبر 1961ع تي جيئرن جو جهان ڇڏي، هِتي اچي آرامي ٿيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جو تاج محل ـ صاحب محل

اسان هِتان ٽنڊوباگو مان سائين محمد اسماعيل ميمڻ کي بہ ساڻ ورتو ڪڏهري ڏانهن روانا ٿياسين جيڪو ٽنڊي باگي کان ڪجهہ ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي، ڪڏهري جي سُڃاڻپ صرف هِڪڙي ئي آهي، صاحب محل. اسين پُڻ صاحب محل ئي ڏِسڻ آيا آهيون. سائين محمد اسماعيل صاحب محل گُهمائڻ لاءِ هِتي جي رهاڪو سائين عبدالرحيم جمالي کي فون ڪري ٻُڌايو تہ منهنجا مهمان اچن پيا. هِنن کي صاحب محل گُهمڻو آهي. اسين جيئن ئي پُهتاسين تہ سائين عبدالرحيم جمالي بہ اچي پهتو. سيني سان تعارف ٿيو. سائين جو تعارف عبدالرحيم جمالي رٽائرڊ ايچ ايس ٽي ٽيچر. حال احوال خوش خيرعافيت کانپوءِ محل کي گُهمڻ شروع ڪيوسين.

جيئن آگرا ڀارت ۾ تاج محل مشهور آهي، ايئن سنڌ جي ضلعي بدين جو هي ’صاحب محل‘ بہ مشهور آهي. صاحب محل لاءِ ڪتاب ڪجهہ هيئن لکن ٿا:

هي محل ٽنڊي باگي جي مشهور زميندار مير خدا بخش ٽالپر پنهنجي گهر واريءَ ’صاحب خاتون‘ جي ياد ۾ 1947ع ڌاري تعمير ڪرايو. ٽنڊي باگي جي ديهہ نار ۾ ڪڏهري ڳوٺ ويجهو قائم هيءَ ٿي ماڙ خوبصورت عمارت سڄي بدين ضلعي جي تعميرات جو شاهڪار نمونو آهي. ’صاحب خاتون‘ بدين جي مقامي زميندار مير خدا بخش ٽالپر جي دوست بچو خان ڪورائيءَ جي نياڻي هئي. جنهن سان مير خدابخش شادي ڪئي. اُن گهرواريءَ مان مير صاحب کي پهرين نياڻيءَ جو اولاد ٿيو. جيڪا ڪيرپياڪ عمر ۾ ئي گُذاري وئي ۽ سندس ننڍڙي مزار محل اندر پهرين منزل تي آهي. جنهن تي قرآني آيتون ۽ وفات جي تاريخ (جنم 9 اپريل 1950ع ۽ وفات 8 آگسٽ 1950ع) لکيل آهي. مير صاحب کي ڪُل ٽي گهرواريون هيون، جن مان هر هڪ لاءِ الڳ گهر تعمير ڪرايائين. مير خدا بخش ٽالپر، مشهور تعليمي ۽ سماجي اڳواڻ مير غلام محمد ٽالپر جو سؤٽ ۽ پنهنجي علائقي جو وڏو زميندار هو. وٽس 30000 ايڪڙ زرعي زمين هئي. پاڻ مير لامبٽ جي نالي سان پڻ مشهور هو. (لانبرڊ (Lawn Bord) انگريز دؤر ۾ حيدرآباد جو ڊپٽي ڪمشنر رهيو هو).

هِن محل جو اڳيون حِصو چئن گُبنذن سان سِينگاريل آهي، هرهِڪ گُنبذ هِڪ منزل جي ٻنهي ڪُنڊن تي واقعي آهي. ساڳيءَ ريت هر حِصي ۾ هِڪ جهڙيون چار ڇڄهريون ڏنل آهن جن جي تعداد اَٺ آهي. هر ڇڄهري جي جوڙي ٻي ڇڄهري سان ڳنڍيل آهي محل جي پرسان لاهور واري شاليمار باغ جهڙو باغ پڻ هو. جيڪو ٻي ڏياني ۾ سار سنڀال نہ هئڻ ڪري ختم ٿي ويو آهي، پر اُتي تعمير ڪيل پاڻي جو حوض. هِڪ ڪمرو ۽ تفريح لاءِ ڇڄو اڃان بہ موجود آهي. هِن محل جي ٽنهي منزلن تي ڪيترائي ڪمرا ٺهيل آهن.

هِن عاليشان ٺماڙ محل جي هيٺين ٻنهي منزلن جي مهاڙيءَ واري ڪُنڊن تي برج نما ٻہ ٻہ ڪمرا هِڪ ٻئي مٿان ٺهيل آهن. ٽر واري ڪمري جي وِچ تي سامهون دروازو آهي ۽ ڇت جي سنوت ڪان مٿي واريءَ تي سوزنڪاري واري (غروقي) گُنبذ نيلڪ سان آهي وِچ تي وراندو پيپل پاوَن تي آڏاريل آهي. آخري منزل وارو ڪمرو منظرگاهہ طور شامل ڪيل آهي. پيپل پاوَن جي چوٽيءَ تي تاج ٺهيل آهي.

هاءِ! انسان جڏهن جيئرو هوندو آهي، سمجهندو آهي تہ مونکي هميشہ رهڻو آهي، پنهنجي رهڻ جي راحت لاءِ ڇا ڇا نہ جَتَن ڪري ٿو. پر جڏهن سَڏ ٿئي ٿو تہ ڇا محل، ڇا ماڙيون، ڇا لشڪر، گهوڙا، فوجون، سپاهي، ڇا ڊاڪٽر ڇا سائنسون، سڀ جا سڀ بي اثر بي فائدا بنجي وڃن ٿا، مِٽيءَ جو پُتلو مِٽي تي وڃي ٿو:

ڏِسيون ڏوري ڏِٺائون گهر، نہ گڏيا گهر جي صاحِب کي،
هِمت مان پوءِ هِتان حاجي، هَلي حَج کي رَسيا تہ بہ ڇا؟
ٻِنان يُوسف، زُليخا جو اِرادو ناهِ ڪِٿ "احمدا!"
مِصر جي مُلڪ ري تنهن کي، ٻيا سَڀ ڏيهہ ڏَسيا تہ بہ ڇا؟

۽ اسين ايئن حيرت، اچرج ۽ محل کي ڏِسڻ جي خوشي کڻي واپس وري باڳي جي ٽنڊي ڏانهن روانا ٿياسين. رستي ۾ صاحب محل جي سونهن تي ڪچهري ڪندي پنڌ کي صفا ويڙهي ورتوسين، مون چيو: 'سائين هي محل جي اوقاف کاتي جي حوالي ڪَن تہ بچاءُ ٿي سگهي ٿو پر اِن شرط تي تہ پهرين هِن کي بلڪُل اصل شڪل رنگ رونگن ۾ ريپيئر ڪيو وڃي.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مير غلام محمد ٽالپر گورنمينٽ بوائز هائر سيڪينڊري اسڪول

اسين هاڻي سنڌ جي اُنهيءَ تاريخي شخصيت مير غلام محمد ٽالپر جي جوڙايل بوائز هائر سيڪينڊري اسڪول طرف ٽا وڃون، جِتي سائين اشفاق ميمڻ اسانجو انتظار ڪري رهيو آهي.

اسين مين گيٽ تي پهتاسين پٽيوالي گيٽ کوليو گاڏين کي اندر ڪٽي وڻن جي ڇانوَ ۾ بيهاريوسين. واهه جي خوبصورت بلڊنگ اڏيل آهي، تمام وڏي ڪُشادي بلڊنگ، اڱيان پارڪ، گُل ٻوٽا جڻ ڪنهن ڪاليج ۾ آيا آهيون. تعليم سان عشق ۽ غريبن جو درد رکندڙ مير غلام محمد خان ٽالپر، 1920ع ۾ محمد صديق مسافر سان گڏجي هِڪڙي اسڪول جو بُنياد وِڌو جنهن ۾ شروع ۾ هِن پنج شاگرد وٺي اسڪول شروع ڪري ڇڏيو اُنهن شاگرد جي رهائش لاءِ بورڊنگ هائوس به شروع ڪري ڇڏيائين. پوءِ وقت گُذرڻ سان گڏ انگريز سرڪار کان اسڪول کولڻ جي اجازت وٺي 1921ع ۾ پنهنجي ذاتي خرچ تي هي هيڏي وڏي تعليمي درسگاهه تيار ڪرائي، 1925ع کان باقاعده ’لارينس مدرسه هاءِ اسڪول‘ جي نالي سان شروع ڪيو ويو. هِن وقت هي تعليمي درسگاهه ’مير غلام محمد خان ٽالپر هايئر سيڪنڊري اسڪول‘ جي نالي سان هلي رهي آهي. هِن اسڪول جا اُهي شاگرد جن پڙهي پنهنجو نالو روشن ڪيو اُنهن ۾: علامه محمد عمر دائود پوٽو، ايڇ ايم خواجه، ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل، پروفيسر سائين ضرار رُستماڻي، سائين ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ (جيڪو هِن وقت هِن ئي اسڪول جو پرنسپال پُڻ آهي ۽ اسان سان سفر ۾ همسفر آهي). ۽ ٻيا ڪوڙ شاگرد جِن هِتان پڙهي اعليٰ عهدا ماڻيا ۽ پنهنجو نالو نمايا ڪِٽايو.

اسان کي سائين اشفاق ميمڻ پهرين آفيس ۾ وٺي هَليو ڇيائين: ’پهرين چانهه پاڻي، پوءِ ڏِسڻ گهُمڻ‘ ’حاضر سائين‘ اسين اچي اسٽاف روم ۾ ويٺاسين سائين اشفاق چانهه سان گڏ ريفريشمينٽ جو به بندوبست ڪيو. آفيس جي ديوارن تي نظر ڦيرايم ڪجهه پينٽنگ ۽ ڪجهه شعر به نظر آيا. هِن آفيس جي ٻاهرين ديوار تي لڳل هِڪڙو پينا فليڪس اهڙو به لڳل آهي، جنهن ۾ مير غلام محمد خان ٽالپر جا ڪارناما مختصر ڪري لِکيا ويا آهن. چاهيان ٿو اوهان کي به اُهي ڪارناما مختصر لِکيل جيئن جو تيئن پڙهايائين:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خان بهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جا ڪارناما

1876ع ۾ مير باگي خان جي پُشت مان مير محمد خان ٽالپر جي گهر ۾ جنم وٺندڙ لاڙ جي ابي سنڌ جي مُحسن، خان بهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جا ڪيل ڪارناما:

- 1920ع ۾ پنهنجي ذاتي رقم مان ٽنڊي باگي ۾ اسڪول ۽ مفت هاسٽل تعمير ڪئي.
- هاسٽل جي خرچ هلائڻ لاءِ AG آفيس سنڌ جي انڊومينٽ چيئريٽيبل فنڊ ۾ ٽي لک ستاسي هزار روپيا رکيا.
- 1922ع ۾ مردن لاءِ ”بولس دواخانو“ کوليو. جنهن ۾ مريضن جي ڪاڏي ۽ دوائن جو مُفت انتظام هو.
- 1928ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ گرلس اسڪول قائم ڪيو. جنهن ۾ هُنري سِکيا جو به انتظام ڪيو هو.
- 1931ع ۾ هڪ زناني اسپتال ۽ ميٽرنٽي هوم قائم ڪيو. جنهن ۾ داين جي ٽريننگ جو خاص انتظام هو.
- ٻهراڙين ۾ غريب ماڻهن لاءِ ”گشتي دواخانو“ هلائيندا هئا ۽ ماڻهن کي مفت دوائون فراهم ڪيون وينديون هيون.
- تعلقي ٽنڊي باگي جي ڳوٺ ماڇوري ۽ ڪڏهري ۾ مُفت اسڪول ۽ هاسٽل ٺهرائي.
- مختلف مدرسن جنهن ۾ ڳوٺ ٿوهي جي مڪتب، شادي پلي جي مولوي محمد عثمان ينيري واري مدرسي، بدين ۾ مولانا حاجي احمد ملاح جي مدرسي، ڏيپلي هاءِ اسڪول ۽ مختلف مدرسن لاءِ سالانا گرانٽ منظور ڪئي.
- ٽنڊي باگي ۾ مُسافر خانو قائم ڪيو.
- لاڙ جي غريب، بيواهه ۽ يتيم عورتن لاءِ ماهانا وظيفا مقرر ڪيا.
- مختلف شاگردن کي ٻاهرين مُلڪن مان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪالرشپون ڏِنيون. جنهن ۾ شمس العلماء علامه عمر بِن محمد دائود پوٽو، مير بنده علي ٽالپر (سابق وزيراعليٰ سنڌ) ٽنڊي غلام علي وارو مير صاحب جي ذاتي ملازم جو پُٽ قادر بخش خاصخيلي جيڪو اڳتي هَلي هِن اسڪول جو هيڊماسٽر بڻيو، حڪيم عبدالستار ميمڻ، حڪيم پير احمد شاهه ۽ سيد غلام مرتضيٰ شاهه شامل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- اُن کان علاوه هر ضرورت مند ۽ بي پهچ ماڻهن جي مالي مدد ڪرڻ فرض سمجهندا هئا.
- لاڙ جي ابي سنڌ جي سر سيد ۽ غريبن جي خير خواهه مير صاحب 12 فيبرروي 1932ع ۾ وفات ڪئي.

خان بهادر مير غلام محمد خان ٽالپر 1876ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ جنم ورتو سندس والد جو نالو مير محمد خان ٽالپر ۽ ڏاڏي جو نالو مير ولي محمدخان ٽالپر هو. زميندار معاملن سبب مير صاحب کي نوجواني ۾ تڪليفن سان مُقابلو ڪرڻو پيو. هِن کي هاري بنجي پوک ڪرڻي پئي. پوليس ۾ ڪانسٽيبل بنجڻو پئجي ويو. اُتان استعفيٰ ڏيئي اسٽامپ وينڊر طور ڪم ڪيو. مختلف آزمائشي مرحلن مان وڏي هِمت سان گُذرندي زندگي ڪاميابي سان گُذاري. پنهنجي شعر جون سِٽون پيون ياد اچن.

جڳ ۾ جيئڻ لئہ جُرئتو سانڍ،
هِڪ حوصلو ٻيون هِمتون سانڍ.

مير صاحب علائقي جي غريب مسڪين مزدور ۽ پورهيت طبقي جي ماڻهن جي ڪسمپرسي واري حالتن کي سامهون رکندي پنهنجي ملڪيت ۽ سوچ اُنهن ماڻهن جي سُڌاري لاءِ وقف ڪري ڇڏي. اهڙا املهہ ماڻهو رُڳو ماضي ۾ ئي پيدا ٿيا، هاڻي وڏيڪ علم ۽ شعور جي ڪري ماڻهو وڏيڪ هوشيار ۽ چالاڪ بنجي ويا آهن. احساس ۽ همدردي ختم ٿي وئي آهي.

هاڻي سائين محمد اسماعيل ۽ سائين اشفاق ميمڻ جي اڳواڻي ۾ اسان اسڪول کي گهمڻ شروع ڪيو پهرين ڪلاس رومن کان شروع ٿياسين، ايئن مڪمل بلڊنگ گُهمي، ٻاهر نِڪتاسين، بلڊنگ جي اوپر طرف نئين اڏيل ٻي بلڊنگ جيڪا سائين محمد اسماعيل ٻُڌايو تہ ايراني حڪومت جي سهڪار سان ٺهي آهي، آپا فهميده مرزا جڏهن قومي اسيمبيلي جي اسپيڪر هُئي تہ اُن ايراني حڪومت کان ساڍا ٻارنهن ڪروڙن جي اسڪيم ورتي جنهن مان هي بلڊنگ تيار ڪرائي، هِن ۾ وڏو آڊيٽوريم هال پڻ آهي. اُن کان پريان ٿورو جنهن ۾ پڳل ٽُٽل فرنيچر وغيره پيو آهي، اها پُراڻي گبسن بورڊنگ هائوس جي بلڊنگ آهي. اسڪول جي سموري بلڊنگ گُهمڻ بعد اسڪول اڳيان گروپ فوٽو ڪڍياسين، ۽ پوءِ هِن تاريخي اسڪول کان موڪلائي، آياسين اڳتي بلاوَل پارڪ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يارا! پارڪ ڏاڍو سهڻو ٺهرايل آهي ـ بلاوَل پارڪ

بلاوَل پارڪ جي گيٽ جي ويجهو ايندي ئي، مصطفيٰ ميمڻ کي چيم: ’مصطفيٰ يار ڳالهه ڪبي حق جي، سنڌ ۾ ٻيون به حڪومتون آيون ويون، ايئن سمجهو ته پ پ پ جي دؤرِ حڪومت کان وڌ مخالف دؤر کي ڳڻبو ته وڏيڪ ٿيندو پر سنڌ ۾ جيڪي ڪجهه ڪم ڪار ٿورا يا گهڻا ٿيا آهن، ته اُهي پ پ پ جي دؤر ۾ ئي ٿيا آهن، مثال ڪي يونيورسٽيون، ڪي ڪاليج، ڪي اسڪول، ڪي اسپتالون، ڪي پُلون، ڪي روڊ ڪي رستا، يا هھڙا پارڪ (منهنجي ڳالهه جاري هئي پارڪ اندر اڌ تائين پهچي چُڪا آهيون). ڏِس نه هي شام جو پهر آهي، پاڻ جي به ڪهڙي نيت هُئي ته ٿورو پارڪ ۾ هلي فريش ٿي اچون، اهڙا پارڪ هِن وقت تقريبن هر شهر ۾ آهن، سواءِ اسانجي ماتلي شهر جي، اهي پارڪ به پ پ پ جي دؤر ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا ٺهرايا آهن، ٻين ضلعن ۾ وري ٻين، پر آئون سمجهان ٿو پارڪ اور آل پوري سنڌ جي شهرن ۾ ٺهرايا ويا آهن. اِهو به هِڪڙو وڏو ڪم آهي. هي انسان جي بُنيادي ضرورتن مان هِڪڙي ضرورت آهي.‘

منهنجي يڪي تقرير نما ڳالهه پوري ٿي ته مصطفيٰ چيو: ’بِلڪل اِها ڳالهه اوهان جي دُرست آهي، پر ڪرپشن به ڪن ٿا‘، ’بِلڪل انهيءَ کان اِنڪار ئي ڪونهي، جيڪو ڪم ڪندو سو ڪجهه نه ڪجهه ته ڪرپشن ڪندو، ايئن سمجهه ته ڪرپشن به جڻ ڪمن جو حِصو ٿي وئي آهي، پر جيڪي مخالف دؤر رهيا پوءِ اُنهن ته سمجهه ٻئي متا پئسا کاڌا، معنيٰ مڪمل چَٽ‘ مصطفيٰ منهنجي ڳالهه کي ڪٽيندي موضوع بدلائيندي چيو: ’يار پارڪ ڏاڍو سهڻو ٺهرايل آهي،‘ ’بِلڪل پارڪ ۾ پارڪ جي سونهن سمجهيا ويندڙ سڀ لوازمات آهن. هي ڏِس پاڻي جا ٻُوندون وسائيندڙ ڦوهارا، رنگين لائٽون، هر قِسم جا گُل، ٻُوٽا، چِبرن وِڇايل ٻاريون ٻاريون، اولهه طرف کان وڏو آڊيٽوريم هال، ڏکڻ طرف کان بينڪون جن ۾ جهوپڙي به آهي، چوئنرو به آهي، ته لانڍي نمونو به آهي، پريان هو ڏِس اوڀر طرف کان ٻارڙن جي راندين جي لاءِ سيئي سامان، اُنهن جي پرسان وڏا جانور ڊائينوسار، گهوڙا، هاٿي ۽ ٻيا. ٻي گيٽ کان گهمي ٻاهر نڪري وري پارڪ جي ڪُنڊ تي اچون ٿا، هِتي جِم به ٺهيل آهي، جنهن ۾ ورزش ڪرڻ لاءِ ٽوٽل مشينري

موجود آهي ۽ اعليٰ ڪوالٽي جون مشينون. اسان اندر فوٽوگرافي ڪئي، ۽ جِم انچارج سيال سان بہ ملاقات ٿي. اُن جي پاسي ۾، خان بهادر مير غلام محمد خان ٽالپر لائبرري پڻ قائم ڪئي وئي آهي.

هِن پارڪ ۾ **پهريون پيرو:** آئون، ذوالفقار خاصخيلي، ڪامريڊ غلام مصطفيٰ جوٽيجو آيا هئاسين. شام جو وقت هو سائين پيشم ڪمار آزاد کي فون ڪئيسين. اُهو بہ آيو اُن وري صلاح الدين رُستماڻي کي فون ڪئي. پوءِ اسان پارڪ ۾ ٻاهر آڊيٽوريم هال اڳيان ڪُرسيون لڳائي ڪچهري ڪئي هُئي، گڏ برگر. بند ۽ بوتلون پڻ هليون هيون.

ٻيون پيرو: پنگريو کان موٽندي پنهنجي فيملي سان گڏ گهميون هُيم. ادا منظور ۽ اُن جي فيملي بہ هُئي، اسين پنگريون کان موٽيا هئاسين تہ ٻارڙن کي هي پارڪ گُهمايو هئوسين. هِتي ادا منظور جي نوڪيا ٽچ موبائل فوٽو ڪيڊڻ دوران پولڙي چنبو هٽي ڦُري پجري ۾ اندر ڪٽي وئي ۽ موبائل کي پٽن تي زور زور سان هٽڻ لڳي، جيستائين اسان چوڪيدار کي فونون ڪري گُهرايوسين، تيستائين موبائل کي سڄو رونبڙا هٽي ڪُتري ڇڏيائين.

۽ **ٽيون پيرو:** گُهمڻ تہ نہ پر ’ڪُلياتِ احمد‘ جي تقريبِ مهورت هُئي جيڪا 2 نومبر 2013ع ڇنڇر جي شام هِن پارڪ ۾ ٿي هُئي، ڏاڍي پُروقار تقريب ٿي هئي، جنهن ۾ لاهور کان محمد سهيل عمر (ڊائريڪٽر اقبال اڪيڊمي پاڪستان لاهور) مهمانِ خاص طور شريڪ ٿيو هو ۽ ان تقريب جي صدارت اڳوڻي وي سي سنڌ يونيورسٽي، مظهرالحق صديقي ڪئي، هن تقريب ۾ مون بہ ’ڪُليات احمد‘ تي بہ لفظ ڳالهايا هُئا.

چوٿون پيرو: هاڻي گُهمي رهيا آهيون. اسان ڪافي وقت پارڪ ۾ گُهمياسين پر شيخ عبدالله نہ آيو نيٺ اُن سان رابطو ڪيوسين تہ چيائين آئون گاڏي سروَس پيو ڪرايان. اِهو ٻُڌي سيني کي حيرانگي ٿي، تہ اڃا تہ سفر هلندڙ آهي، هينئر گاڏي سروَس ڪرائڻ سمجهہ کان مٿي آهي، جڏهن آياسين سروس تي، تہ سائين جو موڊ ڏِسي سمجهي وياسين تہ هِن بلاوَل پارڪ گُهمڻ بجاءِ سِڌو بدين ڏانهن هلڻ چاهيو هو پر باقي سڄي سنگت جو موڊ هو تہ پارڪ گُهمجي، هِن اِهو بدلو ورتو آهي. خير پوءِ سائين کي سيني چيو: ’سائين اوهان سفر جا امير آهيو اوهان صاف اِنڪار ڪريو ها تہ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلون ها، پر اوهان تہ اهڙي ڪا ڳالھہ ئي نہ ڪئي هُئي هاڻي ٿا چئو، خير بس اوهان گاڏي ڪٽو تہ هلون ٿا سِڌو بدين.

ڪڏهن ڪڏهن ايئن هوندو آهي تہ سفر دوران موڊ خراب ٿيڻ جي صورت ۾ ماڻهو جو مَن هليو ويندو آهي ماضي جي پاتالن ۾، ۽ پوءِ ماضي جون گهاريل گهڙيون لهرون لهرون ٿي دِل درياء جي ڪپڙن سان ٽڪرائجنديون رهنديون آهن. بِلڪُل مونسان بہ ايئن ٿيو.

ياد آيو ايوب کوسو ڪان جهڏي مان ٿيندا آيا هئاسين. منهنجو اِهو خيال آهي تہ جڏهن بہ جيڏانهن بہ نِڪرجي تہ رستي ۾ ايندڙ ماحول جو پورو پورو جائزو وٺجي، اُن ماحول ۾ ايندڙ اولياءَ، درگاهون، تاريخي ڪوٽ، قلعا، وستيون واهڻ سڀ ڏِسڻ گهرجن.

ٻهراڙي جو ڳوٺاڻو شهر۔ خيرپور گمبوه

خيرپور گمبوه ۾ آياسين. هي بہ ٻهراڙي جو ڳوٺاڻو شهر آهي، جيئن اسان وٽ ڳوٺن ۾ قائم ننڍڙا شهر هوندا آهن. ڪجھ هوٽلون، ڪجھ دُڪان، ڪجھ ڪئبينون. چونڪ تي گاڏي روڪي هِڪڙيَ ڪئبن واري کان پُڇا ڪئيسين ملڪاڻي شريف جي رستي جي، جنهن رستي ڏانهن گاڏي کي موڙيو بينا هئاسين ٻُڌايائين تہ سِڌو رستو وٺيو وڃو. اڳيان آهي.

اسين رڳو تنهنجو ديدار ڪرڻ آيا آهيون۔ صابر

اچي پُهتاسين ملڪاڻي شريف. هِتي اسان جو دوست صابر ڪمبوه ٿو رهي، سوچيوسين اُن جو بہ ديدار ڪندا هلون. ٻيو دوست عزيز پنيرو رهندو هو جيڪو هاڻي بدين جو شهر وسايو ويٺو آهي. پُڇا ڪري پُهتاسين صابر جي دُڪان تي. صابر نماز عصر اٿر پڙهي رهيو هو. ڪجھ دير دڪان اڳيان انتظار ڪيوسين. نماز پڙهي فارغ ٿيو ٻاهر اچي ڀاڪر پائي مِليو. دُڪان اندر زبردستي وٺي ويو چيوسين صابر اسان رڳو تنهنجو ديدار ڪرڻ آيا آهيون، ڪنهن ٻي ڀيري ڪچهري ڪبي، پر نہ مُڙيو وِيناسين. چانھہ ۽ بسڪيٽ گهرائي ورتائين.

صابر سان مُلاقات تڏهن ٿي هُئي جڏهن سيد سمن سرڪار تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِتاب ڇپرايو هئائين. سهڙيندڙ پاڻ هو ڪِتاب جو نالو 'لاڙ جو لال- سيد سمن سرڪار' اُهو ڪِتاب پوءِ مارڪيٽ ۾ اچڻ کان اڳ ئي ڪنهن گُدام حوالي ٿي ويو. صابر کي نہ پنهنجي محنت جا پئسا مِليا، پر ڪِتاب ماڻهن تائين پهچي نہ سگهيون. سڀ ڪِتاب گودام حوالي ڪيا يا ساڙايا ويا. (ولا عالم). صابر کان موڪلايوسين. روڊ تائين گڏ آيو.

المڪتبة المحمدية الاسلامية لائبرري-ملڪاڻي شريف

سائين عبدالجبار رابطو ڪيو محمد خان ملڪاڻي سان جنهن جي هي ذاتي لائبريري آهي. جيڪا اسان کي ڏِسڻي آهي. محمد خان ٻڌايو تہ آئون ٺٽي باگي مان واپسي اچان پيو رستي ۾ آهيان. اوهان لائبرري ۾ اچو ويهو آئون پهچي ويندس. لائبريري پهتاسين اُتي موجود همراهن کي سائين فون ڪري ٻڌائي ڇڏيو هو اسانکي لائبرري کولي ڏِني وئي. واه سُبحان الله لائبرري تہ تمام وڏي آهي ۽ تمام گهڻا ڪِتاب نظر اچي رهيا آهن. اسان لائبرري جو جائزو ورتو ڪجهہ ئي گهڙين ۾ سائين محمد خان ملڪاڻي بہ پهچي ويو. ياڪر پائي مِلياسين. اُن کان پوءِ چانهہ بہ اچي وئي. چانهہ پي ڪچهري ڪري، هِڪ پيرو ٻيهر سائين لائبرري گُهمائي مختلف ناياب ڪِتاب ڏيکاريائين. ڪيئن ۽ ڪِٿان هٿ ڪيائين. سڄي معلومات ڏِنائين. تعداد ڪتابن جو پُڇومانس ٻُڌايائين 'ڇهہ هزار جي لڳ ڀڳ ڪِتاب موجود آهن.' گڏ گروپ فوٽو ڪڍياسين. ڪيس پنهنجو هي شعر ٻُڌايم:

رهڻ ڏي مون وٽ هي مون لئہ اهم هِن.
خوشبوءِ حُسن ۽ ڪِتابن جا تحفا.

ٽيسٽائين نماز اٿر جي تڪبير بہ لڳي وئي. پر ۾ ئي 'جامع مسجد الحديث ۽ گڏ مدرسو 'تعليم القرآن' بہ آهي. باجماعت نماز ادا ڪئي. مدرسي جي شاگردن ۽ اُستادن کي بہ سلام ڪيوسين. سڀني کان موڪلايوسين. سمن شاهہ جو پنڌ پُڇيوسين چيائون ڇهہ ڪلوميٽر اڳيان آهي. سائين نالي ياٽي محمد خان ملڪاڻي کان ياڪر پائي وري مِلڻ لاءِ موڪلايوسين ۽ سمن سرڪار جي سلامي ڀرڻ لاءِ سمن سرڪار جي سرزمين ڏانهن هلڻ لڳاسين.

سمن سائين مان تہ گولي غلام تنهنجي در جي

سنڌ سڄي ۾ چپي چپي تہ ڪو نہ ڪو بزرگ دفن ٿيل آهي، ڪِٿي نہ ڪِٿي ڪا درگاهہ آهي، ڪِٿي نہ ڪِٿي روز ميلو مچندو آهي، ايئن اسان جي سنڌ جيئندي آهي.

توڙي جو هِن وقت تاڪ منجهند هُئي، ڪانوَ جي اک پئي نِڪتي باوجود اُن جي ڪجھ ڀراڙين کان آيل ۽ ڪجھ شهري بيبيون درگاهہ اندر ۽ ٻاهر نظر آيون، ممڪن آهي اِن ۾ ڪي اسان وانگر ئي درگاهہ تي گُهمڻ خاطر آيل هُجن، ڪي وري ٻاسيل ٻاسون ڪٽي ايندا آهن. سمن جو ميلو جيئن تہ ضلعي بدين جو وڏي ۾ وڏو ميلو لڳندو آهي، تنهن ڪري هِن ميلي تي تہ ننڍپڻ کان وٺي اچڻ ٿيندو رهيو آهي.

هِن کان پهرين جڏهن شروعاتي مقبرو ٺهيل هو جيڪو سمن شاهہ جي ڏاڏي پير شاهہ ۽ سندس خدمتگار گلاب راءِ (جنهن کي محمد گلاب بہ چوَن ٿا)، 1934ع ۾ جوڙايو هو. جيڪو تمام سوڙهو هو. اُن وقت کان وٺي هِن درگاهہ تي اچڻ وڃڻ ٿيندو رهيو آهي.

هاڻي هِن وقت جيڪو مقبرو موجوده گادنشين علي بخش شاهہ ٺهرايو آهي، تمام وڏو ويڪرو ۽ بُلند ٺهيل آهي، چارئي ڪُنڊن کان وڏيون دريون جن کي شيشو لڳل ۽ مقبرو هوادار بهترين ٺهيل آهي، اندر اهڙيون هوائون ٿيون اچن جو دِل چوَندي آهي ڪجھ گهڙيون پاسو وٺي ويهي رهجي. پر جيئن تہ هر درگاهہ تي رش ماڻهن جي اچ وڃ، اهڙي پُرسڪون ماحول کي بي سڪون ڪريو ڇڏي. وڏيڪ ڪِتابن کان ٿا پُڇون.

سمن سرڪار جا وڏا اصل ۾ بخارا کان آيل هئا. سمن شاهہ جي والد جو نالو سيد قربان شاهہ هو جنهن کي چار پُٽ هئا. سيد جُڙيل شاهہ (اول)، سيد مترو شاهہ، سيد قُلن شاهہ ۽ چوٿون سيد سمن شاهہ. هِن بزرگ جي تاريخ پيدائش بہ روايتن جي آڌار 1870ع ڄاڻايل آهي،

سمن سرڪار درويشي دؤر کان پهرين عاشق هو ۽ هِن جي عشق جا قِصا ٽِن مختلف عورتن سان ٻُڌايا وڃن ٿا. هِڪ روايت: ڍيڙي جي ڪنهن سادات بيبي سان عشق ٿيو. ٻي روايت: ڪنهن مڱڻهار ڇوڪري جي عشق ۾ اڙيو جيڪا سانگي ڦرهو جي ڇئي وڃي ٿي. ٽين روايت: خيرپورگمبوه جي

ڪنهن ڪنيار عورت سان اکيون چار ٿيون. اِنهن تنهي عشقن ۾ ناڪامي هِن کي مجازي عشق کان حقيقي عشق جو رستو ڏيکاريو ۽ پاڻ مجذوب ٿي ڪپڙن کان آزادي ماڻي ورتائين. سندن مُريدن چيو ’سائين پنهنجي تن تي ڪپڙا تہ ڍڪيو‘ چيائين: ’باهہ جي ٻنيءَ تي جيڪا شئي رکندا رک ٿي ويندي‘ هِڪ عربي محاورو آهي تہ: ’عشق اها باهہ آهي جيڪا محبوب کانسواءِ ٻي هر خيال کي ساڙي ڇڏي ٿي‘ هي اُنهن حالتن ۾ مجذوب درويش ٿي رِڻ پَٽن جو راهي ٿي ويو. ماڻهن کان پري ڀڄندو هو. ۽ نيٺ رجب جي 14 تاريخ 1350هہ ڊسمبر 1931ع تي هِن فاني جهان کي ڇڏي حقيقي ماڳ ڏانهن موٽيو. هِن بزرگ جا ٽي خدمتگار بہ ٻُڌايا وڃن ٿا جِن ۾: گلاب راءِ (محمد گلاب)، لالو ڪهيري، فاطمہ خاصخيلڻ جِن جون قبرون بہ هِن جي مقبري جي اوير ۾ ٻُڌايون وڃن ٿيون. (معلومات دوست رشيد ڪمبوه جي ڪتاب ’لاڙ جو لال سيد سمن سرڪار[رح]‘ تان ورتي وئي).

هاڻي جڏهن دُنيا کي ڇڏي ويو آهي تہ هِن تي ماڻهن جا ميڙا متل آهن، هِن درگاهہ تي مسلمان توڙي هندو ساڃي تعداد ۾ اچن ٿا، هن جي حاضري ۾ گهڻو ڪري ماڻهو ڪُڪڙ ڪٺي ٿا اچن. جن کي مقبري جي احاطي ۾ ڪُهي کائن ٿا، ڪي وري درگاهہ تي ڇڏي وڃن ٿا. هِن درگاهہ تي لڳندڙ ٻارهو ميلو جنهن کي شاعر نياز پٽافي پنهنجي شعر ۾ هِن طرح بيان ڪيو آهي:

ثقافت جو قلعو آهي، سمن سرڪار جو ميلو.
وڻي ٿو واهہ هر دِل کي، امن ۽ پيار جو ميلو.

اچا پوتا ڏِسڻ جهڙا، چمن ٿا چنڊ جا ڪِرڻا،
رهاڻيون روح واريون ۽ مٺي گُفتار جو ميلو.

سمايل رنگ الفت جا، سجايل خوب بازارون،
گهمن جوڙا جوانن جا، ٻُڌي ۽ ٻار جو ميلو.

اُتر ۽ لاڙ تر وارن، وڏي رونق مچائي آ،
اُنن گهوڙن ڏِٺن مينهن، وڏي واپار جو ميلو.

بدين شهر_ سانول پور يا بديٽي بجاءِ بدين سڏيو ويو

اوچتو مون ڪنهن جو هٿ پنهنجي ڪُلهي تي محسوس ڪيو سجاد هو 'شاعر صاحب ڪِٿي گُم ٿي ويو آهين؟ بدين پُهچي وياسين'. ماضي جي ميلي مان مَن کي موٽائي ورتم ۽ ڏِٺم تہ بدين پُهچندي سِج اسانجو ساٿ ڇڏي اسانکي رات جي حوالي ڪري ويو. بدين بابت ڪوهستاني سنگت کي ٻُڌائيندو هلان تہ: هِن شهر جنهن ۾ هِن وقت پنهنجي موجودگي آهي، ماضي ۾ تقريباً 1500ع عيسوي کان هي چاچڪان علائقو سڏبو هو هِن علائقي ۾ يعني هِن شهر واري هنڌ هِڪڙو همراه بديٽو نالي اچي آباد ٿيو جيڪو ذات جو ملاح ٻُڌايو وڃي ٿو ۽ بدين جي پُراڻي قديم ذات بہ ملاح ئي ٻُڌائي وڃي ٿي. اُن بديٽي ملاح جي پُويان هِن علائقي کي بديٽو سڏيو ويو. جڏهن هِن بديٽي علائقي ۾ شاهہ قادري جي دڙن وٽ سانولو نالي هڪ همراه 1750ع ڌاري اچي وينو تہ آهستي آهستي شهر آباد ٿيڻ لڳو پوءِ هِن شهر جو نالو بہ اُن شخص سانولي جي پُٺيان 'سانوَل پور' پيو. تقريبن 30 سالن کانپوءِ جڏهن ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جو دؤر هو 1780_81ع ۾ تڏهن هِن عبدالنبي ڪلهوڙي مدد خان پناڻ کي سنڌ آندو جنهن اچي سنڌ جي ڦُرلُٽ ڪئي، اُن ۾ بدين بہ شامل هو تاريخ ٻُڌائي ٿي تہ جڏهن مدد خان پناڻ بدين ۾ ڦُرلُٽ شروع ڪئي تہ گهرن ۾ وِچائڻ وارو تڏو بہ نہ ڇڏيائون، سڀ ڪُجهہ ڦُرلُٽ ڪري آخر ۾ شهر کي باهہ ڏيئي ساڙي رک جو ڍير ڪري ويو. اُن کان پوءِ وري پيهر هي شهر جيڪو هاڻي موجوده شهر آهي آباد ٿيو جنهن کي سانوَل پور يا بديٽي بجاءِ بدين سڏيو ويو اجا بہ ڪي پهراڙي جا جهونا ماڻهو هِن کي بديٽي جو شهر ئي سڏيندا آهن. سواِهو آهي اسان جو شهر بدين ۽ بدين کي ضلعي جو درجو وري شهيد عوام ذوالفقار علي ڀٽو 1975ع ۾ ڏِنو. (معلومات ڪجهہ ڪتابن ۽ ڪجهہ پروفيسر عبدالله ملاح کان ورتم).

هِن شهر کي اسين مولوي حاجي احمد ملاح جو شهر بہ سڏي سگهون ٿا. ۽ هِن غريب آباد کي وسائيندڙ پُڻ مولوي احمد ملاح ئي آهي.

بدينا برک ٿيا بيشڪ، وِڏئون سِنڌ کي تہ سونو نَڪ،
لڳو دُشمن کي دِل تان ڌَڪ، ڳَري وِيچار ويچارو.

مولوي احمد ملاح ـ جيئن مِلين تيئن مِل مِٺا

’مولوي احمد ملاح جو مقبرو ڪِٿي آهي‘؟ سرور پُڇي ٿو. جواب ۾ چوانس ٿو: ’سرور شاعرن تي ڪهڙا مقبرا. مولوي احمد ملاح هِتان ڪان ٿوري پنڌ تي (هٿ جي اِشاري سان ٻُڌايان ٿو) ڪينٽ روڊ تي قبرستان آهي اُتي هن جي قبر آهي، ۽ هِن جي پاسي ۾ مولوي خير محمد نظاماڻي به سُتل آهي. ’ڀلا هِن وقت رات آهي قبرستان نٿا هلي سگهون اسان کي تون تعارف ٻُڌائي مولوي حاجي احمد ملاح جو‘؟ سرور وري ٻيو سوال ڪيو. سرور! مولوي حاجي احمد ملاح جو تعارف ته مونکي ايترو علم ئي ناهي جو هِن عالم جو تعارف توکي ٻُڌايان. بس جيڪا ٿوري گهڻي معلومات آهي اوهان سان شيئر ڪريان ٿو.

روپا ماڙي ٻُڌي اٿئي؟ انهيءَ روپا ماڙي کان ميل کن جي مفاصلي تي هِڪڙو ننڍڙو ڳوٺ ’ڪندو‘ نالي سان آهي. اِهو ڳوٺ ديهه لوهڻ، تپي چورهڏي، يونين ڪميٽي ميمڻ ۽ تعلقي بدين ۾ آهي. اُن ڳوٺڙي ۾ هِڪڙي غريبڙي نانگيو ملاح جي گهر هِن هستي احمد ملاح جنم ورتو. هي صاحب 11 سالن تائين ڍور چاريندو رهيو. پوءِ اوچتو هِن کي خيال آيو علم ڪانسواءِ به ڪهڙو انسان ۽ اِن تي پاڻ هِڪ شعر به چيو اٿس.

ڍور چاريندي اِچي ويو، اوچتو مون کي خيال،
عِلم ري اِنسان کي، ڪُجهه ناهي عِزت اِحترام.

ايئن پوءِ يارنهن سالن جي عمر ۾ هِن علم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ئي ڳوٺ جي ويجهو ٻهڊمي جي مڪتب ۾ مولوي حافظ عبدالله منڌري وٽ علم حاصل ڪيو. اُن کان پوءِ مختلف هنڌن، مدرسن مان تعليم حاصل ڪيائين. 1932ع ڌاري پاڻ هِن قاضيه واهه جيڪو هاٽي ڪِراس ٿا ڪريون جي ڪپ تي هِڪڙي مسجد ۽ مدرسو انوارالعلوم جي نالي سان قائم ڪيو. پاڻ انهيءَ مسجد ۽ مدرسي جي ڀرسان پنهنجو گهر به اڏيائين.

اسان ٻُڌو آهي مولوي صاحب اوليائن جي خلاف هو؟ سرور پُڇيو.

’ايئن ناهي اوليائن جي خلاف نه هو. اُنهن ذهنن جي خلاف آهي جيڪي اوليائن تي ويجي اُنهن کان سڀ ڪجهه گهُرن ٿا. جڏهن ته جڳ جو والي واحد الله ئي آهي، ته هي ٻي در ڇو ٿا نمن اِن عمل جي خلاف آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولوي صاحب پهريون عالم ۽ شاعر آهي جنهن قرآن شريف جو سنڌي نظم ۾ ترجمو ڪيو. سندس شاعري جا ڪيترائي ڪِتاب بار بار ڇپبا رهيا آهن. جيڪي شروعات ۾ سندس دوست ۽ پاڙيسري مولوي عبدالله جوڻيجي سهيڙي ڇپرايا هئا ۽ هاڻي ويجهڙ ۾ اُنهن سڀني ڪِتابن کي گڏي ۽ بيو ماڻهن جي سينن مان شاعري ڪيڏي گڏ ڪري سندس شاعري جو ڪُليات 2013ع ۾ پروفيسر ضرار رستماڻي ہن ڀاڱن ۾ ڇپرايو آهي. جنهن کي پڙهندڙن وٽان وڏي موٽ مِلي آهي. جنهن جي ڪمپوزنگ ڪرڻ کان ڇپڻ جو اعزاز هِن بندي ناچيز کي آهي.

’ڀلا احمد ملاح جو ڪو شعر جيڪو توکي وڻندو هُجي ٻُڌائي؟ سرور چيو‘. جيستائين منزل کي پهچون سرور جڻ ته مونکان انٽرويو ڪري رهيو آهي، سُنو به لڳي ٿو. احمد ملاح جي سڀ شاعري سُڻي آهي ادا.

مِل م ِنا! کهڙي به مُل تي، جيئن مِلين تِيئن مِل مِنا!
سِر، ڪِ گهر، گوهر، ڪِ گُل تي، جيئن مِلين تِيئن مِل مِنا!

ڪنهن به قِيمت تي غَنيمت، تُنهنجي تشريف آوري،
مِلڪ مايا، مُلڪ ڪُل تي، جيئن مِلين تِيئن مِل مِنا!

ساهه حاضِر، ماهه حاضِر، هَڏ هِنيون حاضِر حَبيب!
ڪُل اَتالي جي اُتل تي، جيئن مِلين تِيئن مِل مِنا!

سانگ سانوڻ، سَير سانجهي، ٻيا سَڳورا ڏينهن سَوِين،
ڪنهن به اَنگل، ڪنهن اُچل تي، جيئن مِلين تِيئن مِل مِنا!

موتيا گُل خواهه موتي، مُلهه چوڻ مون لاءِ موت،
مُلهه ڪِٿان آڻيان؟ اَمُل تي، جيئن مِلين تِيئن مِل مِنا!

گُل! گهڻان ڏينهن تُنهنجي گُلشن ۾، ڪَندا ڪاڏم قريب!
ساڻ بُلبُل ڪنهن به بُل تي، جيئن مِلين تِيئن مِل مِنا!

آس اَهنجي واس جي، ”احمد“ ڦِري ٿو آس پاس،
جيئن ڦِرن ٿا پَونر ڦُل تي، جيئن مِلين تِيئن مِل مِنا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضيه واهه ـ هي واهه پوري شهر جي وِچان گُذري ٿو

اسان جڏهن قاضيه واهه جي پُل ڪِراس ڪريون ٿا، ته سائين جِن ڪي ٻُڌايان ٿو: ’هي واهه پوري شهر جي وچان گُذري ٿو. هاڻي ته هِن واهه جا ٻئي پاسا به پڪا ڪيا ويا آهن. بس هِڪڙو ڪم اجا وس وارن کي ڪرڻ گُهرجي ته هِن واهه ۾ ڪِتان به ڪنهن گهر جو ڪو به گٽر نه پوڻ گُهرجي، ۽ هِن واهه جا ٻئي پاسا جيڪڏهن قبضن کان خالي ڪرائي روڊ نهرائي پاسن کان وڻڪاري ڪرائي وڃي ته هِن شهر جي سونهن کي چوڏهن چنڊ چمڪڻ لڳندا، پر خبر ناهي وس وارا اهڙا بدذوق ڇو هوندا آهن، ۽ باذوق ايترا بيوَس ڇو هوندا آهن.‘ ايئن قائدِ اعظم روڊ وٺي اڳتي آياسين، جڏهن پارڪ وٽان گُذر ٿيو ته پارڪ بابت به ٻُڌائڻ فرض پيو سمجهان، اسان وٽ جي سنگت کي گُهمائڻ جو وقت ناهي ته ڪين بدين شهر بابت مڪمل ڄاڻ ڏيڻ انتهائي ضروري آهي.

شهيد بينظير ڀٽو پارڪ

ڪين ٻُڌايم هي جنهن پلاٽ تي پارڪ آهي، اهو پلاٽ ريلوي وارن جو آهي،اِن پلاٽ تي گهڻي وقت تائين رينجرس جو قبضو هو پر هاڻي هِتي اِهو پارڪ ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي گهرو وزارت ۽ فهميده جي اسپيڪر واري دؤر جو تحفو آهي، هي فيملي پارڪ آهي، ۽ شهر جي وچ ۾ هُئڻ ڪري شهرين لاءِ ڏاڍو ڪارائتو آهي، اهڙا ڪارائتا ڪم مرزا فيملي بدين ضلع جي تقريبن هر شهر ۾ ڪرايا آهن. سواءِ اسانجي ماتلي شهر جي.

مهراڻ چوڪ ۽ ريلوي اسٽيشن

جڏهن اسان جون گاڏيون بينظير پارڪ کان ٿورو اڳيان مهراڻ چونڪ تي پهتيون ته هِٿ جي اشاري سان سنگت کي ٻُڌايان ٿو ته: ’هو سامهون اوير طرف ريلوي اسٽيشن نظر پئي اچي، اها ريلوي اسٽيشن 1908ع ۾ قائم ٿي. هِتي هلندڙ ريل ۾ هِڪ به ڀيرا مون به سفر ڪيو هو پر هاڻي بلڪل ماضي جو قِصو بڻجي ويو. ٻيهر آپا فهيمده ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار ٽرين هِن ٽريڪ تي آڻي افتتاح ڪيو هو ته هاڻي ٻيهر ٽرين بحال ڪجي ٿي، پر ڪجهه مهينن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين هلي وري ٻيهر ٻيهي رهي، تنهن ڪري هاڻي اِها ٽرين ۽ اسٽيشن بلڪل ماضي جو قِصو بڻجي رهجي وئي.

هي يونائيٽيڊ هوٽل

يونائيٽيڊ هوٽل وَٽ اچي گاڏين کي بريڪ ڪيوسين، ۽ سچ جي آفيس سامهون گاڏيون موڙي بيهاريوسين. ڪوهستاني سنگت کي ٻڌايم تہ: ’هي ’يونائٽيڊ هوٽل‘ تمام پُراڻي آهي، هِن جو شروع شروع ۾ وڏو اوچ هوندو هو. هِن بلڊنگ ۾ هوٽل، هوٽل جي رهائشي ڪمرن کان علاوه ڪيئي آفيسون بہ قائم آهن، جن ۾ قومي بچت بئنڪ، ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي آفيس، وڪيلن جون آفيسون، ۽ سچ جي آفيس جتي اسين آيا آهيون.‘

مولوي عبدالغفار جمالي ـ سچ آفيس

هِتي اسان جو ميزبان مولوي عبدالغفار جمالي اسان جو انتظار ڪري رهيو آهي، سچ جي آفيس ۾، سچ هِن جي هِڪڙي سماجي تنظيم آهي.

اندر آياسين، مولوي عبدالغفار جمالي ۽ ٻہ ٽي ٻيا سندس ساٿي، سندس آفيس ۾ انتظار ۾ ويٺل هئا، اسان سان ڀاڪر پائي مِليا. خوش خيرعافيت، حال احوال ۽ تعارف ٿيو. ٽيسٽائين ڪجهہ ريفريشمينٽ ۽ بوتلون بہ اچي ويون. ڪائي پِي. گاڏين ۾ چڙهياسين، مولوي عبدالغفار جمالي سندس گاڏي ڊبل ڪئيبن ڪنئي، آئون ۽ سرور هِن جي گاڏي ۾ سوار ٿياسين.

لاڙ ايف ايم 94 بدين

مٿي بلڊنگ ڏانهن اِشارو ڪندي سرور کي ٻڌايم تہ: اِها مٿي ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي آفيس بہ آهي، جنهن ۾ هِن وقت ريڊيو ’لاڙ ايف ايم 94 بدين‘ جي نالي سان هلي رهيو آهي، جنهن جي شروعات آگسٽ 2014ع کان باقائده شروع ڪئي وئي، هي ايف ايم 94 ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا جو آهي، هِن وقت جنرل مئنيجر راجا ظفر آهي، جڏهن تہ پروگرام انچارج مدثر ظفر ۽ مارڪيٽنگ مئنيجر ظفر خاصخيلي آهي. حيدرآباد بدين روڊ ورتوسين، الله والا چونڪ تي پهتاسين تہ سروَر کي ٻڌايم:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قطر طرفان مليل تحفو ـ قطر مسجد

هي سامهون ڏِسو پيا کھڙي خوبصورت اڏاوَت جو نمونو آهي، انهيءَ مسجد کي ’قطر واري مسجد‘ سڏين ٿا. هي مسجد قطر حڪومت پاران مليل تحفو آهي، قطر وارن جي ئي پئسن سان جُڙي راس ٿي، هِن مسجد لاءِ پلاٽ مولوي عبدالحميد جوڻيجي ڏِنو ۽ اُن وقت جو ميونسپل چيئرمين خليفو عبدالله ميمڻ هو جنهن جي دِلچسپي ۽ ڪوشش سان هي ڪم مڪمل ٿيو. انهيءَ جي اوير ۾ بوائز هاءِ اسڪول بدين جي بلڊنگ آهي. شهر جو باءِ پاس روڊ جنهن کي ڪورٽ روڊ بہ سڏين ٿا. گاڏين جي آهستي اسپيڊ سان هلندا رهياسين، گاڏي ۾ تہ منٽ جو پنڌ آهي، سو منٽ جي پنڌ تي اولهہ طرف وڏي ڪنيي/ٽاوَر ڏانهن هٿ جي اِشاري سان سرور کي ٻُڌايان ٿو:

ايف ايم 105 بدين

’اِهو مٿي جيڪو ٽاوَر ڏِسين پيو اِهو ايف ايم 105 اسٽيشن آهي، جنهن کي بدين ۾ اسانجو پيارو دوست يونس ٻڪاري هلائي رهيو آهي. سروَر ٽُنهنجي معلومات ۾ اضافو ڪندي اِهو ٻُڌايان تہ پرائيويٽ ايف ايم ريڊيو چئنل جو هي ئي پهريون پرائيويٽ ايف ايم چئنل ’سچل ون او فائو 105‘ جي نالي سان قائم ٿيو جنهن ڪراچي جي مين شاهراہ فيصل بزنس ايونيو بلڊنگ مان پنهنجي پهرين نشريات شروع ڪئي. بعد ۾ حيدرآباد ٿڌي سڙڪ تي اسٽيٽ لائف بلڊنگ مان سيڪنڊ مين اسٽيشن تان نشريات ٻُڌي وئي ۽ پوءِ ايئن آهستي آهستي پوري مُلڪ ۾ هِن چئنل جون ڪُل 23 اسٽيشنون قائم ڪيون ويون آهن، جن مان سنڌ ۾ ٻہ ٻارهن، ٽيرهن ڪن آهن ۽ هي بدين اسٽيشن 105 جي باقائده شروعات 2009ع کان يونس ٻڪاري جي آواز سان ڪئي وئي، هِن مُلڪ جي سڀ کان وڏي پرائيويٽ چئنل 105 جو اونر/مالڪ جهانگير صديقي آهي.

انصاف جي اکين تي ٻڌل پٽي ـ سيشن ڪورٽ

’اِها خوبصورت بلڊنگ سيشن ڪورٽ جي آهي، جيڪا هاڻي ڪجھ سال پهرين ٺاهي وئي آهي. انهيءَ جي پاسي ۾ هيٺ اِها پُراڻي بلڊنگ آهي. جنهن جي اڏاوَت 1975ع کانپوءِ ٿي هُئي، جڏهن بدين کي ضلعي جو درجو مِليو هو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو دؤر هو. ’سرور! ڪورٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هڪڙو خاص نشان ڏنو اٿئي، جنهن ۾ انصاف جي ديوي جي هٿ ۾ ساهمي هوندي آهي ۽ اکين تي پٽي ٻڌل هوندي آهي. انهي تي ڪڏهن غور ڪيو اٿئي، تہ انصاف کي انڌو ڇو پيش ڪري ڏيکاريو ويو آهي؟ ’الائي مون ڪڏهن غور ناهي ڪيو‘.

لاڙ ميوزيم ۽ مولوي احمد ملاح لائبرري

ڊي سي او چوڪ پهتاسين تہ سامهون بلڪل خوبصورت بلڊنگ آهي، جنهن جي چوڌاري ڇٽوديواري اُها بہ گُلڪاري واري ڏِنل ’لاڙ ميوزيم جي آهي‘. هن لاڙ ميوزيم ۾ اندر قائم ’مولوي احمد ملاح لائبرري‘ بابت کين ٻڌايان ٿو: 1980_81ع ۾ ريلوي اسٽيشن تي ميونسپل ڪميٽي جي هِڪڙي دُڪان ۾ اِهي لاڙ ميوزيم جو شيون رکيون ويون هيون، جنهن دُڪان ۾ هِن وقت هٿيارن جو دُڪان قائم آهي.

وزيراعظم محمد خان جوڻيجو جي دؤر ۾ ٺٽ ۾ ثقافتي ميلو لڳو هو. اُن ميلي ۾ محمد سومار شيخ اِهي سيئي شيون ڪٺي وچي اسٽال لڳايو هو. اُتي محمد خان جوڻيجو هِن کي باقائده ميوزيم ٺاهڻ لاءِ پنج لک روپيا ڏِنا. جنهن مان پوءِ محمد سومار شيخ ايگروول ڪالوني ۾ 2 ڪمرا ٺهرايا. اُن کان پوءِ گورنر ڪمال اظفر بدين آيو هو تہ اُن بہ ڪجهہ لاڙ ميوزيم لاءِ ڏوڪڙ ڏِنا.

1991ع ۾ لاڙ ثقافتي ميلو لڳو هو اُن ميلي ۾ محمد اسماعيل سپاسنامو پيش ڪيو. جنهن کانپوءِ چام صادق ميوزم لاءِ 30 لک ڏيڻ جو اعلان ڪيو. اُن اعلان کانپوءِ محمد سومار شيخ هِڪڙو نئون نقشو تيار ڪرايو جيڪو هاڻي موجوده ’لاڙميوزيم‘ آهي. ۽ هِن نئين لاڙميوزيم جي عمارت جو جڏهن بنياد پريو تہ اُن وقت محمد سومار شيخ هِن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. لاڙ ميوزيم جو ڪم هلندو رهيو. جڏهن پ پ جي گورنمينٽ آئي تہ قائم علي شاهہ هِن ميوزيم لاءِ وڏيڪ پئسا ڏِنا ۽ پوءِ جڏهن ناظمي نظام آيو تہ تعلقن جي بجيٽ تعلقن ۾ ئي خرچ ڪرڻي هئي، اُن وقت بدين جو ڊي سي او سيد ممتاز شاهہ هو جنهن تعلقي جي سموري بجيٽ هِن ميوزيم جي حوالي ڪئي جنهن تي ڪمال چانگ اُن وقت جي ضلع ناظم صحيح ڪئي، ۽ ايئن هي هاڻوڪي خوبصورت ’لاڙ ميوزيم ۽ مولوي حاجي احمد ملاح لائبرري‘ جي عمارت 2005ع ۾ جُڙي راس ٿي. جيڪا هِن کان پهرين

لائبرري ميونسپل ڪميٽي جي هِڪڙي هال ۾ قائم ڪئي وئي هُئي، محمد سومار شيخ ۽ خليفو عبدالله ميمڻ جي گڏيل ڪوشش سان.

موجوده ’مولوي حاجي احمد ملاح لائبرري‘ جو اعزازي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو کي مقرر ڪيو ويو هو. اُن جي وفات ڪانپوءِ هِن وقت پروفيسر عبدالله ملاح اعزازي ڊائريڪٽر آهي. (معلومات پروفيسر عبدالله ملاح)

جتي شرافءِ شهر گڏجن ٿا_جيم خانہ

لاڙ ميوزيم جي اولهہ طرف پاسي ۾ ئي جيم خانہ قائم آهي، جنهن کي ڊي سي ميجر (ر) اقبال، تيل ڪمپني جي سهڪار سان، 1991ع ۾ اسڪائوش ڪورٽ قائم ڪئي. پيهر 1997ع ۾ ڊي سي بدين قاضي عبدالسبحان ميمڻ، يو ٽي پي ۽ او جي ڊي سي جي سهڪار سان ’اسپورٽس ڪامپليڪس‘ قائم ڪيو. وري ٽيهر 2000ع ۾ ڊي سي قاضي شاهد پرويز اسپورٽس ڪامپليڪس کي ’جيم خانہ‘ ۾ تبديل ڪيو. عارضي ايڊهاڪ باڊي تشڪيل ڏيئي جيم خانہ کي هلايو ويو. پوءِ جڏهن ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جو دؤر آيو تہ هِن جيم خانہ کي وڌيڪ سڀ گهربل سهولتون مهيا ڪيون.

هي عوام جي خادم ۽ چوڪيدار جي آفيس آهي

چوڪ کان گاڏي گُهمي اولهہ طرف رواني ٿي، اُتر طرف هٿ جي اِشاري سان ٻُڌايانس ٿو تہ: هي عوام جي خادم ۽ چوڪيدار جي آفيس آهي، جنهن کي ايس ايس پي آفيس چيو وڃي ٿو. جڏهن بدين ضلعو قائم ٿيو هو تہ اُن وقت ۽ هِتي پهريون ايس ايس پي سيد اڪبر شاهہ هو. هِن وقت 2017ع ۾ عبدالقيوم پتافي ايس ايس پي عرف عوام جو خادم رهي ٿو آهي.

ضلعي بدين جي خادم ڊي سي جي آفيس

ايس پي آفيس جي پريان اِها جيڪا بلڊنگ نظر پئي اچي جنهن جي گيٽ تي ڪاري ڪلر جا ٽائلس لڳل آهن. اِها بلڊنگ ضلعي بدين جي خادم ڊي سي جي آفيس آهي، هِي آفيس 1975ع ۾ قائم ٿي. هِن ڊي سي آفيس تي پهريون ڊي سي او غياث الدين جوڻيجو مقرر ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کي مرزا فارم سڏين ٿا

ڊي سي آفيس، ايس پي آفيس هِڪبئي جي پٺ ۾ ۽ روڊ ڪراس ڪري اُنهن جي سامهون جيم خانه هاڻي اسان اوله طرف ڪراچي روڊ تي هلي رهيا آهيون. ڏيڍ ٻه ڪلوميٽر جي پنڌ ڪانپوءِ مورجهر پُهتاسين. موري (پُل) ڪراس ڪرڻ وقت سرور کي ٻُڌايان ٿو سرورا ’هي مورجهر واهه جا ٻئي ڪپ ڏِسين پيو اِهي ڏکڻ طرف وڃن پيا اڳيان سفيدي جا وڏا وڻ به نظر ايندا. هِتان کان تقريبن ٻن اڍائي ڪلوميٽرن جي فاصلي تي اٿئي ’مرزا فارم‘. ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا (سابق گهرو وزير) ۽ آپا فهميده مرزا (سابقه اسپيڪر قومي اسيمبلي) سندن پُٽ حسنين مرزا ۽ حسام مرزا جِن جو آشيائنو جنهن کي ’مرزا فارم‘ سڏين ٿا. مورجهر موري جي ٻنهي ڪپن تان وڃي سگهجي ٿو ڏکڻ طرف تقريبنّ اڍائي ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي.

رات جي روشنين ۾ ڪوهستاني سنگت سان سفر سهانو روان دوان آهي. مولوي عبدالغفار جمالي جي ڊبل ڪئبن گاڏي جي شيشن مان ٻاهر جا منظر ڏِسندو ۽ پاسي ۾ ويٺل سائين سرور خاصخيلي کي ٻُڌائيندو رهان ٿو.

انڊس اسپتال

هاڻي اسين جڏهن گولاڙچي روڊ تي آياسين ته اُتر طرف انڊس اسپتال ڏانهن اِشارو ڪندي سرور کي ٻُڌايان ٿو سرورا اِها اٿئي انڊس اسپتال جيڪا سول اسپتال جنهن کي اپڊيٽ ڪري اين جي اوز حوالي ڪيو ويو آهي، پُراڻي اسپتال بلڊنگ شهر اندر آهي، ڪاليج جي سامهو هي هاڻي ٻاهر نئين بلڊنگ قائم ڪئي وئي آهي، هِن جي قائم ڪرڻ کان پهرين جڏهن اين جي اوز حوالي ڪيو پي ويو تڏهن العباس شادي هال ۾ هِڪڙي وڏي ميٽنگ (پروگرام) ڪيو ويو هو جنهن ۾ ساڄاهه وند شهرين، صحافين، شاعرن اديبن، ڊاڪٽرن ۽ پروفيسرن کي گهرايو ويو هو تجويزون وٺڻ لاءِ ته سرڪاري اسپتال کي ڪنهن اين جي اوز حوالي ڪجي يا نه. اُن پروگرام ۾ آئون به هُيس اسان سيني وڏي جوش سان انهيءَ موقف جي حمايت ڪئي هُئي ته سرڪاري اسپتال جيڪا هاڻي مريضن جي لاءِ لاياڻتي ناهي رهي اُن کي ڀلي اين جي اوز حوالي ڪيو وڃي. جيئن صحت جي معاملي ۾ مريضن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي فورن علاج جي سهولت مهيا ٿي سگهي. پر هي اسپتال انڊس، هِن ۾ اهڙو طريقو ۽ رويو روا رکيو ويو آهي، جو غريب ويچارو ته پيڙهجي رهيو آهي، غريب کي لائن ۾ لڳائي ٿا ڇڏين. جيستائين ٽوڪن جو وارو اچي تيستائين ڊاڪٽر اُٿيو وڃن. وري ڇوَن سپاٽي اچجو باقي جيڪو سفيدپوش آهي يا جنهن جي ڄاڻ سُڃاڻ آهي، جنهن وٽ حوالو يا سفارش آهي، اُن لاءِ ڪا به لائن ٽوڪن ناهي.

مدرسہ دالعلوم بدين

بدين شهر کان پنج ڪلوميٽر پنڌ ڪري پُهتاسين اچي ڪنهن ڪاليج نما هِڪڙي وڏي بلڊنگ اڳيان. سڀني دوستن گاڏين مان لهندي چيو واهہ ’سبحان الله‘ سائين عبدالغفار جمالي جيڪو هِن مدرسي جو مهتمم ۽ اڄ اسان جو ميزبان پُڻ آهي، اسان کي مسجد جي طرف وٺي وڃي رهيو آهي، مون سائين کان ڪجهہ معلومات ورتي مدرسي جي باري ۾، سائين عبدالغفار ٻُڌايو: ’بدين شهر کان پنج ڪلوميٽر ڪراچي روڊ جي پر ۾ اُتر طرف نيٽو واهہ تي 2014ع ۾ ست ايڪڙ جي ايراضي تي اسان هِن مدرسي ’مدرسہ دالعلوم بدين‘ جو بُنياد رکيو. جيڪو الله جي ڪرم ۽ مخير حضرات جي تعاوَن سان تمام گهڻو ڪم تي چُڪو آهي، جڏهن مسجد ۾ پُهتاسين تہ واه ’سبحان الله‘ چيوسين. انتهائي خوبصورت، خلاصي هوادار. سائين عبدالغفار ٻُڌايو: ’هي مسجد ساڍا تيرنهن هزار اسڪوائر فوٽ تي قائم آهي،‘ هِن ۾ لڳل درن درين ۾ هي استعمال ٿيل ڪاٺ سڀ روهيڙي جو آهي، جيڪو مِٺيءَ مان گُهرايو اٿم.

مدرسي جي باري ۾ وڌيڪ ٻُڌايائين تہ: ’هي بہ ماڊل مدرسو آهي، هِن مدرسي ۾ ٽوٽل 10 روم آهن، تي هال جنهن ۾ هڪ آفيس، هڪ مهمان خانو ۽ هِڪ لائبريري/ڪُتب خانو آهي. هي انگلش ميڊيم ماڊل اسڪول بہ آهي، جنهن ۾ انگلش سان گڏ چار ڪلاس قرآن شريف حفظ جا ۽ چار ڪلاس عربي جا پُڻ پڙهايا وڃن ٿا. هِن مدرسي جا ملازم ڪُل 14 آهن. هِن مدرسي ۾ هِن وقت 200 سئو شاگر پڙهندڙ ۽ رهندڙ آهن. هِنن شاگردن جي رهائش، کاڌو پيتو ۽ وظيفو سڀ مدرسي جي ذمي آهي، هي مدرسو ’جامع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دارالعلوم' ڪراچي جي مفتي محمد تقي عثماني جي زيرِنگراني هلي ٿو ۽ هِن جو الحاق 'وفاق المدارس العربيہ پاڪستان بورڊ' سان آهي.

مدرسي جي سامهون خوبصورت پارڪ، وڻ ٻوٽا پُڻ هِن مدرسي جي خوبصورتي ۾ واڌاري جو سبب آهن. هاڻي سائين مولوي عبدالغفار جمالي چيو تہ هلو هلي رات واري ماني ڪائون. منجهند واري ماني اوهان جي نصيب ۾ نہ هُئي، اسان تہ انتظار ڪيو پر اوهان رات ڪري چڙي.

درگاهہ ميان علي شريف

مدرسي مان نِڪرڻ ڪانپوءِ اسان وري بدين شهر جو اُترين ڀاڱ پاس ورتو ڪجهہ ڪلوميٽرن ڪانپوءِ جڏهن پُل ڪِراس ڪري آياسين تہ اُتر طرف ڪان اڏيل قبي طرف اِشارو ڪندي سرور کي ٻُڌايان ٿو. 'سرورا! اِها سامهون جيڪا درگاهہ نظر اچي پئي، اِهو پير عالي شير شاهہ عرف 'ميان علي شريف' جي نالي سان مشهور آهي. انهيءَ درگاهہ جي لڳ اولهہ طرف جيڪا مسجد نظر پئي اچي اِها مسجد ناهي، انهيءَ ۾ بہ مرحوم هاشم شاهہ قريشي ۽ مرحوم عثمان شاهہ دفن آهن. ڏينهن هُجي ها تہ ضرور اوهان کي ٻن منٽن لاءِ وٺي هلي حاضري پرائي اچجي ها. پر وري ڪنهن ٻي پيري.

ايئن اسان پير چوڪ ڪِراس ڪري اڳتي وري ريلوي لائن مٿان اڏيل پُل ڪِراس ڪري ڪوسڪي ٽنڊوباگو باءِ چوڪ تي هوٽل تي ماني کاڌي ڪائي، هِتان ڪان ٿي سيني دوستن ياڪر پائي موڪلاڻي ڪئي.

واپسي

بدين وارن کي ڇڏيوسين بدين ۾، اسان ورتو واپسيءَ وارو رستو يعني حيدرآباد روڊ. بدين ڪان ماتلي پورا 50 ڪلوميٽر آهي، ۽ نارمل رفتار سان اچبو تہ پورو هِڪ ڪلاڪ لڳي ٿو پنڌ ۾. اسانجي وقفي وقفي سان سفر بابت گفتگو ٿئي پئي، هونئن اڪثر هِر سفر جي واپسي تي سيني مسافر جا مُنهن سفر تي ويندي جيئن مهڪندڙ لڳندا آهن. ايئن بلڪل نہ هوندا آهن پر مُرجهايل مُرجهايل لڳندا آهن.

ماتلي پهتاسين. ڪوهستاني سنگت ڪان ياڪر پائي موڪلائي موٽيا سڀ پنهنجي ماڳ.

جيڪي سفر ۾ همسفر هئا:

پروفيسر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي: ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت، پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُنا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ تاريخ لکندڙ ماتلي جي تاريخ لکي اٿس، اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا ”باغي آ عشق منهنجو“، ”تاريخ آهي شاهد“ پڻ هِن جا سهيڙيل آهن. نظاماڻي ذات تي ”تذڪراءِ نظاماڻي“ وڏو ڪِتاب لکيو اٿس، جنهن ۾ پوري قوم جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه ڪوڙيا بہ ڪتاب لکيل، سهيڙيل، مُرتب ڪيا اٿس.

شيخ عبدالله ’ڪوهستاني‘: ٽنڊو بولا خان سان تعلق رکندڙ انتهائي سُنو سماج سُڌارڪ، پاڻ پيشي جي لحاظ کان عربي ٽيچر آهي، سدائين سفر ۾ نند ڪندو آهي، نہ تہ بس زندگي جي سفر ۾ هل هلان اٿس، ڪنهن وقت ڪِٿي تہ ڪنهن وقت ڪِٿي، سدائين سماجي ڪمن جي پويان، سندس مختلف ڪمن، فري ميڊيڪل ڪئمپون لڳائڻ، غريبن جي سهائتا ڪرڻ کان علاوه جيڪو ڪم هن جي سُڃاڻپ بڻيو آهي سو آهي، اجتماعي شاديون ڪرائڻ، هي تقريبن ڪوڙ سارن غريب بي سهارا خاندانن جي غريب نياڻين جون شاديون ڪرائيندو آهي، ۽ ڪين پورو پورو ڏاج بہ ڏِنو ويندو آهي.

غلام مصطفيٰ ميمڻ: ٽنڊو بولا خان سان تعلق رکندڙ هي صاحب سُنو دوست سُني سوچ رکندڙ آهي، پاڻ صحافت ڪندو آهي، صاف سُٿري صحافت، ڪي ٽي اين ۽ ڪاوش جو رپورٽر آهي ٽنڊو بولاخان اسٽيشن کان، سندس ٽنڊو بولا خان ۾ سُنو جنرل اسٽور پڻ آهي.

منظور احمد جوڻيجو: ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ: منهنجو ياءُ آهي، سُني دل رکندڙ آهي، سندس حيدرآباد ۾ ”الرزاق پرنٽرز“ آهي، پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گهمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشہ چوندو آهي، گهمڻ جو پروگرام ناهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

سرور خاصخيلي: سندس تعلق ٽنڊو بولا خان سان آهي، سُنو ماڻهو آهي، پيشي جي لحاظ کان پرائمري ماستر آهي، صحافت بہ ڪندو آهي، ۽ شاعر پڻ آهي.

مزمل صديقي: ڪمپيوٽر آپريٽر (الرزاق ڪمپيوٽر حيدرآباد)

سجاد حسين: سئوٽ، ماتلي پريس مالڪ

نعمان: منهنجو فرزند

شعيب: پائيٽو ادا منظور جو فرزند

عادل ۽ عباس: شيخ عبدالله جا فرزند

مور ساگر: ’ڪي جاٽا مين ڪوڻ بُليا‘

[7 جولاءِ 2017ع]

سنڌ جي تاج محل (صاحب محل) سامهون سموري سنگت سان گڏ
ميزبان عبدالحميد جمالي، ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ، پروفيسر عبدالجبار نظاماڻي، مصطفيٰ ميمڻ،
شيخ عبدالله ڪوهستاني، منظور احمد، سرور خاصخيلي، سجاد حسن، شعيب، عادل ۽ عباس سان گڏ

شيخ عبدالله ڪوهستاني، منظور احمد جوڻيجو، مصطفيٰ ميمڻ، پروفيسر عبدالجبار نظاماڻي،
سرور خاصخيلي، سجاد حسن، شعيب، نعمان، عادل ۽ عباس (ڳوٺ نبي بخش ڪمبوه مدرسي جي پارڪ اڳيان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com


مير بنده علي جي بنگلي سامهون سموري سنگت سان

آگهاماڻي جا آثار ۽ آئون

بلاول پارڪ ٽنڊو باگو ۾ سنگت سان گڏ

شاهه ديواني جي درگاهه سامهون

مير غلام محمد خان ٽالپر گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو باگو
پرنسپال ۽ ميزبان محمد اسماعيل ميمڻ سميت سموري سنگت سان گڏ

صاحب محل سامهون ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ سان گڏ

سنڌ جي تاريخي ڪِردار محمد صديق مسافر جي آخري آرام گاهه تي

صاحب محل اندر ويٺل (صاحب محل جو اندريون منظر)

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مرزا فارم تان ڦيرو

روانگي

اُتر جو واءُ وريو آهي، اکين کي تنهنجو اوسيئڙو،
ڏيئي وانگي ٻريا آهيون، سدائين پيار جي پنڌ ۾.

ڊسمبر جي سرد صبح ۾ اُتر کان لڳندڙ ٿڌڙي هير جو هُڳاءُ ساهه ۾ سمائي سويري سُجاڳ ٿياسين، زندگي جا هزارين ڏينهن جيڪي ڪجهه به نه ڪندي گُذرن، اُنهن جو افسوس ڪرڻ گُهرجي، زندگي انتهائي انمول تحفو آهي، پنهنجي پالڻهار پاران، اُن کي بِلڪل سجايو گُذارجي، صبح جڏهن ننڊ مان ياڪر ڪيڃي، اکيون مهتي اُٿجي تہ اِهو لازم آهي صبح پهريون ڪم پنهنجي اُن پالڻهار اڳيان سجده ريز ٿي شُڪر بجا آڻجي تہ زندگيءَ جو هِڪ ٻيو ڏينهن هِن جهان ۾ جيئڻ لاءِ مِليو آهي.

نماز پڙهي، تلاوت ڪري تياري ڪئيسين، وري اڄ سفر جي نيت ساڻ ڪٽي ڪجهه سماجي ذميوارين، بہ نڀائڻيون آهن، جن کي نڀائڻ بنا بہ جهان ۾ جيئڻ جاڙ ٻڻجي پوي ٿو اُن سان گڏ زندگيءَ جو حِصو پُڻ آهن. ۽ باقي ٻچيل پهر زندگيءَ جا، اکين کي ڪجهه نئون جهان پسائڻ لاءِ پورا ڪرڻا آهن. ادا منظور ۽ آئون گاڏي ڪٽي آياسين سائين پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار قاسم نظاماڻي کي ساڻ ڪري سفر جي دُعا پڙهي روانا ٿياسين.

اسان کي اڄ مرزا فارم گهمڻو آهي

ماتلي کان گهنور جي ڪڙيي پهتاسين. مقبول ’حفي‘ بخاري سان رابطو ڪري سندس ڊِنل ڏس تي گاڏي کي گهمائي اچي پهتاسين سندس اوطاق اڳيان. هِن جي والد جي ڪجهه ڏينهن پهرين وفات ٿي هُئي اُن جي فاتح پڙهيسين. ڪجهه گهڙيون گڏ گُذاري حال احوال اوري اُٿياسين.

گولاڙچي پريس ڪلب پهتاسين سردار پٽي کي پاڪر پائڻ لاءِ. پاڪ انٽرنيشنل جنرلسٽ رجسٽرڊ صوبي سنڌ جو صدر ٿيو آهي. مبارڪون ڊِنيون. ڪچهري ڪئي. چانهه به گهرائي ورتائين. پي پوءِ گروپ فوٽو ڪڍي ڪائنس موڪلايوسين.

بدين جي شهر ۾ پهچي سِڌو ڪِرڪ هال تي پهتاسين. جِتي دوست ظفر خاصخيلي جي پُٽ مُبشر جي شادي هُئي. اُن ۾ شريڪ ٿياسين. ظفر به مِليو. ڪچهري به ڪئي مانجهاندو به مِليو. مُرڪي موڪلايوسين.

گورنمينٽ هاءِ اسڪول بدين جو گيٽ اُڪري اندر آياسين. سائين صديق سومري جي آفيس ۾ ساٿس مِلياسين. ڪچهري ڪئي ۽ چانهه به پيتي. موڪلائڻ لاءِ آفيس کان ٻاهر گيٽ تائين آيو. گروپ فوٽو به ڪڍياسين. ۽ سامهون نئون رنگ ٿيل بنگلو نظر آيو. اُن ڏانهن اِشارو ڪندي ٻُڌايائين ته اِهو بنگلو ڪنهن مائي (عورت) جو آهي. جنهن وٽ پنهنجي بدين جي 75 سيڪڙو ملازمن جا چيڪ بڪ پيپل آهن. اسان سيني حيرت جو اظهار ڪندي سوال ڪيو ’اِهو وري ڪيئن؟‘. ’پئسا وياج تي هلائيندي آهي‘. ’توبه توبه ڪهڙو دؤر اچي ويو آهي. الله پناهه ۾ رکجان.‘

هاڻي اکين کي ڪجهه نئون ڏيکارڻ لاءِ مون اياز علي کي فون ڪئي. اياز علي رشتي ۾ ته منهنجو ڀاڻيجو آهي. پر دوستيءَ جو مُڙس ماڻهو آهي. سڄي سنڌ ۾ دوستن جون دعوتون ڪائي ۽ ڪارائي ٿو. اِهو به وڏو ڏکيو ڪم آهي. ڪي ڪي نيائن ٿا. اياز اُنهن مان آهي.

چيائين: ’ماما اسلام عليڪم!‘. ’وعليڪم اسلام‘

’ڪِٿي آهين؟‘. ’ماما شهر ۾ آهيان‘

اسان کي اڄ مرزا فارم گهمڻو آهي.

’ ها ماما. بِلڪل. آئون دوست حاجي حمزي سان رابطو ڪريان ٿو.

مڙس ماڻهو جي خبر مشڪل گهڙين ۾ پوندي آهي

ڪڏهن ڪڏهن هفتو پهرين سفر جو سوچڻو پوندو آهي، سفر طئي ڪري رابطا ڪري پوءِ نڪربو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ايئن اوچتو به سفر ڪبا آهن، جڻ سرپرائيز هُجي، توڙي جو اڳين ماڻهوءَ لاءِ جيڪو ميزباني ڪندڙ هوندو آهي، مشڪل به هوندو آهي، پر مڙس ماڻهوءَ جي خبر به مشڪل گهڙين ۾ ئي پوندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن ته اڳ ۾ طئي ٿيل پروگرام تي به ڪو ميزبان نه مِلي سگهندو آهي. ۽ پوءِ يا ته اڪيلو گُهمڻو پوندو آهي يا وري ڪنهن ٻي دوست کي ساڻ ڪڍڻو پوندو آهي، سفر جو بهترين اصول اِهو آهي ته اوهان دُنيا جهان جي جنهن به جاءِ تي گُهمڻ، ڏسڻ لاءِ وڃو ته اُتان جي رهندڙ مقامي ماڻهو کي ضرور گڏ ڪڻو جيئن انٽرنيشنل گُهمڻ جي گامن تي گائيڊ پيا گڏبا آهن. پر پنهنجي سنڌ جي ڪنهن به ڳوٺ، پارڪ، اسڪول، دڙو پڙو ڊورا، ڊنڊون گُهمڻ لاءِ گائيڊ ناهن مِلندا، اُن ڪري اُتان جي رهندڙ واسي کي گڏ ڪٽي هلجي اُن سان سفر سٺائو سُنو ۽ لاڀ ڏيندڙ ثابت ٿيندو آهي. موبائل جي رنگ وڳي.

’هلو ماما اوهان ڊي سي او چوڪ تي اچو اسين به اچون پيا‘، ڀاڻيجي اياز علي جي فون هُئي. ’جي ماما اسين به منٽ ۾ پهتاسين پاسي ۾ ئي آهيون.‘ گاڏي جو رُخ رڪيوسين ڊي سي او چوڪ ڏانهن منٽ ۾ پهتاسين، اياز علي، سندس وڏو پُٽ سمير ۽ يو.سي چيئرمين حمزو جت جيڪو اسانکي مرزا فارم گُهمائيندو. هي مرزا گروپ جو ماڻهو آهي، هِتي سڀ ڪنهن نه ڪنهن جي گروپ جا هوندا آهن. ڪو ڪنهن گروپ جو ته ڪو ڪنهن گروپ جو ۽ جيڪا مخلوق گروپن کان بچي پوندي آهي، (اسان جهڙا) اُهي وري الله جي مخلوق ئي هوندا آهن. سڀ بار الله تي ڇڏي ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي سنجهي مان سُمهي پوندا آهن. ۽ فجر جي ازان جي مِنڙي آواز تي اک کُلندي اٿن، ڏٽي در ٻاڏائي، سجده ريز ٿي، سِج جي ڪِرڻن سان گڏ هي پالڻهار جي زمين ۾ پکڙي ويندا آهن. پنهنجي پيٽ جو دوزخ ڀرڻ لاءِ. سُڪون صرف الله واري مخلوق کي هوندو آهي. حمزي جت ٻئي ٻانهون پکڙي ڀاڪر پائي آجيان ڪئي، چيائين ’پهرين ڪجهه کائي پي پوءِ ٿا هلون‘، چيوسين، ’پهرين هلون ٿا پوءِ ڪجهه کائينداسين پينداسين‘.

مرزا فارم

ڊي سي آفيس کان ڪراچي وارو روڊ ورتوسين. ميرواهه جي موريءَ تي پهچي ڏکڻ طرف ميرواهه جو اولهندو ڪپ ورتوسين. بدين شهر کان ڏهه ڪلوميٽر جو پنڌ پَٽي اچي پهتاسين مرزا فارم تي. فارم ڏانهن ويندڙ رستي تي ٻنهي پاسن کان سفيدي جا وڏا وڻ لڳل آهن. ٻاهرين گيٽ وٽ هِڪ گارڊ ويٺل هو. اسين اندر داخل ٿياسين. اندرينءَ گيٽ وٽ ڪُچ همراه ويٺل هئا. جنهن ۾ گارڊ به هئا ته فارم سنڀاليندڙ به. اسانجي اڳ ۾ حمزو جت هو. تنهن ڪري سڀئي سلام ڪري مِلڻ پيا. ڇو ته اسين مهمان هئاسين.

’ياءُ حمزه هِن فارم بابت ڪجهه اسانکي معلومات به ڏيو جيئن معلومات مِلڻ ڪانپوءِ جڏهن گُهمنداسين ته اُهي شيون اسانجي ذهن نشين ٿي وڃن‘. مون يونين ڪائونسل فتح آباد جي چيئرمين ۽ مرزا گروپ جي ويجهي دوست حمزو جت کان سوال به ڪري ورتو.

’ياءُ! هي فارم 1995ع کان نهڻ شرع ڪيو ويو. جيڪو تقريبن اَٺ کان ڏهه سالن جي عرصي دوران تيار ٿيو. هي فارم چار بلاڪن تي مشتمل آهي. يعني ڪُل ايراضي 64 ايڪڙن جي پکيڙ رکندڙ هي فارم.‘ اندر نظرون ڇنئي پاسي وڃن پيون ته وڏو جهان نظر اچي پيو. ’هن فارم ۾ هي مسجد. پاسي ۾ اڏيل مسجد ڏانهن اِشارو ڪندي ٻُڌائي ٿو.‘ ڇيم ’ترسو پهرين نماز ظهر پڙهي ونون پوءِ ٿا فارم گُهمون. فارم اندر گيٽ وٽ ٺهيل مسجد ۾ اسان ظهر نماز پڙهيسين.

چڙيا گهر ۽ واڳون جي ٻي وڙائي

جيئن ئي اندر داخل ٿياسين ته ساڄي هٿ تي چڙيا گهر آهي. جنهن ۾ ڪجهه پکي هئا. مور، تتر، ولائتي ڪڪڙ وغيره. اُن ڪانپوءِ جانورن ۾ هرڻ ۽ روجهه. روجهه هِن کان پهرين مون شيخ اياز جي ڪنهن شعر ۾ پڙهيو هو باقي روجهه جي شڪل اج ڏِٺي اٿم. ٻيا بندرا گهوڙا جنهن کي (برفاني گهوڙا) به چوَن ٿا. اُهي به موجود هئا. ۽ هِڪڙو ورَ وَڪڙ جاري سان جُڙيل پنجرو هو جنهن ۾ هيٺ زمين ۾ نانگ ور تي هڪ واٽر (ڪسي) جيڪا هِن وقت بنا پاڻي جي سُڪل هُئي. حمزي جت ٻُڌايو ته ’مرزا صاحب هِن ۾ واڳون به رکيا هُئا. نر ۽ مادي، اُهي ڊنڊ مان نِڪري پوءِ انهيءَ ور وڪڙ ٺهيل پاڻي جي واٽر مان ٿيندا. هيستائين چڪر لڳائيندا هُئا. ڪاڏو ڪائي وري واپس هليا ويندا هئا وڏي پاڻي (ڊنڊ) ۾. پر هِڪ پيرو ايئن ٿيو جو واڳون کي حسبِ معمول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنيپاليندڙ همراه گوشت ڪارائي رهيو هو تہ واڳو موقعو ڏسي ٻي وڙائي ڪندي هِن ڪي ڪاڏو ڪارائيندڙ هٿ ڪي بہ ڪائي ويو. اُن ئي ڏينهن صاحب حُڪم ڏنو تہ هِنن واڳوئن ڪي هِتان ڪڍو. وچي ٻي پاسي ڇڏي اچو ۽ پوءِ اُنهيءَ ڏينهن ڪان اِهو واڳون وارو پڃرو بہ خالي تہ واڻر بہ سُڪل ئي رهيو آهي.

جانورن جو جهنگل

اسانجو ميزبان حمزو جت هلندي هِڪڙي سيڙهي تان مٿي ڇت تي وٺي هليو. ڇت تي ڇيلهہ جيڏو ڪتهڙو ڏِنل آهي. اُتان ڪان بيهي اوپر اُتر ڪُنڊ ڏانهن اسان ڪي اِشاري سان ٻُڌايائين تہ 'اِهو جيڪو جهنگل نظر اچي پيو. اِهو جانورن لاءِ پوڪايل آهي. اِنهيءَ جهنگل ۾ هرڻ ۽ روجهہ رهندا آهن. اسان پنهنجي موبائل جي اک ۾ منظر ڪي ويجهو ويو ڪري ڏِٺو ڪجهہ هرڻ اسان ڪي ڊوڙندي نظر آيا. اِهو جهنگل ڪيتري ايراضي ۾ آهي؟'. مون عادت موجب سوال ڪيو. حمزي ٻُڌايو 'ادا هي جهنگل بہ تقريبن سٽن ڪان اَٺن ايڪڙن جي ايراضي تي مشتمل آهي.

خوبصورت پارڪ مرزا جي ذوق ڪي داد

پارڪ بہ ڏاڍو خوبصورت رکيل آهي. اسين جنهن رستن يا پيچرن تان هلي رهيا آهيون. اُنهن رستن. پيچرن جي پاسي ڪان رنگ بہ رنگي گُل ٻوٽا ٿوري ٿوري فاصلي تي ڇبر جون ٻاريون. اُنهن ۾ ويهڻ لاءِ بينچون. ڪُرسيون. اسين گُلن ٻوٽن سان گڏ فوٽو گرافي بہ ڪريون پيا تہ پارڪن ۾ نهيل بئنچن ۽ ڪُرسين تي ويهي فوٽوگرافي بہ ڪندا هلون پيا. هِڪ هنڌ مور ڊزائن تي پٿر جون ڪُرسيون/بئنچون پيل آهن. جنهن تي ويهي ماڻهو فوٽو ٿو ڪيڊائي جڻ مور سان گڏ ويٺو آهي.

جيئن جيئن آئون خوبصورتيون ڏسندو هلان تہ مرزا جي ذوق ڪي داد بہ ڏيندو هلان ٿو هي خوبصورتيون باذوق ماڻهو جو من ئي پوکي سگهي ٿو.

بہ ٽي نيرڳ ڍنڍ ڪپر تي ۽ ٻي ٽون

هاڻي اسين اجان بہ ڪجهہ وڌيڪ خوبصورتي ڏسڻ لاءِ آياسين. پهرين هِڪ رسيپشن نموني نهيل هال اُن ۾ بہ رکيل ڪُرسيون. ٽيبلون. اُن هال مان ئي هيٺ رستو ڍنڍ ڪپر تي. ڍنڍ ڪپر تي وري ٻڌل ٻيڙو. ٻڌل ٻيڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي وري ٿهيل بنگلو اسين ته واقعي ٻه هِن بدين ضلعي ۾ هي ههڙيون خوبصورتيون پهريون ڀيرو ڀَسي رهيا هئاسين، اسان جو وڏيڪ من موهجڻ فِطري هو هِن ڍنڍ ۾ ٻيڙي جو نظارو ڪندي مونکي منهنجي مرحوم دوست سائين نور محمد سومري جي غزل جون سِٽون ذهن پاتال مان تري ٻاهر آيون.

سانجهي سر تي چنڊ پڌر تي ۾ ٻي تون،
ٻه تي نيرگ ڍنڍ ڪپر تي ۾ ٻي تون.

اسين اُن ٻيڙِي ڏانهن ٺهيل تختن جي ٺهيل رستي تان گُذري ٻيڙي تي پهتاسين، ٻيڙي ۾ اندر وڏو هال اُن ۾ ڀيل صوفا سيٽ، ڪُرسيون ٽيبلون، ڪُرسين تي ويهي ڍنڍ جي وچ ۾ چانڊوڪي رات هُجي ۽ محبوبه جو ساٿ هُجي ته هي ماحول ۾ منظر جنت جو ڏيک ڏيڻ لڳندو. هِن ٻيڙي جي پاسي کان وري مٿي سيڙهيون ٺهيل آهن، اُهي مٿي چڙهي ڇت تي وياسين ته واهه، هِتي ٻه چار چار ڪُرسين ٽيبلن جا سيٽ پيا هئا، معنيٰ اٺ ڏهه ماڻهو ننڍڙي پارٽي ٻه هِن ٻيڙي تي ملهائي سگهن ٿا، خاص ميٽنگون يا سالگرهه گهر ڀاتي هِن ٻيڙي تي ڪري سگهن ٿا. يار ذوالفقار مرزا! سچ ته تنهنجي طبيعت تون ڄاڻ، پر تنهنجي ذوق ۽ شوق کي منهنجو سلام آهي.

سوئمنگ پول

هاڻي اسين اُن طرف آياسين جنهن طرف سوئمنگ پول ٺهيل آهن، مختلف ڊزائنن جا ٿوري فاصلي تي ٻه سوئمنگ پول ٺهيل آهن. سوئمنگ پول جي پاسي ۾ اڏيل ڪاٺ جو جهولو اُن جو ٻه جواب ناهي، ۽ هِتي ٻه هِڪڙو رسيپشن نموني هال ٺهيل آهي، جنهن ۾ ڪاٺ جون ڪُرسيون ۽ ٽيبلون رکيل آهن، اُنهن ڪُرسين جي پوين هاٿي جو مُنهن ٺهيل آهي، دُنيا جي خوبصورت عورتن جا مجسما (مورتيون) اُهي ٻه رکيل آهن. هِن پاسي ڪونوڪارپس وڻن جون ديوارون، دروازا ۽ مختلف گُل ٻوٽا، واهه واهه. سي کان مختلف ڳالهه ۽ وڻندڙ ڳالهه اِها ٻه هُئي ته هُن ڍنڍ، هِنن سوئمنگ پول ۽ انهن رسيپشس نموني اڏيل هالن ۾ مختلف هنڌن تي اڏيل ڇترين ۾ موسيقي ٻُڌڻ لاءِ ايڪوسائونڊ لڳل آهن، جيڪي عام نظر ٻه نٿا اچن پر سموري پارڪن ۾ جِتي جِتي ماڻهن جي ويهڻ لاءِ ڇتريون لڳل يا ٻئنچون رکيل آهن، اُتي اُهي موسيقي مان پُڻ لُطف اندوز ٿي سگهن ٿا. واهه واهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فروٽ فارم

حاجي حمزي ٻڌايو تہ هِن فروٽ فارم ۾ پنهنجي مُلڪ جا تہ سيئي ميوا آهن، پر ٻاهران بہ ڪجهہ قسم جا ميوا آڻي لڳايا آهن. اِهو فروٽ فارم گهر واري پاسي هو ۽ گهر ۾ فيملي رهيل هُئي اُن پاسي اسين نہ وياسين.

اعليٰ قسم جون گاڏيون

هِن قسم جون عجيب و غريب گاڏيون مون اڳ ڪِٿي نہ ڏٺيون. هِڪ گاڏي ڪار جيڪي ڪنهن بس جيتري ڊيگهہ رکندڙ هُئي اُن جي پاسي ۾ سيني واري واري سان تصويرون ڪڍرايون. بِلڪل عجيب نموني جي آهي، جيپون، ۽ موٽر بائيڪو جيڪي پاڻي ۾ هلنديون آهن. اسپورٽس واٽر موٽر بائيڪ چئي سگهجي ٿو اصل نالو تہ الاهي ڇا اٿن. حاجي حمزي کان جڏهن اسان پُڇو هي عجيب گاڏيون هلن بہ ٿيون يا ايئن سجائي بيهاريل آهن، چيائين هي سيئي هلندڙ آهن. بس ٻاهر نہ ڪڍي ويندو آهي، باقي اتي ئي فارم اندر هلائي وري بيهاري ڇڏيندو آهي.

اڏ ۾ رهيل اسيمبلي هال

هاڻي اسان کي اڏوري ٺهيل بلڊنگ اندر وٺي آيو پهرين مون سوچيو تہ هِتي ڇا ڏيکارڻ آيو آهي، جڏهن بلڊنگ اندر آياسين تہ هي نقشو سنڌ اسيمبلي هال جو هو اياز علي ٻڌايو ماما مرزا صاحب بلڪل سنڌ اسيمبلي هال جهڙي ساڳين بلڊنگ هِتي ٺهرائي پي شايد ڪنهن وقت جي ضرورت مطابق استعمال ڪري سگهجي يا ايئن ئي شوق خاطر اُها خبر اُنهن کي. پر هاڻي اُها اڏ ۾ رهيل کنڊر بلڊنگ جي شڪل ۾ موجود آهي.

ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي آفيس

آخر ۾ اسان کي وٺي آيو ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي ويهڻ واري آفيس ۾ جنهن ۾ مرزا صاحب ويهي ماڻهن جا مسئلا ٻڌندو آهي، يا خاص ميٽنگس ٿينديون آهن. آفيس ۾ پنهنجي فيملي جا وڏا فوٽو فريم ٿيل ۽ سندس فيملي جا پُڻ فريم ٿيل فوٽو آفيس جي ڪُنڊن ۽ ورانڊي ۾ ڇيتا، هرڻ، ببر شير جون مميون پيل آهن. هِتي چانهہ بسڪيٽن سان گڏ پياري وئي، هاڻي اسان مرزا فارم ۽ سندس سنڀاليندڙن کان موڪلائي موٽياسين پنهنجي ماڳ ڏانهن.

جيڪي سفر ۾ همسفر هئا:

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي: ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت، پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُٺا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ تاريخ لکندڙ ماتلي جي تاريخ لکي اٿس، اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا ”باغي آ عشق منهنجو“، ”تاريخ آهي شاهد“ پڻ هِن جا سهيڙيل آهن، نظاماڻي ذات تي ”تذڪراءِ نظاماڻي“ وڏو ڪِتاب لکيو اٿس، جنهن ۾ پوري نظاماڻي قبيلي جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه کوڙ ٻيا بہ ڪتاب لکيل، سهيڙيل، مُرتب ڪيا اٿس. پاڻ ڊاڪٽر جي ڊگري بہ حاصل ڪئي آهي.

منظور احمد جوڻيجو: ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ: منهنجو ياءُ آهي، سُٺي دل رکندڙ آهي، سندس حيدرآباد ۾ ”الرزاق پرنٽرز“ آهي، پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گهمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشہ چوندو آهي، گهمڻ جو پروگرام ناهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

اياز علي: ڳوٺ ميون ملوڪ جو رهندڙ سنڌ لوڪل بورڊ ۾ سيڪريٽري يونين ڪائونسل، بهترين ۽ بُردبار شخصيت، يار ويس سندس سنگت سان گڏ سفر ۾ هوندو آهي، رشتي ۾ منهنجو سڳو ڀاڻيجو آهي.

حاجي حمزو جت: جنهن جو تعلق ڳوٺ .... يونين ڪائونسل فتح آباد تعلقو گولاڙچي جو چيئرمين آهي سياست ۾ مرزا گروپ سان تعلق رکي ٿو.

سمير اياز: اياز علي جو وڏو پُٽ جيڪو پرائمري ۾ پڙهي پيو

مور ساگر: ’ڪي جاٽا مين ڪوڻ ٻُليا‘

[9 ڊسمبر 2018ع]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا ۽ آپا فهميده مرزا جي 'مرزا فارم' تي سنگت سان گڏ
اياز علي سيلفي ڪيڊندي، پروفيسر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي، حمزو جت، منظور احمد ۽ سمير اياز جوڻيجو

مرزا فارم ۾ قائم ڍنڍ جنهن ۾ ترندڙ ٻه ماڙ ٻيڙو جنهن سان گڏ سيلفي

مرزا فارم ۾ روجھ سان گڏ سيلفي

چيئرمين حمزو جت سان مرزا فارم بابت گُفتگو

ٻہ ماڙ ٻيڙي جو هِڪڙو اندريون منظر ۽ آءٌ

مرزا فارم ۾ قائم ڪاٺ جي خوبصورت جھولي (پينگهي) ۾ لُڏندي

مرزا فارم ۾ قائم سوئمنگ پول جي پاسي ۾



سمير اياز سان گڏ مرزا فارم جي پارڪ ۾

مرزا فارم جي پارڪ ۾ ڪاٺ جي جھولي تي اياز علي وينل
پاسي ڪان چيئرمين حمزو جت بيٺل آهن.

مرزا فارم جي هڪڙي جڳهہ جي چت تان
جانورن جي جھنگل جو ديدار ڪندي



هيءَ دُنيا رنگ برنگي نظارن، عجائبن، ايجادن ۽ مختلف معلوماتن جي احوالن سان ڀريل آهي، ۽ انهيءَ احوال کي معلوم ڪرڻ سان وڏي عبرت ڀري ڄاڻ ملي ٿي، دُنيا جي مختلف هنڌن، ماڳن ۽ مُلڪن جي جاگرافيائي، تاريخي، موسيمياتي، اقتصادي، صنعتي، زراعتي، علمي، ادبي ۽ سماجي حالتن جي ڄاڻ مِلي ٿي.

سفر ڪرڻ ۽ سفرنامو لِکڻ ٻہ الڳ الڳ لقاءَ آهن، دُنيا ۾ هزارين، لکين ماڻهو پنهنجي ڏيهہ توڙي پرڏيهہ سفر ڪندا رهن ٿا، پر اُهي سڀ سفرناما نٿا لِکن. سفر ڪرڻ ۽ اُن جون يوڳنائون ۽ گهرا مشاهدا ڪاغذن جي ڪينواس تي منتقل ڪرڻ سان ڪِتابي صورت ۾ سفرنامو وجود ۾ اچي ٿو. جنهن جو لِکندڙ سفرنامانگار طور مشهور ٿئي ٿو.

ٻهرين جنوري اوڻيهہ سئو اوڻااسي عيسوي تي محمد رمضان جوڻيجو جي گهر بدين ضلعي جي ڳوٺ ميون ملوڪ ۾ جنم وٺندڙ مور ساگر جي سماجي سُڃاڻپ شاعر، مضمون نگار ۽ سفرنامانگار طور رهي آهي. هاڻي تہ هو باقاعدي سفرناما لِکندڙ طور سامهون اچي رهيو آهي، ”حيدرآباد کان هنزه تائين“ سندس پهريون سفرنامو 2014ع ۾ ڇپيو انهيءَ کانپوءِ ملائيشيا ملڪ جو سفر ”مور اِن ملائيشيا“ 2018ع ۾ ڇپيو. ٽيون سفر پنهنجي سنڌ وطن جو ”زندگي جا پل جي مون گهاريا پنڌ ۾“ 2021ع ۾ ڇپيو هاڻي هي، چوٿون سفرنامو ”سهڻي منهنجي سنڌ“ جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي، اُهو بہ سنڌ جي سفر جو ڀاڱو ڀيو آهي، ۽ اڃا وڏيڪ سنڌ جي سفر جا ڀاڱا اچڻا آهن. سندس لِکيل سفرنامن کي پڙهندڙن ڀاران سُٺي موٽ مِلي رهي آهي.

”سُهڻي منهنجي سنڌ“، عنوان مطابق سنڌ جي اهم جڳهين، گورک، منصوره، هالا، سيوهڻ، اڇڙو ٿر، ميرپورخاص، عمرڪوٽ، ماتلي، بدين جي ڪيترن اهم ماڳن، مڪانن، مسجدن، درگاهن، لائبريرين، سان گڏ مُلهہ مهانگن ماڻهن سان ملاقات ڪرائي ٿو. سندس اندازِ بيان دلچسپ، سادو ۽ روانيءَ وارو آهي. آئون سمجهان ٿي مور ساگر جا سفرناما سنڌي سفرنامن ۾ سُٺي جڳهہ والارِيندا.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

حيدرآباد

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book